ستار پیرزادو

سي ئي جوڀن ڏينهن

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

(26)

ڪتاب	:	سي ئي جوپن ڏينهن
ليکڪ	:	ستار پيرزادو
ڳاڻيٽو	:	هڪ هزار
ڇپائيءَ جو سال	:	اپريل ٢٠٠٨
ڪتاب نمبر	:	26
ڇپائيندڙ	:	سنڌ ادبي اڪيڊمي، . فيصل پلازا، مبارڪ شهيد روڊ ڪراچي .
ڪمپوزنگ	:	ڪارايل، ساکي سنگت ڪراچي. saakhisangat@gmail.com
ٽائيٽل ڊزائين	:	راز ناٿنشاهي.
لي آئوٽ	:	ح .خ "گل" پرڙو
ڇاپيندڙ	:	ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي .
قيمت	:	100 رپيا

ارپڻ

”سچ سپان جا ڪري، سائي سامهيءَ روءِ.“

سنڌ جي مهان شاعر

سنڌيءَ ٻوليءَ جي پهرين دؤر جي ڪهاڻيڪار

شيخ اياز جي نانءِ ،

جنهن جي هُڪ مان هميشه اميدون جهلڪنديون ڏٺم.

گونجار ڪندي جا مون ڪان پوءِ ،
تنهن جندڙيءَ جو مان جهرڻو هان ،
پيو چارڻ ٻڌجي نئون چنگ ڪٿي،
مان ورڻو هان مان ورڻو مان .

ستار

17.03.2008

سي ئي جوڀن ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا
رئان رهن نه سپرين، آيل ڪريان ڪيئن،
مون ڪي چاڙهي چيئن، ويو وڻجار اوهري.

شاهه

ترتيب

ذارائون ستار 7
1. پنهنجو پورهيو 11
2. ستل پاڳ 19
3. پن ڇڻ ۾ اڪيلائي 24
4. ڌنڌلا عڪس 35
5. اندر اڳني 48
6. اداس رقاصا 56
7. دکي دل آسروند اکيون 62
8. ۾ خبرون الجهي پيون 68
9. بٺ ۾ اسريل ٻوٽو 74
10. سي ئي جوين ڏينهن 82
11. بري هن پنپور ۾ 89
12. اُمتحان جو پهريون پيپر 95
13. سڪايل 98
14. اسين لوڇيون لوهه ۾ 111
15. غلط فائدو 119
16. خواهشون 123
17. گل چنو گرنارجو 132
18. سچُ جي سارين 138
19. جياپي لاءِ جاڳ 147
20. چاهت جارنگ 150
21. ويساهه 156
22. جيون رنگ رتول 161

ڏارائون

مون لکڻ شروع ڪيو، جيئن ٻارڙو ريڙهيون پائي، ٻانبڙا پائيندو آهي ۽ پوءِ ڦهرين پيرن تي اٿي بيهندو آهي ۽ نيٺ پنڌ ڪرڻ لڳندو آهي اهو پنڌ ڪرڻ، ٻانبڙا پائڻ، ٻاتڙو ٻولڻ ۽ امان، ابا يا دادا چوڻ ڪيس ڪيئن لڳندو آهي، اها ڪيفيت دنيا جو ڪو به اديب، شاعر، فلسفي بيان ڪري نہ سگهيو آهي. تنهن ڪري منهن جي لاءِ به اهو چوڻ تہ مون ادب ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اول پڙهڻ ڪان شروعات ڪئي ، حقيقت ۾ اسان جي گهر ۾ هر روز پنهنجي ابا ٽي مرشد جي شان ۾ قصيدا ٻڌندي ۽ ڪچڙي ذهن سان سوچيندي، جڏهن پاڻ پڙهڻ ۽ سمجهڻ لائق ٿيس تہ پوءِ نثري ۽ نظمي ادب ڏانهن به لاڙو ٿيو.

شاهہ لطيف ڀٽائي پڙهڻ ۽ ڪنين ٻڌڻ اسان جي زندگيءَ ۾ شامل ٿيندو ويو، ڳوٺ ۾ راڳ رنگ جون محفلون مچنديون ڏسندا هئاسون، ٻڌڻ جو شوق ان حد تائين جو راتين جون راتيون ، ٻنا اک لائڻ جي فقيرن کي يڪتاري ۽ چپڙين تي ڳائيندي ٻڌوسون ۽ ڏٺوسون. منهن جي ڳوٺ عرف عام ۾ ٻلهڙيجيءَ ۾ ٻن قسمن جو ڳائڻ مون کي ۽ منهن جي خاندان جي مڙني ليکڪن جي حصي ۾ آيو، هڪ مرشد جي شان ۾ قصيده ڳائڻ يا پڙهڻ، ٻيو شاهہ جمال ۽ ملوڪ شاهہ تي صوفياڻي رنگ ۾ رتل نيم ڪلاسيڪل راڳ، اصل سرن جي ڳائڻ وديا موجب ٻڌڻ ورثي ۾ مليو، پڙهڻ جي تہ عادت اتان شروع ٿي وئي ۽ مان جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ داخلا ورتي تہ ادبي رسالا ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم، جڏهن ماڻهو پڙهي به سگهي، سوچي به سگهي ۽ سمجهي به سگهي تہ ان لاءِ ماحول جي عڪاسي ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم نہ ٿيندو آهي . سون تي سهاڳو وري حساس دل ، نياءَ انياءَ جي پرک ۽ ماحول جي سازگاريت، لکڻ ۽ ڪجهہ ٻڌائڻ تي آمادهہ ڪري وجهندي آهي. ايئن مون ادبي دنيا ۾ جيڪي ٻانبڙا پاتا تن ۾ شروعات شاعريءَ سان ڪئي۽ نيٺ نثري صنفن تي قلم کڻڻ جي جرئت ڪيم جن هڪ نثري صنف آکاڻي اوهان جي هٿن ۾ آهي، پرک اوهان کي ڪرڻي آهي.

اگهيو ڪائو ڪچ ، ماڻکن موٽ ٿي.

اها شروعاتي شاعري ڪيڏانهن وئي ڪاڪَلَ ئيَ ڪانهي. باقي جيڪو شعور اٿم ۽ يادگيرو اٿم تہ مان 1969ع ڪان لکڻ شروع ڪيو، اول نظم ۽ پوءِ 1970ع ڪان نثري ادب ۾ پيرپائڻ جي ڪوشش ڪيم. اها جرئت اول ٿندو ڄام ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ لڏو رکي رهي پوڻ سان ٿي . اتي منهنجو سئوٽ پر اصل ۾ مير محمد

پيرزادو بہ ساڻ هو . اتي گڏجي پڙهندا هئاسون، ان وقت جا اڪثر رسالا نئين زندگي ، ماهوار سهڻي، تہ ماهي مهراڻ ۽ پوءِ ڪن ڪهاڻيڪارن جا ڪتاب، امرجليل ، سراج ميمڻ، آغا سليم ، علي بابا طارق اشرف ، غلام نبيءَ مغل ۽ ان دؤر ۾ مڙئي وڏا ناليوارا اديب پڙهڻ لڳاسون، جن مان ، مان گهڻي ۾ گهڻو امرجليل ۽ آغاسليم کان متاثر ٿيس . پوءِ قد م وڌندا رهيا ، اول اردو ۽ پوءِ ان اردوءَ جي معرفت ٻين ٻولين ڪي پڙهڻ ۽ پڙهي سمجهڻ ۽ سمجهي بہ لکي نہ سگهڻ ، پنهنجي ذهن ۾ اڀريل خيالن کي ادب طرف ڏڪڻ شروع ڪيو ، مون نثر ۾ سڀ کان اول شيخ اياز جي شاعريءَ تي پنهن جي سمجهہ آهر هڪ مضمون لکيو ، جيڪو لکي پاڻ وٽ رکي ڇڏيم ، نيٺ گهڻي عرصي کان پوءِ اهو مضمون اول روزانہ هلال پاڪستان ڪراچيءَ جي ادبي صفحي تي مرحوم دوست هدايت منگيءَ ڇاپيو ۽ وري ڏگهي عرصي کان پوءِ ماهوار سهڻيءَ جي شيخ اياز نمبر ۾ ٻيهر ڇپيو.

منهنجي پهرين ڪهاڻي بہ روزانہ هلال پاڪستان ڪراچيءَ جي ادبي صفحي ۾ دوست هدايت منگيءَ ڇپي ، اها پڪ نہ ٿي پويم تہ اها ڪهاڻي پيٽ خاطر هئي يا "پورهئي خاطر" بهرحال منهنجي ڪهاڻين جو محور مان ۽ منهنجو اوس پاس هو ۽ آهي.

انسان هن زندگيءَ جي ناٽڪ ۾ هڪ ڪردار آهي ، جيڪو هڪ ڏينهن ۾ جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو ، ڳالهائي ، ٻڌي ٿو ، ڏسي وائسي ٿو سوچي سمجهي ٿو ، عڪس ، منظر، سنا، خرا ب اثر، خوشيون ، غم ، اهنج ، ايذاءَ رنج، صدما، پرچاءَ ۽ پرڀاءَ، پريت ۽ ڏڪار ، عزت ۽ بي عزتي حيرت ۽ غيرت، ڇاڇا نہ ٿو هن تي اثرانداز ٿئي، ان اثراندازيءَ جي سحر ۾ وڪوڙجي، ڪجهہ وکريل خيال سموهي ٿو ۽ لکڻ لاءِ قلم ۽ ڪاغذ کڻي ٿو تہ ڪي رندا روڙي ٿو ، پر ڪيس اها پروڙ نہ هوندي آهي تہ اها لکڻي ڪيتري قدر قابل قبول آهي ، ڪنهن بہ ليکڪ جي لکڻي ، ڪي قبول ۽ ڪي رد ڪندا آهن . اهو هر پڙهندڙ جو حق آهي ، ائين جيئن ڪو ڪاڏو ڪاٿ پسند ڪرڻ ، ڪو وڳو ، ڪو رنگ ، ڪوڊنگ، ڪا عادت ، ڪي اتوار ڪا ادا ، ڪا صدا، ڪو انسان، ڪوحيوان ، ڪو منظر ، ڪا ٿڌڙي هير، ڪو ڪوسڙو ڪوسڙو ڪرڻو ، ڪي سنج ۽ ڪا هنج ، اهو حق ڪوبہ ماڻهو ڪنهن بہ انسان کان کسي نہ ٿو سگهي . جيئن خيالن تي بندش وجهي نہ ٿي سگهجي ، تيئن ڪنهن جي پسند ۽ ناپسند تي بندش وجهي ٿي نہ ٿي سگهجي . اهڙيءَ طرح منهنجون هي آکاڻيون بہ آهن ، جن جا مختلف عنوان ، مختلف وقتن تي منهنجي ڪيفيتن ، پيار ، ڏڪار، ڪاوڙ ، عضي ، ڪهڪاءَ جو اظهار ڪنديون ۽ اهي سموريون وارتائون مون تي ، ا صل پاڻ تي يا منهنجي اوس پاس ، ڪنهن ويجهي اوڙي ، ڪنهن ڏٺل وائٺل تي گذريل ڪي ڪيفيتون آهن . هاڻ اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي تہ اهي ان ۾ پنهنجو پاڻ ڪي ڪٿي تا ڏسن ، ڪو ليئو ، ڪو مثالمو، ڪو منظر ۽ ڪا ڪيفيت هنن تي گذريل انهن حالتن سان ڪو ٺهڪاءُ کائي ٿي تہ منهنجو پورهيو ثاب پيو ، ڇڻ اجورو ملي ويم. باقي ڪنهن بہ دوست ، پڙهندڙ ،

پنهنجي راءِ کان واقف ڪري وڌو تہ مون لاءِ سرهائيءَ جو باعث بڻبي ، لک بسم الاهيون ، اکين تي رکي ڪلي دل سان قبول ڪندس ، شاهہ لطيف چواڻي:

محبت پائي من ۾ ، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن ، اڻ تورو اگهائي ڇڏيو.

پل تہ پڙهندڙ، صراف ، منهنجي آکاڻين جي سٽ سٽ ، جملي جملي ، ٻول ٻول ۾ منظر منظر جي گهراين ۾ گهڙي وجن ۾ ڪي چڱايون ۾ يا ڪي اوڻايون ڳولي ڪڍن ۾ مون کي لکن تہ مان تهہِ دل سندن شڪريو ادا ڪندس . اصل ۾ هي آکاڻين جو ڳٽڪو ، جيڪو اينتري دير سان پيش ڪري رهيو آهيان جو هڪڙو ڊپ ۾ خوف ذهن کي پنهنجي جڪڙ ۾ وٺيو ويٺو هو ، تہ هن ميدان ۾ اسان وٽ تمام وڏا نالا آهن ، جن کان مان اڄ بہ متاثر آهيان ۾ سندن لفاظيءَ جي سحر ۾ وڪوڙيل آهيان . هي آکاڻيون مون 1970ع جي ڏهاڪي ڌاري لکيون آهن، ستروراي ڏهاڪي ۾ مان فقط 20 کان 25ورهين جو الهڙ ۾ انتهائي حد درجي جو حضور شرم ۾ بيحد ڇڙيو ان نوجوان هوس .تڏ نهن منهن جي ان عادت مون کي ڪيترائي نقصان بہ پهچايا، پراجان تائين ان جي دانون مان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نہ آهيان.
”سي ئي جو ين ڏينهن ،“ عنوان جي چونڊ ڪيم چو تہ ان ئي عنوان سان هڪ آکاڻيءَ جو سِرو بہ آهي . جويِن، هڪڙي حالت آهي ، هڪڙي ڪيفيت آهي ، اها ڏاڍي لا اُبالي هوندي آهي ۾ مون جيان ، ان ڪهاڻيءَ جي ڪردار جيان ، هر جِيو ، انسان ، حيوان ، پرند چرند ، جيوانات ۾ نباداتت تي طاري ٿيندي آهي ، ان حد تائين جو مند بہ پنهنجي جوين تي ايندي آهي تہ هر ڪنهن کي موهي وجهندي آهي . موهيو مان بہ هوس ، ڪيترن کي موهي بہ وڌو هوم ، انهن مان ڪي آهن ڪي نا هن . هاڻ ويجها آهن يا پري ٿي ويا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن پسند ، عمر ۾ عقل جي واڌ سان تبديل ٿيندي رهندي آهي، تہ وري ڪائي پسند اهڙي هوندي آهي ، جيڪا عمر ڪٽندي آهي.
زندگي ، غمن ۾ خوشين ، ڪڏهن آهن ۾ دانهن ۾ بہ گذاري اٿم ، ڪجهہ ڪرڻ ۾ ڪجهہ هجڻ جي تمنا بہ رکي اٿم ۾ ايئن ڪرڻ سان حاصلاتون گهٽ ۾ ناڪاميون وڌيڪ پلئہ پيون اٿم. اميدون ۾ خواهشون تہ ختم ٿيڻ جو وکرئي نا هن .

وکرسو وهاءِ ، جو پٽئي پراڻو نہ ٿئي.

سو منهنجو وکر57 سال پورا ٿيڻ جي باوجود بہ پراڻو نہ ٿيو آهي، هتي هڪ سنڌ جي سدا حيات بزرگ جو قول ياد پيو اٿم . هڪ پيري خواجہ محمد ابوالمساڪين نئوي مهاجر مڪي ، پنهنجي ڪنهن معتقد جي سوال جو جواب ڏيندي چيو هوس تہ

ءمان خوش ان ڪري هوندو آهيان جو منهنجو لله تعاليٰ ڪڏهن بہ جهونو يا قديم ناهي. هو مون لاءِ هر روز نئون نڪورو آهي. ان ڳالهہ جي تہ ڀائين پهچڻ ئي وڏي ڳالهہ آهي تہ اهڙو هجڻ تہ نہ ڄاڻ ڪيڏي وڏي ڳالهہ هوندي. چوندا آهن ڪُئي لڌي هريڙ تہ چوڻ لڳو، مان پساري بڻجي ويو آهيان، يا ٻي چواڻي آهي تہ اڱر وڍائي شهيدن ۾ شمار ٿي ويو آهي.

سو مون بہ چار آکاڻيون، ڪجهہ نظم ۽ ڪي مضمونڙا اچي تي ڪارا ڪيا آهن،تنهن هوندي بہ هرويرو خوش فهميءَ ۾ نہ آهيان تہ وري غلط فهمي بہ نہ اٿم.

منهنجون هي لکڻيون منهنجي احمق ڀائي ڄاڻي بہ جيڪڏهن قبول پئجي ويون تہ مان پارکن ۽ پڙهندڙن جو ٿورائتو رهندس.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلايون ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيا ڪيترا.

ستار.

تاريخ: 15 مارچ 2008.

پتو: سي-2 شمائل گارڊن
پلاٽ نمبر اي-47، بلاڪ-19
گلستان جوهر، ڪراچي.

پنهنجو پورهيو

ٻٽ ٻڌل، ڊگهو قد، سانوري رنگت، ڪاري ڳن سان اڇي جرڪندڙ ڪهاڙي ڪلهي تي، چانڊوڪي رات. چنڊ پنهنجي ڦوهه جواني ۾ هو. هونءَ ته هيءَ منڊ ڳُهٽ ۽ پوسٽ واري هوندي آهي، پر اڄ هنجي قسمت سانگي هوا جا هلڪا هلڪا جهوٽا پئي لڳا. ٻه ڏينهن اڳ مينهن جو ڦوهارو زمين تي پيو هو، تنهن ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي رات جي پهر ڪجهه ٺنڌڪار آندي. انڪري اڄ هي ٻه نڪري پيو هو. خبر هئس ته هِن ترَ جي ماڻهن جي، ڳُهٽ ۽ پوسٽ جي ڪري، مڇرن ۽ ڪُٽ جي ڪري، هر روز ننڊ ڦٽندي آهي ۽ مڇرن ڪي تڙيندي تڙيندي، ڏکڻ ڏيهيءَ کي پوڪاريندي، پنهنجي سڄي رات گنوائي ڇڏيندا آهن ۽ وڏي واڪ ڏکڻ ڏيهيءَ کي سڏيندي، الائي ڪهڙي مهل ننڊ ايندي اٿن. پر تيستائين شڪار جي ويل ٽري ويندي آهي.

پر اڄ، اڄ هو خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. هر هر ڪهاڙيءَ کي چمي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيو هو. هو تنها هو. هو سدائين تنها هوندو آهي. پنهنجي شڪار ۾ ٻئي ڪنهنکي ٻه ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ مناسب نه سمجهندو آهي. ٻئي ڪنهن تي ٻه اعتبار نه هوندو اٿس. بس پنهنجين مضبوط رڪاين ٻانهن ۽ رڪ جي اڇي ڪهاڙيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ۾ اعتبار نه هوندو اٿس. بس ٿورو تڪو اعتبار اٿس ته سندس زال ۾. ڇاڪاڻ جو هُن،

ڪلهن به سندس ڪو راز فاش نه ڪيو هو. هوءَ هنجي زال آهي ۽ رازن جو ڇپر به. هو پنهنجي زندگيءَ جي ڪنهن به دوُر ۾، ڪڏهن به، ڪنهن ڪان نه ڊنو آهي. هنجي رت ۾ ڊپ نالي ڪابه شيءِ ناهي. بس، ڊڄندو آهي ته جهنگ واري پير کان، جيڪو هن وانگر، گهاٽي جهنگ جي وچ ۾ هيڪلو ستو پيو آهي. هن تي رات جو ڪوبه مجاور رهي نه سگهندو آهي. ڪيس ياد آهي، ته هڪ ڀيري هڪ مجاور همت ڪري پير تي رهيو هو، پر صبح جو ماڻهن ڏٺو ته هو چائنٽ تي مئو پيو هو. ان ڏينهن کان اڄ تائين ڪنهنڪي به همت نه ٿي آهي جو اتي رهي سگهي. ماڻهو ائين چوندا آهن، انڪري هنکي انهيءَ تي اعتبار آهي. هيءُ جڏهن به شڪار تي ويندو آهي، ته ان جهنگ جي پير وٽان حاضري ڀري ويندو آهي. هو دعا گهرندو آهي ته : " جهنگ جا رکوال، جهنگل جا بادشاه، سڀ سٺائي ڪجانءِ، ڪوبه منهن نه چاڙهجانءِ، جيڪڏهن ڪو موذي منهن چڙهي به وڃي ته اهڙي همت ڏجانءِ جو هو جيئن مالڪين پهچي نه سگهي."

اڄ رات، ها اڄ رات. هَنو مَئو ترٺي ڪانپوءِ هن جهنگ جي پير جي حاضري ڀري، ۽ دعا مڱي هئي، شايد اهو ان دعا جو اثر هو، جو هڙي تڏڙي هوا گهلي رهي هئي ۽ جنهن ڳوٺ ۾ هن شڪار جي تمنا رکي هئي، ان ڳوٺ ۾ اڄ رات، انسان ذات ته ڇا پر ڪو ڪتو ڀؤنڪي به ڪونه سگهندو. اڄ رات، سڀ الهوٺ ننڊ ۾ هوندا، هي پنهنجو شڪار بي ڊرڪ ڪندو ۽ واپس ورندو. هيو خوشي ۾ نٽي سمايو، ان خوشيءَ جي ڪري، ٿوري ئي عرصي ۾ الاهي پنڌ ڪري آيو هو. درياءَ جيڪو جهنگ واري پير کان ڪافي پري هو، جيڪو رستو هو مَنيءَ رات ۾ مس طئہ ڪندو هو، اهو اڄ جهٽ پلڪ ۾ پورو ڪري اچي درياءَ جي ويجهو پهتو.

درياءَ جي ڇولين جي ڇالن ۽ ڪنن جي ڪڙڪاٽن ڪانسواءِ، رکي رکي دور ڪنهن گدڙ جي اوناءَ ۽ پوءِ ان سان گڏ ٻين گدڙن جون اونايون ٻڌڻ ۾ پئي آيون، پر هنکي اهي اونايون به ننڍاڪڙيون لڳي رهيون هيون. هي اهو تصور ڪري ته اڄ گدڙ به ننڊ ۾ آهن ته پوءِ ماڻهو، ويچارا ماڻهو اڄ رات چڻ موت جي ور چڙهي ويا هوندا. ڪي پنهنجين وٽين جي پاسي ۾ ليٽي ئي سَڪَ تي ويا هوندا، ڪن ڪي چپ چپن سان ملندي ئي ننڊ وٺي وئي

هوندي. ڪن ڪي اِوسيڱڙي ۾ جاڳي ننڊ وٺي وٺي هوندي. اڄ ڪير هوندو جو هٿڙيءَ رات جو مزو نه وٺندو. اهڙو ڪوبه نه هوندو، ڪوبه نه هوندو. پر مان جو آهيان. هنجي دل ۾ هيڪر اهو خيال جاڳيو ته جيڪڏهن اڄ رات مان به گهر هجان ها، ته ياڳ پريءَ جي ڪومل جسم جي سڪي ويل پگهر جي هلڪي هلڪي بوءِ تي ننڊ ۾ الهوٽ هجان ها. هنجي اکين اڳيان ياڳ پريءَ جو ننڊاکڙو چهرو تري آيو.

ڪيس ياد آيو پرسال شڪار ڪري موٽيو هو ۽ ياڳ پريءَ جو ننڊ ۾ سندس پيٽ تان چولو ڪجي ويڃڻ ڪري، ڪيئن نه هنجي دل ٽپو ڪاڍو هو ۽ مو ڪيس بنا اتارڻ جي، شڪار ڪي پلال جي ڪري ۾ پنڊن جي چر ۾ رکي، مٿان پلال ڏئي، هنجي پير ۾ ستو هو. ياڳ پريءَ جو پيٽ هو يا زمين تي چنڊ لهي آيو هو. هُنَ چرڪ پري چالُ ڏنو هو ۽ هن ڪٽي ٻڪ هنيو هوس. پوءِ ته بس، ان پوئين پهر ۾ ڪجهه ٿيو هو. صبح دير دير سان، جڏهن اُس اچي تپايو هون ته ڪرموڙي اٿيا هئا ۽ ياڳ پري هنڪي ڏسي شرم ٻوٽيءَ جيان شرمائجي وئي هئي. هن پاڻ کي به ڦڪو ڦڪو محسوس ڪيو هو ۽ هڪ ڦڪي مرڪ سندس چهري تي نروار ٿي هئي، هو اٿي ڪڙو ٿيو هو. ياڳ پري هرڻيءَ جيان چال ڏئي اندر وئي هئي ۽ هنڪان اونهو ساه ڪجي ويو ۽ جسم مانُ سياندو نڪري ويو.

هنڪي اها رات ياد آئي، جنهن رات هن ياڳ پريءَ کي پڃائي آندو هو. اَفَ! ڪيڏي نه ڀاڻ رات هئي، هٿ هٿ ڪي نه ٿي ڏنو. ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڊپ ٿيو هو ته رستي تي ڪو شڪاري نه منهن پئجي وڃي. هُو ۽ ياڳ پري گهگهه اوندهه ۾ هوندي به وچ جهنگ مان هلي رهيا هئا. هنڪي ان وقت به پٽائي جو اهو بيت ياد هو: "جهنگل هليا سي نه پليا، راهه هليا ڦرجن." اڄ هنڪي پٽائيءَ جو اهو بيت حقيقت پئي لڳو. هن اهو بيت، ڳوٺ ۾ ناچڻ جي واتان ٻڌو هو ۽ ان بيت کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو ۽ هنڪي ياد ٿي ويو هو. ڪيس پٽائي جا ٻيا به بيت ياد هئا. پر اهو بيت سندس دل تي نقش ٿي بيٺو هو. هو راتين جو رولاڪ هو، هنجو جهنگل سان واهپو هو، هو سدائين، راه ڏئي نه هلندو هو، ڪيس خبر پئي هئي ته هن جهڙا شڪاري راهه انڪري ڏئي نه هلندا آهن. هو ياڳ پريءَ سان ساڻ هو، پوءِ به هنڪي ڊپ

هو. پن جي کڙکي تي به ڪنڌ ورائي پٺي ڏنائين. ڀاڳ ڀري، واه ڙي واه ڀاڳ ڀري! تنهنجي ڇاتي! مجال جو لوڙهو به هنيائين. واقعي جڏهن عورت سڀ لاڳاپا لاهي هلندي آهي، پوءِ ڪيس ڪنهنجو به ڊپ ڊاءُ نه هوندو آهي. اجا تائين به ڀاڳ ڀري هنڪي ان ڏينهن جا مهڻا ڏيندي چوندي آهي، ”هل ڙي بزدل، ياد اٿئي نه اها رات، ڪيئن نه پيو کڙکي تي به ڇرڪين ۽ پوئتي ڏسين. تون ٿي چئه، مون ڪو لوڙهو به هنيو.“ هنکي اهو مهڻو بڙيءَ ڇي تي لڳندو هو. اها رات هن لاءِ واقعي قيامت کان به وڌيڪ خوفناڪ هئي. حقيقت هڻڻ ڪري هو اهو مهڻو سهي ويندو هو، غصو پي ويندو هو ۽ خاموش تي نڪري ويندو هو.

ڀاڳ ڀريءَ سان هنجي ملاقات عجيب نموني سان ٿي هئي. هو شڪار تي ويو هو. شڪار جو مرڪز ڀاڳ ڀريءَ جو گهر هوس. جيئن ئي گهر جي پويان ٽپيو هو ته هيڏانهن هي ۽ هوڏانهن هوءَ ڇرڪي پئي هئي، هن همت ساري دماغ نڪاتي لڳائي ۽ جيستائين ڀاڳ ڀري اٿي ڀڄي، تيسين هن ٻک وجهي ڪيس جڪڙي ۽ سندس وات تي هٿ رکي هنکي مضبوط جهلي ورتائين. هنجي ذهن تي شيطان سوار ٿي ويو، ڪانئس شڪار وسري ويو. هوءَ گهٽي ٿي ڀڄي ڦٿڪي. هوءَ پنهنجو پاڻ آجو ڪرائڻ لاءِ آتي هئي. جيئن جيئن ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين تيئن تيئن وڌيڪ قابو ٿيندي وئي. نيٺ ته عورت هئي، مرد جي مضبوط هٿن مان، سو به هڪ شڪاريءَ جي رڪائين ٻانهن مان، ڪٿي ٿي پاڻ ڇڏائي سگهي ۽ نيٺ ساٿي تي ڪري پئي. جڏهن اٿيا ته ٻئي هڪٻئي کان وڌيڪ سهڪي رهيا هئا. سهڪندي سهڪندي هن چيو هوس: ”شڪار ڪرڻ آيو هوس، پر شڪار ٿي ويس. هاڻ تون مونکان آپوتر ٿي پئي آهين، مائٽن کي ڇا چوندينءَ هو تنهنجي ڪهڙي عزت ڪندا. عزت، تنهنجي ۽ منهنجي مائٽن جي ان ۾ آهي ته ٻئي ڏينهن اٿنهينءَ جي رات آهي، تون هن ٿي مهل، هن ٿي جاءِ تي هجج، توکي وٺي ويندس.“ هو سهڪندي، ايو ساه ڪٽندي ڀڃر تاري جيان غائب ٿي ويو هو.

ان انجام واري رات هو ڳوٺ کان نڪتو هو، الائي ڇو هنکي ٻڪ هئي ته هوءَ مون سان انجام موجب نڪري هلندي. توڙي ڀاڳ ڀريءَ ان رات هنکي ڪوبه جواب نه ڏنو هو. پر هن جواب جو انتظار به ڪونه ڪيو هو، پوءِ به هنکي پڪ هئي ته هنجو ڪوبه جواب نه ڏيڻ، هنجو اقرار ٿي آهي.

هنجي دل ۾ رکي رکي هورا کورا ٿي رهي هئي. نيڪ ان انجام واري ويل، جيئن ئي هو اندر ٽپيو ياڳ پريءَ کي ڏسي هيڪاري تہ هکو ٻکو ٿي ويو هو ۽ پوءِ ياڳ پريءَ جي اشاري تي، کيس کلهي تي کڻي، اول کيس ٽپايو هئائين ۽ پوءِ پاڻ ڇال ڏئي ٽپي آيو هو ۽ راتو واهہ اچي ڳوٺ پهتو هو. کيس اها رات قيامت کان وڌيڪ خوفناڪ رات لڳي هئي ۽ واقعي هن هر هر پنتي پئي نهاريو.

هُو رات ۾، هوا جا جهوٽا کائيندو، سَرن جي ٻوڙن مان، لَون جي جهڳٽن مان، ڪنڊين ۽ ٻيرن جي ڪنڊن کان پاڻ بچائيندو، ڇال ڏيندو پئي ويو تہ اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ٻارڙي جي روئڻ جي آواز تي هو دهلجي ويو. هيڪر تہ پنڌپهڻ ٿي ويو ۽ آواز کي ڪنائڻ لڳو: ڪيس ارڙهن آنا پڪ هئي تہ هتي جهنگ ۾ تہ ڇا پر ويجهو اوڏو ڪوبہ ڳوٺ ڪونهي. هنجي هيءَ سڄي جوءِ گهميل هئي. پر پوءِ هي ٻار جي روئڻ جو آواز ڪٿان ٿو اچي؟ هو حيران بہ هو ۽ پريشان بہ پئي ٿيو. نيٺ اهو آواز ڪنائڻ لڳو. ڪيس پڪ ٿي تہ اهو آواز ڏکڻ کان، هوا جي جهوٽن سان گڏ ٿو اچي. معنيٰ جيڪڏهن ڪو ٻار، حرامي ٻار، ڪو اڇلائي ويو آهي تہ اهو بہ ڏکڻ طرف آهي. جيئن هوا گهٽ پئي ٿي تہ ٻار جو آواز بند پئي ٿي ويو ۽ جيئن هوا تيز ٿي ٿي تہ آواز چٽو پئي ٻڌڻ ۾ آيس. هُو ان سناٽي ۾ آواز جو پيڇو ڪندو رهيو، ڪانئس شڪار تہ في الحال وسري ويو هو. هلندو رهيو، پانيائين پئي تہ ڪافي رات وهامي چڪي آهي. اوچتو هنکي روئڻ جو آواز ويجهو ٻڌڻ ۾ آيو. هن اوس پاس واجهايو، پر زمين تي ڪٿي بہ هنکي ڪو ٻار ڏسڻ ۾ نہ آيو. آواز بند ٿي ويو هو ۽ هي حيران هو تہ ڪو جن آهي يا ڀوت آهي. ڪجهہ ڏسڻ ۾ بہ ڪونہ ٿو اچي، آخر آهي ڇا؟ هنجي پريشاني وڌڻ لڳي. هنجي سوچ جواب ڏئي بيٺي تہ هيڪر اهو آواز وري زوردار ٻڌڻ ۾ آيس ۽ هنجون نظرون اوچتو مٿي کڄي ويون. هنجون اکيون وڻ ۾ کپي ويون. کيس مٿو چڪرائيندو محسوس ٿيو. هن نظرون هيٺ ڪيون ۽ جهٽ پل لاءِ اکيون بند ڪري ويهي رهيو. هنجي لڱن مان ساه ئي ڇڏائي ويو. هن پنهنجي همت سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، مس مس لڱن ۾ ساه پيو هوس ۽ اٿي بيٺو. وري هن پڪ ڪرڻ لاءِ ان وڻ ۾ نهاريو، مٿي هڪ ڪپڙي جي ڏولي نهيل هئي، جنهن ۾ ڪا شيءِ هوا جي

هلڪن ۽ تيز جهوٽن تي، ڪڏهن آهستي ۽ ڪڏهن ڏاڍيان لڏي رهي هئي. جڏهن اها ڏولي، هوا جي تيز جهوٽي تي، وڻ جي ڏار سان ٽڪرائي ٿي ته پار دانهون ٿي ڪيون ۽ جڏهن اها ڏولي آهستي ٿي لڏي ته پار ڪي شايد ننڊ اچيو ٿي وئي. هو تڪڙو تڪڙو وڻ تي چڙهي ويو ۽ ڏسي پڪ ڪيائين ته پار زنده آهي، پر نئون چاول به نه آهي، اکيون بند ڪيو پنهنجي هٿ جو آڱوٺو چوسي رهيو آهي. هي اجا سوچي رهيو هو ته درياءَ مان ڇپڪي جو آواز آيو. هن آواز سڃاتو ته ڪو درياءَ مان ترندو ٿو اچي. هو تڪڙو تڪڙو وڻ تان لٿو ۽ لَون ۽ ڪِپڙن جي جهڳٽي ۾ لڪي ويهي رهيو. جيئن اهو ماڻهو درياءَ ٽپي وچي ته پوءِ هي هن پار کي کڻي وڃي.

ويرم ئي نه گذري ته هن ڪنهن ماڻهوءَ جي درياءَ مان نڪرڻ جو آواز ٻڌو. هي ساه منجهائي ويهي رهيو. اوچتو هن ڏٺو ته هڪ قدآور، جسم جو پريل مضبوط هائي، پٽ ٻڌل، هڪ بيٺڪ مٿي تي، توريل تڪيل قدم کڻندو، ان وڻ طرف اچي رهيو هو. هن جيڪو رکي رکي ساه پئي کنيو، سو به بند ڪيائين. هو آيو، نڪا هَم نه تم، بيٺڪ لاهي هيٺ رکي سڌو وڻ تي چڙهي ويو ۽ ڏوليءَ مان ٻار کي ڪلهي تي رکيائين ۽ ڏولي ڇوڙي هيٺ لهڻ لڳو. هن تي هن همراهه جو رعب ويهي ويو. هيءَ پنهنجو مڻ ٻئي کي اصل نه سمجهند هو، پاڻ کان وڌيڪ طاقتور ڪنهنڪي نه ڀائيندو هو، انڪري هو ڪنهنکي به ساڻ نه کڻندو هو، پر اڄ هنکي، هن همراهه جو جوڙ ٺيڻ جي تمنا جاڳي. ڀانيائين ته هي سندس پار هوندو ۽ زال مري وئي هوندس. کيس پنهنجي ايندڙ اولاد جو احساس ۽ ڀاڳ ڀريءَ جي مرڻ جو خيال آيو. پر وري ٻئي لمحي ان ماڻهو کي ڏسي همٿ وڌيس.

ايتري ۾ هو هيٺ لهي آيو ۽ لهندي پلٽي ماري زمين تي ويهي، ٻار کي هنج ۾ سمهاري، جيئن ئي قميص جا بٽڻ کولي پنهنجي ٻار کي کير پيارڻ لاءِ پنهنجي ڇاتي ٻاهر ڪڍيائين ته هي اواڪ رهجي ويو، تعجب جي نشاني بنجي ويو. هن کان ڇرڪ نڪري ويو، هن اڄ پنهنجي هار ۽ عورت جي جيت سمجهي.

ايتري ۾ هن پٽ لاهي ڇڏي، منهن تي ٽڪاوت هاٿو هٿ گهمائي ٻار جا ڳل چمڻ لڳي. هن زندگيءَ ۾ اهڙو واقعو ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هڪ

عورت شڪارڻ! هنجي دل واه واه پڪاريو. هاڻ ڪيڏانهن وڃڻ جي ضرورت نہ پوندي. هي اتيو ڪهاڙيءَ کي چميائين دل ۾ پٽڪيائين تہ: ”هي بہ واهہ جو گهر ويٺي شڪار مليو آهي.“ وچ جيان چمڪو ڪري اڇي اڳيان بيٺس. عورت صرف اکيون کڻي، اطميناان سان هنکي ڏٺوءِ فقط ايترو چيائين، ”شڪاري آهين؟“ ٽڪ جي ڪري ٽڏو ساه کنيائين. هن جي همٿ ڏسي کيس پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ٿي ۽ دل جهلي صرف ايترو چيائين، ”هائو.“

”بيٺو ڇو آهين، ويهي رهہ.“

هو بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي ويهي رهيو. پر هنجي اکين ۾ شيطاني چمڪ هئي. هو ٽيڏي اک سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هو. هن کيس پيرن کان چوٽيءَ تائين هڪ ٿي نظر ۾ جاچي ورتو ۽ سندس جذبن کي تاڙي ورتائين. پار کان چاتي ڇڏائي، کيس پٽ تي ليٽايائين ۽ اتي ڪڙي ٿي. هو دهلجي ويو ۽ عورت کان هلڪي ڪل نڪري وئي. چيائين تہ: ”هل زڙي هل، شڪار ڪرڻ آيو آهين، مات ڪري ويهہ. تنهنجي مردانگي ڏنم.“

هنجو طعنو، سندس دل جي گهراين ۾ پيهندو ويو، زخم ڪندو ويو، گهائيندو ويو ۽ جڏهن آخري تهہ تي وڃي بيٺو تہ هن پنهنجي همٿ سنڀالي ڇال ڏئي عورت جي ٻانهن ۾ جيئڻ ئي هٿ وڌو، ٻي گهڙيءَ هو پٽ تي ڦهڪو ڪري وڃي ڪريو. ڏڪ پڇائي اتي ڪڙو ٿيو. پر همٿ نہ ساريائين هن ڪيس ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ هي ويهي رهيو تہ هوءَ بہ ويهي رهي. پار بہ پٽ تي پيو هو ۽ اکهور ننڊ ۾ هو. هاڻ هن سمجهي ورتو تہ هن عورت کان کٽي نہ سگهبو. شرمندو ٿيو ۽ پنهنجو شرم لڪائڻ لاءِ، هن سان صلح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڪانئس سچي روئداد پڇيائين.

هن ٻڌايو: ”منهنجو مڙس ۽ مان گڏ هارپو ڪندا هئاسون. هو ڏاڍو مڙس هو، هر ڪاهڻ ۾، رونبي رنبڻ ۾، لاب ڪرڻ ۾ سندس ڪوبہ هن جهڙو نہ هو. ڪاتي کڻڻ تہ ڪو ڪانئس سکي، تر جا چڱا ڀلا هنجو مقابلو ڪري نہ سگهندا هئا. هاتي توکان بہ چڱي هئس. هڪ رات هو واري تي ويو ۽ صبح تائين نہ موٽيو. صبح ٿيندي ئي مان هنجي سنڀال لاءِ ٻنيءَ تي ويس تہ منهنجا ڇهہ ئي ڇڇي پيا. هو مئو پيو هو. هنجي نڪ ۽ وات مان سائي مائل

رت وهي رهيو هو ۽ ٿورو پرپرو هڪ هڻ- ڪڻ مٽي پٽي هٽي. مون ڏانهون ڪيون. رڙيون ڪيون. وارو وارو ڪيم. ويجها بيٺل ماڻهو ڊڪندا آيا ۽ هنجو لاش ڪڍائي آيس." هن هڪ اونهو ساهه ڪنيو ۽ گهڙي پل لاءِ خاموش ٿي وئي.

"هي ٻار منهنجي پيٽ ۾ هو، چوٿون مهنو هو. مونکي گهڻن ئي ماڻهن شاديءَ لاءِ چوايو، ويندي ڳوٺ جي وڏيري تائين. جڏهن مون وڏيري کي جواب ڏنو ته وڏيري پنهنجي زمين جو ٽڪرو فصل سوڌو ڪسي ورتو. ڪنهن به منهنجي نه سُٺي، ڪوبه داد فرياد ٿي نه سگهيو. مان جيئن تيئن ڪري پني پٽي ڪاڏو. ڪجهه پورهيو ڪيم. ٻه ڏڳا وڪڻي ڪائي ويس. نيٺ هيءُ به ڇائو. منهنجي پياري مڙس جي نشاني آهي، مون هن کي پراون ٽڪرن تي، سُهمن ۽ مهڻن هاب ڳپي تي پالڻ نتي چاهيو ۽ پوءِ مون شڪار ڪرڻ جو سوچيو. شڪار ڪڏهن به پنهنجي تر مان نه ڪندي آهيان، درياءَ پار ڪان ڪري ايندي آهيان ۽ تيسين پيو نه ڪندي آهيان جيسين هڪ نه ڪپندو اٿم."

ٻار اکيون پٽيون، هُن يڪدم ڪٽي ڪنيس ۽ ٻئي چمڪيون ڏئي ورتائينس: اِن مهل رات ڪافي گذري چڪي هئي. هوءَ اٿي ۽ ان ئي ڏوليءَ ۾ ٻار کي سمهاري، ڏولي پنيءَ پويان رکي، ۽ مونکي چيائين: "هن کي هٿ وچهراءِ، ۽ مون سان گڏجي هل تنهنجو شڪار خراب ٿيو آهي، توکي انمان ڪجهه ضرور ڏيندس."

هو ڪجهه اڳتي هن سانِ هليو، پر اوچتو بيهي رهيو. هن مڙي سواليه نظرن سان ڪيس ڏٺو. "هل." هن چڻ حڪم ڏنس. پر هيءُ اتي جو اتي بيٺو رهيو. هن بيدڪ لاهي هيٺ رکي ۽ چيائين، "مان توکي اتي ئي ٿي ڏيان. مون سان هلندي شايد توکي ڊپ ٿو لڳي." هن اڳ ۾ ٻار کي پٽ تي ليٽايو ۽ پوءِ بيدڪ کوليائين. سونا زيور جرڪڻ لڳا. پر انهيءَ ڪان اڳ جو هوءَ ڪجهه ڏئيس، هن چيس، "مان مڙس آهيان. زال جو پورهيو نه ڪائيندو آهيان." ۽ جواب ٻڌڻ کانسواءِ جهنگ ۾ غائب ٿي ويو.

سٽل پاڳ

گهر ۾ اڪيلو هوس. حياتي ۾ مونجهه پئي محسوس ڪيم، ڪا ڳالهه ذهن تي ور ور ڪيو پئي وري، پر انکي سمجهڻ يا ان تي سوچڻ جي پاڻ ۾ سگهه نه پئي ساريم. ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن مان هيڪلو هوندو آهيان تہ الائي ڪهڙا خيال ذهن ۾ اچي گهر ڪندا آهن. مان جيئن جيئن انهن مان جان ڇڏائڻ چاهيندو آهيان، تيئن تيئن انهن ۾ وڌيڪ الجهندو ويندو آهيان، سلجهڻ جي ڪابہ راهہ نہ ڏسي پريشان ٿي پوندو آهيان ۽ چاهيندو آهيان تہ مونوٽ هن وقت ڪنهن ٻئي جو هجڻ لازمي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻن ڄڻن جو هئڻ بہ ضروري ٿيو پوي. ڪوبہ چارو نہ ڏسي پاڻ کي ٿهلائڻ لاءِ رستن تي نڪري پوندو آهيان ۽ پتنگي پتڪجي چور تي پوندو آهيان ۽ تنگون وڌيڪ هلڻ کان نابري واري بيهنديون آهن تہ ٿڪل تنگن کي گهليندو گهليندو اچي پاٽکي هنڌ تي اڇلائيندو آهيان ۽ ننڊ وٺي ويندي اٿم.

ڪڏهن ڪڏهن چاهيندي بہ ننڊ نہ ايندي آهي ۽ ڪڏهن تہ وري نہ چاهيندي بہ ننڊ اچي ويندي اٿم. اڄ مون چاهيو پئي تہ مونکي ننڊ اچي، پر ننڊ نٿي آئي، ۽ مون مَن تي مونجهہ محسوس پئي ڪئي ۽ اٿي جاءِ جي ڇت تي چڙهي ويس. ٻاٽ اونداهيءَ ۾ تارن جو ٽمڪو مونکي ائين پئي لڳو ڄڻ

اونداهي اپ ۾ ڪنهن اٽڪڻ ڏيئا ٻاري رکيا هجن. زوردار هوا هر هر منهنجا وار وکيري رهي هئي، جي منهنجي منهن تي اچي ٿي پيا. مون هٿ سان هر هر وار پٺي ناهيا ۽ هوا هر هر پٺي ڊاهيا. اها ناهه ۽ ڊاهه جاري رهي. سڄي ماحول تي سناٽو ڇانيل هو. رکي رکي ڪا رڪشا زوڪاٽ ڪري لنگهي ٿي وئي ۽ دور دراز نڪري وڃڻ تائين به هنجو آواز مون تائين پئي پهتو.

اوچتو منهنجي نظر هڪ ڪڙڪپيتي تي پئجي وئي، جو ڪافي دور کان اونداهيءَ ۾ لاٽ جيان مون طرف ڏوڪيندو پئي آيو. ڪڙڪپيتو ٻاٽ ۾ لاٽ جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. مونکي به ائين ٿيڻ ڪپي ۽ پوءِ منهنجا خيال ماضيءَ ۾ ڀٽڪڻ لڳا.

جڏهن مان ننڍو هوس ۽ سانوڻ جي گهٽ، ٻٽ ۽ ٻوسٽ ۾ مڇرن جي مار ماران جي ڪري ننڊ نه ايندي هئي ۽ جي ڪو ڪڙڪپيتو اچي لنگهندو هو ته امان چوندي هئي: "جيڪو ڪڙڪپيتي کي جهليندو آهي، اهو ڀاڳ وارو هوندو آهي." پوءِ امان ٻڌايو ته، "ڪڙڪپيتو ڪٽ تي، ماٺس پٽس پٽ تي. چئبو ته ڪڙڪپيتو هيٺ لهي ايندو ۽ پوءِ ڪيس وٺي سگهبو ۽ ان کي نرڙ تي گهبو ته اهو ماڻهو شاهوڪار ٿيندو ۽ سندس ڀاڳ ڀلارو ٿيندو." مون ننڍي هوندي ڪيئي ڪڙڪپيتا ورتا هئا ۽ انهن کي پنهنجي نرڙ تي به گسو هو، پر انهن ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين اسانجي مالي حالت سڌري نه سگهي آهي. هاڻي سوچيندو آهيان ته اسان سنڌين جون ڪي ڪي چوڻيون حقيقت کان ايترو پري ڇو هونديون آهن؟ يا وري ائين چوندا آهن ته : "جنهن ماڻهوءَ جي مٿي جا وار ڪَسي ويندا آهن، اهو پئسي وارو ٿيندو آهي." پر مون کي خبر آهي ته اسانجي ڳوٺ جو ويچارو هاشم، مٿي جي وارن جي ٻار کان به آجو آهي ۽ سندس کيسو پئسن جي ٻار کان به آجو هوندو آهي.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود به منهنجي دل پڪاريو، "ڪڙڪپيتو پٽ تي، ماٺس پٽس پٽ تي.' مان تڪڙ ۾ به ٽي ڀيرا چئي ويس، بلڪل ان نموني جيئن ننڍي هوندي چوندو هوس. پر هوا جي نه هئڻ ڪري ڪڙڪپيتو مون طرف ايندي ايندي به پاسي هليو ويو. مان مايوس ٿي ويس، گهڙي کن لاءِ ائين ڀانيم مونکان منهنجو ڀاڳ پري ڀڄي رهيو آهي. مون ان طرف کان نظرون هٽايون ۽ وري به منهنجي ذهن ۾ اهو سوال اڀري آيو ته: ' اسانجي مالي

حالت بہ نٿي سڌري؟ مالي حالت کي سڌارڻ جي لاءِ ئي مون نوڪري ڪئي، پنهنجي پڙهائي ڇڏي ڏنم، پنهنجي ننڍپڻ جا خواب ڇڏي ڏنم تہ اوچتو ئي اوچتو بابا جي رٽائرمينٽ جو آرڊر اچي ويو. بابا رٽائر ٿي ويو، بابا جي پينشن ۾ منهنجيءَ ٿوري پگهار مان، مونکي گهر جو گذران ڏکيو ڏسڻ ۾ آيو. هڪ صلاح سجهي تہ بابا کي گريجوئيٽيءَ جي پئسن مان ڪو ڌنڌو ڪرڻ گهرجي. جڏهن بابا سان اها صلاح ڪيم تہ هو بلڪل نابري واري بيٺو. چي: "ڌنڌو مان هلائي نہ سگهندس. مون سوچيو آهي تہ انهن پئسن مان تنهنجي شادي ٿي وڃي، جو وري ايترا پئسا هڪ وقت اسانکي شايد ئي هٿ اچن. مان ڪوشش ٿو ڪريان تہ اهي پئسا جلدي ملي وڃن تہ تنهنجي شادي ڪرائي ڇڏجي. ڇوڪري بہ وڏي ٿي وئي آهي، نيٺ ڪيسين ترسبو. هنجي عمر وڃي ٿي چڙهندي." ان وقت منهنجي ذهن مان نڪاءُ نڪري ويو هو ۽ مون بابا کي چيو هو: "بابا، شادي پوءِ بہ ڪري ٿي سگهجي، اوهان هينئر رٽائر ٿي ويا آهيو، منهنجي ان ٿوريءَ پگهار مان اسان موجوده گهر جا ياتي بہ پيٽ پالي نہ سگهنداسون ۽ ان گهر ۾ هڪ ٻئي جيوَ جو واڌارو ڪرڻ ٿا چاهيو، پوءِ ڪيئن ڪم هلندو. ان هڪ جيوَ جي واڌاري مان ٻيا جيوَ بہ جنم وٺندا، انهن جي خرچ جي چاليهين حصي جيتري بہ منهنجي پگهار ۾ ساليانی واڌ نہ ٿيندي." پر بابا تہ منهنجي سمجهائڻ جو نہ هو. چي: "جو پيدا ٿيندو آهي سو پنهنجو روز گڏ کنيو ايندو آهي."

"اڳ کنيو ايندو هوندو، پر هاڻ اتي بہ عالمي مهنگائيءَ جو اثر پيو آهي ۽ هرڪو پيٽ ٻڪيو ۾ انگ اگهاڙو ٿو اچي بابا!" مون طنزيہ انداز ۾ چيو.

منهنجو اهو چوڻ ۾ بابا جو باهہ ٿيڻ، چي: " حق تي ٿا بک مرو. نہ اتوَ الله جي، نہ رسول جي. رڳو پئسو ڙي پئسو." وري ٿور هٻڪي چيائين، "ڪٿي تون ڪنهن ٻيءَ ڇوڪريءَ سان تہ شادي ڪرڻ جا خواب نہ پيو ڏسين."

مون هڪدم وراڻيو: "نہ بابا نہ، ائين ناهي. ان شاديءَ کان مون کو انڪار تہ ڪونہ ڪيو آهي. باقي مون تہ في الحال ترسڻ لاءِ چيو آهي. بابا هن دؤر ۾ عيسيٰ موسيٰ کان وڏو پير پئسو اٿوَ. مسجد جي ٻانگ ۾ مندر

جو گهڻو پيٽ جي آنڌ مانڌ ۾ غرق ٿو ٿي وڃي. اوهان مُلان کي ٿي ڏينهن بک ڏيو ۽ پوءِ ٻانگ لاءِ چئو تہ مجال جو آواز بہ نڪريس. واقعي اياز سچ لکيو آهي، پيٽ ڏيڍ خدا آهي."

"اياز، اياز، اياز سيني سر ڦرين ڪٽي متي تي ڪنيو آهي. مان ڪيس سڃاڻان، هو پاڻ ڪارين ۾ گهمي، بنگلن ۾ رهي ۽ ٿيو آهي غريبن جو حامي! سندس چار ڪتاب پڙهي اوهان جو متو ڦري ويو آهي."

بابا سچو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. ڪن جي پاپڙين مان رت ائين پئي جهلڪا ڏنس جو ڄانيم تہ اجهو تہ ڦوهارو ڦٽي نڪري. مان خاموش بابا جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس.

"پر بابا، پوءِ بہ سچ تہ چوي ٿو نہ. ڇا غريبن کي جيئڻ جو حق نہ آهي؟ اسان ڇاواسون هتي، نپجي وڏا هتي ٿياسون، اسانجي ستن پيڙهين جي خاڪ متيءَ ۾ ملي هڪ ٿي وئي آهي. پوءِ بہ ٻکيا ۽ ڏکيا اسان ئي آهيون. ٻين کي آئي ايجا جمعو جمعو اٺ ڏينهن ٿيا آهن تہ اهي هتي جا والي ٿي ويٺا آهن."

"آخر هنن پنهنجون ملڪيتون تباهہ ڪرايون، هنن جو جاني نقصان ڪيترو ٿيو، جي انهن جو عيوض هنن کي مليو تہ اوهان ڇو ٿا سڙو." بابا هنن جي پاران ڳالهائڻ لڳو.

"انهيءَ جو اهو مقصد تہ ڪونهي تہ هو اسان سان فاتحن وارو سلوڪ ڪن. هنن اسانکي فتح تہ نہ ڪيو آهي." مون بابا کي سمجهائڻ ٿي چاهيو. "نوڪريون اسانکي نہ ملن، جي ڪٿي سرڪار مهربان ٿئي تہ پوءِ بہ فيلڊ اسسٽنٽ، ڪلارڪ، ماستر- ٻي ڪا نوڪري مشڪل ملندي. آخرڪار ائين ڇو آهي؟"

"حڪومت غربت جون پاڙون پٽڻ جو واعدو ڪيو آهي."

"ها، انهيءَ ڪري ئي تہ هتي مهنگائي وڌي وئي آهي تہ جيئن ان مهنگائيءَ جي گهاٽي ۾ غريب عوام پيڙجي ختم ٿي وڃي."

بابا کي ڪوبہ جواب نہ سجهيو ۽ اٿي ٻاهر هليو ويو. مان وري بہ ان پيڙا ۾ پيڙجندو، بند ٿي نڪري ويو هوس.

سنڌو درياءُ جيڪو مونکي سدائين سباجهڙو لڳندو آهي، سو اڄ

ڪاوڙيل ڪاوڙيل لڳي رهيو هو. سندس هر لهر ڇڻ موتين الرون پئي ڪيون.
مان خاموش هوس، تنها هوس.

رات جو ننڊ نہ پئي آئي. سوچ نابري واري بيٺي هئي، بابا کي سمجهائڻ وارو ڪو نہ هو، مان سندس ضد کان چڱي طرح واقف هوس. منهنجي ڪٽ بابا ۽ امان جي کٽن کان پريرو هئي، هو پاڻ ۾ سُسَ پُسَ ڪري صلاح ڪري رهيا هئا. مون گهڻو ڌيان ڏنو، پر سمجهي نٿي سگهيس تہ ڇا پئي ڳالهايائون، پر پانيم پئي تہ منهنجي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

صبح جو امان خوش خوش نظر پئي آئي. هن هوريان هوريان سهرا پئي ڳاتا. انمان چاتو هوم تہ مون لاءِ ڪو آتل فيصلو ٿي ويو آهي. تڏهن کان وٺي مونکي آرام سان ننڊ نہ آئي آهي. سدائين سوچن ۾ غرق ۽ هر سوچ بابا جي سوال تي خودبخود ختم ٿيو وڃي. ڪوبہ همدرد، ڪوبہ ساٿي، ڪوبہ هم خيال نہ اٿم جو بابا کي ڪجهہ سمجهائي.

مان وڏيڪ پريشان ٿي ويس ۽ اڳ جا هوا مونکي وٺي رهي هئي، ان جوهر جهوٽو پاڻ تي هڪ زوردار ٿڦڙ پئي محسوس ڪيم ۽ هڪدم هيٺ لهي آيس. پاڻ کي ڪٽ تي ڪٽي سٽيم، رات جا ٻارنهن وڄي چڪا هئا، هرڪو پنهنجي گهر ۾ آرامي هوندو، پر مان جاڳي رهيو آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان تہ ننڍي هوندي امان چوندي هئي: ' ابا، شل نہ ڪنهنجا پاڳ سمهي رهن. ڪي ماڻهو پاڻ راتين جون راتيون جاڳندا رهندا آهن، پر سندن پاڳ سمهي رهندا آهن ۽ ڪن ماڻهن جا پاڳ جاڳندا رهندا آهن تہ پاڻ غفلت جي ننڊ ۾ الهوٽ هوندا آهن.' مونکي امان جا لفظ ڪنن ۾ پرڻ لڳا، مون ڪنن تي هٿ ڏنا، پر اهي لفظ مسلسل منهنجي ڪنن ۾ پڙاڏجي رهيا هئا ۽ اڃا بہ پڙاڏجي رهيا آهن.

پن ڇڻ ۽ اڪيلائي

پن ڇڻ جي مند ۾، اڪيلائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ رات جي ماني کائي ٻاهر نڪري پيس. لڳم ته اڄوڪي رات، جيتوڻيڪ آسمان تارن سان جهنجهيل آهي، پوءِ به ايتري ئي تنها، ايتري ئي وياڪل آهي جيترو منهنجو من. اڄوڪي رات ۽ منهنجي من جو پاڻ ۾ ڪهڙو ڳانڍاپو آهي؟ ڪنڌ ڦيري رستي جي ٻنهي پاسن کي هڪ نظر وجهي ڏٺم. وڻ جيڪي اڳ پنن سان ڍڪيل هوندا هئا، اهي بنا پنن جي ننگا ۽ ٻسا ٻسا پئي لڳا. سندن ٽاريون، بنا پنن جي ٻکين جي ڪچيل ٻانهن جيان پئي لڳيون. سوچيم، ”هيءَ مند وڇوڙي جي مند آهي.“

ها، هيءَ مند وڇوڙي جي مند آهي، نه ته مان هن رستي تي ڪڏهن به هيڪلو نه گهميو آهيان. منهنجو من اڃا به اداس ٿي ويو. سوچن جون ڇوليون ڇلڻ لڳيون. ذهن ۾ هڪ قسم جي گاج محسوس ٿيڻ لڳي، ڄڻ درياءَ ۾ اٿل مچي وئي هجي.

بي خبريءَ ۾ هلندو اچي ساڳي ئي جاءِ تي وينس اهو ئي ڇپرائو، پٿر جي بينچ، اهائي لان ۽ پاسي وارا وڻ ڄڻ مون کي تڙي رهيا هئا. چوطرف آواز پئي آيا: ”تنها-تنها.“ سرد هوا جو جهونتو آيو ۽ ڪنن ۾ گونجندو ويو: 'تنها تنها... تنها..... تن.....ها.....تن......ها.....آ....آ....آ.....' ڪنن

تي اوچتو هٿ رکجي ويم ان جي باوجود به اهوئي آواز پيو اچي. سوچيم: اَڄ ڇا ٿيو آهي، ڇو ٿيو آهي، ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. ماضي قريب، جنهن کي وسارڻ پئي چاهيم ور ور ڪري منهنجي حال ۾ ڪاهي پيو.

”خورشيد! ڪڏهن ائين به سوچيو هوءِ ته ڪوئي اچي تنهنجي ڏنجهايل حال ۾ هيئن ڪل جا خزانا پيري ڇڏيندو؟“ پڇيم.

”پر اهو سڀ ڪجهه ائين ڇو ٿي ويو. اها ڪهڙي ڳالهه هئي، جنهن اسان کي ايترو ويجهو آڻي ڇڏيو.“ هوءِ جا منهنجي سامهون ڇپرائي تي ويٺي، اُن مان ڪپهه جا تاندورا سوئي رهي هئي. ڪنڌ هيٺ هوندي به اکين جا ڇپر مٿي ڪٽي چيو هئائين.

”منهنجي خيال ۾ ته اها من جي من ڏانهن ڇڪ آهي. اها انساني فطرت جي تقاضا پڻ آهي.“ چيو هوم.

”تون ته سدائين عجيب ڳالهيون ڪندو آهين، شاعر جو آهين.“ هن وراڻيو هو.

”ته ڇا تون منهنجي شاعر هئڻ جي ڪري ايترو ويجهو آئي آهين. فرض ڪر مان شاعر نه هجان ها، يا وري مان شاعري ڇڏي ڏيان، پوءِ تنهنجو، مون ڏانهن ڪهڙو رويو هوندو؟“

”نه نه، ائين ناهي.“ هن مختصر ۾ تڪڙ ۾ جواب ڏنو هو.

”ته پوءِ ڪيئن آهي؟“

هوءِ خاموش رهي هئي. ڪوبه جواب نه ڏنو هئائين. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ چوڻ لڳي: ”تنهنجي سيني سوالن جا جواب مان ڪڏهن به ڏئي نه سگهي آهيان ۽ نه ڏئي سگهنديس.“

سندس پرسان تي ويٺس. ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏئي سندس چهري کي مٿي ڪٽي پنهنجي منهن جي سامهون آڻي چيم : ”هيئن ڪڏهن اڳ ۾ ڪنهن سان ويٺي آهين؟“

اتي ڪڙي تي ۽ چيو هئائين: ”هاڻ هل ته هلون، هوا ۾ تڏ وڌندي تي وڃي.“

ڇپرائي ڪان فليٽ ڪجهه وٿيرڪا هئا. رستي تان ايندي ٻئي خاموش پئي آياسون. لڳي پيو ته هوءِ ڪجهه سوچي رهي هئي يا منهنجي سوال جو

کو خاطر خواهہ جواب ڳوليندي هجي. هلڪي گلابي رنگ جي ڪپڙن ۾ ۽ مرڪيوري روڊ لائيٽس هيٺان لنگهندي ڏاڍي وٽي پئي. دل چاهيو تہ سندس گلابي چپن کي چمجي. فليٽ تي پهتاسون. اسان پنهنجي جا فليٽ آمهون سامهون آهن. مان پنهنجي فليٽ ۾ وڃڻ بدران هن وٽ ئي هليو ويس. اها اڪثر منهنجي عادت هئي. روز جو نيم هو: مان نوڪريءَ تان واپس ٿيڻ کانپوءِ وهنجي سهنجي، ڪپڙا بدلائي ماني کائي هن وٽ هليو ويندو هوس ۽ رات جو دير دير تائين ويهي ڳالهيون ڪندي گذاريندا هئاسون. ايترو تڪايل هوندي بہ هن سان ويٺي تڪ جو احساس غائب ٿي ويندو هو. هوءَ منهنجي سامهون سنگل صوفي تي ويهي رهندي هئي ۽ مان ڇئن سيٽن واري صوفي تي ليٽي پوندو هوس. ڪيس منهنجي تڪ جو احساس هوندو هو.

هڪ ڀيري چيو هئائين: ”تون ٻي نوڪري ڇڏي ڏي، ڪيڏو نہ تڪجي ٿو پوين.“

”تہ پوءِ گذارو ڪيئن ٿيندو! هن ڀڳهار ۾ تہ مون اڪيلي جو بہ گذر نہ ٿي سگهندو.“ مون کلي وراڻيو هو.

”مان کي پرائيويٽ مريض تي وٺان، ڏيڍ سؤ هڪ ڏينهن جي لاءِ ڏيندا، مهيني ۾ چار پنج سؤ ٿي ويندا، اسان سڀ ان مان آسانيءَ سان رهي سگهنداسون.“

”مون کي پنهنجو تجربو آهي، ٻي نوڪري ڪرڻ ڪيترو عذاب آهي. گهٽ ۾ گهٽ مان تہ توکي صلاح نہ ڏيندس. اهو ڪم ايترو سولو ناهي جيترو تون سمجهين ٿي.“

اسان سندس بيڊ روم ۾ هليا آياسون. بيڊ تي هلڪي نيري رنگ جون چادرون وڇايل، لائيٽ پنڪ ڪلر جي ڪمري کي نيري رنگ جا پردا ۽ مٿان مِلڪي ١٠٠ واٽ جو بلب ٻري رهيو هو. سندس مٿن ڪان، وهاڻي کي ٻيٺو ڪري ٽيڪ ڏئي ويٺو هوس ۽ هوءَ منهنجي سامهون ويٺي هئي. چيم: ”هڪ ڏينهن جڏهن تون مون کي اچڻ کان روڪيو هو ۽ مان پاڻ کي پلڻ لڳو هوس تہ توکي وري کهڙو احساس ٿيو جو تون مون وٽ هلي آئي هئينءَ، پرچائڻ جي لاءِ ۽ سفارشون بہ وٺي آئينءَ.“

لنوائيندي رڳو ايترو جواب ڏنائين، ”مون کا غلطي ٿي وئي هئي.“

”غلطي! ڪهڙي غلطي!“ مون پڇيو.

ورندي نه ڏنائين ۽ ڪلي چيائين: ”ڪيئن تو چيو هو ته غريب ماڻهن جون ريگو هيترڙيون خوشيون هونديون آهن.“ تو هٿ جي اشاري سان سمجهائيندي چيو هو. ”اسان پنهي جو شمار هڪ ئي ڪلاس ۾ ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري نه پاڻ ڪي دکي ڪر ۽ نه مون کي. اسان پنهي تي سماج جو هڪ جيترو ظلم آهي.“

”ها، اهو سچ آهي. انهن پنهنجن لفظن تي مان اڄا به اٽل آهيان.“ مون سندس چهرو گهوريندي چيو: ”ڏس، هن وقت تون ۽ مان ٿوري وقت لاءِ ئي سهي، سچي ڏينهن جي هڻ هٽان ۽ وٽ وٺان ڪان پوءِ ويهي، هڪ پئي جا ڏک سور ونڊي ورهائي رهيا آهيون. جيڪو ڏينهن تو گذاريو ۽ جيڪي ڪجهه مون تي وهيو واپريو، ان ۾ ڪجهه توکي دک رسيو ۽ ڪجهه مون سٺو آهي. جيڪڏهن اسان اهو هڪ پئي کي نه ٻڌايون ته جيڪر من تي دکن جا مٽن جا مڻ چڙهندا ويندا ۽ هڪ ڏينهن، ائين ضرور ٿيندو جو ايترو دکي هئڻ جي ڪري اسان مان دک ۽ سک جو احساس ئي ختم ٿي ويندو. ائين به ناهي ته هر انسان کي ريگو خوشي ئي خوشي هوندي. ڏک سکن جي سونهن هوندا آهن، پر ماڻهوءَ جي جياپي لاءِ چار ڪٽا سکن جا هئڻ به لازمي آهن. اسان کي جيڪڏهن سماج خوشيون ڏئي نه ٿو سگهي ته اسان هن طريقي به ڪلي خوش ٿي سگهون ٿا. ان لاءِ هر ڏک کي برداشت ڪيو وڃون. ڪل صحت آهي ۽ رنج ڳاراٽو. آهي نه ائين؟“

هوءَ منهنجي تقرير خاموشيءَ سان ٻڌي رهي هئي. اوچتو مون ڏانهن منهن ڪري ٿونٽين تي آهلي پئي. سندس چهرو، رت جي هڪ هنڌ دٻاءَ ڪري اڃا به ڳاڙهو ٿي ويو هو. ملڪي بلب جي روشني سندس چهري تي پهچي موٽ ۾ هلڪا هلڪا اولڙا ڪري رهي هئي .لاشعوري طور تي منهنجون اکيون چنبيجي ويون. سندس ڪارا ۽ گهاٽا ڪليل وار، چهري تي ڦري آيا هئا. هوءَ موهڻي ٿي پئي هئي. بنا سرخيءَ جي چپ گلاب جي پنکڙين جيان ٿي لڳا. سندس هٿ ۾ پيل گهر گهلي منديءَ کي ڦيرائيندو رهيو هوس.

ان ڏينهن کان پوءِ اسان هڪ پئي جي اڃا به ويجهو اچي وياسون. هن مون سان پنهنجا سڀ سور سليا هئا. پنهنجي والدين جا، پنهنجي مڙس

جا، پنهنجين سهيلين جا. هن سان هر ڪنهن زيادتيون ڪيون هيون. مون کي تيئن هَن سان همدردي وڌندي وئي ۽ اها همدردي هڪ ڏينهن پيار جو روپ ڌاري، رسمن ۽ سماج جا ٻنڌڻ ٽوڙي، حجاب واري چادر کي چاڪ ڪري، اسان جي دلين ۾ گهڙي آئي. اسان پنهنجا دروازا هن جي اچڻ کان پوءِ پوري ڇڏيا.

رات جا ١١ وڄي ويا هئا. ٽي ويءَ تان آخري اسم قومي ترانو به ختم ٿي ويو. مون اٿي ٽي وي بند ڪئي. هن به اٿي ٽي وي روم جي روشني گل ڪئي. هاڻ بيڊ روم ۾ وڃي وينا هئاسون. ويهي ويهي ٽڪجي پئي هئي، بيڊ تي مٿن کان مانُ پير لڙڪايو ستو پيو هوس ۽ هوءَ منهنجي ڇهري جي ويجهو پنهنجو چهرو ڪري سمهي پئي. ڳالهيون، اهي ئي بي ترتيب، جن جي نڪا شروعات نه ئي ڪا پڇاڙي. اوچتو منهنجا هٿ ساهس ساري سندس وارن مان ڦرندا سندس ڇهري تي ڦرڻ لڳا. لڳو ته اهو سرور، ازلي سرور، جنهن لاءِ مان زندگيءَ جا ويهارو سال پٽڪيو آهيان، اوچتو ئي مون کي ملي ويو. اهو سرور رڳو مون ئي محسوس نه ڪيو، پر هن ان کان به وڌيڪ محسوس ڪيو. سندس اکيون، پورجي ويون هيون. پوءِ، پوءِ اسان جا چپ ملي هڪ ٿي ويا هئا ۽ پوءِ مون هن جا ڳل چميا، نرڙ ۽ نيڻن تي پيار جون مهرون هنيون ۽ پوءِ گهڙي پل لاءِ پنهي جي زبانن ڳالهائڻ بند ڪيو ۽ هاڻ اکين جو وارو هو. گونگيون، ڇا پئي ڳالهايائون، ڪهڙا پئي عهدو پيمان ڪيائون، ڪيڏا پئي سَنهن کنيائون. سمجهه کان ڇڙهيل هئا. باقي ڳالهيون، جيڪي نه سلڻ جهڙيون هيون، سلي ويهي رهيون، چريون!

ان کان پوءِ اهو سلسلو جاري رهيو. هوءَ هر روز منهنجي اچڻ جو انتظار ڪندي رهي. ڪوشش اهائي ڪندو هوس ته جلدي پهچجي. اهو روز جُوَ نيم ٻڻجي ويو ته گهر اچي وهنجي سنجهي، ڪپڙا بدلائي، ماني کائي هن وٽ وڃڻ. پوءِ رات جا پل ڪيترا به وڃي وڃن. اٿڻ ٻنهي جي وس نه هو. بس، جي صبح جو ڊيوٽيءَ تي وڃڻ جو خيال نه هجي ته جيڪر اٿئون ئي نه. هڪ رات ٿيو به ائين جو ويٺي ويٺي مٿان اچي صبح جا پنج لڳا. اٿياسون، تڏهن جڏهن بانگي چيو: ”الصلوات خير المن النوم“ اٿندي به هر روز جيان دروازي تي اڌ ڪلاڪ لڳي ويو.

هڪ ڀيري چيو هئائين: ”اسان هڪٻئي کي ايترو ويجهو هوندي به هڪٻئي جا ٿي نه ٿا سگهون. اهي ٻنڌڻ ٽوڙي نه ٿا سگهون، جيڪي سماج اسان ۾ وڌا آهن. ائين ڇو آهي؟“

”هي سماج اهي ٻنڌڻ ٽوڙڻ کان پوءِ، اسان کي جيئرو ڇڏيندو! ان ڪري ته توکي چوندو آهيان ته هي سرشتو ئي آ خراب. پر تون ان کي منهنجو پاڳل پڻو سمجهي لنوائي ڇڏيندي آهين. ياد اٿئي، ان ڏينهن توکي ٻڌايو هوم ته سماج ڪهڙي نموني اڏڻ گهرجي. اسان هر روز ائين چاهيو آهي. انهيءَ سماج ۾ تو ۽ مون جهڙا انسان ڪڏهن به ڏکي نه رهندا.هو جنهن کي چاهيندا تنهن کي ماڻيندا ۽ اهڙو ڪوبه نه هوندو جو ٻئي جو سک ڦٽائي. ان سماج ۾ هر ڪنهن کي هڪ جيترو حق هوندو. ڪيس پنهنجي زندگي سنوارڻ ۽ آئيندي کي سڦل بڻائڻ جو پورو پورو حق حاصل هوندو.“

”ته پوءِ ائين ڪڏهن ٿيندو؟“ هن سوال ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪئي ۽ جواب لاءِ ماندي پئي لڳي.

”خورشيد! اهو ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي ته اهو ڪڏهن ٿي سگهندو. بهرحال اسان کي ان لاءِ پاڻ پتوڙڻو پوندو. اهو به ممڪن آهي ته ان جي آس اسان جي سيني ۾ رهجي وڃي. حقيقت ۾ اسان کي اهو ڪجهه پنهنجي لاءِ ناهي ڪرڻو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ائين سمجهي ويهي رهي ته جيڪا شيءِ مان ڏسي نه ٿو سگهان، ان لاءِ مان ڇو سوچيان ته هو بنهه غلط آهي. جڏهن اسان جو نئون نسل اچي ته اهو ائين پائني ته ٻيلي هائو، ڇٽر لٽل آهي، ڪنهن پنهنجو سر ٽڪرايو آهي. ان مان ڪيس اتساهه ملندو ۽ ڪم جاري رکندو.“

”آخر ڪيستائين؟ ڇا اهو تون پڪ سان چئي ٿو سگهين ته اسان جو نئون نسل اهو ڪجهه حاصل ڪندو؟“ هن پڇيو.

”پڪ سان مان ته ڇا پر پنهنجا پوئين نسل وارا به چئي نه سگهيا ۽ ڪوبه پڪ ڏئي نه سگهندو، نئين نسل وارا به پنهنجي نئين نسل کي اها پڪ نه ڏئي سگهندا. بس، هر ڪنهن کي ان آس تي جيئڻو پوندو ۽ ڪجهه ڪرڻو پوندو. ۽ اها تبديلي ڪنهن به وقت ٿي سگهي ٿي. ايندڙ نسل ۾ يا ان کان پوءِ ايندڙ نسل ۾ يا مرڳوئي پنهنجي نسل ۾!“

”تون ته هميشه ليڪچر ڏيڻ جي موڊ ۾ هوندو آهين. ڇڏ انهن ڳالهين کي. ٻڌاءِ ته "What is love?" (پيار ڇا آهي؟)! هُن هڪ سوال منهنجي ذهن ۾ اڇلائي ڇڏيو.

"Love!" (پيار) ڪجهه دير لاءِ چڪرائجي ويس. ڪهڙي مختلف موضوع تي ڳالهائي رهيو هوس، هي سوال ٻڌي، ان جي جواب لاءِ ذهن تيار ئي نٿي ٿيو. ”حقيقت ۾ love (پيار) جي اڄا تائين ڪا سائنسي کوجنا نه ڪئي وئي آهي. باقي منهنجي خيال ۾ Emotional attachment (جذباتي لاڳاپو) کٽي چئجي. ڇاڪاڻ ته Love (پيار) کي هميشه ڪنهن به هڪ Sense (خيال) ۾ نه ورتو ويو آهي. هونءَ عام طور تي انسان جي فطرت جو لطيف ترين جذبو آهي جنهن جو ڳانڍاپو ذهن ۽ دل سان گهرو ٿئي ٿو.“

”مان تنهنجي ان جواب مان Satisfy (مطمئن) نه آهيان.“ هن کلي ڏنو هو.

”تون جنهن جواب ٻڌڻ لاءِ منتظر آهين ان جو جواب Theoriti-cally (وضاحت سان) ٻڌائي ته ڏئي نه ٿو سگهجي، باقي جي تون چاهين ته مان Practically تجرباتي ڏئي سگهان ٿو.“ سندس کل ۾ کل ملائي ڇڏيم جا ڪمري ۾ پڙاڏ جي مڌر ساز بڻجي گونجڻ لڳي. گهڙي پل لاءِ ماٺ ٿي وياسون. مون سوچيو پئي ته هونءَ ڪهڙي قسم جو جواب ٻڌڻ گهري ٿي.

”تون ته هر سوال جو پوائنٽ ٽو پوائنٽ جواب ڏيندو آهين. تو وٽ سدائين جواب تهيا تڪيا پيا هوندا آهن، ڇڻ تنهنجو ذهن جوابن جي فئڪٽري آهي. پر اڄ ڇو تون هڪ ننڍڙي سوال جو جواب ڏئي نه ٿو سگهين؟“ هن شرارت ڀريل نيڻن جا ڇپر ڪٽي مون کي ڏٺو.

مون به جان ڇڏائڻ جي خاطر چيو: ”توکي جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، تون ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.“

هن گهڙي ڏسندي چيو: ”ٻارنهن لڳي ويا آهن، وقت پرجي ويو آهي. صبح جو ڊيوٽي تي به وڃڻو آهي، ننڊ به ڪرڻي آهي. جلدي ڪري جواب ڏي ته اٿئون.“

وري به مون اهوئي جواب ڏنو: ”تون تيار آهين؟“

”ها تيار آهيان.“ هن وراڻيو.

مان صوفا تان اٿي پنهنجا چپ هن جي ڇپن تي رکي ڇڏيا. سرور ڪان ٻنهي جون اکيون پورجي ويون ۽ ڊار تيڻ ڪان پوءِ پڇيم: ”جواب پسند آيو؟“

کلي پئي، هيڪي چيو هئائين: ”اهو ته ڪو جواب ناهي. جلدي ڪر، ٻڌاءِ. وقت گهٽ آهي ۽ منهنجي ڪن ۾ به سور آهي.“

مون ٽوڪ ڪندي چيو: ”جواب ٻڌڻ سان ڪن جو سور ختم نه ٿيندو آهي، ان جي لاءِ دوا جي ضرورت پوندي آهي. تون ڪي ڊراپس استعمال ڪج، باقي منهنجي جواب مان تون مطمئن نه آهين ته تون ئي ٻڌاءِ.“

”مون کي جيڪڏهن اچي ها ته توکان ڇو پڇان ها. هڪ لڳي ويو آهي، هاڻي سمهڻ گهرجي.“ اٿي ڪڙي تي ۽ مون دستور موجب ڪمري جون بتيون بند ڪيون.

ڪنڌ مٿي ڪنير ڇڻ ڪنهن سهاني سپني مان ڇرڪي اٿيو هجان. هيڏي هوڏي نظر وڌم، ڇوڌس سناٽو ڇانيل هو. حيرانيءَ تي ڪافي ماڪ پئجي چڪي هئي. هوا ۾ ڪجهه خنڪيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ گهر ڏانهن رخ رکيم.

رستي ۾ ايندي منهنجي ذهن ۾ ولوڙ هئي. سندس خيال ذهن تان اصل نه ٿي لٿو. ساروٽيون ور ور ڏئي هڪ ٻئي پنيان ٽوليون ڪنديون ٿي آيون جو آڪٽ هيون. مون ماضيءَ ۾ نهار ڪئي، جتي يادن جا ميڙ هئا ۽ هڪ ڊگهي آڪٽ قطار هئي جيڪي هڪ هڪ ڪيو قيدين جيان پنهنجي واري سان رڙهنديون هلنديون ٿي آيون. منهنجو ذهن ڇڻ لاري هو ۽ آهي هڪ هڪ تي گهڙنديون ٿي ويون. اوچتو هڪ ياد ڇنال ڇوريءَ جيان ڇلانگ ڏيندي، ٽپندي ڪڏندي منهنجي ذهن ۾ ڪاهي پئي. ڪيس ٻڌايو هوم ساحر لڌيانويءَ جو نظم. هوءَ ڪڏهن شعر ٻڌي ڪاوڙجي پوندي هئي.

”گزر رهي هئه ڪڇ اس طرح زندگي جيسي
اسي، ڪسي ڪي سهاري ڪي آرزو ڀي نهين.“

ڪاوڙجي پئي هئي. چيو هئائين: ”ڪنهن جي سهاري جي آرزو به نه اٿئي ته پوءِ هي سڀ ڪجهه ڇاهي. ڇا اهو ڪوڙ ڳالهايو هوءِ ته هن وقت

اسان ٻنهي کي هڪٻئي جي سخت ضرورت آهي؟".

ڪلي جواب ڏنوهومانس: "مون ڇيو هو. مون کي ياد آهي ۽ مان اڃا تائين ائين سمجهي رهيو آهيان ۽ اها حقيقت به آهي. تون ڏس رات جو ٻارهين وڳي تائين ويهڻ، انتظار ڪرڻ، بيقرار ٿيڻ، اهو ڪنهن عام ماڻهوءَ لاءِ ۽ بي مقصد ٿي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن توکي مون لاءِ يا مونکي تولاءِ ڪا ڇڪ نه هجي ها ته جيڪر هينئر ٻئي ڪونگهرن ۾ هجون ها."

هوءَ سچ پچ به رنڀي هئي ۽ ڪوبه جواب نه ڏنو هئائين. رسڻ ۽ رسي پرچڻ ۽ پرچائڻ ۽ پرپائڻ ۾ الائي ڇاهي، جنهن جي ڪري ماڻهو ايترو اٻاڻو ٿيندو آهي.

ڇيم: "مون ته ائين سانت جي سيني ۾ پالو هڻڻ لاءِ اهو نظم اڇلايو هو. ان جو اهو مقصد ته نه هو جو تو سمجهيو آهي. چڱو جيڪڏهن تون ان کي پاڻ لاءِ محسوس ڪيو آهي ته مان معذرت خواهه آهيان."

پر هوءَ ايئن مڃڻ واري ڪٿي هئي! صوفي تي اٿي ويئس، سندس ڪاڏيءَ کي هٿ جي ٽيڪ سان مٿي ڪئي، سندس نيڻن ۾ گهوريم. هن جي نيڻن جا ڳالهه سلي، مون پرجهي ورتي.

ڇيائين: "هو ڪانو ٻڌو اٿئي، جيڪو منهر مڪيش ڳايو آهي؟"

"ڪهڙو؟ هو اڃڪلهه ڏاڍو سنو ٿو ڳائي. بلڪل مڪيش جون سڪون ٿو لاهي."

"توکي خبر آهي نه، مون کي مڪيش ڪيترو وڻندو آهي، جڏهن به مان اداس هوندو آهيان ته ڇاهيندو آهيان ته اڃا به اداس ٿيان ۽ مان مڪيش جا sad songs (دکدائڪ گيت) ٻڌڻ پسند ڪندو آهيان. پر ها، تو خبر ناهي ڪهڙي ڳاني لاءِ پڇي ڇيو؟"

"هو ناهي... هو.....ها:

"هم تمهين چاهتي هين ايسي، مرني والا ڪوئي زندگي چاهتاهو جيسي."

هوءَ پنهنجي پسند جي لاءِ، داد طلب نگاهن سان ڏسڻ لڳي.

"ٻڌو اٿم. ڏاڍو پسند اٿم." شرارتي نگاهن سان هن کي ڏسندي ڇيم: "توکي وڻيو آهي. مون کي ٻڌائڻ جو مطلب!" ٻنهي ڪلي ڏنو ۽ ان ڪل

ٿي ڪل ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي وئي.

ڇا وقت ۾ ويرَ آهي، جيڪا چڙهي آهي، اها لهندي به ضرور. ۽ پيار به هڪ ويرَ مثل آهي، جيڪا جڏهن چڙهندي ته ٻنا ٻوڙ ڪندي ۽ لهندي ته لوڙهي انهي ۾ اڇلائي، سمنڊ جي رحم ڪرم تي ڇڏي پاڻ اُن سان ملي هڪ ٿي ويندي ڇڻ هوء بي ڏوهي آهي.

قصور ڪنهن جو هو؟ هن جو يا منهنجو؟ قصور ٻنهي جو هو، ڪجهه هن جو ۽ ڪجهه منهنجو. چيو هئائين: ” مون جنهن کي چاهيو آهي ان ٿي مون سان زيادتي ڪئي آهي. جنهن جي تعريف ڪئي اٿم، ان ئي ڏنجهه ڏنا آهن. توسان اهي ٻئي ڳالهيون لاڳو آهن، ڪٿي تون به.....“

سندس وات تي هٿ رکندي چيو هوم: ” ائين نه ٿيندو. توسان ۽ مون سان ساڳي حالت آهي. اسان ٻئي هڪ ٿي پيڙا مان گذري رهيا آهيون. ”اڇوڙي سورن واريون، ڪريون سور پچار'، مون چڱيء طرح سمجهيو آهي. اسان هڪ ٻئي لاء لازم ملزوم آهيون.“ ان وقت هوء ڪنهن اونهي تڪيء ۾ پئجي ويئي هئي، ڇڻ گذريل وقت جي زيادتين کي ماپيندي هجي. وري به مون ڏي ڳالهايو. چيم: ”ڇا ٿي سوچين؟“

هلڪو ڇرڪ ڀريندي چيو هئائين: ”هان، ڪجهه نه، ڪجهه نه.“

پلڪ لاء ترسي چيائين: ”تون ايترو وقت ڪٿي هئين؟“

تڪڙ ۾ هن کي ان اداسيء مان نڪرڻ لاء چيو هوم: ”هتي ٿي، تنهنجي سامهون.“ کلي ڏنائين. چيم: ” ڪٿي تون خواب جي دنيا ۾ ته نه هلي وئي آهين. جاڳندي خواب نه ڏسندي ڪر. اجائي بي خوابيء جي بيماري ٿي پونديء ۽ عذاب ۾ اچي ويندا سون. هرويرو ڪنهن سائيڪياٽرسٽ جا چڪر لڳائڻا پوندا.“

”نه نه، منهنجو مطلب آهي، منهنجو مطلب آهي.....“ هن جا ڳالهه چوڻ ٿي چاهي الائي ڇو ڇئي نه سگهي. گهڙيء کي ڏسندي چيو هئائين: ”هاڻ سمهڻ گهرجي.“ سندس چهري تي اداسيء جا ڀاوَ نمايان هئا، ان ڪري مون هن کي وڌيڪ اداس ڪرڻ نه ٿي گهريو. اٿي ڪڙو ٿيو هوس. دستور پٽاندر دروازي تي اچي بيناسون. چوڻ لڳي: ”اسان ايترو ويجهو هوندي به پري ڇو آهيون؟“

منهنجو مذاق ڪرڻ جو موڊ هو، چيم: ”هن وقت تہ بلڪل ويجها آهيون، ان جيان جيئن چيو ويو آهي تہ : ”هو اوهان کي ساه جي شاهہ رڳ کان بہ ويجهو آهي.“ هوءَ ايتري اداس هئي جو ان ڪل جي ڳالهہ تي بہ کلي نہ سگهي هئي.

دروازو بند هو. اندر بتي ٻري پئي. ٽي-ويءَ جو هلڪو آواز در جي اندران ٻاهر اچي رهيو هو. مون سوچيو: 'ڪنهن بہ آواز کي دٻائي نہ ٿو سگهجي.' اهو دروازو جيڪو منهنجي انتظار ۾ کليل رهندو هو، هاڻ بند آهي. اندر ڪير آهي؟ ڇا اهوئي اندر آهي جيڪو ڪجهہ ڏينهن اڳ ٽيسين انتظار ڪندو رهندو هو جيسين چار ڇاهہ جون ڳالهيون ٻڌائي ۽ ٻڌي نہ وٺي.

بيٺي اٿين پئي لڳو تہ مان وڻ مان ڪريل ان پيلي پن مثل آهيان، جيڪو پنهنجي ساٿين کان وڇڙي، وڇوڙي جي آڳ ۾ جلي پيلو ٿي ويو هوندو آهي. در کڙڪايم. در کليو ۽ مان نپل قدمن سان پنهنجي ڪمري ۾ ويس ۽ بنان ڪپڙن بدلائڻ جي پاڻ کي بستري تي اڇلائي ڇڏيم.

تنهائيءَ ۾ ماڻهو ڇا ڇا ٿو سوچي. سندس ذهن ڪنهن وڳر کان وڇڙيل ڪونج جيان ڀٽڪندو ٿو رهي. پاڻ کي ڀٽڪيل محسوس پيو ڪريان. خواهشون، اڌوريون خواهشون، آسون ۽ اميدون سڀ دٻجي ويون. هن نہ رڳو منهنجي خواهشن کي اڌورو ڇڏيو پر ان سان گڏ پنهنجي من ۾ اٿندڙ اڌمن کي ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنو ۽ ڇڏي ڏنائين اندر جي آڳ ۾ پچڻ ۽ پچرڻ لاءِ.

ڏنڊلا عڪس

مينهن هڪ پيرو وسي بيٺو ۽ تمام ٿوري وقفي ڪانپوءِ وري وسڻ شروع ڪيائين. رفتار اڳ ڪان بہ ڪجهہ تکيري: ان جي باوجود بہ بجلي نہ وئي هئي ۽ نہ هوا ئي گهلي. ٽي-ويءَ تي آزاديءَ جي جشن جا پروگرام هلي رهيا هئا. هو پنهنجي ننڍي ڪمري ۾ سامان جي نئين سر ترتيب ڪرڻ ۾ رڌو رهيو. هن لاءِ اڄ بہ ڪم نڪري آيو هو، ڇڻ ڪيس موڪل ٿي نہ هئي. پکي جي هلڻ جي باوجود پگهر ريگهاڙيون ڪري ڳڙي رهيو هوس. هوا بنهہ ڪانہ هئي، ٻٽ لڳي پئي هئي، فضا ۾ گهر تہ هئي پر ٽڏ نہ.

موڪل جي ڏينهن هئڻ ڪري هن ڪن مهمانن کي ڪوٺ ڏني هئي، پر جنهن وقت تي اچڻ جو واعدو ڪيل هون، اهو گذري چڪو هو. پانيائين تہ : "جيسين مينهن نہ هو، جيڪڏهن ان وقت تائين اچي نہ سگهيا آهن تہ هاڻ ڪهڙو ايندا." ڪيس منيان بہ لڳي. سوچيائين: 'ماٺهو واعدو ڪري تہ ضرورو پورو ڪري، ورنہ اهڙو واعدو ڪري ئي نہ.' هن انهيءَ ڪري ئي گهر ۾ ويهي مکيون مارڻ بدران پنهنجي ڪولي نما ڪمري جي سامان جي ورائي ترتيب ٿي ڪئي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پنهنجي ان خيال کي عملي جامو پهرائڻ جو اڄ سنو موقعو هو. ان بهاني ڪمري جي ڪنڊ ڪڙڇ جي صفائي بہ ٿي ويندي ۽

ڪتابن جي چنڊوڪ پڻ. ڪتاب جنهن رنگ ۾ هڪ ٻئي سان ڪان وٺي رکيا هئائين ته اهي اتي ئي ٻنا ڪنهن چنڊوڪ جي رکيا هئا.

هن ڪمري جي ترتيب بدلائي ورتي. ڪتابن جي رنگ اترين پٽ وٽان ڪٽي، ڏاکٽي پٽ جي ڪنڊ ۾ رکيائين. ٽيبل، جنهن تي پراڻي ماڊل Philco جو وڏو ريڊيو رکيو هو، ۽ ان ڪان سواءِ ڪجهه ڪتاب ۽ ميز، جيڪا ڪيس سالڳڻي وقت لکڻ، پڙهڻ ۽ ڪائڻ جو ڪم ڏيندي هئي، اها ڏاکٽي پٽ وٽان ڪٽي اوڀارين پٽ، جيڪا دروازي جي سامهون هئي، ان سان ملائي رکيائين. پٽين تي چڙهي آيل اڌوهيءَ جي مٽيءَ جي پنوڙن جهڙن گهرڙن کي ڊاهيندي، ڪيس افسوس به ٿيو، پر ڪيس پنهنجا ڪتاب وڌيڪ پيارا هئا، جيڪي هن پنهنجي محدود آمدنيءَ مان، پنهنجي ادبي بک ٻجهائڻ لاءِ خريد ڪيا هئا. انهن جي ڪري اهو گناهه پنهنجي سر ڪنيو هئائين ۽ پنهنجي گناهن ۾ جيون جي قتل ڪري پاڻ کي قاتل سمجهڻ لڳو. ڪنهن انسان جي قاتل کي ئي قاتل سمجهيو ويندو آهي، ائين ڇو آهي؟ جيتوڻيڪ دنيا ۾ الائي ڪيترا هرروز قتل ٿيندا رهن ٿا. جيت جنتن جو قتل، پکين پرندن جو قتل، خواهشن جو قتل، آسن اميدن جو قتل. انسان ازل ڪان ابد تائين ڪئين قتل ڪري ٿو. دنيا ۾ انسان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪوبه وحشي ناهي.

هن ڪمري جي ترتيب ڏهي پوري ڪئي ۽ آخر ۾ پنهنجي ڪٽ 10/ 6 فوٽ ڪمري جي اترين پٽ وٽ رکيائين ته اڦوهه ڪري ٻيهي رهيو. سندس ذهن ۾ جنهن نموني جي ترتيب هئي ائين ٿي نه سگهيو. سندس خيال مطابق ڪمرو ننڍو هو ۽ ڪيس اها ترتيب پسند نه آئي. هن ڪيتري عرصي پڄاڻان اڪيلي سر ايترو ڪم ڪيو هو، جيتوڻيڪ سندس زال آرام سان ويٺي ٽي-وي پروگرام ڏسي رهي هئي. هن زال ڪان صرف ڪمري مان ڪٽ ٻاهر ڪڍڻ جي مدد ورتي هئي، باقي سڄي چنڊوڪ ۽ ڊاهه ڊوهه وري ٺاهه ٺوهه پاڻ ئي ڪئي هئائين، ان ڪري ٿڪجي پيو هو. ڪيئي ڀيرا پگهر جون لوٽائيون ريڳاڙيون سندس وات ۾ پيون هيون ۽ هن صرف ' ٿو ٿو' ڪري ۽ ان جو ذائقو وڃائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ هو پگهر قميص جي پانهن سان به اگهڻ ۾ عار نه ڪندو آهي، پر اڄ سندس ٻت قميص ڪان آجو هو. اگهاڙي جسم تي پگهر جون ريڳاڙيون ڳڙي رهيون هيون، بلڪل

اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح ٻاهر مينهن جون ڇاٽون گهر جي ديوار سان ٽڪرائجي هيٺ رڙهي رهيون هيون. ڪيس نئين ترتيب پسند نه آئي، سوچيائين: ”هيڏي محنت ئي اجائي وئي. پهرين ترتيب (جيڪا هن لاشعوري طور هن جاءِ ۾ ناهي هئي، سا اچ تائين قائم هئي.) اها بهتر هئي.“ پر ان نئين ترتيب کي ورائي، پراڻي ترتيب ۾ بدلائڻ جو ساهس نه سارياڻين. صرف افسوس جي هڪ اڇاتري نگاهه نئين ترتيب تي اڇلائي وهنجڻ لاءِ هليو ويو.

مينهن لڳاتار وسي رهيو هو. ڪڏهن هلڪو ٿي ٿيو ته ڪڏهن تيز ٿِي ٿي ويو. پر بجلي مسلسل ٻري رهي هئي، پوري وقت ۾ هڪ جهٽڪو به نه ڏنو هئائين ۽ ٽي- وي پروگرام جاري هئا. هن سوچيو: ”اڄوڪي ڏينهن لاءِ بجليءَ وارن کي خاص هدايتون هونديون ته اڄ ڪنهن به حالت ۾ بجلي فيل نه ٿيڻ گهرجي،“ هو وهنجي نڪتو. مينهن پنهنجي پوري جوڀن سان وسي رهيو هو. هن دري کان منهن ٻاهر ڪڍي جهڙ جو جائزو ورتو، ڪيس ڪٿي به ڇڙوڇڙ ڪا ڪڪري ڏسڻ ۾ نه آئي. سمجهيائين: ”اڄ مينهن بس نه ڪندو. ويچارن ماڻهن جو ڪيل خرچ تباهه ٿي ويو، ٽي- ويءَ تي لوڪ ناچ اچي رهيا هئا. ڪيس بلوچي ۽ سنڌي لوڪ ناچ پسند آيو.

ماني تيار ٿي ته ڪائي ڪجهه وقت سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڪيس ننڊ نه آئي. ٻاهر ٽي-ويءَ ۽ ٻارن جي آوازن ڪيس ننڊ ڪرڻ نه ڏني. هو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻاهر اچي دروازي تي بيهي مينهن جي وسڪاري کي ڏسڻ لڳو ۽ مينهن ۾ ٻارن کي پسندو ڏسڻ لڳو. بيهي بيهي ۽ ٻارن کي ائين پسندو ڏسي نيٺ سندس من چلولائي ڪئي ۽ هڪ ضدي ٻار جيان ضد ڪيو ته ٻاهر نڪر. هو اندر ويو ۽ پهراڻ پائي گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

هو گهران ته اڪيلو نڪتو، پر ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ هو اڪيلو نه هو. هن پاڻ کي هجوم ۾ پاتيو. ڪئين آواز سندس ڪنن ۾ پڙاڏجڻ لڳا. سمجهيائين: ”شايد ماڻهو ڪڏهن به بنهه هيڪلو ٿي نٿو سگهي.“ هن سان گڏ هيون ڪئين يادون، ڪئين حسين گهڙيون ۽ پل. هو بلڪل اڪيلو نه هو. مينهن پنهنجي ساڳي رفتار سان وسي رهيو هو، شايد ڪٿئين ڪنهن پنهنجي ناني کي هوڏ مان سارنگ ڳائڻ لاءِ چيو هجي ۽ هو هاڻ بس ئي نه ڪندو هجي. ڪانئس هڪ اونهي آهه نڪري وئي، 'هاءِ نانوا، ' نانهنس کي راڳ ڳائڻ

ايندو هو، پر هن جي اها خاصيت هئي جو سُر سارنگ تي ڏاڍو ڪنٽرول هوس. جيتوڻيڪ هن ڪڏهن بہ باضابطہ ڪنهن وٽ راڳ جي سکيا نہ ورتي هئي. بس صرف شوق ۾ هو راڳ ٻڌي ٻڌي سکيو هو ۽ هر راڳڻي ڳائي سگهندو هو. ايتريقدر جو ڪيس راڳڻيءَ جي بڻ بنياد جي بہ ثوري ٽڪي ڄاڻ هئي. هن کي افسوس ٿيو تہ هنُ پنهنجي ناني مان ڪوبہ فائدو نہ ورتو هو.

"ڪاش! هن کان راڳ سکي پوان ها." هن جا سريلا ٻول هن جي ڪنن ۾ پرڻ لڳا ۽ ڪانئس بي اختيار نڪري ويو:

"حڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿ ڪجن."

مينهن هڪ ئي رفتار سان وسندي اوچتو تيز ٿي ويو. سندس يادن بہ ان ئي تيزيءَ سان ڦيرو ڪاڌو، ائين جيئن فلم جي ڪائي نہ ڊيڪارڻ جهڙي سين تبديل ٿي وئي هجي، ۽ هڪدم ٻي پيار ڀري سين اچي وئي هجي.

بينش هيٽ ڪيڏي رهي هئي، ٻاهر مينهن تيزيءَ سان پئجي رهيو هو. خورشيد سندس ئي سوئيٽر اُني رهي هئي. ٻاهر تيز هوا جا سوساٽ، مينهن ۽ نيسارن مان ڪرندڙ پاڻيءَ جو آواز جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿي ويو.

"مون کي برسات ۾ پسڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. ٿڌو ٿڌو ڪرندڙ پاڻي، جسم ۾ عجيب ڪتڪتايون ڪندو اٿم." سرمد جيڪو سندس سامهون صوفا تي ليٽيو پيو هو، تنهن خورشيد کي چيو: "۽- تو کي؟" چڻ چوڻ چاهيندو هجي تہ مينهن ۾ پسڻ هلون.

"پسڻ تہ مون کي بہ پسند آهي، پر....." خورشيد ڪجھ وڌيڪ چوندي لفظ ڪائي وئي.

"پر؟" سرمد هن ڏانهن سوالي نگاهن سان ڏسڻ لڳو. جڏهن هوءَ ڪو خاطر خواه جواب پڙنسٽ ڳولي نہ سگهي تہ جواب وري بہ سرمد ڏنو.

"تنهن جو مطلب آهي، بينش جي ڪري ڪيئن هلجي." هن ٿڪي ڪل ڪلندي چيو: "ها-ها. ائين ئي ڄاڻ."

"ائين ئي ڄاڻ؟" هن سندس جملو سواليہ نموني دهرايو. "ان مان تہ ظاهر ٿو ٿئي تہ ڳالهہ ڪا ٻي آهي." سرمد شرارت ڀرين نظرن سان هن کي ڏسڻ لڳو.

هن کي ڪوبہ جواب نہ ٿي سجهيو، اُن ڪري کلڻ لڳي.

”اڙي ڇا ٿيو؟ اَن ۾ ڪلڻ جي ته ڪا ڳالهه ناهي.“

”ڳالهه ڪا روئڻ جي به ناهي.“

هاڻ هوبه کلي پيو. ٻنهي جي کل مينهن جي ڇپڪي ۾ ملي، ملياميٽ ٿي وئي. هن جهونگاريو.

”برڪا رُت جي باک پلي،

تون آءُ هلي، اي جيون ساٿي.

”پنل رُت جي سڳنڌ به مخصوص ٿيندي آهي، ائين جيئن.... جيئن.....“ هو شرارت ۾ پرجي چڪو هو.

”تُنهنجو اڌورو جملو مون سمجهي ورتو. تون جو ڪجهه چوڻ پيو چاهين، مان چاٿان ٿي.“

”واهه! ڏاڍي چاٺو ٿي وئي آهين؟ ڪڏهن کان؟“

سرمد جون اکيون، شرارتي نموني مُرڪي رهيون هيون.

”ڪڏهن کان؟ جڏهن کان توساڻ سجاڻ ٿي آهي.“ هوءَ انهيءَ رفتار سان سوئيٽر اُٿي رهي هئي. هيٺ بينش بانبڙا پائي، وچي ٽي-وي کي پهتي هئي ۽ ان کي جهلي، اٿڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سرمد ٽپ ڏئي اُٿي، جهٽ ڏئي بينش کي کڻي ورتو. هن کي اها سُڌ ئي نه پئي ته ڇا ٿي ويو، ورنه هوءَ ضرور ضد ڪري، روئي ها. هوءَ پنهنجي ننڍي ذهن سان انهيءَ ڪشمڪش ۾ هئي ته ڇا ٿي ويو.

سندس اوچتي ٽپ ڏيڻ تي، خورشيد به حيران ٿي هئي ۽ هٿ سوئيٽر اُٺڻ کان بيهي ويو هوس. هن به سمجهيو ته خبرناهي ڇا ٿي ويو. پوءِ حيرانگي گاڏڙ کل کلي.

”آه! اسان ته پنهنجي خيالن ۾ مگن هئاسين، ڪٿي هيءَ ٽي-ويءَ سوڌي ڪِري هئي، غضب ٿي وڃي ها.“ هوءَ هڪدم سوئيٽر هڪ طرف رکندي اُٿي آئي ۽ بينش کي ڳِل تي پيار ڀري ٿڦڪي هڻندي چيائين. بينش سمجهيو ته هوءَ ڪيس کڻڻ آئي آهي، ۽ هوءَ 'اون اون' ڪري وري به هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

”انسان ۾، پنهنجي مرضيءَ کي ڪيڏي نه اهميت آهي. جيتوڻيڪ هيءَ ننڍي آهي. اسان جي لحاظ کان بي سمجهه آهي، تنهن هوندي به ڪيس

پنهنجي مرضيءَ جو ڏک تو تئي ۽ ان جو اظهار به ڪري چائي.“

هن ڪڪيءَ کي هيٺ لاهي ڇڏيو. هوءَ وري به بانبڙا پائيندي، تيزيءَ سان اوڏانهن وچي رهي هئي.

”واقعي اهو سچ آهي ته انسان کي جنهن شيءِ ڪان جهلبو آهي يا جا شيءِ حاصل ڪري نه سگهندو آهي، انهيءَ کي حاصل ڪرڻ جي تمنا، هر ڳالهه تي حاوي پئجي ويندي اٿس. ان کي حاصل ڪرڻ واسطي في الحال ان جي نفعي نقصان جي پرواهه نه ڪندو آهي.“

۽ اهو به سچ آهي، خورشيد، پنهنجي مڙس سان تعلقات بگاڙڻ ڪان پوءِ، سرمد جي، هن ۾ گهري دلچسپي وٺڻ ڪانپوءِ ئي پاڻ سنڀالي سگهي هئي. ورنه هوءَ جتي به ويندي هئي، جنهن به سهيليءَ سان ملندي هئي، موٽڻ ڪان پوءِ روئندي ايندي هئي. ان وقت هن وٽ ايترن سوالن جا جواب ئي نه هئا. سرمد، سندس هر سوال جو جواب بڻجي سندس زندگيءَ ۾ داخل ٿيو هو. هن جا مڙس سان تعلقات به ان جي ڪري ئي خراب ٿيا هئا جو هن وٽ هر سوال جو جواب، پادر ۾ هٿ هو. زندگي ۾ آهي ئي انسان ڪامياب ٿيندا آهن، جن وٽ سوالن جا جواب هوندا آهن.

خورشيد وري وچي سوئيٽر ڪنيو ۽ ڳالهائڻ جو، واندڪائيءَ ۾ ماٺ جي مٽ کي پيچڻ جو سلسلو ڪجهه وقت تائين بند ٿي ويو.

سرمد اتي اچي گيلريءَ ۾ بيٺو. مينهن جي پوڻ، ڦڙين جي لڙهين کي ڏسي، لطف اندوز ٿيڻ لڳو. دور دور تائين نظر کي اماڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. سڄي فضا ۾ وسڪاري جي سڳنڌ پکڙيل هئي. سڀ وڻ ڏوپي ساوا ڇهچ ٿي ويا هئا. پري پري ڪان ڏنڌلا ڏسڻ ۾ ايندڙ جبل، ڪنوڻ جي ڪجڪار ۾ ائين ٿي لڳا چڻ ڪائي سانوري پوچارڻ هاڻ هاڻ، نديءَ مان اشنان ڪري نڪتي هجي. هن جي ساهن ۾ ان جي وارن جي چنبيل خوشبوءِ گهڙي وئي.

هوا ۾ تڏ وڌي وئي هئي. هوءَ وڌيڪ بيهي نه ٿي سگهيو، ان ڪري موٽي ڪمري ۾ آيو. خورشيد خاموشيءَ سان سُيون هلائي رهي هئي. سندس آڱريون ڪنهن خودڪار مشين جيان ٿي هليون. هو ڪجهه دير انهن آڱرين کي ڏسندو رهيو. اهي آڱريون ڪنهن تخليقڪار جون آڱريون لڳي رهيون هيون.

”انسان عظيم آهي. سندس هر تخليق عجيب ۽ ڪيڏي موهيندڙ آهي. سوئيٽر ته ٺهيل ٺڪيل به ملندا آهن، پر انهن ۽ هٿ جي اڻيل ۾ ڪيڏو تفاوت آهي. جا سونهن هٿ جي اڻيل سوئيٽر ۾ آهي، اها مشيني ٺهيل ۾ ڪڏهن ٿي نه ٿي سگهي.“

هو به ماٺ، بلڪل ماٺ، بنا اڪيجنپ جي ان وقت هن جي آڱرين ڪي هلائڻ ۽ سوئيٽر جي اڻت کي ڏسي رهيو هو. سندس ذهن ۾ ڀٽائيءَ جو بيت ڦرڻ لڳو:

”نه سي وڻوڻ وٽن ۾، نه سي ڪاتاريون،
پسي بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.“

”وٽن ۾ وڻوڻ ته اڄ به آهن، پر اهي ڪاتاريون.... ڇا ٿيو انهن جو؟ ڪيڏانهن ويون آهي؟ شايد انهن ڪاتارين مان ڪنهن جو ڀٽڪيل روح رلندو رلندو اڄي خورشيد جو روپ ڌاريو آهي.“

”ها، خورشيد هڪ خوبصورت ڪاتاري آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته اڻت جي جاءِ سين ورتي آهي ۽ ڪپهه جي جاءِ اُن.“

”خورشيد! لڳي ٿو، تون گذريل جنم ۾ ڪائي ڪپهه ڪتڻ واري ڪاتاري هئينءَ.“ سندس ماٺ جو شيشو، بيت سان ٽڪرائجي ڀڄي پيو.

”اها وري ڪهڙي جنم جنم جي ڦيري جي ڳالهه ڪوٺي ڪيڏي اٿئي. مون کي ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته تون آهين ڇا؟“

”مان، مان ڇا آهيان، ڇالاءِ آهيان، انهيءَ سان منهنجو ڪو به واسطو ناهي. مان آهيان، انهيءَ ۾ منهنجو ويساهه آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن مون کي اها جنم جنم جي ڦيري جي 'مٿتالاجي' حقيقت لڳندي آهي.“

هو ڳنڀير ٿيڻ جي ويو هو، ڇڻ هو پنهنجي گذريل جنم جي باري ۾ سوچيندو هجي. هڪ ڀيرو وري ڪمري ۾ ماٺ مڙهجي وئي.

ڪنهن گوڙ سبب سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. پريان ڇڪڙي تي ڪجهه مرد ۽ ٻار نعرا هڻندا پئي آيا. اٺ جي ڳچيءَ ۾ جهنڊيون ڦڙڪي رهيون هيون، جيڪي مينهن سبب پُسي ويون هيون. اٺ جي ڳچيءَ ۾ جهنڊيون ڦڙڪنديون ڏسي ڪانئس بي اختيار کل نڪري وئي. مرد ۽ ٻار گوڙ مچائيندا، هنبوشيون هڻندا، هن جي پر مان اچي لنگهيا. وسڪاري ۾ تيزي

اچي وئي ۽ هوا جو هڪ تيز جهوتو آيو. پنل جسم تي گهميل هوا جي ٽڪرجڻ سبب سندس جسم مان ڌهرڙي نڪري وئي. مينهن سندس لڱ لڱ مان ڳڙي رهيو هو. ڇڪڙي وارا اڳتي نڪري ويا هئا. اهائي مرڪ سندس منهن تي ڪڏڪيون ڏئي رهي هئي. هنن جا نعرا هوا ۽ مينهن جي آواز ۾ جهڪا ٿي ويا هئا. ڪيس ڳوٺ ۾ برسات جي موسم ياد آئي. اهڙي ڏينهن تي ڳوناٺا پار لانگوٽا ڪٽي گهٽين ۾ نڪري پوندا آهن ۽ هل هنبوشيون هڻندا ۽ گڏجي ڳائيندا: 'ڪارڙو ڪمرڙو، ان پاٽي ڏي ته مينهن وسي.' هن جي دل جي ڪنهن گوشي مان نڪتو: "ان پاٽي ڏي ته مينهن وسي، " ۽ مينهن وسي رهيو هو.

هڪ ٽيڪسي اچي سندس پرسان بيٺي. ٽيڪسيءَ ۾ هڪ مرد ۽ ٻه ٻار وينل هئا. سندس خيال ٽٽي پيا، ائين جيئن سندس هٿ مان ڪو شيشي جو ٿانءُ ڪِري پرزا پرزا ٿي ويو هجي. ٽيڪسيءَ جا وائپر هلي رهيا هئا، ڊرائيور شيشو هيٺ لاهي پڇيو: "ريتا گرائونڊ ڪٿي آهي؟"

"ريتا گرائونڊ؟ هي ريتا پلاٽ ضرور آهي، هي سڄو علائقو ريتا پلاٽ سڏبو آهي. پر مون کي ريتا گرائونڊ جي خبر ناهي، اوهان کي ڪنهن وٽ وڃڻو آهي؟"

"ريتا گرائونڊ ۾ ڪائي ميچ ٿيڻ واري آهي، مان ان لاءِ مهمان خصوصيءَ جا فرائض سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪوٺايل آهيان. راند ڇا ٿيندي، بس 'فارملٽي' پوري ڪرڻي آهي." اندر وينل مرد جهڪندي، هن ڏانهن گهوريندي ڇيو.

انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيائين: "مونکي ريتا گرائونڊ جي خبرناهي."

ڊرائيور ايڪسيليٽر تي پير رکيو ۽ ٽيڪسي اڳتي وڌي وئي. هو سوچي رهيو هو ته: ڪيس هتي آئي هڪ سال پورو گذري ويو آهي، ان هوندي به ڪيس هن علائقي جي پوري ڄاڻ ڪانهي. ڄاڻ ڪيئن ٿئي، هو ڪيڏانهن اچي وڃي، گهمي ڦري، ملي جلي ته خبر پوي. هو ته محدود آهي، آفيس کان گهر ۽ گهر کان آفيس. ملڻ وارن جو حلقو تمام محدود. بلڪل نه جي برابر، پوءِ ڪيس ڄاڻ ڪيئن پوي؟. هُن ويندڙ ٽيڪسيءَ تي هڪ اچاتري نظر

اڇلائي.

روڊ تان مينهن جو پاڻي ائين ئي اڙهو، ڄڻ ڪنهن واهڙ کي ڪنڌ پيو هجي ۽ هيٺائينءَ ۾ ڪنو ٿي رهيو هو. اتي ڪجهه ٻار تڙڳي رهيا هئا ۽ هڪٻئي کي پاڻيءَ جا ڇانڊارا هڻي رهيا هئا. پويان هڪ گهر جي دروازي تي، ڪائي ننڍي نينڍي نينگري پاڻيءَ ۾ پسي ۽ ٻارن کي تڙڳندو ۽ هڪٻئي سان کيچلِ ڪندي ڏسي، خوش ٿي رهئي هئي. هو روڊ جي وچ حصي تي هلي رهيو هو. بجليءَ جي ٿنڀن کان پاڻ بچائيندو ۽ تيڏي اک سان نينگريءَ کي ڏسندو ٿي ويو. سندس ذهن ۾ آيو ته ان وٽ هليو وڃي ۽ وڃي چوي: ”ڇو اڪيلي بيٺي آهين؟ اچ ته گڏجي پسار ڪريون. ڇا توکي هيڪڪلائيءَ ۾، ڪنهن جي هڻڻ جي تمنا نه ٿي ٿئي؟“ پر ائين ڪري نه سگهيو. اها ڳالهه سندس وس کان ڇڙهيل هئي. هيءُ معاشرو ايتري اجازت نه ٿو ڏئي. هن معاشري اسان کي ذهني نبل ٻڌائي ڇڏيو آهي. اسين خواهشن جا قاتل آهيون.

هو اڳتي وڌي ويو. وڌندو ٿي رهيو، تمام سُست رفتاريءَ سان. ڪيس مينهن کان بچڻو ته هو ڪونه. ائين ئي ان نينگريءَ تي گهڻو سوچڻ به نه پيو چاهي. جنهن کي پاڻي.نه ٿو سگهجي، تنهن لاءِ هرويرو سوچي، ڇو پاڻ کي پريشان ڪريان.

هن يادن جي ٽٽل شيشي جا پرزا ميڙي، انهن کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ ياد، ڇنال ڇوريءَ جيان ڇال ڏيندي، سندس ذهن جي قيدخاني جون ديوارون ڇلانگيندي، ٻاهر نڪري آئي.

هڪ مخصوص سڳنڌ، هڪ مناس، هڪ عجيب ڇهاءُ ۽ ڇهاءَ- رس، نه ڄاڻ ڪٿان هن وٽ رسيو، جيڪو هن محسوس ڪيو.

ڇا ڪائي سڳنڌ به فضا مان غائب ٿي نه ٿي سگهي ۽ عرصي پڄاڻان به اها هوا ۾ موجود ٿي رهي. ماڻهو رڳو ان کي محسوس ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ڪجهه حساس ٻڌائي ۽ پنهنجا حواس استعمال ڪري. يا اڄ مون تي ڪنهن شاعر جي حواسن جو غلبو ٿيو آهي، جو جماليات، جيڪا انسان جي ڇهن ئي حواسن سان تعلق ٿي رکي، مون ۾ واسو ڪيو آهي. مون اڄ ڪيڻ خورشيد جي جسم جو هڳاءُ، بدن جو مناس محسوس ڪيو آهي. سندس وات ۾ پاڻي اچي ويو.

هوءَ ڪنهن سهيليءَ جي ڪڪيءَ جي جنم ڏينهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تياري ڪري رهي هئي. ڪانئس ڪپڙن پهرڻ لاءِ مشورو ڪيو هئائين. هوءَ جڏهن ساڙهي پائي ۽ اُن تي چست بلائوز پائي آئي هئي تہ ڪيڏي نہ سُندر لڳي رهي هئي. هن جو جسم ساڙهي پهرڻ لاءِ سؤ سيڪڙو درست هو. سائي رنگ جي ساڙهي ۽ ان تي ڪاري ۽ گلابي رنگ جي گلڪاري، اُن جي مناسبت سان هلڪو ميڪ اپ ڪيل. سڄي گهر ۾ هن جو هڳاءُ پکڙجي ويو هو. هن جا نقش فضا مان ايرڻ لڳا. اول ڪيس هن جو صرف پاڇولو محسوس ٿيو ۽ پوءِ اهو پاڇولو ويو چٽو ٿيندو، ويو چٽو ٿيندو ۽ نيٺ خورشيد سندس سامهون هئي.

اهوئي ڪٽڪ رنگو چهرو، ڀريل جسم، وڏيون اکيون، جن ۾ ڪجل جي ريکا. پورو پنو قد، ڀريل ڳل، لپ اسٽڪ لڳل چپ. اهو روپ، جنهن کي هن زندگي بخش روپ سڏيو هو، سندس سامهون هو.

”ٻڌاءِ، هن لباس تي وار ڪيئن ٺاهيان. چوٽي ڪريان يا جُهوڙو ٻڌايان؟“

سندس ڏٺا، ڪارا وار هوا ۾ جهلڪا ڏئي رهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سندس چهري تي اچي تي آيا، جيئن سانوڻيءَ جي چوڏهينءَ جي چنڊ تي ڪائي ڪڪري هوا تي ڏڪجي، مٿان لنگهي، ٿوري وقت لاءِ هن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي. پر چنڊ ڪٿي ٿو لڪي سگهي. هن ٿوريءَ دير لاءِ پيرن کان مٿي تائين سندس جائزو ورتو ۽ کيس ڏسندو ئي رهيو.

”تڪڙ ڪر، دير ٿي ٿئي. هيٺ سڀ ماڻهو پهچي ويا آهن.“

”وارن کي کولي ڇڏ.“

”کولي ڇڏيان؟“

”ها، کولي ڇڏين. پل تہ آزاد فضا ۾ پنهنجي آزاديءَ جو پورو پورو فائدو وٺي سگهن. ٻَڌل تہ سدائين رهندا آهن. خوشيءَ جي موقعي تي باندين کي ڇوٽ ملندي آهي. مون کي کليل وڏا وار ڏاڍا وڻندا آهن.“

هن وار ڇوڙي ڇڏيا. ڇڙيل وار هوا ۾ لڏي رهيا هئا، جيئن قيدي آزاديءَ جو ٻڌي خوشيءَ ۾ نچڻ ٽپڻ لڳندا آهن. ان وقت هن کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ آڻيندي، سندس سيني تي هڪ مُهر هڻي هئائين. هن جي

جسم جي سڳنڌ ۾ مناس، هن جي رڳ رڳ ۾ پيهي ويو.

هوءَ نڪ نڪ ڪندي، ڍيل جيان ٽلندي، هن جي سامهون وچي رهي هئي. هن جي چنچل من چاهيو تہ هن وقت ڪيس وڃڻ نہ ڏئي. بس، ڪيس ويهاري، ان ئي حالت ۾ ڏسندو رهي.

ڪيڏو نہ بهتر وقت هو اهو. جيڪڏهن وقت موٽي نہ سگهندو آهي تہ پوءِ ان گذريل وقت جيان، انهن يادن کي بہ موٽڻ نہ گهرجي. ماضيءَ جو حال ۾ مستقبل سان ايترو ئي واعدو آهي ڇا؟ تہ سندس نشان حال ۾ مستقبل ۾ ملندا رهندا. ڪن ڪنڊرن مان ۾ ڪڏهن ذهن جي تهہ خانن مان.

۽ هڪ ڏينهن ڪاش! اهو ڏينهن ڪڏهن بہ نہ اچي ها. پل تہ سدائين رات هجي ها، رات جنهن ۾ ماڻهو حسين ترين سپنا ڏسندو آهي. اهي سپنا صبح ٿيندي ئي ٽٽي پوندا آهن. ماڻهو ڪجهہ وقت تائين وياڪل ٿي ويندو آهي. ان ڏينهن سندس سماڏيءَ ۾ ڪوئي راڪشس ڪاهي پيو هو، سندس سماڌي ڀنگ ڪرڻ خاطر. هو ان راڪشس کي ڇاٽي پيو، سندس دوست ئي هو. جيتوڻيڪ ارشد جي تعريف بہ پاڻ ئي هن سان ڪئي هئائين، ڪيس ڪهڙي خبر تہ هڪ ڏينهن اهوئي ارشد سندس سماڌي ٽوڙي وجهندو.

ڪيس ياد آيو، هڪ ڀيري معمول مطابق ڳالهائيندي مرد جي بي وفائيءَ جي ڳالهہ نڪتي هئي. ڪيئن نڪتي هئي، ڇو نڪتي هئي، اها ان وقت بہ ڄاڻ نہ هين. بهرحال خورشيد پنهنجي ڄاڻ مطابق دليل ڏنا هئا. "ائين ناهي، اهي سڀ فلمي ڳالهيون آهن، جيڪي هن دؤر جي ئي پوري عڪاسي ڪري نہ ٿيون سگهن. مردن جي وفاداريءَ سان تہ تاريخ ڀري پئي آهي. پري وڃڻ جي بہ ڳالهہ ناهي، سهڻي- ميهار، سسئي- پنهون، هير- رانجهو ۽ ليلان- مجنون کي ئي ڪٽي ڏس. جيڪڏهن انهن داستانن ۾ عورت وفادار رهي آهي تہ مردن بہ ڪو پاڻ گهٽ نہ ملهايو آهي. جيتوڻيڪ انهن داستانن جا مڙئي مرد وڏ گهراڻا بہ هئا."

هن خورشيد جو اشارو سمجهي ورتو هو تہ هن اها ڳالهہ ڪهڙي سبب ڪري ڇيڙي هئي.

"وقت تي ڇڏي ڏي ان ڳالهہ کي خورشيد! اهو فيصلو تون ۽ مان ڪري نہ سگهنداسون. وقت پاڻ ئي اها ڳالهہ فيصل ڪندو تہ ڪير وفادار ۽

ڪير.....".

هن ڪلندي ۽ ڇاٽي ڀڇهي اهو جملو اتي ڇڏي ڏنو.

"مردن اڳيان مجبوريون ۽ خانداني وقار به ايندو آهي."

"ڇو هريرو انهن غيرحقيقي ڳالهين تي ڳنڍ ٻڌي ويٺي آهين؟ اهي فلمون اسان جي معاشري ڪي سڌارڻ بدران بگاڙڻ لڳيون آهن. جيتوڻيڪ اهي معاشري ڪي سڌارڻ جو بهترين ڪردار ادا ڪري ٿيون سگهن، پر هتي ته آهي رڳو پئسو ڪمائڻو. معاشري جو سڌارو ٿئي يا بگاڙو، ان ۾ هنن جو ڇا؟ ليڪو ڪبو ته سيني فلمن جي ڪهاڻي لڳ ڀڳ وڃي ساڳي بيهندي. اسان جي ماڻهن جو سڀ کان پهريان مسئلو آهي پيٽ. هنن سڀ کان پهريون مسئلو عشق ڪٿي بڻايو آهي. چوندا آهن: 'ڊؤ آهي ته ڊول به آهي، ڊوَ بنا ڊول ٿي ئي نه ٿو سگهي.' ان ڪري فلمي دنيا وارا معاشرو ئي سرمائيداراڻو ڏيکاريندا آهن. پوءِ اهي بي وفايون به ان سرمائيداري نظام جو هڪ حصو آهن."

هو ڪلندي ڪلندي سنجيدو ٿي ويو ۽ هن کي هڪ ننڍو ليڪچر ڏئي مٿي چڙهيو. ڇيائين ته پتائي پڙهي ڏس:

"بکيءَ ڪل نه اڇهي، ڏکيءَ ڏمر ناه،
اگهاڙي وهاڻءِ، ويو ويچاري وسري"

هو نباهي رهيو آهي ۽ نباهيندو رهندو، جيسين اهي يادون سندس ذهن جي تهه خانن ۾ موجود آهن. انسان پنهنجو پهريون پيار وساري نه ٿو سگهي. ڪٿي هو انهن يادن کي وسارڻ جي ڪيڏي به ڪوشش ڪري، پر زندگيءَ جي ڪنهن به چؤواٽي تي اهي سندس سامهون اچي بيهن ٿيون ته انوقت هو حواس باختہ ٿيو وڃي. پيار به هڪ اهڙو نشو آهي، جيڪو جڏهن چڙهندو آهي ته لهڻ جو نالو ئي نه وٺندو آهي. "شايد مان هن جو پهريون پيار نه هوس، ورنه هوءَ ڪڏهن به ائين نه ڪري ها."

هوءَ جا هاڻ ديس ۾ ئي ناهي، ان لاءِ چا ٿو چئي سگهجي. ٿي سگهي ٿو ته ديس کان ڪرهين ڏور رهندي، اڄ ڪيس ياد ڪندي هجي. هڪ غيرمنطقي جواب هن جي ذهن ۾ آيو: 'ياد ڪر تان ياد ٿئين.' هن کي ته ڪيترا پيرا سندس موجودگيءَ جو احساس به ٿيو آهي. ڪڏهن ڪيس هلندي

ائين لڳندو آهي ته هوءَ ساڻس گڏ هلي رهي آهي.

مِني بس جي اڳينءَ سيٽ تي ٻئي گڏ ويٺا هئا. بينش ڪڏهن هن ڏي، ته ڪڏهن خورشيد ڏي آئي ۽ وئي پئي. هن کي ڪنهن سهيليءَ جي دعوت ۾ وڃڻو هو. ان ڪري سرمد کي چيو هئائين: ”جڏهن تون ڊيوٽيءَ تي وڃين ته مونکي به وٺيو هلج. صدر مان رڪشا تي هلي ويندس. هتان هيڪلو نڪرڻ ڪجهه عجيب لڳندو اٿم. بس ۾ بينش به تنگ ڪندي.“

هن انڪار نه ڪيو هو. انڪار ڪري به ڪيئن ٿي سگهيو. هڪ سيٽ تي ويٺي هو خوش هو. خوش هوءَ به هئي. رستي ۾ سندس سهيليءَ جي باري ۾ ڳالهايو هئائون. هوءَ سندس ڪلاس ميٽ هئي ۽ اتان سندس ساهيڙپ هلي هئي.

”جيڪڏهن تون هلين ته بهتر. رضيه ايتري ڪُند ذهن ناهي جو تو ۾ يا مون ۾ ڪو شبهو ڪري. مان ڪيس ائين چئي به تاري ٿي سگهان ته رات جو هيڪلائپ ڪان سرمد کي وٺي آئي آهيان. ڇا تون منهنجو پاڙيسري ناهين؟“

”آهيان- سؤ سيڪڙو سچ آهي. پاڙيسرين جا ڪهڙا حق آهن، اهي به ڄاڻان ٿو. ان ڪان سواءِ مان ايترو روشن خيال به آهيان ۽ تنهنجي سهيلي به تو جيان ٿي هوندي. مان هن جي ذهنيت تي شڪ نه ٿو ڪريان، پر مون کي ڊيوٽيءَ تي ضرور وڃڻو آهي. مون ڪافي موڪلون ڪيون آهن، هرويرو غيرحاضر رهڻ بهتر نه ٿو لڳي.“ هن ڪيس اڪيلي وڃڻ لاءِ راضي ڪري ڇڏيو. هو چاهيندي به نه ويو هو.

مينهن ان ئي رفتار سان هلي رهيو هو ۽ هاڻ ته مينهن سان گڏ، تيز هوا به گهلي رهي هئي، ان ڪري پِنل جسم تي هوا جي ڇهاءَ ڪري ڪيس ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي. اوچتو هڪ سوزوڪي تيزيءَ سان آئي ۽ بيٺل پاڻيءَ جا ڇانڊارا هن کي هڻندي، اڳتي نڪري وئي. سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. هن ڪنڌ ڪٽي سوزوڪيءَ ڏانهن ڏٺو. پويان ويٺل ماڻهو پنهنجي حرڪت تي پشيمان ٿيڻ بدران فتحيابيءَ واري کِل کلي رهيا هئا. سندس ڪلڻ تي ڪيس مٺيان لڳي ۽ زور سان چيائين: ”سورهيائيءَ تي کِل ٿي اچيوَ.“ ڪجهه سردي ۽ ٿَڪ محسوس ڪري رهيو هو، ان ڪري گهر وڃڻ لڳو. هو ننڍا ننڍا قدم کڻندو، روڊ تان لهي ويو.

اندر اڳني

هن دنيا ۾ اهڙو ته ڪو ماڻهو آهي ئي ڪونه، جنهن کي ڪو ڏک ئي نه هجي. هرڪو ڏکي آهي. هر ڪنهن کي پنهنجو ڏک، ٻئي جي ڏک کان وڌيڪ محسوس ٿيندو، پر ته ڪٿي اهو ٻئي لاءِ ڪابه معنيٰ نه رکندو هجي. هو به ڏکي آهي. پائيندو آهي ته سندس جهڙو ڏک ڪنهن کي به نه مليو هوندو. زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪو سک نه سريو اٿس. بس، سک صرف پنهنجي جهلڪ ڏيکاري، ڪيس اڃا به وڌيڪ ڏکي ڪري وڃهندو آهي. ان ڪري اڪثر خوشين کي برداشت نه ڪري سگهندو آهي. خوشيءَ کي پرائي عورت مثال پائيندو آهي.

هو حساس طبيعت هئڻ ڪري ڏکي آهي يا وري مسلسل ڏک سهڻ جي ڪري حساس طبيعت ٻڻجي ويو آهي. بهرحال ڪانئس ڪنهن جو ڏک سنو نه ٿيندو آهي. ڪنهن کي به ڏکي پائيندو يا ڪو ساڻس پنهنجو ڏک سليندو ته چوندو جيڪر اهو سمورو ڏک ڪيس ملي وڃي ۽ اڳلو ان کان وانجهي وڃي. پوءِ سندس ڪوشش شروع ٿي ويندي، ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتيون ننڊ ڦٽائي به جدوجهد ڪندو ته ڪنهن به نموني ان جو ڏک پلائي وجهي ۽ ان جي بدلي ۾ هن جي مک تي مُرڪ ڏسي. اهائي سپ کان وڏي خوشي پائيندو. سک جو ساهه کڻندو. انهن اوجاڳن ۽ مسلسل ڪم، سوچ ۽ ذهني پريشانيءَ جي ڪري پنهنجي صحت جو خيال به پلائي ڇڏيندو. اها سندس عجيب فطرت آهي. هُن ڏک کي گهڙي پلڪ پلائڻ لاءِ ڪتابن جو

سهارو ورتو آهي.

اڄ به ڊيوٽيءَ تي هو. ڪم پورو ڪري چڪو هو. ذهني ٿڪاوٽ کي دور ڪرڻ لاءِ ڪرشن چندر جو 'ملن' پڙهي رهيو هو ته اوچانڪ ڪنهن جي آهٽ تي منهن تان ڪتاب پري ڪري ڏٺائين. هڪ ڇوڪري، اڇي ڪوٽ ۾، سانوري، هڙبائين جهڙي، لڳس ٽي-بيءَ جي مريض آهي. هٿ ۾ رت جي شيشي، سندس آڏو اچي بيٺي.

ڪتاب پرواري ٽيبل تي رکي، سامهون واري ٽيبل تان ٽنگون لاهي، هڪ اونهو ساهه کڻندي، پاڻ کي وري ڪم ڪرڻ لاءِ ذهني طور تي تيار ڪرڻ پئي چاهيائين. "ها حڪم، ڇا ڪرڻو آهي؟" هن جي هٿ ۾ نه رجسٽر ۽ نه ڪو پرچو. هن شيشي هٿ ۾ ڏيندي چيو: "رت جي بوتل ڪپي."

جهٽ لاءِ خاموش ٿي ويو، مَنيان وٺي ويس. پر هن کي پهريون پيرو ڏٺو هئائين، سمجهيائين نئين آهي، ان ڪري ڪجهه چئي نه سگهيس، ڪوبه ڪاوڙ جو اظهار نه ڪيائين: ڪيس مٿي ڳالهه هيٺ تائين ڏٺائين، ڇڻ نئين هجڻ جي پڪ پئي ڪيائين ۽ پوءِ وارڊ انچارج تي غصو آيس، پر اهو به ڪائي ويو. هو ذهني ٿڪايل هو، ان ڪري ذهن تي وڌيڪ بوجهه وجهڻ نه ٿي گهريائين.

چيائين: "پهريون پيرو آئي آهين؟"

"ها، ڪم سکڻ آئي آهيان. طبيه ڪاليج جي ٽئين سال جي شاگرديائي آهيان."

اڃا به تڏو ٿي ويو، سندس شڪ پورو نڪتو ته هيءَ هتي جي ناهي. پر پوءِ به ڪيس وارڊ انچارج تي مَنيان هئي جو هن ڇڪيءَ طرح سمجهائي نه مڪو هوس. پڇيائينس: "هن جو ضروري پرچو Request form ڪٿي آهي. ان ڪانسواءِ قبول ٿي نه ٿيندو. هي هتي رکي وڃ، پرچو نهرائي اچ."

هوءَ ٿورو وقت بيهي رهي، ڪجهه سوچي چوڻ لڳي: "مان هتي سکڻ آئي آهيان، جيڪڏهن اوهان کي تڪليف نه ٿئي ته مون کي ڪجهه سيکاريندا."

اول ته سوچ ۾ ڪونئجي ويو، ڪجهه سجهيس ٿي نه پيو ته ڪهڙو جواب ڏئي. نيٺ هائو ڪري ويهي رهيو.

"مان وارڊ وارن کي ٻڌائي جلدي اچان ٿي."

وري به ڪتاب کڻي پڙهڻ شروع ڪيائين، اڃا هوءَ در تي ئي هئي ته پڇيائينس: "معاف ڪجو، جي ٻُرو نه لڳيوَ ته پنهنجو نالو ٻڌايو."

جواب مختصر ڏنائين: "ريحانه."

ٿوري ئي دير ۾ هوءَ آئي، ڪيس رتَ جو گروپ Blood Group ڪرڻ سيڪاريائين ۽ هوءَ آئينده اچڻ لاءِ چئي هلي وئي.

ان ڪانپوءِ اهو سلسلو جاري ٿي ويو. سندس هفتي ۾ هڪ ڏينهن ٢٤ ڪلاڪ ڊيوٽي لڳندي هئي ۽ ان ڏينهن هوءَ به اچي ويندي هئي. هو ڪيس گهر وٺي ويندو هو ۽ ماني کائي، ٿوري دير ساهي پٽي وري ڪم ڪرڻ ۽ هن کي سيکارڻ لاءِ ايندو هو.

ماڻهو ڪڏهن پنهنجي من تي ڪيئي مونجهارا کڻي هلندو وتندو آهي ۽ انهن کي سلجهائڻ لاءِ سوچيندو به ناهي. ان ڪري ايترو ته انهن ۾ ڌيجي ويندو آهي، جو انهن کي بيان ڪرڻ، ڪنهن کي ٻڌائڻ کان به لنوائيندو آهي. سمجهندو آهي ته انهن جو سلجهاءُ ڪنهن وقت به ٿيڻو ناهي، جنهن ڪري سندس مَن مايوسين جو شڪار ٿيو پوي ۽ ڪئين روڳ ورايو وٺنس.

هوءَ آئي ته سندس چهرو ڏاڍو معصوم لڳس، پر سندس معصوميت مان ڪا پيڙا جهلڪا ڏئي رهي هئي. هن کي جڏهن به ڪنهن ۾ پيڙا جو شڪ پوندو آهي، ڪنهن کي ڳالهائڻ، ڪنهن جي رَوشَن ۾ پيڙا پريل هوندي آهي ته اُها پرکي وٺندو آهي. اها هُن جي خاصيت آهي. شايد ان ڪري جو سندس مَن به روڳي آهي. هن ڀانيو ته هڪ روڳي ٻئي روڳيءَ ڏانهن ڇڪجي آيو آهي. سندس اَشانت مَن کي ميلن جي وڇوٽيءَ وچ ۾ اهڙو ڪويه نه مليو هو جنهن ڏي لَڙي پوي ها. دک کي دک ڏانهن مقناطيسي ڪشش ٿيندي آهي. هي مقناطيس ايترو ته مضبوط ۽ طاقت وارو آهي جو دک کي ميلن تان ڇڪي ٿو وٺي. هيءَ اهڙي ڇڪڻ آهي جنهن جي ويجهو گذرندي، اجگر جيڏا پيڙا گهلجي ايندا آهن. بس، ڪي ڪي ان کي سنگهي پري کان موٽ کائي ويندا آهن.

هوءَ سامهون ويٺي هئي. هن پنهنجو ڪم پورو ڪيو ۽ ڪيس سمجهائڻ جي لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لاءِ اُٿي، منهن ڌوتائين. ٿڪاوٽ سندس

ڇهري جي ورنن مان نڪري پئي هئي، جنهن کي ڪافي ڪوشش جي باوجود به لڪائي نه سگهيو هو.

"اوهان کي هڪ ڳالهه چوڻي اٿم." ريحانه چيو. سندس ڇهري تي سموري پيڙا اوتجي آئي هئي.

بي تحاشا جملي ٻڌڻ تي هلڪو ڇرڪي پيو. ٽوال منهن تان هٽائي چيو هٽائين: "چئو، ڇا ٿيون چوڻ گهرو." ڇاتو هٽائين ته شايد ڪم جي باري ۾ چوندي.

"اوهين ويهو اچي ته پوءِ چونديس." وراڻيائين.

هو جلدي منهن اگهي ٽوال اڇلي، اچي ڪرسيءَ تي ٿانءَ تي ڪريو.

"اوهان سان هڪ راز سَلڻ ٿي چاهيان، پر اوهين واعدو ڪريو ته ڪنهن کي به نه ٻڌائيندا." پيڙا ۽ پڇتاءَ جا ڳاڙهو ساڙ ڀاوَ سندس منهن کي وڪوڙي ويا. اول ته حيران ٿي ويو. اڪمون سوال بنجي ويس. ڪهڙي ڇوڪري آهي، جيڪا ايتري ٿوري عرصي جي سڃاڻ ۾ ڪو راز سلڻ ٿي گهري. ڪهڙو راز اٿس. "ها چئو. مان ڪنهن کي به نه ٻڌائيندس"

"توهان واعدو ڪريو، سُنهن کئو." هوءَ روئڻهارڪي ٿي ويئي، ڇڻ ڪيس پڪ هئي ۽ نه به هئي.

"مون کي اهڙين ڳالهين تي اعتبار ڪونهي. جي مون ۾ اعتماد رکيوَ ته اميد ته مان ان ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪندس. تون بي ڌڙڪ ٻڌائج." سندس شانت شرير ۾ ڄڻ هلچل مچي وئي.

ڪنهن نوجوان ڇوڪريءَ سان هيئن هيڪلو ويهڻ هن لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئي. هو ڇوڪرين جي معاملي ۾ سدائين آزاد خيال رهيو آهي. جنهن سان به سندس چاڻ سڃاڻ ٿي آهي ته ان کي سدائين اها تلقين ڪندو آهي ته: "اها ڳالهه وساري ڇڏ ته تون ڪا هن وقت ڇوڪري آهين، سمجهه ته تون مون جهڙي يا مان تو جهڙو آهيان."

ان مان سندس اهو مقصد هوندو آهي ته جيڪڏهن ائين نه ڇاتو ويندو ته پوءِ ڪا ڪٿر رهجي ويندي، خيالن جو اظهار کليءَ دل سان ڪري نه سگهبو. هن خورشيد سان سياست کان سيڪس تائين ڳالهايو هو.

هن هر هر پئي واعدو ورتس ۽ ان تي ڪيس مڃيان پئي آئي.

سوچيائين پئي ته: "جيڪڏهن ڪيس اعتبار نه آهي ته هرويرو چو ٿي ايترا واعداوني."

هن چوڻ شروع ڪيو، "هيءَ ڳالهه اهڙي آهي جيڪا مون ستن سالن کان سيني اندر سانڍي رکي آهي ۽ ڪنهن سان به نه سلي اٿم. جنهن جو زهر مون کي اندر ئي اندر وڌ وجهي رهيو آهي. جنهنڪري منهنجي صحت تيزيءَ سان ڪري پئي. جسماني واڌ بيهي وئي. جڏهن به خيال ايندو اٿم ته جهوري وجهندو اٿم، سڄي لرزي ويندي آهيان. ماءُ کان وٺي پياري ۾ پياري سهيليءَ کي به ٻڌائي نه سگهي آهيان."

"ڌيرج ڪر، مون تي اعتبار ڪر. من تان مونجهه ۽ ڏهن تان بار تڏهن ئي هلڪو ٿيندو آهي، جڏهن اهو سور ڪنهن سان سلبو آهي. مان ڪوشش ڪندس ته تنهنجو اهو مسئلو حل ٿي وڃي." هن چيو.

"هيءَ حل ٿيڻ جهڙو مسئلو آهي ئي ڪونه. بس، هڪ پيڙا آهي، هڪ روڳ آهي، جيڪو زندگي جو روڳ بڻجي چڪو آهي. هڪ درد آهي جيڪو ساهه ۾ اٽڪي پيو آهي. ڪڏهن به ڪي پاڻ ۾ ڪلندي خوش ٿيندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي ڏسندي آهيان ته منهنجو من ريهون ڪندو آهي، اندر اڌ ٿي پوندو آهي ۽ مان اتي بيهي نه سگهندي آهيان. ڪين ڏسي نه سگهندي آهيان. سهيليون چونديون آهن توکي ساڙ تو ٿئي، پر مان هنن کي ڪيئن ٻڌايان ته مون کي ڪهڙو ۽ ڪيڏو ڏپ ٿو ٿئي." هوءَ چئي رهي هئي، سندس سڪل ڳل، اجان به اندر تي پيهي ويا. اکيون، بي آب اکيون، ان ڌرتيءَ جيان ٿي لڳيون جنهن کي ورهين کان ڪو ريج نه مليو هجي.

"مون هي راز ڪنهن سان به نه سليو آهي، ويندي ياءُ، پيڻ ۽ ماءُ تائين به نه. سوچيندي آهيان ته جيڪڏهن هنن کي خبر پئي ته هو تباهه ٿي ويندا."

هن جي حالت عجيب ٿيندي ٿي وئي. گلو پرجي ويو هوس. ڳالهائڻ ۾ تڪليف پئي محسوس ڪيائين. سڏڪي رهي هئي پر سندس اکين مان چڻ ته پاڻي ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو هو.

"تون سمجهندين ته مان تنهنجي همدردي حاصل ڪرڻ ٿي گهران، پر ائين ناهي. مون کي ڪنهن جي به سگهي همدرديءَ مان ڪو سڪون نه

ملندو. افسوس اهو آهي تہ مان ايترو تہ گهٽو، پورا ست سال رنو آهي، جو هاڻ مون کان ڳوڙها بہ سات ڇڏي ويا آهن. ڪجهہ ڏينهن کان، الائي ڇو منهنجي دل ان راز کي ساندي رکڻ جي سگهہ وڃائي ويٺي آهي. منهنجي اندر، اهو راز توتي عيان ڪرڻ تي آماده ڪيو آهي ۽ مون رات سڄي پاسا ورائي گهاري آهي."

هُو خاموش هو. صرف رڪي رڪي هون، هان پئي ڪيائين. هن ۾ تجسس وڌندو ٿي ويو. جلد ئي ٻڌڻ جي تمنا هئس، پر ڪيس تڪڙ ڪري نہ سگهيو. هن وري چوڻ شروع ڪيو.

"اسان تي ڀينر، ڇهہ ڀائر آهيون. پيءُ ۽ ٻن ڀائرن کي واپدا ۾ نوڪري آهي. ٻيا پڙهندا آهن. منهنجو رنگ ڪارو آهي نہ، پر جي منهنجي وڏي ڀيڻ ڏسين تہ محسوس ڪندين تہ اها منهنجي ڀيڻ ٿي ناهي. هر ڪو مونکي نوڪيندو آهي ۽ ڪاري هئڻ جا مهٽا ڏيندو آهي. امان کي هرڪا چوندي آهي تہ هن کي ان ڪري تي پڙهائين تہ جيئن سندس رنگ ان ۾ لڪي وڃي ۽ ان بهاني اگهامي سگهي. اها ڳالهہ مون کي ڏاڍي بري لڳندي آهي، دل چاهيندي آهي تہ ان جي زبان ڇڪي وٺان. پر مان احتجاج ۾ اتان اٿي ويندي آهيان. وري ڪين شڪل نہ ڏيکاريندي آهيان."

هن کي اهي ڳالهيون بي سود پئي لڳيون، جن جو ڪوبہ مقصد نہ ٿي محسوس ٿيس. خبرناهي هوءَ اصل مقصد واري ڳالهہ ڇو نہ ٿي ڪري. متان اچي ڏينهن ڊليو هو چيائين: "ڪارو هجڻ ڪو گناهہ تہ ناهي، دنيا ۾ سڀ گورا سٺين خصلتن وارا تہ نہ ٿيندا آهن ۽ ائين بہ ناهي تہ ظاهري ڪارا اجرو اندر نہ ٿا رکن." هن مرڪندي چيو.

"شڪيل منهنجو ماسات آهي." هن چوڻ شروع ڪيو، "ها، توکي اهو ٻڌائي ڇڏيان تہ ڪافي عرصو اسان انهن سان نہ ڳالهائيندا هئاسون. پوءِ وچي هن سان ناطہ ٿيو ۽ هڪ ٻئي ڏي اچڻ وڃڻ شروع ڪيوسون."

هو ڪرسيءَ تي پاسو ورائي رهيو هو ۽ سوچيائين پئي تہ خبرناهي تہ چوڻ جا ٿي گهڙيءَ ايڏي دير ڇو ٿي ڪري. هاڻ هو خفا ٿيڻ لڳو هو.

"هڪ ڏينهن، اهو رمضان جي ٢٧ جو ڏينهن هو. مون کي روزو هو ۽ مان عيد جا ڪپڙا سبائڻ لاءِ هڪ سهيليءَ وٽ ڪٽي پئي ويس. ڏاڍي پسند

مان اهي ڪپڙا خريد ڪيا هئم. ڇا ڇا سوچيو هوم ۽ سڀ ڪجهہ خاڪ ۾ ملي ويو."

هاڻ سندس نيڻ برسڻ لڳا. هي ڪجهہ سمجهي رهيو هو ۽ ڪجهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سندس اکيون هڪ هنڌ ٽڪ ٻڌي بيهي رهيون هيون. سندس چهري جا تاثر بدلجڻ لڳا.

"مون کي شڪيل رستي ۾ ملي ويو. مون کي ڏسي بيهي رهيو، چيائين: "توکي امان گهرايو آهي."

"ڇو خير تہ آهي؟" پڇيومانس.

"خبرناهي، مان ٻاهر پئي نڪتس تہ مون کي چيائين ۽ مان هليو آيس."

مون کي فڪر ٿي پيو، خبرناهي ڪهڙي ماجرا هجي. اول خيال آيو تہ چوانس تہ مان سهيليءَ وٽان ٿي پوءِ ايندس. پر وري سوچيم الائي ڇو سڏايو اٿس، چوندي تہ پنهنجو ڪم ايترو ضروري سمجهيائين ۽ مون کي اهميت نہ ڏنائين، ان ڪري اتان ئي هن سان سندس گهر هلي ويس. گهر پهتاسون تہ ڪوبہ نہ هو. چيائين پاڙي ۾ ويا آهن، ايندا ئي هوندا، تيسين تون منهنجي ڪپڙن کي استري ڪري وٺ.

مون اِستري بہ ڪري ورتي ۽ هبن جو اچان ڪو پتو ئي نہ هو. مون وري بہ چيو تہ ڇا ڳالهہ آهي، هو ايتري دير ڪيڏانهن هليا ويا آهن. منهنجو تجسس وڌندو ٿي ويو ۽ ڀيو هيڪلائيءَ جو خيال پئي ٿيم. تڏهن چيم تہ: " مان اوڏانهن ئي هلي ٿي وڃان."

" نہ نہ، مان وٺي ٿو اچان."ائين چئي هو وڃڻ لڳو ۽ ٻاهريون دروازو بند ڪري موٽي آيو. منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي. هو اچي کٽ تي ويٺو ۽ حڪم واري نوع ۾ چيائين:"منهنجي پرسان اچ." مان سندس پرسان ويس. ويهڻ لاءِ چيائين، مان ويهي رهيس. منهنجي اندر ۾ ڪجهہ ٿيڻ لڳو، چيم: "ڇا ٿو چوڻ گهرين شڪيل؟!"

مون چيو تہ زوردار نموني هو، پر پنهنجو ئي آواز، ڪنهن پاتال مان ايندي محسوس ٿيم.

هوءَ سڏڪڻ لڳي، سندس چهرو ايجا بہ ڪارانجي ويو. منهن پڪهر

۾ شل ٿي ويس. ڳلو ڳورو ٿي ويس ۽ پـ اکيون ٽيون ٽڪ. ٽمي پيس، آريج کي ريج ٿي هليو.

هُن تي سَڪتو طاري ٿي ويو، ڪجهہ بہ چئي نہ ٿي سگهيو. صرف انجام ٻڌڻ لاءِ آتو هو. ذهن ۾ عجيب سوالن جي بوڇاڙ ٿي رهي هئس.

" ۽ پوءِ... ۽ پوءِ..... مان لٽجي ويس، منهنجي دنيا برباد ٿي وئي، مان اجڙي ويس. مان نپل هئس، هو سيرو هو."

"مون پوءِ بہ پورو وس ڪيو، جسم مان سٽ ئي ڇڏائجي ويو هو. ان جي باوجود بہ هن کي صحيح معنيٰ ۾ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏنم."

هن پنهنجو چهرو پنهي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو.

"نہ، نہ، تون...... تون، گنهگار ناهين، ناهين." هو هبڪي رهيو هو. ايڏي وڏي حادثي ٻڌڻ لاءِ پنهہ تيار نہ هو.

سندس ذهن ۾ منٽوءَ جي 'کول دو'، 'ڪالي شلوار'، 'ٺنڊا گوشت'، ۽ سندس انيڪ ڪردار اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. سوچيائين منٽوءَ کي مرڻ نہ گهربو هو. ڪيس هن جي دکدائڪ روئداد کي ضرور پنهنجي قلم مان گذارڻو هو. مان منٽو ٿي نہ ٿو سگهان. مان هن سان انصاف ڪري نہ ٿو سگهان. مان بہ ڏوهي آهيان، مان قرضي آهيان، سندس قرض چڪائي نہ ٿو سگهان، مان منصف ناهيان، مان سندس عزت واپس ورائي نہ ٿو سگهان. ڪاش! مان قلمڪار هجان ها تہ ان انساني روپ ۾ وحشيءَ کي وکو ڪريان ها. مان سماج کي ان بدڪردار جو روپ ڏيکاريان ها.

هوءَ ايجا بہ سڏڪي رهي هئي، پنهي هٿن جي پيالي ۾ لڪايل پنهنجو منهن، هن جي گوڏن تي رکي ڇڏيو هئائين. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي، هٿن جي وٿين مان روٽيون هئي، سندس پينٽ پسائي ڇڏي. اوچتو ان آلاڻ تي ڪيس هلڪي بار جو احساس ٿيو. هن گوڏا چوريا ۽ ڪيس ڪُلهن کان جهلي هلڪو ڏونڌاڙيائين. پنهنجو متو چڪرائيندو محسوس ڪيائين. هي مسئلو اهڙو هو جنهن ۾ هو سندس ڪابہ مدد ڪري نہ ٿي سگهيو. بهرحال هن کي ساڻس همدردي وڌي وئي.

چراغ ٻرندا ۽ اُجهامندا رهن ٿا. اُجهامي ويل چراغن کي ڪوبہ نہ ٿو ڏسي تہ ان جي اُجهامڻ جا ڪهڙا سبب آهن.

اداس رقاصا

ڪراچيءَ جي مشهور آڊيٽوريم علي ڀائي ماڻهن سان ڪچاڪچ ڀريل هو. هيٺ مٿي ته ڪرسيون ڀريل هيون، پر ڀوڻن ۽ پاسن ڪان به ماڻهو بيٺا هئا. ماڻهن کي الائي ڪيئن خبر پئجي وئي هئي؟ جيتوڻيڪ اچڻ جي اجازت صرف انهن کي هئي، جن کي ڳاڙها، پيلا ۽ هلڪا سرمائي ڪارڊ مليل هئا، پر پوءِ به ماڻهو ايترا ته اچي ويا جو منتظمين کي مجبور ٿي سيني ماڻهن کي اندر ڇڏڻو پيو. اڄ دنيا جي مشهور بيلي ڊانسر نتاشا جي ڊانس هئي.

جيڪا ڊانس نتاشا هڪ ڏينهن اڳ ۾ پيش ڪئي هئي، سا حقيقت ۾ حقيقي ڊانس جو هڪ حصو هئي، پر پوءِ به ماڻهو ان کي ڏسي دنگ رهجي ويا هئا. ڇاڪاڻ جو هن ملڪ ۾ رقص تي مذهبي طور بندش پيل آهي. ماڻهن هونءَ ته شاعري ٻڌي آهي، پڙهي آهي ۽ ان مان لطف اندوز به ٿيندا رهندا آهن، پر هن جسم جي شاعري ڪڏهن به نه ڏٺي هئي ۽ نه ٻڌي هئي. هوءَ جڏهن نچي هئي ته سندس انگ انگ کي وروڪڙ هڻندو ڏسي ائين ٿي لڳو ڄڻ هن کي ڪو به هڏائون سنڌ نه آهي، پر ان جي جاءِ تي ربڙ پيل آهي، سندس عضوا ائين ٿي مڙيا جيئن نيٽ جو ڇهو.

اڄ ماڻهو ڏاڍي بي چينيءَ سان نتاشا جي رقص جو انتظار ڪري رهيا هئا. انهيءَ ئيڻ ۾ ٻيون به ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هئا، جن کي به ڏاڍو

داد مليو، پر ماٺهو جنهن جي هاڪ پڌي سيڙجي آيا هئا، ڪين ان جو انتظار هو. ڪين خبر هئي ته، جڏهن هوءَ اسٽيج تي ايندي ته پاڻ سان گڏ وينلن ڪي به خيالن ئي خيالن ۾ نچائي ڇڏيندي.

پر نتاشا اڄ ڏاڍي اداس هئي. خبر نه آهي ڇو؟ اڄ هن تاڙين جو جيترو ٺهڪو ٿي پڌو، اوتري ئي اداس ٿيندي ٿي وئي. سندس اداسيءَ جي سبب جي ڪيس به ڄاڻ نه هئي، اجا ڪالهوڻي ڪالهه جي ته ڳالهه هئي، هوءَ جڏهن نچڻ آئي هئي ته، سندس دل ۾ عجيب امنگ ڪر موڙي رهيا هئا. هن جيئن ئي تاڙين جو ٺهڪو پڌو، تيئن تي سندس انگ انگ نچڻ شروع ڪيو. ڪيس پڪ هئي ته سامهون وينل ماٺهو جيترو داد ٻين کي ٿا ڏين ان کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ ڪيس داد ملندو. آخر ته هوءَ دنيا جي مشهور ڊانسر هئي، جنهن ڪيترائي ڀيرا انعام حاصل ڪيا آهن. هيءَ اهڙين جاين تي ڊانس ڪري انعام جي مستحق بڻي، جتي هن کي اهو خيال رهندو هو ته، هن ڀيري هارائجي نه وڃان، پر هتي ته، سندس مقابلو ڪرڻ وارو ڪو آهي ئي ڪونه: هوءَ هئي به ان لائق: جڏهن اسپيڪر تي "ليلا مجنون" ناچ جي اناؤنسمينٽ ٿي هئي ته ماٺهن ڪيس ڏاڍو داد ڏنو هوءَ جيئن ئي اناؤنسمينٽ پوري ٿي ته اسپيڪر تي آواز آيو ته: "هاڻ اوهان ملڪ جي عوامي بيلي ڊانسر نتاشا جو ميلوڊي بيلي ڊانس ڏسندا. جنهن دنيا ۾ ڪيترائي ايوارڊس حاصل ڪيا آهن". ته ان مهل هن جي من اڇل ڏني هئي ۽ هوءَ هڪ سيڪنڊ به دير سهڻ لاءِ تيار نه هئي. جڏهن هوءَ پنهنجي پياري جي هٿ جي سهاري هڪ ٽنگ تي بيهي، هڪ ٻانهن اڳتي ڪري ۽ ٻي ٻانهن پوئتي ڪولي، بنا اک ڇنڀڻ جي بت بڻجي اسٽيج تي نروار ٿي هئي ته، ماٺهن ۾ تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو هو. ٿوري وقت جي لاءِ هوءَ ترسي، ماٺهن اجا به وڌيڪ تاڙيون وڄايون ۽ ڪيس داد ڏيڻ لڳا. واهه واهه جي هوڪار مچي وئي. جن جي هٿن ۾ ڪئميرائون هيون، سي ته ڦري ڦري سندس ڪلوز اپ وٺي رهيا هئا. سندن چهرن مان پاسيو پئي ته هئن، ٻين جا فوٽو وٺي ڇڻ پنهنجا رول وڃايا آهن. ماٺهن تاڙين کان بس ئي نه ٿي ڪئي ۽ هن جو انگ انگ نچڻ لاءِ آتو هو. هو آهستي آهستي هيٺ وينو ۽ نتاشا سندس ترڻ تان هيٺ لهڻ لڳي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪوئي سنگ تراش پنهنجي شاهڪار مورتي نمائش جي لاءِ کڻي آيو هجي ۽ ان کي ڏاڍو سليقي ۽ آهستگيءَ سان لاهي هيٺ رکندو هجي.

ماڻهن کي نتاشا جي ان ادا تہ اصل کُهي وڌو ۽ هن چڻ نہ ٿي چاهيو تہ هوءَ هن جي ترڇيءَ تان هيٺ لهي. هوءَ جسم ساڻ ورتل، اسڪن ڪلر جي لباس ۾ هئي. سندس وارن ۾ ننڍو تاج پاتل هو ۽ پويان ويٺي نهيل هئس. هوءَ جڏهن لٿي ۽ زمين تي پير ڪوڙيائين تہ هلڪي موسيقيءَ ۾ تيزائپ اچي وئي، جيڪا ٿوري دير ۾ بند ٿي وئي.

هن ويٺلن ڏانهن منهن ڪري نِوڙي ڏاڍي پياري ۽ نياري انداز سان ساڄي ٻانهن کولي، پري کان آهستي آهستي پنهنجي سيني تائين آندي. اها هئي سندس پاران ويٺلن جي آجيان ۽ ويچارا ماڻهو، جيڪي انهيءَ وقت پنهنجا هزارين دک ۽ هزارين پيڙائون وساري پنڊ پاهڻ ٿيا، ٻئي اکيون ڪپائي نتاشا جي چرپر کي ڏسي رهيا هئا، انهن ۾ اوچتو ساهہ پئجي ويو ۽ تاڙين جو ٺهڪو مچي ويو. لڳو پئي تہ ماڻهو ويچارا تاڙيون وڄائي وڄائي نستا ٿي ويا هئا ۽ هاڻ وڌيڪ تاڙين وڄائڻ جي منجهن سگهہ ئي ڪانہ هئي، پر پوءِ بہ هڪ عجيب احساس ڪري سندن هٿ جهلجن ئي نہ پيا. ڪين پنهنجن هٿن تي ڪوبہ وسُ نہ هو. هوءَ ٿوري دير جي لاءِ ان ئي حالت ۾ بيٺي رهي ۽ هُو آهستي آهستي اڳتي وڌندو آيو ۽ سندس پويان بيهي، هن جي چيلهہ کان هٿ ڦيرائيندو، جڏهن ٻانهن تائين پهتو ۽ نتاشا جي هٿن ۾ هٿ وڌائين تہ، هن ڪنڌ مٿي ڪنيو. هن ڪنڌ ڇا ڪنيو، ماڻهن جون نظرون ڪجهي ويون هوءَ چال ڏئي اٿي ۽ ڊنل هرڻيءَ جيان اسٽيج تي نچڻ لڳي.

پروگرام مطابق اڄ صبح کان منجهند تائين ڪين شهر گهمڻو هو. سندن سڄي ٽيم هڪ بس ۾ سوار ٿي گهمڻ لاءِ نڪتي هي شهر جو بارونق حصو هو. جنهن کي شهر جي دل ڪوٺيو ويندو آهي بازار جي ٻنهي طرفن کان مختلف قسمن جا دوڪان سجايل هئا. ڪٿي زرق برق ڪپڙا ٽنگيا پيا هئا تہ ڪن دوڪانن ۾ هار سينگار جو سامان پريل هو. اوچتو ڪيس ياد آيو تہ هن کي ٻڌايو ويو هو تہ، هي ملڪ تہ ڏاڍو عجيب ۽ پٺتي پيل آهي. پر هن شهر کي ڏسي، هتي جي سجايل دوڪانن ۽ روڊن تي نجيون گاڏيون ڏسي ڏاڍي حيران ٿي. هن سوچيو: ”هن هيڏي ننڍي ۽ غريب ترين ملڪ ۾ هيتريون نجيون گاڏيون آهن؟ وري سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ تہ ڳالهہ اها آهي تہ، سڀ جون سڀ ٻاهران گهرايل.“ ڪيس ياد آيو تہ، سندس ديس،

جيڪو نہ صرف سندس، پر دنيا جو آدرشي ديس آهي، اتي بہ ايتريون پاهران گهرايل گاڏيون ناهن.

"خدا جي واسطي"

هوءَ هڪدم ڪنهن جي ڇهاءَ جي ڪري ڇرڪي پئي، ڇگو ٿيو جو ڪيس ائين ڇرڪندي ڪنهن ڏٺو نہ هو. سندس سڀ ساٿي دوڪانن جي قطارن ۾ ۽ انهن تي ماڻهن جي پيهہ ۽ ڪلهي گس ڏسي رهيا هئا. هيءَ حالت هن لاءِ نئين هئي، ڇاڪاڻ جو سندس ديس ۾ تہ هر خريداريءَ لاءِ قطار ۾ بيهڻو پوندو آهي. هن ڏٺو تہ هڪ معصوم نينگري جنهنجي وارن مان لڳو پئي تہ، سالن کان نہ وهنتي آهي. سر جي رنگ جهڙيون ليڙون ٿيل لٽن سان هن جي آڏو هٿ ٽنگيو بيٺي آهي.

هن ڪجهہ نہ ٿي سمجهيو تہ هوءَ ڇا چئي رهي هئي؟ سندس ساٿي اڳيرو نڪري چڪا هئا. سندس گائيڊ بہ انهن سان ساڻ هو. ننڍي ڇوڪري تماشا کي ۽ تماشا ڇوڪريءَ کي گهوري رهي هئي. هن ڪيس ايترو تہ گهوري ڏٺو جو هاڻ هن پاڻ کي ان ڇوڪريءَ جي روپ ۾ تبديل ٿيندي ڏٺو. هوءَ وئي ننڍي ٿيندي، وئي ننڍي ٿيندي، تان جو هن کي هاڻ پنهنجي جاءِ تي صرف اها ڇوڪري انهيءَ حالت ۾ ڏسڻ ۾ آئي. سندس اکيون بند ٿي ويون ۽ جڏهن سرت ۾ آئي تہ، اها ڇوڪري غائب هئي ۽ ان جاءِ تي صرف پاڻ کي پاتائين. هر ايندڙ ويندڙ جون تيز بکايل نظرون پنهنجي جسم تي چڀنديون محسوس ڪيائين. پنهنجي ساٿين کي هڪ ماربل جي سجايل دڪان تي بيٺل ڏٺائين. تڪڙي وک وڌائي انهن کي وڃي پهتي. پر هاڻ گهمڻ ۽ ڏسڻ مان سندس دلچسپي ختم ٿي وئي هئي. پاڻ تي عجيب قسم جي اداسي طاري محسوس ڪندي سوچيائين ٿي تہ: "هن پارڙيءَ کي ان حالت ۾ ڏسڻ واري تي حيف آهي، اهي انسانيت جا عظيم ترين گنهگار آهن. هن جي زندگي سڌري سگهي ٿي ۽ سڌرڻ گهرجي. هن شهر ۾ جتي ههڙا دوڪان آهن، گاڏيون آهن، انهيءَ شهر، ملڪ ۾، ههڙا پارڙا ڇو آهن.؟" هوءَ پاڻ کي بہ گنهگار محسوس ڪرڻ لڳي. هن هيڏي هوڏي ڏٺو، ڪئين اهڙا پارڙا، ماڻهن جي آڏو هٿ ٽنگيو بيٺا هئا. هوءَ باقي وقت چڻ اجائي رلي هئي، هن کي گهمڻ ڏاڍو بي سود پئي لڳو. پاڻ کي جسماني ۽ ذهني طرح ٿڪل پئي محسوس.

ڪيائين. پر ٻين سائين جي ڪري هرويرو پنهنجين ٽنگين کي گهليائين. سنڌس ساٿي به ڪنهن به ڳالهه ۾ هن جي دلچسپي نه وٺڻ تي حيران به هئا، پر ڪيس هرويرو تنگ به نه ٿي ڪيائون. ان ڪري هن جي من ۾ وڌ هئا. هن جي اندر ۾ عجيب قسم جي هورا کورا هئي. جنهن جي ڪيس به ڄاڻ نه هئي. انهيءَ جو احساس سامهون ويٺلن به محسوس ڪيو. اڄ جڏهن هوءَ اسٽيج تي آن ٿي حالت ۾ آئي ته، ماڻهن سندس اهڙي ٿي آجيان ڪئي، پر سنڌس گنبير ڇهڙي کي ڏسي، ماڻهن پرڪي ورتو هو ته، هن جي ڇهري تي ڪنهن گهري پيڙا جا پاڇاوان قهليل آهن. سندس چپن تي مصنوعي مرڪ اصل نه ٿي ٿهي. پوءِ اوچتو هن نچڻ شروع ڪيو. هن جسم جي شاعري شروع ڪئي. هوءَ نچي رهي هئي ته، هن جي ذهن جي پردي تي بازار واري چوڪري هٿ ٽنگي ڦيريون پائي رهي هئي. هن پاڻ کي اها نينگري محسوس ڪيو. لڱس پڻ ته نه صرف پاڻ، پر سامهون ويٺل ماڻهو به ان نينگريءَ جو روپ وٺندا پيا ڏسجن ۽ پوءِ ماڻهن به محسوس ڪيو ته اڄ سندس جسم جي شاعري اهڙي آهي جهڙي ڪنهن شاعر جو شعر جيڪو ڪنهن گهري پيڙا سبب الائي ڇو ڪلندي ڪلندي روڪجي ويو هجي. چڻ اوچتو ڪائنس ذات بي وفا سريت جيان رسي وئي هجي ۽ هو ان کان وڌيڪ لکڻ چاهيندي به نه لکي سگهيو هجي ۽ ان کي اتي ئي ڇڏي ڏنو هجين.

نتاشا جو ناچ به اڄ انئين ئي هو، هوءَ جڏهن به نچندي هئي ته پاسندو هوس ته، زمين ۽ آسمان پڻ ساڻس گڏ نچي رهيا آهن، پر اڄ هن محسوس پئي ڪيو ته هوءَ زمين جي ڪنهن اونهي تهه ۾ پيهبي ٿي وڃي ۽ ماڻهو سنڌس ناچ مان صحيح معنيٰ ۾ لطف اندوز ٿي نه سگهيا آهن. هوءَ نچندي نچندي اڌ ۾ ئي ناچ ڇڏي پردي پويان هلي وئي. ڪيس اها سڌ نه رهي ته ماڻهن ڪيس داد ڏنو يا نه.

هن ڪرسيءَ تي پاڻ کي اڇلائي ڇڏيو.

مئنيجر ڙڙهي سندس پرسان آيو. هو ڪجهه دير سندس سامهون بت ٺٻو بيٺو رهيو ۽ هوءَ ڪرسيءَ جي پوئين سيٽ تي ڪنڌ رکي، اکيون بند ڪري، هڪ اداس گيت جيان ويٺي هئي. مئنيجر، جيڪو ڪجهه وقت ماٺ ڪري ڪيس گهوري رهيو هو، نيٺ ان جي ماٺ جو ساغر ڇلڪي پيو ۽ هن

پڇيو: ”نتاشا! ڇا ڳالهه آهي؟ هي تو ڇا ڪيو؟ توکي اڄ ڇا ٿي ويو آهي؟“ هو يڪساهي ٽئي سوال ڪري ويو، پر نتاشا ڇڻ ٻڌائي ڪونه.

”توسان آهيان؟ اڄ ڪهڙي بي عزتي ڪرائي اٿئي؟“ مئنيجر پنهنجي غصي جو سمورو زهر انهن ٻن سوالن ۾ اوتيندي رنڀ ڪئي.

هن آهستگيءَ سان اکين جا ڇپر کنيا. ڪيس ائين لڳي رهيو هو ڇڻ هن تمام گهڻو ووڊڪا پيتو هجي. ڇڻ الائي ڪيڏو بار اچي ڪريو هو انهن ٻن ڇپرن تي. سندس اکين جي پڇڙين مان لڙڪن جون ٻه لارون سندس گلابي ڳلن تان ڪسڪنديون سندس انگيءَ ۾ جذب ٿي ويون، ڇڻ ٿوٽ زمين تي مينهن جا ٻه ڦڙا ڪريا هجن. هن ڪجهه به نه ڪڇيو.

سندس ڪنول جهڙن نيڻن ڪي ٻنل ڏسي مئنيجر جو غصو ڪنهن حد تائين جهڪو ٿيو ۽ هن ڏاڍي آرام ۽ صبر سان چيو. ”نتاشا! تنهن جي اکين ۾ ڳوڙها؟ ڇو ڇا ٿيو؟“

هن ڪي ڪئين وسوسا وڪوڙي ويا. خبر نه آهي ڇا ماجرا هئي؟

نتاشا تمام اونهو ساهه کنيو، ڇڻ ساهه منجهندو هجيس ۽ ان کي هوريان هوريان ڇڏيندي چوڻ لڳي: ”مئنيجر...... مئنيجر! اهو ته مان به نه ٿي ڄاڻان، جيڪڏهن توکي ڪا ڄاڻ هجي ته تون ئي ٻڌاءِ. بس، الائي ڇو اندر ڪامي رهيو آهي، پاڻ کي ڪوڪلو پئي محسوس ڪريان. پانيان پئي ته هي جسم منهنجو پنهنجو نه ڇڻ ڌاريو هجيم، الائي ڇو؟“ ايتري ۾ پوري ٽيم جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪٺي ٿي ويا. ان اداسيءَ وارڻي ماحول ۾ هو پاڻ کي به محسوس ڪرڻ لڳا. ٿوري دير اڳ جيڪي مڪ مُرڪي رهيا هئا، اهي به اداس ٿيڻ لڳا. ڇڻ اڻ مندائتي خزان اچي وئي هجي ۽ گلن سان جنجهيل سڀ ٽاريون، گلن سميت، هڪ ئي جهوٽي ۾ ڪومائجي ويون هجن. لائوڊ اسپيڪر تي آواز آيو: ”اسان کي افسوس آهي جو نتاشا جي اوچتو طبيعت خراب ٿي پوڻ ڪري اوهان ”ميلوڊي بيلي“ پورو ڏسي نه سگهيا، انڪري اسان معذرت خواهه آهيون.“

آواز بند ٿي ويو، ماڻهو آهستي آهستي هال مان نڪرڻ لڳا. سڀ چپ هئا. الائي ڇو چپ هئا؟ ڇڻ هنن به نتاشا جي اداسي پرکي ورتي هئي ۽ پاڻ کي خاموش رکي هن سان دک ۾ ساٿ ڏئي رهيا هئا.

دکي دل- آسروند اکيون

جڏهن مارووئڙن جي ملڪ تي پٽ تي، ڏرتي سڪي ٺوٺ ٿي ويندي آهي ۽ ساوا سلا به سڪي، پاڻ مرادو مرونجي ڏوڙ ۾ ملي ڏوڙ ٿي ويندا آهن. مال ۽ ماڻهن جو گذر مشڪل ٿي پوندو آهي. ماڻهن کان مال ۽ ٻچن جي حالت سٺي نه ويندي آهي، تڏهن سندن اکيون هر وقت اڀ ۾ کتل رهنديون آهن. زبان تي سارنگ جي سار ۽ خدا کي ٻاڏائيندا رهندا آهن. جڏهن سندن ارڪو ترڪو رئي ٿي ويندو آهي، تڏهن سندن اندر مان هر وقت آنهون نڪرنديون آهن. ٻارڙن جون دانهون ۽ مال جون رنڀيون پيون پونديون آهن، ڪيترا ماڻهو ۽ مال اڃ ۽ بک وگهي رڙي رڙي مري ويندا آهن. تڏهن وڃي ڪو تاڙو تنواريندو آهي. سندس تنوار فرش کان عرش پهچي، سارنگ جي ڪن پوندي آهي ۽ سارنگ سانگ ڪرڻ لڳندو آهي.

غورتون برسات جي لاءِ باسون باسينديون آهن، تڏهن وڃي ڪو سارنگ جا ساٽ ٿيندا آهن. اڇيون پوٽين جهڙيون ڪڪريون، اترپار کان ايندڻيون تيئن دعائن گهرڻ ۾ تيزي اچي ويندي. ڪي ٻڪرو باسينديون، ته ڪي ڪنيءَ جا ٿال.

جڏهن تاڙو تنواريندو، تڏهن آس، حقيقت ۾ بدلجڻ جي پڪ ٿي ويندن. تاڙي جي تنوار هنن لاءِ ازلي سڏ کان هزار بار بهتر هوندي آهي ۽

جڏهن برکا برسي پوندي، پلر پلتجي، تڙ ترايون، ڍنڍون ڍورا ڀري اڇ ڪري ڇڏيندو آهي. آسروندين جون آسون ۽ پاسون پڄي پونديون آهن. ڌرتيءَ جي اُڃ اُجهامي ويندي آهي، تڏهن تہ عيد ٿي ويندي اٿن. چوطرف واڌايون ملي وينديون، هر ڪنهن جا مک مهڪي پوندا. وڏڙيون ڏٽيءَ جا ٿورا مڃينديون آهن، نڍيون نينيون، جوانڙيون هار سينگار ڪرڻ لڳنديون آهن. پاسندو پيو اهڙي ڪنهن جي آمد آهي، جنهن جو هر ڪنهن کي انتظار هجي. اهو اڇي رهيو آهي، جيڪو هر ڪنهن کي هڪ جيترو پيارو آهي. پاسيل پاسون ٿي وينديون آهن، جڻ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ٻارن جون سڪائون ٿي وينديون، مهنگائي لاءِ ميڙيندڙن جا منهن پيلا ٿي ويندا، ڳالهہ ئي نہ وٽندن، هر ڪنهن کي پيا چڙٻيندا. وس پڄين تہ ماٺهن کي ڪچو ڪائي وڃن. سارنگ کي پيا گهٽ وڌ ڳالهائيندا، پر اها ڳالهہ سندن وس کان ٻاهر آهي جو آپ تي مڙي آيل بادلن کي موٽائي وجهن. جڏهن برکا رُت آچڻ واري هوندي آهي، تڏهن هرڪو پنهنجي ٻني تڪر ۾ مڪائي، جوئر، ٻاجهر اڳ ئي ڇٽي ويندو آهي. هيل بہ ائين ئي روايت مطابق ڪيو ويو.رام رکيو بہ مجيريءَ وٽ ٻج جي لاءِ ويو هو. مکيءَ تہ تڙيون ئي ٻہ چاڙهيون هئس، وري بہ شاباس هجي ويچاري مجيريءَ کي جنهن ٿوري گهٽي ريڙهہ پيڙهہ کان پوءِ ڪيس ٻج اُن آسري تي ڏنو تہ اول سندس قرض لاهيندو.

تترَ ڪرڙو آپ تہ ٻٽن ڏينهن کان هو. هر ڪو وڃي داٿا اچلي آيو هو. رام رکيو سين کان پوٺوارو ٿي پيو هو. پر اڄ جيئن ئي هو ڍڪيءَ جو اٿي ٻنيءَ ڏي ويو هو، ان کانپوءِ آپ اوچتو ڪارن ڪڪرن سان ڇانئجي ويو. هوا جنً تي وئي، لڳو پئي تہ صبح نہ پر سانجهي آهي. ڪراڙو، سيتل چلر ٿاهيو، ڪانپ ڪڍيو، پڇنيءَ ۾ ڪنولي تي وينو ڪجهہ جهونگاري رهيو هو. کيس افسوس ٿي رهيو هو تہ ڳوٺ ۾ هاڻ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ بچيو آهي جو ڪٽي سارنگ ڇيڙي. جيڪر ڪڪر ڪيهون ڪري، پلر جي پالوٽ ڪري ڏين. هو پنهنجي ٻي سريءَ ۾ گهگهي آواز ۾ ڳائي جو سارنگ ڳائڻ لڳو.

"حڪم ٿيو بادل کي، سارنگ ساٿ ڪجن."

ڪراڙيون گهرن جي اڱڻ جي هيناهين تي پنجهو وڇهائي رهيون هيون. اوڙي پاڙي جا ٻار گهٽين ۾ ڊڪندي ڊوڙندي، ڪارڙو ڪمرڙو، ان

پاڻيّ ڏي تہ مينهن وسيٰ ،وڏي واڪ، ڪورس جي انداز ۾ ڳائيَ رهيا هئا، چڻ ٻاڏائيُ رهيا هئا. بادلن کي ايلاز ڪريِ رهيا هئا تہ هارجي پئو.

ليلا کي بہ شايد ٻاراڻي وهي ۽ ڪنوارپ وارو زمانو ياد آيو هو، سو نهي نڪي، نيٺين سرمّون وجهي، شاديءَ وارو وڳو پهرٽي آئي ۽ وٺي پٺي سيئي سرها پئي ڏٺا. چڻ اچوڪي ڏينهن سندن ورهين ٻا دک دور ٿيڻ وارا هجن ۽ اوچتو خبرناهي ڪرازيَ سيتل جي نٻل جسم ۾ ڪٿان ايتري طاقت واسو ڪيو، جو هو ٽپ ڏئي ڪٽ تان اٿيُ ڪڙو ٿيو. چلم کي پاسيرو رکي، ڪٽ جيَ واڌڻ مان لٺ ڪڍي، پٽڪو ٻڌيِ، انگوڇو ڪلهي تي رکي، گهر کان نڪري پيو. سندس وات تي اها ئي جهونگار جاري هئي. سندس ونيءَ هن کي عرضي پچاٽان ايترو خوش ٿيندي ڏٺو هو. هو سدائين پنهنجي پراڻن يارن کي ساري پيو ايشور کان ڌيهانت لاءِ دعائون گهرندو هو. هن سندس اڻوارن مان جهلڪا ڏيندڙ خوشي جهتي ورتي ۽ پنهنجيَ ور جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي ڄاڻي ويتر بہ تڙي پئي ۽ نُنهن کي سڏيَ اها خوشخبري ٻڌائڻ چاهيَ. هن پنهنجي ليکي ڄاتو پئي تہ ڪانئسن سواءِ، سيتل جي خوشي پئي ڪنهن بہ نہ پرکيُ هوندي. "ائيٰ ليلا! هيڏانهن تہ اچ، هڪ ڳالهہ سڻايانءِ."

ليلا ڪنهن ڪم سانگي پئي وٺي، پر سسٽس جي سڏ تي ڏانهنس هلي آئي، "ڪيهي ڳالهہ آهي، سڻاءِ چاچي." هوءَ، جا خودڪاٺي اڻ ڄاتي خوشي محسوس ڪري رهي هئي، خوشي ۾ اضافو ڪندڙ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ آتي هئي.

"اڄ رام پيءُ مَ چاڻ ايڏو خوش پيو نهارجي."

هوءَ مرڪي، سندس مرڪ ۾ جواني هئي، ساريَ دنيا جي خوشيءَ جا خزانا هئا ان مرڪ ۾ زمين کان آسمان تائين هر شيءِ ۾ خوشي هئي. ان مرڪ ۾ پنهي جهانن کان بالاتر خوشي هئي. اها مرڪ ازلي هئي ابدي هئي سيتل ٻاهر نڪريَ پنهنجي زمين ڏانهن رخ رکيو. آهہ ڻي آهستيُ لڙي ٽيڪيندو ۽ جهونگاريندو تي ويو. ڪيس پيناٽيءَ جي شاعري عجيب سرور بخشي رهي هئي. جيکي بيت ڪانئس پوڙهاپ جي ڪري وسريُ ويا هئا، اهي هڪ هڪ ڪري ياد اينڌا ٿي ويس. چڻ ڪنهن سندس ذهن جي ڪمپيوٽر جي بٽڻ تي آڱر رکيُ هجي. هن جيئن مٿي نهار ڪري، اڀ تي مڙي آيل بادل

تي ڏنا، تيئن ئي سندس وات مان نڪري ويو؛" واهه ڙي سانول ."

سانول سان سندس پڳ مٽ ياري هئي، گهر ايندا ويندا هئا. هن ۾ ڪوبه ڀيد ڀاؤ نہ هو. هو يا تہ ٻئي هندو هئا يا ٻئي مسلمان. ڪچهرين ۾ ويهندا تہ راتيون گذري وينديون هين. جڏهن ڳالهائي ٿڪجي پوندا هئا، تہ سانولُ ڪٿي راڳو ڇيڙيندو هو. لڙي رات جڏهن هلڪي ٿڌ تي سارو ڳوٺ ننڊ ۾ آلهوڻ هوندو هو، ساري ماحول تي ماٺ ڇانيل هوندي هئي، ان وقت سانول جي سريلي آواز ۾ الهوڻ ڪندڙ نشو ڀريل هوندو هو جيڪو هر ٻڌندڙ تي هڪ جيترو اثر ڪندو هو، هرڪو پاڻ کي راڳو ڀانئڻ لڳندو هو. وري جو ڪڏهن ڪٿي سارنگ ڇيڙي تہ ڇنب ڀرجي ويندا هئا. خبرناهي ڪتان بادل ڀرجي مڙي ايندا هئا ۽ گهٽائون گوڙ لائي ڏيندا هئا، گجڻ جي گجڪار پئي پوندي هئي ۽ کنوڻ جا کجڪا شروع تي ويندا هئا ۽ ڏسندي ڏسندي ڀلر پالوٽجي پوندو هو. اڄ ايترن ورهين ڪانپوءِ خبرناهي ڪيس سانول ياد پيو هو. سانول جا قرب، ڪچهريون، وڙ ۽ ڳڻ ياد ڪري سيتل جو آواز ڀرجي آيو. اکين جا بند ڀڃڻ تي هئس، ٿڌو شوڪارو ڀري آپ ۾ نهار ڪيائين، هڪ ڦڙي سندس هٿ تي ڪري ۽ هو ڇرڪي پيو. هن تڪڙ ۾ هٿ کي ڏسي پڪ ڪرڻ خاطر وري مٿي گهور ڪئي، هڪ وڏي ڪٽي سندس نرڙ تي اچي ڪري. اتر پار ڏي کنوڻ کجڪار ڪئي. سندس اکين ۾ تيز روشني ڇپي وئي. ڪيس سُجهي ويو تہ مينهن آيو کي آيو. هن لاءِ هاڻ اڳتي وڃڻ ڏکيو تي پيو. ٿوري دير جي لاءِ پٽ جي ٻر ۾ ويهي سوچڻ لڳو تہ واپس ورجي. رستي ۾ موٽندي، هن کي سانول اجا بہ ياد اچڻ لڳو.

قربائتو تہ هڪ ئي هو. جواني تہ ديواني ٿيندي آهي، پر هو ٻڌاپي ۾ بہ مڙس ڍولڻ هو. جوانيءَ ۾ طاقت ۾ بہ کو ورلي پڄندو هوس. ڪيس اهو ڏينهن اجان بہ ياد آهي جنهن ڏينهن، ٻهاڻ مستيءَ ۾ ڇنائي ڀڳو هو. ماڻهو هراسجي ويا هئا. هرڪو پئي لڪو. ڪير سائين ڇڙئي وهٽ کي جهلي، ڪنهن جي مجال آهي. ڪنهن کي ڪٽيءَ ڪنيو آهي جو ان جي آڏو اچي. ٻارن ۾ ٻاڪرڪتو پئجي ويو. زائفون گهرن ۾ لڪي ويون ۽ مرد تماشو ڏسندي، گهوڙي کي جاءِ ڏئي، اوٽائتا تي ويا. اوچتو گهر ۾ ستل سانول جي ٻاڪر ڪنن تي اک کلي، گهر وارن ٻڌايس تہ؛" خليفي جو ٻهاڻ ڇڙيو آهي. ڪنهن

کي وٺ ئي نہ ٿو ڏئي، هرڪو پيو ڏڇي، سڀ ڪنهن کي ساهہ جي لڳي پئي آهي، ڪير بي واڳئي ڀهاڻ جي سامهون ٿيندو.“

هو اکيون مهٽي اٿيو. منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا وجهي ٻاهر نڪري آيو. گهٽيءَ ۾ ماڻهو ڳاهٽ تي رهيا هئا. ها ٻيلي پري ڪان ڀهاڻ ڏوڙندو بي نياز ٿيو، ميدان پنهنجو ڪيو پئي آيو. سڀ ڪو پاسائتو تي ويو ۽ سانول، جهلڻ جي باوجود، چوٽري جي پير ڪري ويهي رهيو. ماڻهن جون تہ اکيون ئي ڀوتجي ويون هيون. جهڙوڪر اهو نظارو سندن اکيون ڏسڻ ئي نہ پيون گهرن. پر سانول جي رڙ تي ماڻهن اکيون زوريءَ کوليون. ڪنهن دانهن ڪئي، ”اڙي، سانولُ ڇتو.“ پر ماڻهن جي حيرانگي تڏهن وڌي جڏهن ڏٺائون تہ ڀهاڻ چڻ هڪ جاءِ تي ڪپي ويو آهي. لڳو پئي تہ اهو حقيقي سانول ۽ ڀهاڻ نہ پر انهن جو مجسمو هجي جو ڪنهن سنگ تراش، تراشي اتي کڙو ڪري ڇڏيو هجي.

”واهہ سائين واهہ.“ ماڻهن جي واتان بي اختيار نڪري ويو، جيڪي ڀاڻ کي جوانَ ڪوٺائيندا هئا، ڏاڍا مڙس ڀانيا ويندا هئا، تن جا ڪنڌ وجي ڌرتيءَ سان لڳا. آواز آيو، ”مڙسن ڪانسواءِ ويهون ڪير ڪندو.“ پوءِ تہ هرڪو ڀڳو آيو ۽ اچي ڀهاڻ کي جهليو هئائون.

وري ٻارڙن جو اهڙو تہ ڪوڏيو هو، جو ڳوٺ جا سڀ ٻار چڻ پنهنجا سڳا ٻار هئس. ڪو ”بابا، بابا“ ڪندو ايندس. ڪو ”نانا، نانا“ ۽ ڪو ”ڏاڏا، ڏاڏا“ ڪيو پيو ڦرندس. هن لاءِ ڪو بہ ٻار پرائو تہ هوئي ڪونہ. جنهن جي ڪري پٽ خفا ٿيندا هئس. هن کي ڪڏهن بہ انهيءَ جو تفصيل نہ ٻڌائيندو هو تہ اها کهڙي ڇڪ آهي جيڪا ٻارن کي هن ڏانهن ۽ هن کي ٻارن ڏانهن ڇڪيو ڏوهيو وٺي. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويس ۽ ڪا بہ ونڊر نہ رهيس تڏهن ڀاڻ کي وندرائڻ لاءِ پٽي راند شروع ڪري ڏنائين. جيڏن سرتن سان تہ نهيو پر ڪڏهن نوجوانن سان تہ ڪڏهن ڏسو ٻارن کي وٺيو وينو ڪيڏي. ان ۾ ايترو تہ مگن ٿي ويندو جو سج لٿي جي پروڙ ئي نہ پوندس. وري ڪڏهن انهن ٻارن جي زور ڀرڻ تي وٺي ڳائيندو. ڪي چوندس تہ: ”نانا، اڄ تہ سارنگ ٻڌاءِ.“

اول تہ ڏڏڪون چاڙهيندن، پر ٻار اهي ڏڏڪون سهسائي ويل هئا.

ان کري ضد ڪندس تہ ونئي شروع ٿيندو. ڳائڻ کان اڳ ۾ چوندن تہ "ڏسو نہ تاٰ اسان جي جهڳي جي ڇت جهريل آهي، سڄو مينهن اندر هليو ٿو اچي." پوءِ ونئي آ.....آ......ڪندو. پارن ڪي تہ روئنشو لڳندو ۽ پوءِ هو مستيءَ جيان پيو ڳائيندو. سندس گهر وارا ڪٽي ڪيڏو بہ ڪاوڙجنس، هي ماٺ ڇو تو ڪري. جيئن بادل کيس ايلاز ڪندا هجن تہ اجا بہ ڳاءِ، ايترو ڳاءِ جو اسان برسي خالي ٿي وڃون. سندس نيڻن مان بہ لارون وهنديون رهنديون هيون.

وري شل نہ ڪو اوفتو راڳيندڙ ڳوٺ ۾ اچي. ڳائڻ مان هزار ڇڪون ڪڍندس ۽ پيو چڙبيندس. مجال جو هن سان ڪو ڪچي، نوان نينگرا تہ هن کي ڏسندي ئي چوندا، "ادا، ويو راڳ جو مزو، ڏاڏو سانول اچي ويو ۽ هاڻ رڳو پيون ڇڪون ڪڍندس ۽ پوءِ پاڻ ويهي ويندو." تيندو بہ ائين ئي هو راڳيندڙ جي غلط راڳڻيءَ تي ڏاڍي خار کائيندو هو ۽ چوندو هونِ تہ: "اڙي، سکيا وري خاڪ آهيو، ائين نہ هيئن ڳائبو آهي." پوءِ تہ ميدان ۾ لهي پوندو ۽ رات کٽائي ڇڏيندو، پوءِ پيا راڳيندڙ کيس فرمائشون ڪندا تہ "سائين، هاڻ ڪوهياري ٻڌايو، هاڻ پيرو تہ ڪيو." جڏهن رات لڙي ترندي تہ چوندس "چاچا هاٽي راتو ٻڌايو تہ پوءِ ڪيون الله واهي." سندس راڳ ۾ پختائپ ڏسي، راڳيندڙن جا وات ئي ڇپا ٿي ويندا.

سيتل پنهنجين سوچن ۾ مگن سانول جون ڳالهيون ياد ڪندو اچي گهر پيڙو ٿيو تہ مٿان اچي وڏ ڦڙو شروع ٿيو. کيس لڳو تہ نہ تازي تنواريو ۽ نہ مٽئين کي هيئين جي دانهن ۽ آهن ڪو اثر ڪيو، پر اهو ڪَل سانول جو بي چين روح آهي، جيڪو مارن جي ماند کائي سهي نہ سگهيو آهي ۽ جهڙ ڏسي جهڇي پيو آهي ۽ سوز سان ٻتائي جو سارنگ ڳايو اٿس.

۽ خبرون الجهي پيون

اچوڪيءَ اخبار جي سڌي سنوائتي ميدان تي ڪارَ مُنهيون خبرون پاڻ ۾ جهيڙي رهيون هيون. هرڪا خبر پنهنجيءَ طاقت ۽ پاڻ ۾ سمايل جوالا جي زور تي پاڻ کي پڌائي رهي هئي. ڪي خبرون هيٺيون، نبل، جهڪايل ڪنڌ ۽ مرجهايل چهرا. سندن خالق جو ڏڍ نه هوندي ۽ پنهنجو ڪوبه پرجهلو نه پائيندي، حسرت پريل نيڻن ۽ چيندڙ اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان پڌي رهيون هيون. هر خبر جي پوڪڙ تي سهمجي ٿي ويون، پاڻ ۾ سمائبيون ٿي رهيون. ڪين ان ڳالهه جو به افسوس پئي ٿيو ته سندن پوئواري ڪرڻ وارو، ايوان جي ڪنهن به ڪارندي جو ماٿهو نه آهي. ان حد تائين ته جنهن به صحافي دوست ڪين هنن هيڏين پوئواري ٿيندڙ خبرن جي ميدان ۾ ڏکي ڏوٽي اچلائي ڇڏيو هو، ان ڪان به اها ڳالهه وسري وئي هئي ته مان ڪنهن چوريءَ چنيءَ، نپٽي آئتي خبر کي هيڏين طاقتور خبرن جي پيڙ ۾ اچلائي آيو آهيان، ان جي حالت جي باري ۾ ڪنهن ڪان پڇي ڏسان. هن جي ڪا سڌ سماءُ، ڪا خبر خير ته وٺان. بس هو به وري پنهنجي ڌنڌي کي جنبي ويو آهي.

اچوڪي سنڌي اخبار جي سڌي سنواتي، اڇي اُجري ميدان تي، سيني ڪان طاقتور خبر، پنهنجي خالق جي ڏڍ تي وڏي واڪ ڳالهائي رهي هئي. هن

ائين پئي محسوس ڪيو تہ هن جي آڏو باقي سڀ جون سڀ خبرون گونگيون آهن. سندن زبانن تي تالا لڳل آهن، سندن آواز جي رعب ۾ دٻجي ويون آهن. هن جو پٽڪي دار آواز، سندن گجگوڙ جهڙي آواز ۾ ڪوئي بہ ٻڌي نہ سگهندو. ان طرح هوءَ ٿي هن ميدان ۾ اڪيلي نظر اچي رهي آهي. سندن آواز تي، ٻگهايل ڪوٺين ۾ وينل گنجا، پيٽ وڏا، اکين تي ٿلها شيشا چاڙهي، ڦرندڙ ڪرسين ۽ وڏيرين ميزن ۾ لڪڻ جون جايون ڳوليندا هوندا، ڏاڍا فڪرمند لڳندا هوندا.

اها خبر ملڪ جي هڪ اهڙي طاقتور قوت جي آهي، جنهن جو ڌمڪاءُ هر عام ۽ خاص تي ٿيندو آهي. سندس حڪم ڪانسواءِ ملڪ ۾ ڪڪ بہ چُري نہ سگهندوآهي. هن دانهن اچا بہ زور سان ٻوڪڙ ڪندي چيو "مخالف ڌر پاران بي اعتمادي جي رٽ پيش ڪرڻ سان ڪو فرق نہ پوندو."

سندس پرتي ڪندڙ، ڪيس ٽيڪو ڏيندڙ ڏاهي ڏاناسري خبر ڪر ڪنيو، ڪنگهي ڪٽڪي، نڙيءَ کي صاف ڪندي، پنهنجي وجود جو احساس ڏياريندي، سيني ڏانهن منهن ڪندي چيو: "مون کي ڪنهن بہ هارس ٽريڊنگ جي پروڙ ناهي."

ٻئي طرف هڪ اهڙي خبر، جيڪا رڳو پيڪي رهي هئي، جيڪا ملڪ جي اهڙن ڏوهارين جي خلاف آهي، جن کي ڏوهاري سمجهندي ۽ سڏيندي بہ حڪومتي ڪارندا ڪجهہ ڪري نہ سگهندا آهن. رڳو ماڻهن جي منهن ۾ مٽي وجهڻ لاءِ، هڪ واٽڙي خبر کي اڇلائي ڇڏيندا آهن ۽ وري زمانن تائين ان جي پوئواري بہ ڪري نہ سگهندا آهن. ان هڪ دٻيل آواز ۾ ميڪ ڪئي: "اسان منشيات جي ڏوهارين کي موت، قيد ۽ ملڪيتن جي ضبط ڪرڻ جون سزائون ڏينداسون."

ههڙيءَ خبر کي اخبار جي سِڌي سنواٽي ميدان ۾ انڪري اڇلايو ويندو آهي، جيئن منشيات جا واپاري ٿورو محتاط ٿي وڃن، چاڪاڻ جو سندس سرپرستي ڪندڙ ڪنهن نہ ڪنهن مصلحت کي آڏو رکي اهڙا بيان ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ پويان پنهنجو ڪم ڪري وٺندا آهن. هن خبر جا خالق ڏاڍا دورانديش، چالاڪ ۽ وقت جي صحيح سڃاڻ رکندڙ ٿيندا آهن. ڪين خبر هوندي آهي تہ ڪهڙي وقت ڪهڙي ڳالهہ ڪرائي وڃي ۽ ڪهڙيءَ ڳالهہ لاءِ

کھڙو وقت موزون آهي.

پريان ڪنڌ‌ماڻ، هڪ خبر پنهنجو رعب ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ هن ڪي صرف ٻن ڪالمن جيتري جڳهه مليل آهي پر سندس پوئواري ڪندڙ ملڪ جي اچي ڪاري جو مالڪ آهي. پر جيئن ته هيءَ خبر به ڏکي موڪلي ويئي آهي، ان ڪري سندس آواز تي ڪنهن ڪن ئي نه ڌريو آهي: ”پنج رفرنس خاصُ عدالت ۾ موڪليا ويا، اهڙا حڪم لاڳاپيل ڪامورن کي موڪليا ويا آهن.“

ويچارا ڪامورا ٻه ويل ۾ آهن. ڪم ته ڪرڻو هوندو ناهي. تنهن هوندي به ڪين عوام آڏ خوار ٿيڻو پوندو آهي، جڏهن اهڙا حڪم ناما جاري ٿيندا آهن. اهڙن حڪم نامن جا ليٽر به نڪري چڪا هوندا آهن، پر انهن ليٽرن پهچڻ کان اڳ ۾ ئي، ڪجهه فون يا فيڪس ڪامورن تائين پهچي ويندي آهي ته: ”مٿان اهڙو ڪڏو ڪم ڪيو آئون، هيءُ صرف عوام ۾ مخالفن جي منهن ۾ چاڻي وجهڻ لاءِ آهي.“

ڪڏهن ڪڏهن ڪامورا ۽ اعليٰ عملدار وڏين طاقتن وارن کي به ناتر واريون گوهيون هٽي ويندا آهن. ڪين ڪڙڪ به پوڻ نه ڏيندا آهن. سمگلرن کي سڳ سودو چڏي ڏيندا آهن. انهن جي جاين تي اهڙن ماڻهن جي خلاف ڪيس داخل ٿيندا آهن، جيڪي معمولي ماڻهو هوندا آهن. ظاهر آهي اهڙن ماڻهن جي خلاف ڪي به ثبوت نه هوندا آهن پوءِ اهي عملدار پاڻهين ئي ڪي ثبوت پيش ڪري نه سگهندا آهن يا لنوائي ويندا آهن ۽ منصفن کي حقيقت کان آگاهه ڪري اهڙا ڪيس آرام سان خارج ڪرائي ڇڏيندا آهن. ان سان نه ئي نانگ مرندو آهي، نه ئي لٺ کي ڪو ڇيهو رسندو آهي. انهيءَ خبر جا خالق به عام مخلوق جيان ڏاڍا ويچارا ٿيندا آهن. ڪيترن کي ئي ساڻن همدردي هوندي آهي. هن آڪرَ جي زماني ۾ نوڪري يا روزگار ڪنهن کي پيارو ناهي!

هيءَ خبر ڏاڍيون دانهون ڪري رهي هئي پر ميدان جي گوڙ ۾ هن جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي نه پئي آيو. ڇاڪاڻ جو هيءَ خبر اهڙي مرحيات جي آهي، جا سندن پوئنيرن، اخبار جي سڏي سنواڻي اچي اُجري ميدان ۾ ڏکي ڇڏي آهي. جنهن تي تشدد ڪرڻ وارا تاڻيدار آهن. جيتوڻيڪ مرحيات جي ڇنگهن

تي نشان ظاهر ظهور تشدد جا آهن، جيڪي هرڪو اکين جو سچو ماٺهو، پار چاهي پيدو ڏسي سگهي ٿو پر هوءَ خبر ڇا ڪري، دانهين ڪنهن تي آهي. جڻ جي پوئواري ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اعليٰ عملدار اکيون ڦاڙي، ڏند ڪرٽي، گارين سان رنڌي، خبر ڏيندڙ جي خاندان کي ٺي ڪائي ڪپائي سگهڻ لاءِ ڪافي آهن. اهڙو بااختيار ڪير تي سگهندو، جيڪو پنهنجي پويان ڦيڪاريءَ کي برداشت ڪري سگهندو. هو ته هڪڙو مثل آهي، پر هنن ته ڪيئي خاندان برباد ڪيا آهن، پر پوءِ به سندن وار به ونگو ڪونه ٿيو آهي.

”هن حڪومت ۾ جمهوري ادارا مضبوط ٿيندا. صحتياب ٿيڻ ڪانپوءِ پيهر سرگرميون شروع ڪبيون.“ هن خبر چڻ پٽڪو ڪيو. ڪنهن پڌو نه پڌو ۽ ڪيترن پڌي اڻ پڌو ڪري ڇڏيو. اهڙي شينهن کان ڪير ڊچندو، جيڪو مضبوط لوهي پڃري ۾ بند هجي ۽ اها به پڪ هجي ته هاڻ هو نبل تي چڪو آهي. سندس گلي مان گجگوڙ به نڪري نه سگهي. سندس هوراڙ، روح ۾ ليلڙاٽ لڳندي. وقت وقت جي ڳالهه آهي. ان ڪري هن کي ڪنهن ڪر به ڪانه ڪئي.

”سنڌ جي تاريخي حقن سان ڪنهن کي به هٿ چراند جي اجازت نه ڏبي.“

”دنيا ۾ انساني حقن جي لتاڙ جاري آهي، ڪوبه ملڪ انساني بنيادي حق ڏئي نه سگهيو آهي.“ ٻئي خبرون ميدان جي هڪ ڪنڌ کان ٻي ڪنڌ تائين ڊوڙي رهيون هيون. ٻئي دانهون ۽ ٻوڪڙ ڪري پنهنجو آواز به وڃائي ويٺيون هيون. ميدان ۾ ايترو ته گوڙ هئو، جو هنن کي ڪوبه پڌي نه سگهيو. هي ٻئي سچيون ۽ ڪريون خبرون هيون، هن دوکي ۽ دولاب واري ڊڙ ۾ سچ چوڻ وارا ڪوڙا ٻڌجيّ ويا آهن. ڪوڙ ۽ ڪچ ايترو ته وڌي ويو آهي جو سچ ان جي پاڇي ۾ پورجي ويو آهي. سچ کي سمجهڻ وارا ٻنهه ٿورڙا وڃي بچيا آهن. ڪوڙ جو لشڪر تمام وڏو، طاقتور ۽ بااختيار پڻ آهي. ڪوڙ جا ساٿاري سَوَ، پر سچ جا ساٿاري ڳوليا نه لين. اهڙيون خبرون پاڻ تي ٺٺوليون ڪرائينديون آهن. هنن کي پرکڻ ۽ پرجهڻ وارا انتهائي ڪمزور ۽ انتهائي ٿورائيءَ ۾ آهن. هنن خبرن جي خالقن جي اها حالت آهي جو ڇاڻ رکڻ جي باوجود، سندن آواز تي ڪَن ڏيڻ وارا به ويچارا آهن. ان ڪري اهڙين

خبرن کي ڪا به پر نه آهي. هونئن هيءَ ميدان انهن جو آهي، جيڪي ٻين تي حاوي ٿي وڃن، جيڪو ڏاڍو تنهن جو ڳابو.

اهڙي شور ۽ هنگامي واري ميدان ۾ ڪنهن انصاف جي ڳهُر ڪئي.

هڪ واٺڙي خبر، هن انصاف جي ڳولائو خبر جي ويجهو آئي ۽ جهيڻي آواز ۾ هن کان پڇيائين: "انصاف ڳهرجي اسڪول ۾ پڙهندڙ اسان جي معصوم ٻارڙن جي لاءِ. اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ صرف ٻه ڪمرا آهن ۽ ٻارڙن جو تعداد وڏي ويجي اڍائي سَوَنِ کي پهتو آهي. هڪ طرف چوَن ٿا ته ٻارن کي پاڙهيو، اهو هنن جو بنيادي حق آهي. ته ڇا هنن کي ويهڻ لاءِ ٻينچ جو هجڻ ۽ اسڪول ۾ خلاصڪائي هجڻ، حق نه آهي؟! اڙي! آهي ڪو ٻڌڻ وارو ۽ انصاف ڪرڻ وارو؟"

"ڪوبه ناهي، ڪو به ناهي! هتي جيڪا حالت لڳي پيئي آهي، اتي توکي ڪهڙو انصاف ملندو! ڪير توکي انصاف ڏيندو! هڪ راز جي ڳالهه ٻڌايان اوهان کي: هتي ته انصاف جي مسند تي ويٺلن کي به انصاف پلئه نه ٿو پوي! تون ۽ مان ته ڪنهن ڳڻپ ۾ ئي نه آهيون. مائي پلي! ڇڱائي ان ۾ اٿئي ته موٽي وڃي پنهنجي ٻارن جو ٻيو بلو ڪر! اسڪول، ڪمرا، استاد ۽ انصاف، تنهنجي ۽ منهنجي ٻارن جي نصيب ۾ ئي ڪونهي."

"پر هيءَ جا نئين پاليسي ناهي اٽن، ته اسڪول نه موڪليندڙ ٻارن جي والدين تي ماهوار ڏنڊ وڌو ويندو، پوءِ جيڪڏهن اسڪول ئي نه هوندو يا اسڪول ۾ ڪمرا ۽ ٻينچ ئي نه هوندا، اسڪول ۾ ماسترن جي ڪوٽ هوندي، ته ٻار اسڪول وڃي ڇا ڪندا، ڇا پڙهندا، ڇا سکندا؟"

"انهن سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ چاڻ ڪا نه ڪا ڪاميٽي جڙي. ان ڪاميٽيءَ جا هڙئي ميمبر، امير زادا، صاحبزادا ۽ خانزادا هوندا، جن جو هڪڙو به ٻار سندن اباڻي ڳوٺ جي اسڪول ۾ ماءُ جي ٻوليءَ ۾ نه پڙهندو آهي. اڪثر ميمبرن جا ٻار ته ملڪ کان به ٻاهر پڙهندا هوندا. هاڻ پنهنجي اٿاريل سوالن جي جوابن ملڻ جو تيسين انتظار ڪر ۽ پنهنجي ٻارن کي ڪنهن وڻ جي ڇانوري ۾، يا پيل ٿلهڻ اس ۾ پاڙهڻ لاءِ موڪلي ڇڏ!"

اهو چئي واٺڙي خبر ميدان ۾ تڙيل پکڙيل خبرن جي پيڙ ۾ گم ٿي ويئي ۽ انصاف لاءِ ٻاڏائيندڙ خبر مٿي تي هٿ رکي، هن واٺڙي خبر جي

حقيقت پسندانہ راءِ تي سوچڻ لڳي. ڪانئس پنهنجي گهَر ئي وسري ويئي!

ميدان ۾ هاڻ گـوڙ وڌڻ لڳو، رڻ تپي چڪو هو. ڏاڍين خبرن راڙ مچائي ڏني هئي. ڪنهن بہ هيٺي ۽ جهيٺي آواز کي ڪوبہ ٻڌي نہ ٿي سگهيو. جهيٽيون خبرون گوڏا ڪوڙي ويهي رهيون، ۽ آخرڪار ان اميد جي سهاري تہ: "لڙڪ نہ ڪو لاڙيندو، اهڙو ڏينهن بہ ايندو."

بت ۾ اسريل پوتو

پچائي:

صبح جو مان سندس مزاج پرسيءَ خاطر سندس گهر ويس. خبر پئي منهنجا ڇهه ڇڄي پيا. حواس خطا ٿي ويا. هن جي گهرواريءَ روئندي ٻڌايو ته: ”هو سول اسپتال جي هڏن واري وارڊ ۾ بسترو نمبر ١٤ تي آهي. توهان اتي وڃي کيس ڏسي سگهو ٿا.“

مون اصل ڊوڙ پاتي ۽ پڄندو ويس پڄندو ويس ۽ سول اسپتال جي ڳاڙهي بتيءَ واري دروازي کان سڌو اندر جوهه ڪيو-پئي ويس. جيئن ئي هڏن واري وارڊ جي دروازي وٽ پهتس ته منهنجي بيچين نظرن بستري جي چوگرد سڀ چاتل سڃاتل چهرا، جهڪيل نظرن سان ۽ ساڻن عضون سان بيٺل ڏٺا. ان بستري تي هن جو مختصر جسامت وارو بدن رکيل هو. جنهن جا چارئي بازو ٻڌل هئا ۽ هڪ ڄنگهه تي پلستر چڙهيل هوس. هن جا نپل نيڻ ڪڏهن کليا ۽ ڪڏهن بند پئي ٿيا. هو ساڪت ٿي ويو هو. هن ۾ ڪابه چرپر نه هئي، بس رکي رکي هن جون اکيون کليون ۽ بند پئي ٿيون ۽ ساهه جي کڄڻ ڪري سينو ۽ پيٽ هيٺ مٿي پئي ٿيس. مان وڌي اڳيرو ٿيس ته ڪٽ جي چوگرد بيٺلن پري سري مون کي جاءِ ڏني. مان وڌي هن جي ويجهو ٿيس ۽ انتهائي تڪليف مان ڳيت ڏئي، نڙي آلي ڪري، ويهي رهيس. ڪجهه

ٻه نه ڳالهايم. ڳالهائڻ آڪلي ٿي نه پيو. چاتم زور ڪري ڳجهه چوندس ته ان سان ڳڻ اوچنگار نڪري ويندم. پاڻ تبي مڪمل ضابطو ڪري هن تي پيرن ڪان چوٽيءَ تائين نهار وجهي، ماٿ ڪري هن جي پيرن وٽ ويهي رهيس. منهنجي اکين ۾ ڇهري جي ورنن ڪجهه چيو، هن سمجهيو ۽ باقي سڀ بيٺل ساڳيا ڇهرا بي سمجهه، سي بي سمجهه ٿي رهيا.

”سائين، هي سڀ ڪجهه......؟“ پاڻ تي مڪمل ضابطو رکي، ٻريل آواز ۾ مون هن کان سوال ڪيو. پر جواب منهنجي ذهن ۾ پاڻ مرادو اڀريو، پڙاڏيو. انِ پڙاڏي جي گونج سان گڏ منهنجي من تي مرڪ ڦهلجي وئي.

هن ڪوبه جواب نه ڏنو. بس پٽيل اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. اکين ٿي اکين سان سور سليو. زبان ان سور جي سُرور کي لفظن جو ويس ڍڪائي نه سگهي.

شروعات:

رحمان شيخ ۽ مان، هيرآباد ۾ پاڙيسري هئاسون. هن جو گهر منهنجي گهر ۽ فوٽو اسٽوڊيو جي بلڪل ويجهو هو. ان ڪري مان هر روز شام جو ڪڏهن رات جو هن جي گهر هليو ويندو هوس. رحمان شيخ پنهنجي دؤر جو بهترين چترڪار ۽ ڪهاڻيڪار هو ۽ مان ان وقت فوٽو گرافيءَ ۾ مهارت رکڻ وارو. ادب ۽ اديب دوست هئڻ ناتي سان وچي رهاڻ ڪندو هوس ۽ پنهنجي ڄاڻ ۾ هن جي ڄاڻ سان اضافو ڪندو رهندو هوس. هو نه صرف چترڪار هو، پر ان وقت اديبن ۾ خاص ڪري ڪهاڻيڪارن ۾ ٻه شمار ٿيندو هو. هن کي ادب ۽ چترڪاريءَ تي ڪافي ڄاڻ هئي. ان ڪري هن سان ڳالهائڻ ۽ هن سان گڏجي پيئڻ کائڻ ۾ ڏاڍو لطف ايندو هو. اسين پيئندا به هئاسون، ادب آرٽ ۽ فوٽو گرافيءَ تي ۽ ڪڏهن ملڪي حالتن تي ڳالهائيندا هئاسون. هن جي عمر ٧٨ورهيه هئي ۽ مان اڃا جوانيءَ جي پيٽي ۾ هوس. هن کان پڇڻ ۽ ڄاڻڻ جي تمنا هر وقت رهندي هئم ۽ هن کي ٧٨ سالن جي ڦهليل ملڪي ۽ غيرملڪي ڄاڻ هوندي هئي. اصل ۾ هو پنهنجي نوڪريءَ تان رٽائر ٿي چڪو هو. پر اڪيلي هئڻ ڪري ڪيس هڪ مهربان اديب ۽ حيدرآباد پبلڪ اسڪول جي تڏهوڪي پرنسيپال، معاهدي هيٺ شاگردن کي چترڪاريءَ بابت سيکارڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڪلاس وٺڻ لاءِ رکي

چڙهيو هو. ان مان هن جي انتهائيءَ ننڍي گهر جو گذر سفر ٿيندو هو. باقي سارو ڏينهن هو پنهنجي چترڪاريءَ ۽ ادب پڙهڻ کي ڏيندو هو. پوءِ هو هوندو هو، ڪئنواس، برش، رنگ، قلم، ۽ بوتل. ڪڏهن انهن مان فن جو شهڪار جهلڪيون ڏيندو هو ته ڪڏهن ادب جو شهپارو.

هڪ ڏينهن اوچتو، چاڪيءَ جي ڏاندن جيان هڪ ئي محور ۾ ڦرندڙ ڏاند جهڙي زندگيءَ ۾ ڪا تبديلي آئي. هن جي پيدائش ۾ چڻ جوانيءَ جا امنگ ۽ فوهه جوانيءَ جيان ڪو هير جو جهوٽو اچي ويو. هن جو مک مهڪي پيو، هن جي مرجهايل من ۾ نوان گوشا نسري آيا. مان هن وٽ معمول مطابق ويس، سندس تبديلي ڏسي اول ته پنهنجي اکين تي اعتبار نه ٿي ڪيم، سندس پير ۾ ويهي ڪيس هيٺ کان مٿي تائين ڏسي نيٺ پڇي ويٺس.

"سائين خير ته آهي؟ هي ڇا پيو ڏسان؟ ڪا نئين ڳالهه آهي!"

تازا ڌوتل استري ڪيل ڪپڙا پهريل، وار سنواريل، اکين ۾ سرمو پيل! هونءَ هن مهل هُو بنهه سادگيءَ سان هوندو هو. هي وقت ئي اهڙو آهي جو ماڻهو سچو ڏينهن جي هڻ هٽان ۽ ڪم ڪار کان بيزار ٿي، گهر ۾ ويهندو آهي. هن پهرين ته آنا ڪاني ڪئي، پر جڏهن چيومانس ته "ڪا ڳالهه آهي، جنهن اوهان ۾ هيءَ تبديلي آندي آهي. مون کي به نه ٻڌائيندا ڇا؟"

هن جي چهري تي چڻ چوڏهينءَ جي چنڊ جو شعاع پيو. مک تي مرڪ آڻيندي ٻڌايائين:" اڄ هڪ ڇوڪري مون سان ملڻ ايندي. جنهن جي لاءِ مون کي منهنجي گهر واريءَ سفارش ڪئي آهي ته مان ڪيس ڊرائنگ سيکاريان، ته جيئن هن کي اسڪول ۾ ڊرائينگ ٽيچر جي نوڪري ملي سگهي." ٿوري دير ۾ اها ڇوڪري آئي. مان راحت کي ڇوڪري ٿو چوان، پر حقيقت ۾ هوءَ رنڙ عورت هئي. جنهن لاءِ رحمان مون کي ٻڌايو ته، "هوءَ شاديءَ ڪرڻ جي ڇهن مهينن ڪانپوءِ سندس ور جي روڊ حادثي ۾ موت جي ڪري رنڙ ٿي وئي. شاديءَ ويل سندس عمر ١٨ سال ڪن هئي. هاڻ هوءَ اسان جي گهر کان ٻيءَ گهٽيءَ ۾ پنهنجي مامي جي گهر ۾ رهندي آهي. ڪنهن همدرد عورت صلاح ڏنس ته تون ماستري ڪر. سندس ڪوئي مائٽ حيدرآباد ۾ ڊي.اي.او آهي، ۽ هن وٽ وڃي به ويس. جنهن سندس قصو ٻڌي

همدرديءَ وچان ڪيس ماستري ڏيڻ جي آڇ تہ ڏني، پر اهو بہ چيائينس تہ مون وٽ صرف ڊرائينگ ٽيچر جي جاءِ خالي آهي. تون ڪٿان بہ ٿوري گهڻي ڊرائينگ ٿاهڻ سکي وٺ تہ مان نوڪري ضرور ڏيندس. سندس ان همدرد عورت کي ڪا منهنجي ڄاڻ بہ هئي. ان ڪري منهنجي گهر واريءَ سان حال اوريائين، جنهن مون کي هن لاءِ سفارش ڪئي ۽ مان هن سان هائوڪار ڪري ويهي رهيس."

راحت، واقعي راحت هئي. هن کي ڏسندي اکين کي تراوت ايندي هئي. هن جو عورتاڻو پورو پنو قد، وڏيون چيرويون اکيون، گهاٽا ڪارا وار، انهن جي سڌي سينڌ ڪيندي هئي ۽ بہ چوٽيون ٺاهي، مٿي تي رئو ۽ ڪلهن تي چادر وجهي هلندي هئي تہ ڄڻ مورتي لڳندي هئي. ڀهراڙيءَ جي وينگس لڳندي هئي.

ان ڪانپوءِ راحت هن وٽ هر روز شام جو ايندي هئي. رحمان هر روز ڪيس هڪ تصوير ٺاهڻ سيکاريندو هو. ڪڏهن انب، ڪڏهن صوف، ڪڏهن واڱڻ. رحمان چيو هوس تہ، "مان توکي هڪ مهيني جي اندر ايترو ڪجهہ سيکاريندس جيترو ڪابہ ڊرائينگ ٽيچر نہ ڄاڻندي هوندي." پوءِ راحت تي رحمان محنت ڪرڻ لڳو ۽ هن جي جواني ۽ حسن مان لطف اندوز بہ ٿيندو رهيو. ڪڏهن هن جي هٿ ڇهاءُ، ڪڏهن آڱرين جي لمس ۽ ڪڏهن ڪٽ تي پير ۾ ويهندي گوڏي گس، هن جي دل ۾ ڪي امنگ اٿندا هئا ۽ ڪجهہ سوچي ڳڳاٽجي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن رحمان هن کي دل جي تصوير ٺاهي ڏني ۽ اهڙي ٺاهڻ لاءِ چيائينس. راحت نہ صرف دل جي تصوير ٺاهي، پر ان ۾ هڪ تير بہ ٽنبي ڇڏيو ۽ جڏهن واپس ڪيس ڏيکاريائين تہ جو ڪجهہ رحمان سوچيو هو، ڳالهہ ان کان بہ اڳيري نڪرندي محسوس ڪيائين ۽ هڪدم ڪيس موڪل ڏئي ڇڏيائين.

معمول مطابق مان هن وٽ شام جو جيئن آيس تہ هن اها تصوير مون کي ڏيکاريندي پڇيو تہ، "خان محمد، هي ڏس، هاڻ هن جو ڪهڙو مطلب آهي؟"

مون وراڻيو، "سائين رحمان! هاڻ بچيو ڇاهي. هوءَ عورت آهي، ان

ڪان وڏيڪ ڪري به ڇا ٿي سگهي، هاڻ اوهان کي ئي ڪجهه ڪرڻو پوندو."

"مان ڇا ڪريان؟ مون کي هن کي ڪجهه ڪرڻو ناهي، مان ته صرف هن جي ڀرپور جوانيءَ کي ڏسڻ ٿو چاهيان."

ان وقت مون ڏٺو هن عمر ۾ رحمان جي اکين جي چمڪ وڌي وئي هئي. هو جذبن جي روءِ ۾ هڪ نوجوان جهڙي ڏيک ڏئي رهيو هو. مون کيس صلاح ڏني، "توهان هن کي هڪ خط لکو ۽ ان ۾ ملاقات جو ذڪر ڪريو. سندس مامو ڪڏهن گهر ۾ نه هوندو آهي ته هوءَ اڪيلي گهر ۾ هوندي آهي."

"خط ته مان لکندس، پر اهو ڏئي تون ايندين." رحمان منهنجي دوستيءَ جو پورو فائدو وٺڻ چاهيو. مان هن جو رازدار ۽ هم پيالا به هوس. چيم، "جيڪو چوي اهو ڪري، ائين ڇا......؟"

ٻئي ڏينهن هن خط لکي، هڪ لفافي ۾ بند ڪري ان لفافي تي گل ڦل ناهي مون کي ڏيندي چيائين "کيس چئج ته هن جو جواب جلدي ڏئي. اهو تون ترسي وٺيو اچجانءِ."

مان اهو خط امانت باسلامت کڻي ويس. گهر جي ڏاڪڻ چڙهي، دروازو کڙڪايم، در جي پيڪر مان خوبصورت هٿ ٻاهر آيو. مون لفافو ڏئي چيو ته، "هن جو جواب اڌ ڪلاڪ ۾ ڏيندا، جيئن مان کڻي ويندس." بنا جواب ڏيڻ جي دروازو بند ٿي ويو. مان ٻاهر بيهي ٽهلندو رهيس. سگريٽ پيئندو رهيس نيٺ دروازو کليو ساڳيو هٿ ٻاهر نڪتو. هڪ لفافو مليو، جنهن تي گل ڦل چاپيل هئا. مان اهو لفافو امانت باسلامت کڻي رحمان وٽ پهتس. ان وقت رحمان جي حالت ڏسڻ جوڳي هئي. هن جي چهري تي هڪ رنگ آيو پئي ۽ ٻيو رنگ ويو پئي. هٿن ۾ جهليل خط، هٿن جي ڏڪڻ ڪري جهلي رهيو هو.

مون رحمان کي چيو، "گهٽ ۾ گهٽ هاڻ ته اهو خط مون کي به ڏسڻ ڏيو."

چيائين، "ترس، هڪ ڀيرو ٻيهر به پڙهان."

هن ٻيهر خط پڙهي مون کي ڏنو، خط ۾ لکيل هو: "اوهان سان

هيڪلائيءَ ۾ تہ هرروز ملندي آهيان پوءِ بہ ڪجهہ ڳالهائڻ بنا اوهان صرف ڪم سان ڪم رکندا آهيو. منهنجي خواهش جو اظهار اوهان پاران ڏاڍو وڻيو. سپاٽي منهنجو مامون ڪيڏانهن ٻاهر ويجي رهيو آهي، اوهان شام جو پنجين وڳي مون وٽ اچو. رهاڻ لاءِ هاڻ تہ روح ريهون ٿو ڪري. توهان جي راحت."

مون رحمان طرف گهوريو، هن جو مک مهڪي رهيو هو. ڪجهہ پل مان هن ڪي ۽ ڪڏهن خط جي لکت ڪي ڏسندو رهيس. الائي ڇو اسان ٻئي خاموش ٿي وياسون.

رحمان ٻڌايو تہ، "شايد هن جي من ۾ اها خواهش اڳ ئي اپري هئي. پر مون ان ڪي لنوايو هو. ان ڏينهن جنهن ڏينهن مون ڪيس دل جي تصوير ناهي ڏني هئي. هن مون ڪي نهايت انوکي انداز ۾ گهوريو هو ۽ پوءِ لجائجي، اکيون هيٺ جهڪائي ڇڏيون هئائين. ان ڪانسواءِ بہ هن جون گونگيون اکيون ڪجهہ سليندڙيون هيون. پر مون انهن جي پرولي ئي نہ ٿي پروڙي."

مون چيو: "هوءَ نوجوان آهي، ٻهراڙيءَ مان آيل آهي. پيار جو اظهار ان طرح تہ نہ ڪري سگهندي، جيئن ڪا شهري، پڙهيل ۽ فيشن واري ڇوڪري ڪري سگهي ٿي."

رحمان چيو: "هاڻ سپاٽي پنجين وڳي تون بہ مون سان گڏجي هلج. گهٽ ۾ گهٽ در تائين تہ هلج ۽ تون اتي تيسين ترسجانءِ جيسين مان ٻاهر اچان."

مون ساڻس گڏ هلڻ جو وچن ڪيو ۽ پوءِ چيومانس تہ، "گهٽ ۾ گهٽ هاڻ تہ ڪٽ هيٺان رکيل بوتل ڪي ٻاهر ڪڍ تہ ڪجهہ چس حاصل ڪجي."

هن بوتل ڪڍي ۽ اسان هڪ عجيب سُرور ۾ اها پيتي، سپاٽي جو واعدو ڪري مان بہ گهر هليو ويس.

ٻئي ڏينهن واعدي ۽ وقت مطابق هن وٽس ويس. هو خوش پوش تہ اڳ ئي هو، پر اڄ تہ رنگ ئي ٻيو پئي لڳو. ڌوتل ڪپڙا پهريل، بوٽ کي تازي پالش، وارن ڪي ڦڻي، پرفيوم جي بوتل هاريل ۽ ڪن ۾ عطر جو ڦڙو

رڪيل. هو سهيو سنيريو ويٺو هو.”سائين ڏيو خبر، هلجي.“ مون اندر ڪمري ۾ گهڙندي ڪيس منتظر ويٺو ڏسندي چيو.

وراڻيائين،”هلون وري ڪيئن! ٿورو وقت اڳ هڪ ڇوڪرو خط ڏئي ويو آهي ته پنجين وڳي نه پر رات جو ڏهين وڳي اچجو. ڇو جو مامون اچا ويو ناهي. هاڻ ته رات ڏهين وڳي جو انتظار ڪرڻو پوندو.“

مون چيو،”تيسين ڇا ڪجي، پلا بوتل جا ٻه ڍڪ ٿي وڃن.“

”ها-ها ضرور! ائين تا ڪريون، ڪچهري ۾ مزو ايندو.“ هن ڪان چڻ لفظ آڪلن ٿي نه پيا. هن هر هر گهڙي پٺي ڏٺي ته وقت ڪيترو ٿيو آهي. ڪڏهن مون ڪان پٺي وقت پڇيائين. ڪڏهن گهڙيءَ کي چاٻي پٺي ڏنائين نيٺ قيامت جهڙو انتظار اچي ختم ٿيو. اسان ڪمري جو دروازو ٻاهران بند ڪري هيرآباد جي گهلندڙ سهاني هوا ۾ نڪري پياسون. ڪڏهن هوائن جي جهوٽي تي ايئن پٺي لڳو ته رحمان سڄو للڏي ويو، چڻ ته تيڙ پيو ڪاٽي. هڪ سنهڙو نازڪ جسم، پيو ڪجهه خمار ۾ ٿيون هڪ نوجوان عورت جي سامهون وڃڻ جي دهشت.

”يار مان هن کي ڇا چوندس؟ هن کي ڇا ڪندس؟ ڪجهه ڪري نه سگهندس. حقيقت ۾ مان هن کي ڀرپور نموني ڏسڻ ٿو چاهيان.“ رحمان چيو.

مون وراڻيو ”اوهين آرٽسٽ آهيو، هن کي سامهون ويهاريءَ هن جي انگ انگ کي نقش ڪريو. پني تي، دل تي ۽ اکين ۾.“

”يار تون ڪيڏانهن وڃجان نه، او هن درجي دڪيءَ تي تي ويهج، جيسين مان اچان.“ هن در ڏانهن اشارو ڪري چيو.

هن جو بدن چڻ ڏڏيو پٺي. مون ڪيس هٿ جي ٽيڪ ڏئي. دروازي جا ٻه چار ڏاڪا چڙهڻ ۾ مدد ڪئي. هن ڏڪندڙ هٿن سان ڪڙو ڪڙڪايو، ويرم نه گذري هڪ هٿ در جي ٻيڪڙ مان ٻاهر نڪتو ۽ رحمان جي ڪرائيءَ ۾ ڦبي ويو. هڪ ڌوهه سان رحمان اندر ٿي ويو ۽ دروازو بند ٿي ويو.

ڪلاڪ ڪن مون به رحمان جي واپس ٻاهر نڪرڻ جي انتظار ۾ گذارڻ لاءِ ڪڏهن در جي دڪيءَ تي ويٺس ٿي، ڪڏهن گهٽيءَ ۾ پسار پٺي

ڪيم ۽ سگريٽ پٽي ڦوڪيم. ڪيئي خيال ذهن ۾ آيا ۽ ويا پئي. ڪڏهن مرڪيس پئي ته ڪڏهن هلڪي ڪل زوريءَ نڪري پئي وئي. هو ڪيئن هوندو؟ ڪيئن ڳالهائيندا هوندا؟ رحمان ڇا چوندس؟ راحت ڇا وراڻيو هوندس؟ پنهي جا مڪالما ذهن تي ور ور ڪري آيا ۽ ويا پئي. ان سان منهنجي ڪيفيت ۾ به تبديلي پئي آئي. ڪڏهن مُرڪيس ۽ ڪڏهن ڪليس پئي.

ايڪڙ ٻيڪڙ لڳهندڙ ماڻهو عجيب نظرن سان ڏسندا تي گذريا. نيٺ انتظار ڪٽو. در جي ڪلڻ جو آواز ڪن تي پيو ته هڪدم اوڏانهن نظر وڌم. دروازو ڪليو رحمان نڪتو. هو عينڪ پائي به نه هليو هو، ان ڪري دروازي تي بيهي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو ته پويان راحت پيار ڀري ٺٺڪي ڏيندي چيس:" هاڻ جلدي هل نه." هن ٺٺڪي ڇا هنيس، مڙس هو واءَ سمان ۽ ٻيو عمر جي تقاضا، ڦهڪو ڏئي ڪري پيو. هوءَ دروازي وٽ سهمي بيهي رهي. رحمان ڪان ڌٻيل دانهن نڪتي ۽ مان ڊوڙ پائي هن وٽ پهتس. ڇاتم ته ڪجهه غلط ٿي ويو آهي. هيڏي هوڏي نظر ڊوڙايم، قسمت ڀال ڀلايو جو ان وقت منهنجي نظر رڪشا تي پئي. ڊوڙي وڃي ولي آيومانس ۽ ايلاز واري نوع ۾ ڪيس هلڻ لاءِ تيار ڪيم ۽ ٻي گهٽيءَ ۾ گهر تائين ڪٽي هلڻ لاءِ پنج رپيا باسيم. رڪشا واري پڇيو،" هن کي ڇا ٿي ويو."

چيم،" شايد پير ترڪي پيس، ان ڪري ڪِري پيو آهي."

مون رڪشا واري جي مدد سان ڪيس ڪٽي رڪشا ۾ وڌو ۽ سڌو گهر آياسون، گهر وارن سان به ساڳيو بهانو ڪيم. ڪيس گهر واريءَ جي حوالي ڪري مان به گهر هليو آيس.

سي ئي جوين ڏينهن

نرڙ تي آڱر گهمايائين تہ پگهر ٽينڊيون ڪري وهڻ لڳس. شوڪارو پري مٽي نهاريائين سج جي تپش ڪري اکيون پورجي ويس ۽ هڪدم ڪنڌ هيٺ ٿي ويس. چيلهہ تي ٻئي هٿ رکي، پاڻ کي پنٽي ساهيائين. ٽڪ جو ڪجھ احساس گهٽيس تہ هيڏي هوڏي نگاهہ اڇلايائين. هوا جي ٽنيي بہ ڪانہ هئي، پر بہ نہ تي چريو. سوچيائين: "دوزخ آ دوزخ! اڃان تہ نيرن جي مهل بہ ڪانہ ٿي آهي تہ سج تارا ٿو ڪڍي." هڪ نظر پنهنجي جسم تي وڌائين. سندس لڱ لڱ مان پگهر جون ريڳاڙيون ڳڙي رهيون هيون. اڄ جو سخت احساس ٿيس. "اَبوءِ! پاٽيءِ جو گهڙو بہ آڻڻ وسري ويو. شل ياد اچيس. من ڪنيو اچي." ٽڪل ٽنگن کي گهليندي، ڳورا ڳورا قدم کڻندي بي تهاشا وڏڻ لڳو ۽ واهہ تي وڃي پهتو. نِوڙي بہ چار ٻڪ پاٽيءَ جا ٽڪڙ ۾ پي ويو. هلڪي اوڳرائي ڏنائين. ڪجھ ٻالني ٿيس. بہ چار ٻڪ منهن تي بہ وسايائين. "ڪجھ تہ گرمي گهٽجي." اٿيو ۽ پر ۾ بيٺل نم جي ڇانوَ ۾ ٿي وينو. نم جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏئي، ٽڏو ساهہ کنيائين، جڻ ڇپون لهي ويون هجنس. هڪ نظر ٻنيءَ ڏانهن وڌائين. " اڃان تہ جريب ڪن مس رنبيو هوندم، ڪائي پيٽي آ، خبر ناهي، نوران الائي ڇو دير ڪئي آهي. جلدي اچي ها تہ جيڪر هيل تائين بہ جريب نڪري وڃن ها." نوران جو خيال ايندي ئي

چڻ خوشيءَ جو خزانو ملي ويس. تڙي پيو. عجيب سرور ۾ اکيون ٻوٽجي ويس. نوران جي خيالن جي ڀولارن ۾ ڪوئجي ويو.

کيس ياد آيو جڏهن اجان نوران کي ڏنو به نه هئائين، صرف هن جي هاڪ ٻڌي هئائين ته متس موهت ٿي پيو هو. کيس ياد آيو، ٻلاول هن جي واکاڻ ڪئي هئي. چيو هئائين: ”رن آ چاا ابا، ڇتي آ ڇتي! رونبي ۾ ٻيهي ٿي ته ڪنهن کي وٽ ئي نه ٿي ڏئي. هن جا هٿ ته ناهن نه، بس ائين ٿو لڳي چڻ هٿن ۾ بجلي ڀريل هجيس.“

”يار، ڪمال ڪري ڇڏيائين، تون پاڻ کي الائي ڇا سمجهندو آهين. ڏاڍو ناز اٿئي پنهنجي هٿن تي، پر جي تون هجين ها، ته ڪل پئجي وڃئي ها، ته ٻيلي ٻيا به آهن جوءِ ۾. رمون ڀمونءَ تي ته فلڪ به نه ٿي ڇنڊيائين.“ مُجَن کي هٽ هٽندي چيو هو.

”دهلاري اجا ڏؤنڪو ئي مس ٿو هٽي ته ڏاڻي پوري. بابا، پنهنجي ته ڀيٽي ناهي. اسان ته قسم کٽي ڇڏيو ته جنهن ونگار ۾ نوران ايندي، ان ۾ اصل نه وڃبو. بي عزتي آهي بي عزتي.“ ڪمون چئي رهيو هو.

”اڙي هلو ڙي هلو! رنون ٿيون اسان مڙسن سان پڇن. اوهان ته آهيو ياڙيا، مڙسن ٿوروئي آهيو. ٻڌي نه ٿي مئو.“ ٺهڪ ڏيندي چيو هئائين: ”اڙي، واهه ۾ پاٽي ڪونه هو ڇا جو موٽي آيؤ!“ هو ڪلي پيو هو. سيني جي بي همتي ۽ بي عزتيءَ تي ڪل به ٿي آيس ۽ مڙسن جو منهن هيٺ ٿيندو ڏسي هن تي جڪ به پئي ڪاڏائين. ياٺي پيو ته هينئر جو هينئر ان رن کي گهرائي پلئه ڪري.

”اڙي ميان شڪر ڪر. بچي وئين بچي. ٻلا ياڳ هيئي جو نه هئين. هلين ها ته خبر پئجي وڃئي ها ته گهٽين ويهين سؤ آهي. ميان رن ته نه هئي نه! ائين سمجهه جهڙي مشين. آڱريون ائين ٿي وريس چڻ وچ وراڪا پئي ڏنا.“ رٻن کيس ساڙڻ لاءِ وڌائي ڏني.

”اڙي رٻو، تون ته ماٺ ڪر. ٻيٺهان ياڙي آهين ياڙي. تولاءِ ته هوءَ الائي ڇا هوندي. ڪڏهن ڏٺي هجئي رن ته چؤن. تنهن جي ته هنڪي ڏسي واڇ ئي گودو ٿي وئي هوندي، سو توکان ٿي رونبو پڳو. چئي ٿو مشين هئي مشين، هونهه!“ هو ڪلي وينو هو. سندس ٺوڪ تي سڀ ڪلي وينا هئا.

ٺهڪڙو مچي ويو. ايتري ۾ پٽ اچي ويو ۽ همراهہ ڪائڻ ۾ جنبي ويا. ”يار مجن، ان ڏينهن تہ پاڻ ڪي پٽ بہ نہ ٿي وٺيو.“ ڪمونءَ ٽڏو ساهہ ڪٽندي چيو هو.

”هل ڙي هل پيٽي پٽ گهر جي سونهن.! ڪم پڇيو ڪونہ، رڳو ڪائڻ تي زور. اڙي ڪنهن ملي جو پاڇو پيو اٿئي ڇا؟“ مجن چرچو هٽندي چيو هوس. ”تون وڃي گڏهہ چار، تون ڇا ڄاڻين رونبي مان.“

هوڪرو مچي ويو. اصل ربن جي وات مان تہ طاهريءَ جو ڦوڪارو ٿي زور سان نڪتو. پويان ڏاڏي ڏني هڪل ڪري چين؛ ”اڙي ڪائڻ تي بہ نٽا مڙو. ماٺ ڪري ڳرو. ڪو اڙجي پوي. ويل ۾ نہ وڃهي ڇڏيو.“

”ڏاڏا هي مرندا تہ بہ ڳرندا. تون پرواهہ نہ ڪر.“مجن ڏاڏي ڏانهن ڏسندي چيو هو. اڄ مجن جي سرسي هئي، هر ڪنهن تي چڙهت هئس، وار پئي ورتائين وار.

بس ٿي ڏينهن رکي رئيس رب ڏني جي ونگار هئي. سيني ڪي ڪمدار ڪمن اچي ٻڌائي ويو هو. مجن ڪي تہ اول ٻڌايائين. ڪيس پڪ هئي تہ هڪ طرف مجن ۽ ٻئي طرف نوران جي ضد تي چڙهيا تہ پوءِ سڄي ٻني نيرن تائين نہ تہ منجهند تائين رنبجي ويندي. اصل منٿ ڪري ونندا منٿ. هو اجان ٻڌائي موٽيو ئي مس تہ بلاول نائي نبڻ جي گهر هلي آيو.“ مجن ڪمدار ڪمن ونگار جو ٻڌائڻ آيو هو.“ بلاول نائي نبڻ جي چلم مان ڦوڪ پريندي چيو هو.

”ها، مون کي بہ ٻڌائي ويو آهي. چئي رئيس تو لاءِ خاص نياپو ڏنو آهي تہ تون ضرور بہ اچجانءِ. ير، رئيس جو نياپو نہ هجي ها تہ شايد نہ هلان ها، پر هاڻ تہ هلڻو ئي پوندو.“ مجن ميڻهن جو گاهہ ملينديٰ چيو.

”پر خبر اٿئي، پٽ هلجانءِ سهي سنيري. نوران بہ ايندءِ. متان پنهنجي بي عزتي ڪرائي وجهين.“ بلاول رڙ ڪندي ٻڌايو.

”اڙي پرواهہ نہ ڪر، توهان جا پلوَ ونندس پلوَ. رڳو پنهنجي مڙسي ڪجو.“ مجن اتان ئي ڪلندي جواب ڏنو هوس.

”نوران! ڪهڙي نوران؟“ نائيءَ بلاول کان چلم جو نڙ وٺندي پڇيو.

”نائي هوءَ وليداد جي ڌيءَ.“ بلاول هٿ جو اشارو ڪندي ٻڌايس.

”وليداد جي! اها اهڙي نڪري پٽي آهي ڇا رونبي ۾؟“ نانيءَ ورائي پڇيو.

”ناني اصل ڳالهه ئي نه پڇ، رن راتاها ڏئي ڇڏيا آهن، اصل سيني جا نڪ وڏي ڇڏيا اٿائين. ڪنهن کي بيهڻ تي ڏئي ڇا؟ وري ناني سندس سوپيا ڇا آهي؟ هيڪر ته هر ڪو موهت ٿيو پويس.“ ٻلاول لست مان آهستي نانيءَ کي ٻڌايو.

”هائو ابا هائو! نندي هوندي هئي ته مون چيو هو مائٽن کي ته ڇوريءَ جو خيال ڪجانءِ، متان نظرجي نه پوي. برابر هوندي اهڙي.“ نانيءَ چلم مان ٻڙڪو ڪيندي ساهه سان دونهون ڇڏيندي چيو هو.

”مجن مان هلان ٿو. سوير تيار ٿجانءِ ته گڏجي هلنداسون.“

ٻلاول اٿي ڪڙو ٿيو. ”چڱو ناني وري ايندس. هاڻ هلان ٿو.“ هو ڳلي ٽپي هليو ويو. مجن ٻين جي واتان ته نوران جي ساراهه ٻڌي هئي پر ويتر جو نانيءَ ان جي تصديق ڪئي ته هن جي من ۾ نوران کي ڏسڻ لاءِ امنگ اٿيا. هن فيصلو ڪيو ته ونگار تي ضرور ويندس نه ته سيڪو ائين چوندو ته نوران جو ٻڌي نه آيو بي عزتي ٿي پوندي. ونگار به وهي اڄبي ۽ نوران کي به ڏسبو، جنهن جي هرڪو ٿو ساراهه ڪري.

صبح جو سوير اٿيو. مينهن ۽ ڏاندن کي گاهه وڌائين. پاٽيءَ جون پاتليون پري ٽنهي کي ڏيڪاريائين. پوءِ انگوشو مٿي سان ٻڌي نڪتو پاهر. سڌو ٻلاول جي گهر ويو. هو به تيار ٿي رهيو هو. پٽي ڇٽا مات ميڻ ۾ نڪتا. سڌا رئيس جي ٻنهيءَ تي پهتا. ڪمدار کي ڪيڪار ڪيائون. اوچتو ٻلاول سرپاٽ ۾ چيس: ”او هوءِ ويٺي آ نه پنيري، اها اٿئي نوران.“

”اڙي ڇڏينس، پاڻ ئي ايندي ميدان تي، خبر ڪوڙين تي پوندي.“

مجن چيو ته سهي پر دل ۾ هٿس ته جيڪر هن طرف منهن ڪري ته هڪ نظر ڏسي وٺانس. نيٺ سڀ مڙي گڏ ٿيا ۽ رونبو شروع ٿيو. چئن چئن همراهن کي هڪ هڪ جريب مليو. ڏايون ورهائجي ويون. هٺ سعيو ڪري اهو جريب ڪنيو جيڪو نوران ۽ سندس ساٿين جي پرسان هو. ڏونڪو لڳي ويو. ڪم شروع ٿيو، هن به الله توآهر ڪري شروع ڪيو ۽ هوڏانهن به وٽ وٺان تي وئي. دهلاري ڏونڪي تي ڏونڪو تي هنيو ۽ هوڏانهن همراهن ڏاين

تي ڏايون پئي ورتيون. مجن جا همراهہ هجن بلاول، ڪمون ۽ رين. هوڏانهن نوران جا ساٿي ملوڪ، ميرل ۽ لوُنگ هئا. هڪ ٻئي کي ٽڪيندا پئي رهيا ۽ هٿ کي بہ وڏائيندا پئي رهيا. پهريون جريب پنهي ڳڏجي پورو ڪيو. ٻئي ۾ گهڙي پيا. هڻ هٿان، وارو وارو. هن ڀيري مجن وارا ٿورو اڳيرو نڪرندا ٿي ويا ۽ جڏهن ٽيون جريب شروع ٿيو تہ اتي مجن جا همراهہ ڏئي وٺي بيٺا. هن کين هڪل ڪئي: "اڙي متان پاڙيا ٿيا آهيو نہ تہ اڳتي اوهان کي اصل ساڻ نہ کڻندس." هو همراهہ بہ لايون بيٺا هئا. پگهر ڳڙي سندن واڇن ۾ ٿي پيو. ڏينهن بہ چوي تہ اڄ نہ تپان تہ ڪڏهن تپان. هوا جي ننڍ بہ ڪانہ هئي. مجن کي لانگوٽو ڪنيل، مٿو اگهاڙو، سترن تائين ڇنگهيون اگهاڙيون، ڪنجيءَ مان ڏور ائين ٿي هيٺ مٿي ٿيس ڄڻ ڪي ڄاها آيا ۽ ويا پئي. گرميءَ جي ڪري منهن ڳاڙهو ٿي ويو هوس. ڪن جي پاپڙين مان جهڙو رت ٿي جهلڪا ڏنا. هن رونبو بہ پئي ڪيو ۽ اک ٽيٽ ڪري نوران کي بہ پئي ڏٺائين. سندس سونهن، سندس ڪم ڪان سرس هئي. نڪ چوپو، جاڙا پرون، ڪجليون اکيون، پريل ڳٽا جن مان گرميءَ جي ڪري رت جهلڪا پئي ڏنا. ڪارا وار. خيال آيس: "حيف آهي وليداد کي جيڪو هن کي رونبا ٿو ڪرائي. هيءَ تہ بنگلن ۾ هجي." وري اتي ئي خيال ڦيرو ڪاڏس." چو نہ مان هن جو سڱ ڇڪايان. وليداد کي امان چوندي ۽ نهنڪر ڪندو، سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. پوءِ سائين پوُن پارنهن، پنج ئي گيهہ ۾. هاڻ ڏهہ ايڪڙ ٿو ڪيڙيان، پوءِ ويهہ جهليندس. اصل ڪنهن جي پرواهہ ئي نہ. نہ روبي لاءِ هڪ هڪ کي سوال ڪرڻو پوندو، نہ ئي لاب لاءِ منٿون ڪرڻيون پونديون. جند ئي ڇٽي پوندي." اهو سوچيندي سندس هٿ ڍرو ٿي ويو. اوچتو هٿ ڍري ٿيڻ جو احساس ايريس،. ڇرڪي ڏٺائين، نوران بہ ڪيس گهوري رهي هئي. مجن مرڪي ڏنو. هن بہ مرڪي سندس مرڪ ورائي.

رونبو پورو ٿيو. مجن جي مڙسيءَ هٿي هنڌ ڪيو. ٿوري تان مجن جن اڳ آخري پارو پورو ڪري نڪتا. دنبها لڳي ويا. "ڪيو قادر قلندر مست!" دهلارين هو جمالو جي ڏن وڄائي. مجن جا همراہ مرڪندا نڪتا. نوران کين حسرت مان ڏسي، صرف مرڪي پئي. ڄڻ پنهنجي هار مڃيائين.

واپس اچي مجن سڃي ڳالهہ ماءُ سان سلي ۽ منٿ واري نوع ۾

چيائينس، "امان نوران جو سگ چڪ."

ماڻس ڪجهہ سهمي. پلڪ ماٺ رهي پوءِ وراڻيائينس، "ابا، وَسَ ڪنديس."

هو خيالن جي وهڪري ۾ لڙهي رهيو هو، اوچتو چڻ ڪيس ڪنارو ملي ويو. ٻڏندڙ کي سهارو ملي ويو. سندس خوشيءَ جي حد ئي نہ رهي، جڏهن سندس ماءُ، نوران جي گهران ٿي آئي. هُو ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو سندس زندگيءَ جي چڻ پهرين ۽ آخري خواهش پوري ٿي وئي هئي. نوران جي پيءُ ۽ ماءُ ٻنهي آچ قبول ڪئي هئي.هن به مجن جي هاڪ ٻڌي هئي. ڪين پڪ هئي تہ هي جوڙو واهہ جو لڳندو ۽ سندن شادي ٿي وئي.

سرءُ جا ڏينهن هئا. فضا تي خزان ڇانيل هئي، پر مجن جي گهر ۾ چڻ بهار هو. سندس چهري تي ويتر نکار اچي ويو هو. جڏهن بہ ٻاهر نڪرندو هو تہ رڳو پيو کلندو هو. ٻٽا ٻٽا ٺهڪ ڏيندو وتندو هو. هو پاڻ کي ٻين سيني کان خوشنصيب سمجهڻ لڳو هو. هو هاڻ ٻين سنگتين کي ٽوڪ هڻندي چوندو هو: "توهان جون بہ زالون آهن؟ اڙي جِنَ اتوَ جِنَ."

هاڻ جڏهن هوءَ ٻنيءَ تي نوران جو انتظار ڪندو هو تہ ڪيس عجيب سَرور ايندو هو ۽ جڏهن نوران مٿي تي مانيءَ جي ڳنڍ، هٿ ۾ لسيءَ جو لوٽو ۽ چيلهہ تي پاڻيءَ جو دِلو کڻي ايندي هئي تہ سندس دنيا خوشين جا خزانا لٽائڻ لڳندي هئي. سندس هر ٿڪاوٽ دور ٿي ويندي هئي. وري مزو تہ تڏهن ايندو هوس، جڏهن هوءَ ٻني تي ويهي ڪيس نيرن ڪرڻ لاءِ سڏيندي هئي تہ هو هرويرو بہ دير ڪندو هو جيئن هوءَ وڏيڪ ايلاز ڪري. هن کي جا لست انهن ايلازن مان ايندي هئي، اها ڪيس زندگيءَ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ نہ آئي هئي.

هن ڇرڪ ڀريو. سندس ڪلهي تي ڪنهن هٿ رکيو. هو چڻ ست آسمانن کان بہ مٿي هو ۽ اوچتو ڌرتيءَ تي اچي ڦهڪو ڪيو هئائين. نوران کي سامهون ڏسي حيرانگي گاڏڙ خوشيءَ ۾ کائنس امالڪ نڪري ويو: "نوران تون!"

"خير تہ آهي. ننڊ اچي وئي هيئي ڇا؟" نوران حيران ٿيندي پڇيو.

"ها نوران اڄ گرميءَ بہ گرمي آهي." سندس لوُنڊڙين مان پگهر

ريڳاريون پئي ڪيون. سڄو منهن پگهر ۾ شل لڳو پيو هوس. هن مرڪندي پنهنجي ان حيرانگيءَ تي پشيمان ٿيندي چيو،

”گرمي ته آهي. هر روز گرمي هوندي آهي، پر توکي اڄ ڇا ٿيو آهي. تون ائين ڇو ٿو لڳين. ڳالهه ته ڪر.“ ۽ نوران.سندس جواب جو انتظار ڪرڻ ڪانسواءِ ئي تاڪي گهمايل ٻاري ۾ لهي پئي. ورڪنجي ڪانچ ۾ وجهي ڇڏيائين ۽ ڏائي ڪٽي رونبي ڪي جنبي وئي. مانيءَ جي ڳنڍ کوليندي هن ورائي نوران جيَ تلهين پنين ۾ نهاريو جن تي سڄ جا ڪرڻا بولاٽيون ڪائي پولارن ۾ ڦهلجي تي ويا.

ٻڙي هن ٻنيور ۾!

اڄڪلهہ ڪراچيءَ جو شهر گندگيءَ جو شهر بڻجي ويو آهي. الائي
ڇو اعتبار ئي نہ ٿو اچي تہ هي اهوئي شهر آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ
هيءُ روشنين جوشهر آهي. جنهن جا روڊ هر نئين سج ڌوپندا هئا، ۽ چمڪندا
هئا. جنهن شهر ۾ اسان جي ماضي جون ڪئي يادگيريون دفن آهن، جنهن ۾
جديد طرز تعمير سان گڏوگڏ ڪيتريون ئي قديم جايون ۽ تفريح گاهون بہ
موجود آهن، انهن قديم جاين ۽ تفريح گاهن مان فريئر هال يا هاٿوڪو
لياقت هال بہ هڪ آهي.

گذريل ڏهن سالن جي عرصي دوران هن شهر ۾ رهندي، مصروفيت
۽ معقول ساٿ نہ هئڻ ڪري، ڪڏهن بہ فريئر هال ڏسڻ جو موقعو ئي نہ
مليو هو، اچا بہ ڪٿي ايئن چوان تہ مونکي تہ ڄاڻ بہ نہ هئي تہ اهو فريئر هال
آهي ڪهڙي ڪنڊ ۾.

سال ٻہ کن اڳ، جڏهن ٻڌو هوم تہ ڪراچي جي مشهور ترين
آرٽسٽ صادقين، ان جي ڇت کي پنهنجي فن سان سينگاريندو تہ من ۾
هڪڙيءَ خواهش ڪر کنيو هو تہ، ان جي مڪمل ٿيڻ تي ضرور بہ وقت
ڪڍي، ان پراڻي يادگار ۾ جديد ۽ ايبسٽريڪٽ آرٽ جو ديدار ڪندس.

وقت گذرندي ويرم نہ ٿي لڳي ۽ انسان کي پنهنجي داٽي پاٽي جي

پوري پروڙ نہ ھٿڻ ڪري، ويچارو صادقين، سموريون زيادتيون سهي، دنيا جا ڏک سيني سانديي، ڪيئي خواھشون اڌوريون ڇڏي، ڪيئي نامڪمل شهڪار، غيرمڪمل ڇڏي، ڪيتريون عظيم تخليقون اسان جي آڏو آڻڻ بنا، پنھنجي بي چين من ۾ ڪٺي، بغير چين حاصل ڪئي، اسان کان ۽ دنيا کان منهن موڙي، بنهہ رسي روانو ٿي ويو. جنھن کي ھاڻ ڪڏھن بہ پرچائي نہ ٿو سگهجي. مون کي افسوس ٿيو ھو، اھا خبر پڙھي تہ، صادقين، جنھن پنھنجي خواھش مطابق سنڌ ۾ ڪراچي کي پنھنجي ذات ڏيا مان، ونڊ ڏيڻ پئي چاھيو، اھو ونڊ ونڊيندي ونڊيندي، اڌ ۾ آسروند اکيون پوري ڇڏيون. تڏھن مون افسوس ڪيو ھو، پنھنجي ننڍڙي خواھش پوري نہ ٿيڻ تي. سمجهيو ھوم تہ ھاڻ نہ اھا تخليق مڪمل ٿي سگهندي، نہ ئي مان فريئر ھال ئي ڏسڻ ويندس ۽ آھستي آھستي اھا خواھش مائي ٿي وئي ھئي. ٻن سالن پڇاڻان قاضي منظر حيات سان ڪنھن ڪم سانگي اتان لانگهائو ٿيس، اھا ڳالھہ ناھي تہ ڪو ان رستي تان بہ مان پهريون ڀيرو گذريو ھوس. نہ ائين بنهہ ناھي، ان رستي تان الائي ڪيترا ڀيرا گذريو ھوندس. پر اھا ڳالھہ پڪ سان ٿو چوان تہ مون کي اھا خبر بنهہ نہ ھئي تہ ھن روڊ تي باغ جي اندر جيڪا جهوني جاءِ جڙيل آھي، اھا ئي آھي فريئر ھال. دراصل مان ان کي ڪا پراڻي ڪئٿولڪ چرچ سمجهندو ھوس ۽ ان باغ کي چرچ جو باغ ڄاڻي ڪڏھن بہ اندر وڃڻ جو سوچيو ئي نہ ھوم.

ھن ڀيري قاضي منظر ٻڌايو تہ فريئر ھال ھيءُ اٿئي، جتي صادقين پنھنجو شهڪار ناھڻ جو سوچيو ھو ۽ ان کي اڌورو ڇڏي اسان کان وڇڙي ويو ھو. مون حيرت مان پڇيو ھو تہ، "واقعي ھيءُ فريئر ھال آھي؟ مان ھن کي چرچ سمجهندو ھوس." قاضيءَ چيو مونکي ڏسنداسون ۽ توکي ان ماڻھوءَ سان بہ ملائيندس، جيڪو صادقين جو نامڪمل ڪم مڪمل ڪري رھيو آھي.

مونياسين تہ اسان وٽ ڪافي وقت ھو گذارڻ جي لاءِ، انڪري فريئر ھال ۾ اندر گهڙياسون. اول تہ ڪافي وڏا وڏا ڇپر جا ٻارا ھٽا ۽ ڏکيا ڏکيا وڻ. اندر ھڪڙو خوبصورت مجسمن سان سجايل ڦوھارو ۽ ڇپر جي پاسن کان ماڻھن جي ويهڻ لاءِ پٿر جون ٺهيل ٻنچون. جمعي جو ڏينھن ھئڻ ڪري

ماڻهن جي چهل پهل هئي. ڇپر جي ٻارن جي وچ ۾ پڪا رستا ٺهيل، ڏسڻ سان وٽيا پئي. اسان اهي سڀ ڪجهه ڇڏي، سڌا هال ۾ وياسون، در بند پيو هو، جيڪو ڪاٺ جو ٺهيل هو ۽ مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته هال ۾ ڪاٺ جو ڏاڍو استعمال ٿيل هو. گهنٽي وڄائڻ تي اندران هڪ همراهه ننڍڙو نڪري آيو. منظر کي ڏسي کيڪاريائين ته ڪونه. باقي اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏنائين. اسان اندر وياسون. ته لڳو پئي ته سڄي جاءِ ڪاٺ جي ٺهيل آهي ۽ ٻاهران ديوارون ڪجهه پٿر جون ٺهيل آهن. اندر ڪان ڪاٻي پاسي هڪ ننڍڙو ڪمرو هو، جنهن ۾ ٻه ڇنل پلنگ پيل هئا، جن تي ڇنل چادرون وڇايل هيون. هڪ پلنگ تي، ڪتل ۽ ڇنل چادر مٿان وجهيو، هڪ ماڻهو ستو پيو هو. جيڪو دروازو کولي اسان کي اندر وٺي آيو، اهو ٻئي پلنگ تي، ليٽي اکيون ٻوٽي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڪمري ۾ هڪ وڏي ٽيبل هئي، جنهن تي ڪي پنا، فريم ۽ ڪجهه ڪباڙخانو ۽ هڪ ڪرسي جنهن تي بي ترتيبا رکيل ڪجهه ڪپڙا ۽ هڪ وڏي ڏاڪڻ جيڪا ڪمري جي ڇت مان نڪتل هڪ دريءَ تائين آيل ٿيل هئي.

اسان جي سس پس تي ستل همراهه جاڳي پيو، ۽ منهن تان چادر هٽائي ڏنائين. منظر کيڪاريس ۽ اٿي مليس. مان جيئن جو تيئن وينو رهيس، نه هن اٿي هٿ ڏنو ۽ نه مون ئي. منظر منهنجو تعارف ڪرايس. ايندي وقت منظر اهو ٻه ٻڌايو هو ته هر ڪنهن کي اچڻ نه ڏيندا آهن، پر منهن جي هڻ سان واقفيت ٿي وئي آهي، ان ڪري جڏهن ٻه ايندو آهيان ته هليو ايندو آهيان. سندس واقفيت هر روز هتي اچي لئبريريءَ ۾ پڙهڻ ۽ دير دير تائين هتي هجڻ ۽ علي الفجر هن باغ ۾ اچي پڙهڻ ڪري ۽ پيو سندس آرٽ ۾ دلچسپي ڪري ٿي هئي.

منظر قاضيءَ سان ڳالهين دوران مون کي پروڙ پئي ته هي ئي اهو ماڻهو آهي. آهستي آهستي هو مون سان ۽ مان هن سان مانوس ٿيندو ويس. هن هڪ ڪيلينڊر ١٩٨٩ع جو ڏيکاريو، جيڪو ماسٽر انٽرپرائيز پرائيويٽ لميٽيڊ وارن ڇپرايو هو، جنهن تي انور صادقين لکيل هو. مون کي پوءِ نالي جي خبر پئي. ڪيلينڊر ۾ چار قرآني آيتون آرٽسٽڪ طريقي لکيل هيون، جنهن جي پهرين ۽ ٻئي پيج جي لاءِ ٻڌايائين ته اهي هڪ آرٽ جي تاجر

ڪانٽس ٺهرايون ۽ نون هزارن ۾ خريد ڪيون. هن ٻيا ڪيو جو ڪنهن ڪان ان تي صادقين ٨٤ لکرائي. آرٽ جي هڪ شائق عورت ڪي ٣٠ هزارن ۾ وڪرو ڪري ڏنائين. جڏهن اها ڪيس خبر پئي تہ هن ان تاجر کي پيهر تصويرون ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي ان تاجر انور صادقين کي چيو تہ منهنجا هٿ ڊگها آهن، مان توکي عرش تي پهچائي ٿو سگهان. جيڪڏهن تون مون کي تصويرون ناهي ڏي ۽ ان تي انور صادقين جو نالو لکين يا ڪجهہ بہ نہ لکين، پر انور ڪيس ٻنهي انڪار ڪيو. ٻاڪاڻ تہ ان ڳالهہ کي پنهنجي پياري استاد سان ويساهہ گهاتي تي سمجهيائين.

انور صادقين ٻڌايو تہ هو صادقين جي هر تخليق کي پيهر ناهي ٿو سگهي ۽ دعوا ٿو ڪري تہ ان کي ڪوبہ سڃاڻي نہ سگهندو تہ اها صادقين جي ناهيل ناهي. انور کي ڪنهن ٻي ڪمپنيءَ وارن بہ پنهنجي ڪيلينڊر لاءِ تصويرون ناهڻ لاءِ چيو هو، پر جيئن تہ هو اڳ ئي ماسٽر انٽرپرائيز وارن سان واعدو ڪري چڪو هو، ان ڪري ٻئي ڪنهن لاءِ تصويرون ناهڻ مناسب نہ ٿي ڄاتائين.

انور صادقين، مرحوم صادقين جو ايترو پيارو شاگرد هو، جو هو سڀ ڪجهہ انور جي حوالي ڪري ويو ۽ انور ڪيس پنهنجو روحاني پيءُ ڪري تصور ڪندو آهي ۽ انڪري ئي پنهنجي نالي پويان صادقين جو نالو ملايو اٿس. صادقين جڏهن ڪراچيءَ هي ڪم سرانجام ڪرڻ لاءِ آيو پئي تہ انور صادقين کي پنهنجو پاڻهن ٻيلي ڪري ساڻ وٺي آيو هو. ڇاڪاڻ تہ ڪيس خبر هئي تہ انور ئي آهي، جيڪو سندس خيالن ۽ تصورن کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي ۽ چٽي سگهي ٿو. انهن ۾ رنگ پري، نقش جيئن جو تيئن اپاري ۽ رنگن کان ڳالهرائي سگهي ٿو. ساڻس اهو بہ واعدو ڪيو هئائين تہ مان توکي ڪراچي جي حاڪمن کان جوڳو معاوضو ڏياريندس، ڇاڪاڻ تہ پاڻ تہ اهو ڪم بنا معاوضي ڪري ڏيڻ جو انجام ڪيو هئائين.

انور صادقين اهو ٻڌايو تہ صادقين هي سڄو ڪم صرف پينسل ورڪ تي ڪري پورو ڪيو هو، جو هو گذرڪري ويو. باقي سموري شهڪار کي رنگن سان اجاگر ڪرڻ انورصادقين جو ئي ڪم آهي.

صادقين جي وفات کانپوءِ هڪڙي پيري بئنڪ آف عمان جو وڏو

صاحب هن وٽ آيو ۽ ڪانٽس کي ڪم ڪرائڻ تي گهريائين، جنهن تي انور انڪار ڪيو ته کيس اها ڌمڪي ڏنائين ته مان توکي هتان ڪڍرائيندس. ان جي باوجود به جڏهن هن انڪار ڪيس ته، ٻئي ڏينهن تي هن کي هال مان تڙيو ويو، ايتري قدر جو کيس پنهنجا ڪپڙا به کڻڻ جي اجازت نه ڏني وئي. هو پنج ڏينهن هڪ هوٽل ۾ رهيو ۽ نيٺ هڪ آفيسر کي حقيقت ٻڌائڻ تي ميئر فاروق ستار کيس ٻيهر گهرائي ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو، پر ان جي باوجود به هن کان سڀ اهي سهوليتون کسي ورتيون ويون جيڪي صادقين کي مليل هونديون هيون. مثال طور صادقين کي نوڪر ۽ ڪم لاءِ ٻه ماڻهو مليل هوندا هئا، جن جو ڪم ڏاڪڻيون ٺاهڻ، تختا ٻڌڻ ۽ رنگ وغيره ڏيڻ هوندو هو. هاڻ نه صرف انور وٽ نوڪر ناهن، پر هن ٻڌايو ته کيس رنگ به پنهنجي پئسن مان وٺڻا ٿا پون. رهڻ ۽ سردي کان بچاءَ لاءِ ڪو ڪمبل يا سوڙ به ناهي، ان ڪانسواءِ اذيتناڪ ڳالهه اها به ته هو ڪنهن کي به نه ٻڌائيندو ته اهو ڪم هن مڪمل ڪيو آهي ۽ جڏهن ١٥ فيبروريءَ تي افتتاح ٿيندو ته هو اتي يعني ان افتتاح ۾ موجود به نه هجي. کيس اهو ثابت ڪرڻ جي لاءِ ته انور صادقين سان گڏ ڪم ڪيو آهي، سچي ڇت تي جيڪا پينٽنگ آهي، اها ٻيهر ٺاهي ڏيکارڻ لاءِ چيو ويو آهي، جنهن تي هو ڪم ڪري رهيو آهي. هن انهيءَ سچي پينٽنگ جو هڪ حصو ٺاهيو هيو، جنهن جي فوٽو تصوير اسان کي ڏيکاريائين.

انور صادقين ٻڌايو ته جڏهن مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم هو ته هن لاهور ۾ کيس ”يا علي“ پنجن طريقن سان لکي ڏنو هو. ان وقت ڀٽي صاحب هن کان صادقين جي ذاتي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪيون هيون ۽ پوءِ کيس رات جي ماني‌ءَ تي پاڻ وٽ ڪوٺيو هائين. هاڻ وري وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو جي هڪ سيڪريٽري هن وٽ آئي هئي ۽ کيس چيو هئائين ته وزيراعظم صاحبه کي پنجن تتن جا نالا ڪئليگرافي ڪري ڏي. هن اول ته ڪجهه نتايو، پر پوءِ ٺاهڻ جي حامي ڀري. جڏهن اهي نالا لکجي راس ٿيا ته هو ڪانٽس وٺڻ آيون، جنهن لاءِ هن اهو چئي ڪين ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هو پاڻ ڪنهن موقعي تي اها ڪئليگرافي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو کي پيش ڪندو، جنهن لاءِ هنن ساڻس واعدو ڪيو هو ته هو کيس وزيراعظم

ڪان وقت وٺي ملائيندا يون، پر اهو وقت اجا اچي نه سگهيو آهي ۽ اها خطاطي هن وٽ ئي موجود آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته انور صادقين ڪي ڪراچي جي ڪافي نالي چڙهين مصورن اهو ڪم ڇڏي هليو وڃڻ لاءِ چيو، نه ڇڏڻ تي ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو، پر جيئن ته هو پختو ارادو ڪري چڪو هو ته سندس پياري استاد جو رهيل ڪم ضرور مڪمل ڪندو، پوءِ ڪٿي ڪيس ڪيتري به تڪليف برداشت ڪرڻي پوي، ڪيتري به مخالفت سهڻي پوي، ضرور سهندو، جيڪا هاڻ هو مڪمل ڪري چڪو آهي. باقي آخري هٿ آهي. هو اڄڪلهه ان ڪم سان گڏوگڏ آرٽ جي پن شاگردن کي ٽيوشن پاڙهي ڪجهه گذر سفر ڪندو آهي ۽ ڪجهه وقت ڪڍي. ڪي نيون تخليقون وڪٽي، پنهنجو روزانو خرچ هلائي ۽ ڪم ڪري رهيو آهي. هونئن زندگي ۾ هر ماڻهو سان ننڍيون ننڍيون زيادتيون ٿينديون ئي رهنديون آهن، پر هيڙي قسم جي زيادتين جي پروڙ پوڻ ڪانپوءِ بيحد افسوس ٿيو ۽ مون کان بي اختيار نڪري ويو.

هيڙا هاجان ٿين، بري هن پنيور ۾.

امتحان جو پهريون پيپر

هو ننڍ مان اٿيو ئي مس تہ سندس والده ٽوٿ پيسٽ ۽ برش هٿ ۾ جهليو بيٺي هئي. ”پٽ خالد جلد اٿي اچ، مان هي برش، واش بيسن تي رکي ٿي اچان. ناشتو تيار آهي. وقت تہ ڏس اڄ تنهنجو پهريون پيپر آهي. شاباش پٽ ڪي، اٿ، سستي ڇڏ.“ والده جي اها ڳالهہ تہ اڄ پهريون پيپر آهي، ڪنن تي پوڻ سان ئي خالد ٽپ ڏئي اٿي کڙو ٿيو. هن مٿان پيل ڪمبل کي پير جي لت هڻي اڇل ڏني تہ سندس بستري کان هيٺ وڃي ڪريو. هو واش بيسن ڏانهن ڊوڙ پائي پهچي ويو.

خالد کي اسڪول جي تياري ڪرڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳي. اجان سندس والده بورچيخاني مان اوباريل آنو، جيم ۽ ڊبل روٽي کڻي ٻاهر نڪتي تہ خالد بہ ڪاڏي واري ميز تي پهچي چڪو هو.

سندس والده هن کي مٿي تي هٿ بہ گهمايو، نراڙ تي چپ رکي هلڪي چهاءَ سان چمي بہ ڏني. خالد جو من بهار بهار ٿي ويو. رات واري امتحان خاطر سندس اڻ تڻ ختم ٿي وئي. خالد ناشتو ڪري ورتو. اسڪول ۾ امتحان لاءِ گهربل پين، پينسل، ربڙ ۽ رائيٽنگ پيڊ کڻي سندس والده بہ اچي سهڙي. ”پٽ ٻاهر ڊرائيور تيار بيٺو آهي. اڄ مان بہ توسان گڏجي هلان ٿي. خدا چڱي ڪندو.فڪر نہ ڪر.“ سندس والده هن جي همٿ وڌائيندي ۽

دلداري ڏيندي چيس.

ٿوري دير ڪانپوءِ خالد اسڪول ۾ داخل ٿيو. ڪريم، حامد، زاهد ۽ ٻيا ڪيترائي دوست به اچي چڪا هئا. هو به والده کي خداحافظ چئي دوستن جي جهرمٽ ۾ گم ٿي ويو. ڪلاس ۾ سڀ شاگرد ويهي چڪا هئا. مس راحيله کين سمجهائي رهي هئي ته ڪيئن پيپر ڪرڻو آهي. خالد کي اڳ ئي مس راحيله وڏيڪ پسند هئي. هوءَ هميشه مرڪندي رهندي هئي. سمجهائڻ جو ڏانءُ سيني استادياڻين کان بهتر هوندو اٿس ۽ سدائين سٺا ڪپڙا پهري ايندي آهي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ کين پيپر ملي ويو. هن مس راحيله جي ڏس مطابق پهرين سواليه پيپر پڙهيو ۽ اهي سوال ٽِڪ ڪري ڇڏيا، جيڪي کيس برزبان ياد هئا. اڄوڪو پيپر حسابن جو هو. کيس سڀ حساب آيا ٿي. پيپر مان پنج سوال ڪرڻا هئا. خالد کي اهي پنجئي سوال ڏاڍا آسان لڳا. هو ڄاڻي ٻجهي هوريان هوريان حساب حل ڪندو رهيو، جيئن پوري وقت ۾ پيپر پورو ڪري. جڏهن هو پيپر پورو ڪري مس راحيله کي ڏئي رهيو هو ته مس راحيله کي ڏسي سندس چهرو ٻهڪي پيو. هن سڪون جو ساهه کنيو ۽ جوابي ڪاپي مس راحيله جي حوالي ڪري، ڪلاس مان ٻاهر نڪتو. جڏهن گيٽ کان ٻاهر آيو ته پري کان والده کي سندس انتظار ۾ بيٺو ڏٺائين. خالد ٿڪ ڏيندو، ڊوڙندو، والده جي ڦهليل ٻانهن ۾ هليو آيو. اڄ جڏهن سندس والد آفيس مان موٽي گهر آيو ته خالد ڊوڙ پائي وڃي گهر جي در وٽ سندس آڌرڀاءُ ڪيو. خالد جيئن ئي والد جي ڇنگهن ۾ چنبڙيو تيئن اوترو ئي پيار ۽ ٻاجهه مان هن به نوڙي ڪٺي خالد کي هنج ۾ کنيو. هن هٿ ۾ جهليل بريف ڪيس اتي ئي در وٽ رکي ڇڏي. رحمٰن، خالد کي هنج ۾ کڻي کيس ٻه چار چميون ڏيڻ ڪانپوءِ پڇيس:"ها بابڙا! پيپر ڪيئن ٿيو؟"

"بابا، بلڪل سٺو ٿيو. بابا مون کي ته سڀ حساب آيا پئي پر مس ٻڌايو ته ڏهن سوالن مان فقط پنج ڪرڻا آهن. اهي ته مون جهٽ ۾ ڪري ورتا." خالد هڪ ساهي پيپر جي باري ۾ والد کي ٻڌائي ويو.

"شاباش! منهنجي پٽ کي، ائين نالو روشن ڪج. اڄ تنهنجي آئيس ڪريم پڪي ٿي." رحمٰن پٽ جي محنت کان وڌ، پاڻ تي فخر محسوس

ڪري رهيو هو.

”ها بابا! هاڻ هلون. مان اُها آئيس ڪريم وٺندس، جنهن ۾ چاڪليٽ ڪُرنچ هجي.“ خالد جي وات ۾ پاڻي پرجي ويو.

”هينئر نه، رات جي ماني کائي، پوءِ گهمڻ به هلبو ۽ آئيس ڪريم به کائبي. هاڻ تون هل، مميءَ کي چئه ته جلد ماني تيار ڪري ته کائي پوءِ هلون، شاباش!“ رحمن هن جي دلجوئي ڪئي. خالد ٽپا ٽينگ ڏيندو سڌو بورچيخاني ۾ ماءُ وٽ پهتو ۽ هن کي والد واري سَر بَستي ڳالهه ٻڌائي چيو:

”ممي جلدي ماني پچائي وٺ نه!“

رات جي ماني کائي هو سيئي گهرياتي ڪار ۾ ويهي ٻاهر نڪتا ٿورو چڪر هڻي نيٺ هڪ آئيس ڪريم جي دوڪان تي ويا. جڏهن خالد جي آڏو چاڪليٽ آئيس ڪريم ۽ مٿان رکيل ڪُرنچ آيا ته ڄڻ هن کي سڀ ڪجهه ملي ويو.

سيڪاپل

محمود آباد جي علائقي ۾ ٻن ڪمرن تي مشتمل هڪ گهر، رهڻ وارن جو تعداد، ڪمرن جي لحاظ کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ. چوڏاري گهرن سان ڳتيل، گهر جي تنهي پاسن کان گهر ئي گهر، صرف پٺين پاسي هڪ گلي، جنهن ۾ به ڪچرو، گند ۽ ڪني پاڻيءَ جا ڍبا. لنگهڻ لاءِ جڳهن جي ديوارن سان لڳو لڳ، پيچري مثل رستو.

گهر ۾ رهڻ وارا سڀ ئي ڀهراڙيءَ مان آيل، نوڪرين جي سلسلي ۾ رهندڙ. جڳهه نه ملڻ ڪري تنگائيءَ سان رهندڙ. سين ۾ هڪ حليم ئي وڏي عمر وارو ۽ شادي شده هو. باقي سڀ ڪنورا نوجوان. نوان ساماٽل، نوان امنگ، ڀهراڙيءَ جي ماحول مان نڪري، ڪراچيءَ جي رنگين ماحول ۾ رهي، سندن ذهن ۾ عجيب امنگن جو اپار.

سج لهي چڪو هو. هرڪوئي ٿڪل ٽٽل، شهر جي ماحول کان بيزار، ڪو ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪريل ڪو ڪنهن ڪنڊ ۾. ڪنهن جي هٿ ۾ ڪتاب، ڪنهن جي اڳيان ريڊيو ڪليل، جنهن تي هندستاني اسٽيشن وڄي رهي هئي. ڪي لُڏي راند کيڏي رهيا هئا ۽ ڪي ماني پچائڻ ۾ رڌل هئا. هر ڪنهن جي چپن تي خاموشي هئي. هرڪوئي پنهنجي ڌن ۾ مگن ۽ ڪم ۾ رڌل. ڪنهن جي به ذهن ۾ اهڙي عجيب واقعي جي، اوچتو ٿيڻ جي ڄاڻ نه

هئي. سڀ اٿيا. اوچتو دروازو کلي ٿيو. سڀ کي ٻاهر نڪري پيو. ڪجهه ماڻهو ته ان کي ڏٺائين. هڪ هڪ لاءِ ٽي لڳي. هر ڪنهن جون نظرون
ڪنجهنديءَ، بيمار، نپل، سانول جي سهاري ايندڙ هڪ عورت تي تعجب جي
نشانيءَ وانگر ڪپي ويون. هرڪو بت بڻجي ويو ڪيس سهارو ڏيندڙ جي
پويان سردار هو.

سانول بنا ڪنهن سان ڳالهائڻ جي عورت کي سهارو ڏيندي، کٽ
تي ليٽائي ڇڏيو. هوڏانهن سيني ۾ سس پس ٿيڻ لڳي. جيترا وات اوتريون
ڳالهيون. سانول ٻين ڏانهن ڌيان ڏيڻ بنا، ٻاهران پاڻيءَ جو گلاس ڀري ان
عورت کي دوا کارائي. گهرو ماحول تي سڪتو طاري ٿي ويو. ٿوري دير
ڪانپوءِ اسڪوٽر جي اچڻ جو آواز آيو ۽ اچي بس ٿيو ۽ ٻه ڄڻا ڇوڪرا اندر
آيا. هرڪوئي بنا ڪنهن ماجرا ٻڌائيندي، عورت جي مٿان ڳاهٽ ٿي ويا.

سانول ۽ سردار دوست هئا. هن گهر جي مڙني پارٽنرس جي سردار
سان سانول جي ڪري واقفيت هئي. سانول جي سردار سان واقفيت گلستان
اسڪول ۾ ماستريءَ دوران ٿي هئي. سانول سان سردار جي ڄاڻ سڃاڻ قوم
پرستن جي هئڻ ڪري ٿي هئي. سانول ترقي پسند قوم پرستن سان گڏوگڏ
سنڌيءَ جي سٺن، نون ايري ايندڙ شاعرن مان هڪ هو. هڪ ٺي اسڪول ۾
ڪم ڪرڻ جي ڪري، پنهي جي پاڻ ۾ گهرائپ لازمي امر هو.

سانول کي ڪافي عرصو بيروزگار رهڻ ڪانپوءِ مس مس وڃي
گلستان اسڪول ۾ ماستري ملي هئي. سانول حقيقت ۾ انگريزي ادب ۾ ايم
اي ڪئي هئي. هن پنهنجي قسمت آزمائي ڪئي جنهن ۾ هو ڪنهن حد تائين
ڪامياب ويو، پر ڪابه پٽ نه هئڻ ڪري پنهنجي خواهش پوري ڪري نه
سگهيو هو. سندس خاندان غريب هو. هو پنهنجي ڀاءُ جي گهر ۾ رهندو هو.

سردار جا والدين ڪافي پئسي وارا هئا، انڪري ڪيس صرف ان
ننڍڙي نوڪريءَ تي ڀاڙڻ بجاءِ هر مهيني ڳوٺ کان ڪافي پئسا ملندا هئا ۽
هو سٺي فليٽ ۾ رهندو هو. ساڻس هڪ ٻيو پارٽنر پڻ رهندو هو، جيڪو
ايڪسائيز جو انسپيڪٽر هو ۽ سندس گهرو دوست به هو.

سانول شام جو وقت گذارڻ لاءِ سندن فليٽ تي وڃي نڪرندو هو.
جتي بحث مباحثا ٿيندا هئا. خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. سانول سٺي شاعر

سان گڏوگڏ سنڌو بحث به ڪري سگهندو هو. جيتوڻيڪ سندس واسطو ادب سان وڏيڪ هو، پر هو سياست تي به سنو ڳالهائي سگهندو هو. سندس سياسي سوچ صرف سنڌي قوم پرستيءَ تائين محدود نه هئي. هو دنيا جي هر مظلوم جي حق ۾ هو. هو اڪثر شيخ اياز جي غزل جي مصرع سيني کي پڙهائيندو هو ته: "جو به ٿيو، جاتي به ٿيو، سو ظلم مون تي ٿيو آهي."

سردار کي هوڻ ته سندس بحث وڻندو هو، پر هو ان ڳالهه تي اچي بيهي ويندو هو يا سندس ڳالهه نه مڃيندو هو، جو سانول جا دنيا جي مزدورن جي ڳالهه تي ڪئي. 'دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو.' مارڪس جي ان قول کي ورجائي ورجائي چوندو هو. پرسردار ايئن نه چوندو هو، هو چوندو هو ته، "سنڌي مزدور جي ڳالهه ڪريو اسين اول سنڌي آهيون." سردار جي نظر ۾ سنڌي قوم، هن ملڪ جي ته ڇا پر دنيا جي قومن کان بهتر قوم هئي.

هڪ ڀيري بحث ڪندي سردار چيو هو ته، " اسان کي سنڌ گهرجي، سنڌيءَ جو راڄ گهرجي. سنڌي پورهيت گهرجي. اسان کي ڪنهن به ڌارئي جي حڪومت نه گهرجي، نه ڪنهن ڌارئي جو پورهيو گهرجي."

سانول ڪيس پورهيت جي پورهئي بابت شاهه لطيف جا بيت پڙهائيندو هو. "سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهه ڪتين رڍ." ۽ پوءِ ان بيت جي شرح پڙهائيندي چوندو هوس: "اسانجي ڀٽائيءَ به رڳو سنڌي پورهيت جي ڳالهه نه ڪئي آهي. هن ته انهن هٿن کي سون ساريڪا هٿڙا سڏيو آهي، جيڪي هٿ پورهيو ٿا ڪن. اهڙن هٿن جو ڪوبه دين ڌرم، ڪابه قوم، ڪوبه رنگ نسل نه هوندو آهي. اهي صرف پورهيت جا هٿ ٿي هوندا آهن. پورهيت جو ڪوبه ديش، وطن نه ٿيندو آهي. هن لاءِ ديس ۽ پرديس هڪجهڙا آهن، پورهيت لاءِ ديس به ساڳيو ، پرديس به ساڳيو."

سردار ڪانئس ڪافي حد تائين متاثر هو.

هڪ ڏينهن سانول جيئن سردار جي فليٽ تي آيو ته اندر عورتاڻو آواز ٻڌي دروازي تان جيئن موٽيو ٿي، تيئن ئي سردار ڏسي ورتس. هن ڪيس سڏي چيو ته: "يار، سانول اچ اچ."

"ياڻيو هوم اوهان وٽ ڪي مهمان آيل آهن." سانول اندر ايندي

چيو هو.

”مهمان ضرور آهن، پر اهڙا نہ آهن جن کي توکان پردو هجي.“

هڪ عورت، سڄي اجرڪ ۾ ويڙهيل، کٽ تي سٽل هئي. سندس رڳو چهرو اگهاڙو هو. هوءِ چهري مان پريل جسم واري، ڪٽڪائي رنگت واري تي لڳي. ٻي جا کٽ تي ويٺل هئي، سانوري رنگت واري بنگالين جهڙي تي لڳي. هن جا هڙباتين جهڙا ڳل اندر پيٺل، ڏرا ڏنل اکيون، پر پوءِ بہ ڪاريون ڪجليون اکيون اندر ايندي ئي هن ٻنهي جون اکيون سانول ۾ کپي ويون.

ڏکهو قد ٺهندڙ، پريل ٻت، وڏيون اکيون، ڏکهو نڪ، پريل ڳاڙها ڳل، جن جي مٿين چمڙي اهڙي تہ سنهي هئي جو ان جي هيٺان رت جهلڪا ڏئي رهيو هو. وڏن پانچن سان پريل شلوار ۽ بريءَ کان ڪافي هيٺ تائين، هٿ تي پريل پهراڻ، هو سنڌي ڪلچر جو سنبل تي لڳو.

هن کي سندن گهور، گهائيندڙ، وحشي، سندس انگ انگ جو جائزو وٺندڙ لڳي. جيئن ڪاسائي ٻڪريءَ کي خريدڻ مهل ۽ اگهہ ٻڌائڻ ويل تتولي ڏسندو آهي. هن پنهنجون نظرون پري ڪيون، هن جي نظرن هار ڪاڏي. هن سردار ڏانهن ڏٺو. سردار جي منهن تي مرڪ هئي، مرڪ ۾ شرارت هئي. هو ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ڪمري جو جائزو سرسري نظر سان ورتائين. هر شيءِ ساڳي جاءِ تي رکيل هئي. ڪرسين جي پرسان ننڍي ٽيبل، سامهون لوهي ڪٻٽ، جنهن جي در جي هڪ تاڪ ۾ وڏو شيشو لڳل. ٿورو پرسان ڪتابن جو شيلف رکيل، ٽيبل تي تازيون اخبارون ۽ ڪي ماهوار رسالا پڪڙيل. هن شيشي ۾ ڏٺو، سردار جي چهري تي اهائي مرڪ ۽ اکين جي اشارن سان عورتن سان ڪي ٻول ٻولي رهيو هو. ڪجهہ وقت تائين اهائي خاموشي رهي. چڻ ڪين ڳالهائڻ لاءِ لفظ نہ ملندا هجن.

جڏهن ڪين اها ماٺ، من تي مونجهہ آڻيندڙ محسوس ٿي تہ سردار ڳالهايو.”سانول، هوءَ جا سانوري بانوري آهي، اها بنگالڻ اٿئي، نالو ماهرا اٿس. هوءَ جا سٽل آهي اها پنجاپڻ آهي، نالو فاخرا اٿس، منهنجي پارٽنر کي ملي ويون هيون، ڪين اڄهي جي تلاش هئي ۽ اسان کي عورتن جي. ٻئي عيش ڪندا آهيون:“ سردار هن کي ڳالهہ ڪرڻ ڪانپوءِ اک ٻڪي.

سندس پارٽنر ڪونہ هو، شايد ڊيوٽيءَ تي ويل هجي. فليٽ ۾ صرف ٻہ عورتون ۽ سردارَ ۽ هاڻ سانول ويٺا هئا.

”هي سانول آهي. منهنجو دوست آهي، منهنجي ئي اسڪول ۾ ماستر آهي. ترقي پسند شاعر.سان گڏوگڏ عورت جي آزادي جو خواهان بہ آهي.“

سانول اک ٽيٽ ڪري ڏٺو پئي، ڪيس اجا بہ عورتون گهوري رهيون هيون. پاڻ ۾ سرٻاٽن ۾ ڳالهائي رهيون هيون. هو سمجهي ويو هو تہ سندس شخصيت جو مٿن گهرو اثر ٿيو آهي.

سانول هونءَ تہ واقعي عورتن جي آزاديءَ- Freedum of women جو قائل هو، پر اهڙي آزاديءَ لاءِ ڪڏهن بہ نہ سوچيو هئائين. ڪيس ائين محسُوس ٿيو اجايو آيو. هن وڃڻ جو بهانو ڳوليو ٿي پئي تہ سردار چيس تہ چانهہ ٿو نـاهي اچان. هُو اٿي ويو. جيسين هو موٽي، تيسين هي اڪيلو، گيلريءَ کان ٻاهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪر ي رهيو هو، جيتوڻيڪ ڪيس پڪ هئي تہ جتي پاڻ ويٺو آهي، اُتان ٻاهر ڏسي نٿو سگهجي، پوءِ بہ ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو. نيٺ اٿي وچي ٽيبل تي پيل اخبارن ۽ رسالن کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو، انهن مان هڪ رسالو کڻي ورتائين، کولي ان جي فهرست ڏٺائين ۽ ان ۾ پنهنجو نظر ڏسي، ان کي کولي پڙهڻ لڳو. ان ۾ پروف جون غلطيون درست ڪرڻ لڳو.

سردار چانهہ کڻي آيو. چانهہ جو دؤر شروع ٿي ويو. سٺل عورت اٿي ويئي. هن محسوس ڪيو تہ اهي چانهہ جي بجاءِ، سندس جوانيءَ کي پيي رهيون آهن. هن سردار کي ڏٺو، هن ٺهڪَ ڏئي کلي ڏنو، ڪيس اها کل اصل نہ وڻي. سردار چيو تہ: ”چو بور تا ٿيو پيا؟“

”نہ، اهڙي ڳالهہ ڪانهي.“ سانول مختصر جواب ڏنو ۽ اٿي خالي ڪوپ ٽيبل تي رکيائين.

هاڻ سانول جي سردار وٽ اچ وڃ وڌي ويئي. هو انهن عورتن سان بہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳو هو.

هڪ ڏينهن جيئن ئي سانول معمول مطابق سردار وٽ آيو، تہ ان وقت صرف هنن مان ماهرا ويٺل هئي. حقيقت ۾ اهي ٻئي هڪ ٺي کٽ تي ليٽيل هئا ۽ سندس دروازو کڙڪائڻ تي سردار اٿي آيو هو. اهو سندس ڇهري

جي پاون ۽ وڪريل وارن مان سانول محسوس ڪيو هو. هو اندر آيو. ماهرا اڃا سبتل هئي. سندس جسم اجرڪ سان ڍڪيل هو.هن سانول جي مرڪ سان ڪيڪار ڪئي ۽ سانول سندس ڪيڪار جو جواب به مرڪ سان ڏنو.

سردار چيو: "سانول، اسان اڄ رات ڪائڻ پيئڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي، تون Participate ضرور ڪندين."

هن هلڪي کل کلندي چيو: "ضرور ڪندين، چو؟"

"ضرور، ان ڪري چيم جو تون اهڙي معاملي ۾ انڪار ڪتي ڪندو آهين. مزي واري ڳالهه تہ اها آهي تہ هن ڀيري توکي شيئر بہ ڪرڻو ڪونہ پوندو. هيءَ پارٽي ماهرا جي پاران آهي."

سانول ڪنڌ ڪٽي ماهرا کي ڏٺو. هوءَ ڪيس گهوري رهي هئي: سندس چهري ۾ نماڻائي ۽ نيڻن ۾ نهنائي محسوس ڪيائين. هن محسوس ڪيو تہ سندس اها نماڻائي ڪيس چوندي هجي تہ: "انڪار متان ڪرين."

"تون چوين ٿو، مان ايندس پر اها خوشي ڇاجي آهي؟" سانول ماهرا جي نيڻن جي نهنائيءَ کي مانو ٿيندي ڏسي، دل ۾ چيو: 'تنهنجا نهنا نيڻ ايئن، جيئن رڻ ۾ رات ٺري.'

"ٻڌايان ڪنهن جي خوشي آهي." سردار، شرارتي انداز سان اول سانول کي ۽ پوءِ ماهرا کي ڏسندي چيو: "تنهنجي خوشي آهي." سردار ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

"منهنجي؟" سانول تعجب ۾ پوندي، ٻنهي جي چهرن ۾ ڏسڻ لڳو.

"رات ايندين، توکي سمجهائي ڇڏيندس." سردار چيو.

"چڱو رات ايندس، هينئر هلان ٿو." هو اٿي کڙو ٿيو، هڪ نهار، گهري نهار ۽ مرڪ سان سيني کان موڪلائي ڪمري مان نڪري ويو.

هو پنهنجي نوڪريءَ تان جلدي واپس آيو ۽ سڌو ئي سردار جي فليٽ تي هليو آيو. دروازو دستور موجب بند هو. ڪڙي کي هلڪو کڙڪايائين. سردار دروازو کوليو، بنا ڳالهائڻ جي ۽ مرڪ سان ڪيڪار ڪندي اندر گهڙي آيو.

محفل مٽل نظر آيس. هيٺ وڇايل رلهيون ۽ انهن مٿان چادرون وڇايل. چوڌاري ويٺلن جي وچ ۾ گلاس ۽ ويٽ- ون جون بہ وچوليون

بوتلون رکيل ۽ هڪ پوري بوتل بيئر جي. پرسان ٿرماس ۾ رکيل برف. هڪ جاءِ خالي هئي. هُن اتي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر.هي اجا ويهي ئي ويهي، ماهرا پنهنجي جاءِ تان رڙهي وئي، جنهن مان سانول ڇاٽي ورتو تہ هوءَ ڪيس ويهڻ لاءِ جاءِ ڏئي رهي آهي. هو ڪانئس ڪجهہ وڌيرڪو تي ويهي رهيو. ماهرا بوتل کڻي ۽ ان جي ڪارڪ کي زور ڏئي کولڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر پنهنجي ڏٻري ڏِيل جي پوري زور ڏيڻ جي باوجود بہ ڪانئس ڪارڪ نہ ڪليو ۽ هن بوتل سانول ڏانهن، بنا ڪجهہ چوڻ جي وڌائي. سانول بہ خاموشيءَ سان ڪارڪ کولي، بوتل ڪيس واپس ڪئي. ڳٽ ڳٽ ڪري گلاسن ۾ پيگ ٺاهڻ لڳي. هر ڪنهن جون نظرون انهن گلاسن ۾ ئي پيون.

”سردار تنهنجو پارٽنر ڪجهہ ڏينهن کان نہ پيو ڏسجي.“ سانول خاموشيءَ کي ڪائيندڙ سمجهي ۽ ماٺ کي ٽوڙڻ لاءِ چيو.

”ڪجهہ ڏينهن لاءِ موڪل وٺي ڳوٺ ويل آهي.“ سردار ٿرماس مان برف جا ٽڪرا ڪڍي، گلاسن ۾ وجهندي چيو.

گلاس ڀرجي ويا، موکي متارن وارو قصو ورجائجي رهيو هو.”ڪڙي ڪين ڪيونِ، ويڻ موکيءَ جي ماريا: سانول ڪيئن.“ سردار اول گلاس کڻندي، سانول کي چورڻ خاطر چيو. سردار اول پنهنجو گلاس سانول جي گلاس سان ٽڪرايو. مڌر مڌر آواز، هلڪي موسيقيءَ جيان، سيني جي ڪنڊ ۾ ڀُريو. سانول جي نظرن ڦيرو ڪاڏو تہ ڪيس ماهرا جو گلاس ۽ هٿ انتظار ۾ وڌيل مليو. هن پنهنجي گلاس کي وات تي آڻيندي آڻيندي موٽائي ورتو ۽ پنهنجي گلاس کي ماهرا جي گلاس سان ٽڪرائيندي مرڪندي آهستي چيو: ”چيئرس.“

ماهرا، ايو ساهہ کڻندي ۽ ان کي آهستي ٻاهر ڇڏيندي چيو: ”چيئرسّ.“

”جادو ڪٿي اچ؟“ سردار پنهنجي بورچي ڇوڪري کي رڙ ڪندي چيو.

ٿوري ئي دير ۾ ڪبابن، ڪڪڙ جي گوشت، چپس ۽ دال موٺن جون پليٽون اچي ويون. جادوُ سانول کي ڪيڪاريو.

”چو جادو، تون اسان سان ڪمپني نٿو ڪرين، ڪاوڙيل آهين

چا؟" سانول بورچي ڇوڪري کي مرڪندي چيو.

"هاڻ پڌ تہ هي پروگرام ڪيئن ٺهيو آهي؟" سردار هلڪي کل کلندي، اڙدوءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جيئن ماهرا ۽ فاخرا بہ سمجهي سگهن. ڇاڪاڻ جو اها ماهرا جي خواهش هئي. "يار دراصل ماهرا توکي چاهڻ لڳي آهي. هن چيو تي تہ سندس زندگيءَ ۾ توجهڙو خوبصورت ۽ سمارٽ مرد ڪڏهن نہ آيو آهي. ان ڪانسواءِ ٻيو سبب اهو آهي تہ هوءَ تنهنجي ان عورت جي آزاديءَ جي حق واري ڳالهہ کان ڏاڍي متاثر ٿي آهي. ڪيترن ڏينهن کان تنهنجي باري ۾ مون کان سموري معلومات حاصل ڪري چڪي آهي. مون هن سان واعدو ڪيو هو تہ مان توکي هن سان ضرور ملائيندس. ان ڪري توسان پهرين ملاقات لاءِ هن هي پروگرام رٿيو آهي."

سانول گلاس مان ڍڪ ڀري، ان کي نڙيءَ کان هيٺ لاهيندي، ماهرا ڏانهن ڏٺو. ڪيس هن جون گهوريندڙ نظرون چڻ وينتي ڪندي محسوس ٿيون تہ تون اها آڇ ضرور قبول ڪندين. وري سندس نظرن ڦيرو ڪاڏو ۽ فاخرا کي ڏٺائين. هن جي حاسدي اکين ۾ ڪروڌ هو، حسد هو. جڏهن سندس نظرون ڪئميرا جيان پورو جائزو وٺي موٽي وري سردار تي پيون تہ هو مرڪي رهيو هو.

هُن گلاس مان آخري ڍڪ ڀريندي، ڳڙڪائيندي، ماهرا جي چهري تي نظر اڇلائي. هاڻ ڪيس هن جي نظرن ۾ مايوسي ڏسڻ ۾ آئي.

ساري رات پيئڻ ۽ کائڻ ۾ گهاري ڇڏيائون. پوئين پهر مس وڃي ليٽيا. ٻيا تہ سڀ ستا پيا هئا، پر سانول جي اک کلي پئي ۽ هو گهر هليو ويو.

ان شروعات ڪانپوءِ سانول ماهرا ۽ فاخرا سان ڪنهن حد تائين رائل مائل ٿيڻ لڳو. پر پوءِ بہ ماهرا جي دلي خواهش پوري ٿي نہ سگهي. هاڻ سانول جو اهو نيم بڻجي ويو تہ هو جيئن ئي ڊيوٽيءَ تان لهندو هو تہ سڌو هُن وٽ ايندو هو ۽ ڪجهہ وقت اتي ويهي ۽ پوءِ گهر موٽي ويندو هو. سانول ايندو هو تہ ماهرا جي اکين مان خوشين جا تابوت نڪري پوندا هئا. هوءَ ڳالهہ ڳالهہ تي ٽهڪ ڏيندي هئي. هوءَ سدائين هڪ غزل جهونگاريندي رهندي هئي؛ اپنون ني غير دئي، تو مجهي ياد آگيا، اڪ اجنبي جو غير ٿا اور غمگسار ٿا." سانول جي اچڻ ڪري هنجي مرجهايل چهري تي چڻ نکار اچي

ويندو هو.

نيٺ هڪ ڏينهن ماهرا موقعو وٺي پنهنجو حال اوريو. هن ٻڌايس ته هوءَ هتي ڪيئن آئي. هنجي مجبوري اها هئي جو ڪيس پنهنجو گهر ڪونه هو. هوءَ بنگالڻ هئي ۽ سندس سڀ مائٽ، سواءِ هڪ شادي شده ڀيڻ جي، بنگلاديش هليا ويا هئا. هوءَ به شادي ڪيل هئي، پر ڪيس سندس ور ڇڏي، ڌاريڻ ٻئائي ملڪ ڪان ٻاهر هليو ويو هو. ان مان ڪيس هڪ پٽ جي اولاد هئي، جو سندس ڀيڻ وٽ پرورش پائيندو هو. ڪجهه عرصو هيءَ به پنهنجي ڀيڻ وٽ رهي، پر هن هُن جي پرسڪون زندگيءَ ۾ زهر ڀرڻ نه چاهيو. هن جي گهر کي خيرباد چئي در در ڀٽڪندي رهي! نيٺ هن روزگار جو ذريعو ڳولي لڌو. هوءَ پيڪاڪ ڪلب ۾ ويٽرس جي طور ڪم ڪرڻ لڳي. سندس ساري رات اتي گذري ويندي هئي، پر ڪيس ڏينهن جا چار پهر، پرسڪون ۽ آرام لاءِ ڪابه جڳهه نه هئڻ ڪري، ڪڏهن ڪنهن جي ۽ ڪڏهن ڪنهن جي فليٽ ۾ رهڻو ٿي پيو. اهڙيءَ طرح جڏهن به هن جي دل ڪنهن مان ڀرجي ٿي وئي ته وري ڪنهن ٻئي کي ٿي تاڙيائين. هِن جي ان مجبوريءَ مان هر رهائيندڙ غلط فائدو ٿي ورتو. ۽ هاڻ هوءَ ان ڳالهه تي هري وئي هئي. جڏهن به ڪنهن مان سندس طبيعت ڀرجي ويندي هئي ته ڪيس ٻئي اهڙي ماڻهوءَ ڳولڻ ۾ دير نه ٿيندي هئي. هوءَ به ڪراچيءَ ۾ اهڙن ماڻهن جي گهٽتائي ڪانهي. ان ئي طريقي سان، هڪ ڏينهن سردار جي پارٽنر کي ملي وئي ۽ هاڻ هوءَ بي خوف فليٽ ۾ هلي ايندي هئي.

ائين ڪندي ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا. محرم جومهينو اچي ويو. هوءَ به ٻين سهيلين جيان ڪارا ڪپڙا پائي ماتم ۾ شريڪ ٿيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ هوءَ ڪلب ڪانه ويندي هئي.

محرم جي نائين تاريخ جي شام جو اهو واقعو پيش آيو. ماهرا دستور موجب ماتم تي ويل هئي. جڏهن ڪيس بک وڌيڪ ستايو ته هن شهر مان ڪجهه ڪباب وٺي ڪاڌا ۽ ۽ اڳتي ڪجهه ڏهي ٻڙا به کاڌا. ٿوري دير ڪانپوءِ سندس طبيعت خراب ٿيڻ لڳي. اول ته هن ان جي پرواهه ئي نه ڪئي پر جڏهن ڪيس التي آئي ته پوءِ ڀانيائين ته هاڻ طبيعت وڌيڪ بگڙي وئي آهي. هوءَ جلدي زيب النساءِ اسٽريٽ ۾ ايشيا هوٽل ۾ هلي وئي. ڊاڪٽر تان

چڙهندي ڪيس تڪليف محسوس ٿي رهي هئي. ايشيا هوٽل ۾ سردار ۽ سانول جو هڪ دوست سليم رهندو هو. اتفاق سان هو ڪمري تي موجود هو. هوءَ اندر گهڙي، تڙپي رهي هئي. سليم سمجهيو ته شايد اڄ گهڻو پي وئي آهي پر جيئن ئي دروازو ٽپي اندر ٿي ته هن هڪ وڏو اڄڪو ڏئي ۽ الٽي ڪري ڏني.

هو حيران ٿي ويو. ڪمري ۾ الٽيءَ جي بدبوءِ ڦهلجي وئي. هو اٿيو، تڪڙ ۾ قميص پائي، پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيو. هوءَ اڃا به اجڪي رهي هئي. ڪافي وقت ڪانپوءِ جڏهن ڪجهه سامت ۾ آئي ته ڪانئس پڇيائين: ”چو خير ته آهي، گهڻو پيتو اٿئي ڇا؟“

”نه، پيتو ڪونه اٿم.“ هن جهيڻي ۽ نستي آواز ۾ وراڻيو.

”بيمار ته پئي آهين؟“ هن وري پڇيس.

”ها.“ هن مختصر جواب ڏنس.

هوُ دروازو بند ڪري هيٺ لٿو. ٻاهر پوري اسٽريٽ سنسان هئي. هو اسٽريٽ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ويو. ڪيس ڪوبه ميڊيڪل اسٽور کليل نظر نه آيو. هُن سوچيو: ”جيڪڏهن ان حالت ۾ ڪيس ڪجهه ٿي پيو ته ڪيس ڪچيءَ ۾ پئجي ويندو ۽ بيگناهه اڙجي ويندس.“

رلي رلي، مس وڃي هڪڙو ميڊيڪل اسٽور هٿ آيس ۽ اتان الٽي بند ڪرڻ جون ٽڪيون وٺي آيو. ڪمري تي پهتو ته هوءَ اڃا به الٽي ڪري رهي هئي. ڪيس ٽڪيون کارايائين ۽ پوءِ هيٺ لهي ويو.

گهنٽي وڳي. ٻئي طرفان آواز آيو. هن سڃاتو، سانول جو وڏو ڀاءُ ڳالهائي رهيو هو. هن هلڪي خوش خير عافيت ڪرڻ ڪانپوءِ سانول لاءِ پڇيس. رسيور ڪڇڻ جو آواز آيو هُڻ آواز اچڻ جو به انتظار نه ڪيو ۽ جلدي چيائين: ”يار، سانول جلدي منهنجي ڪمري تي پهچي وڃ؟“ سندس آواز گهبرايل هو.

”خير ته آهي؟“ سانول وراڻيو ۽ سندس گهبرايل آواز پرکي ورتائين.

”خير وري خاڪ جو آهي، هوءَ آهي نه..... ان جي طبيعت ڏاڍي خراب آهي. الٽين تي الٽيون پئي ڪري، ڪجهه ٻڌائي نٿي سگهي. مان مٿي هلان ٿو تون هڪدم پهچ.“ هن رسيور رکي ڇڏيو.

”سانول کي فون ڪئي اٿم، هو اچڻ وارو آهي.“سليم موٽي اچي ماهرا کي ٻڌايو. هوءَ ڪجهہ سرهي ٿي.

سانول هڪ دوست کي جيڪو حيدرآباد مان آيل هو، ساڻ ڪري هوٽل تي پهچي ويو. جلدي جلدي ڏاڪڻ چڙهي جڏهن هو ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ هوءَ الٽي ڪري رهي هئي. سانول سندس پرسان وڃي وينو.

هُن ڪڏهن بہ ائين نہ سوچيو هو تہ هوءَ ڪڏهن بيمار ٿيندي ۽ سانول سندس لاءِ ائين پريشان ٿي پوندو. هن الٽي ڪري بس ڪئي، سانول تي نظر پوندي ئي هن جي اکين مان ڳوڙهن جي هڪ لار نڪتي، جا سندس سکل-نوٽ، ڪاراٽيل ڳلن تان ڳڙي، مٿي هيٺان پيل وهاڻي ۾ جذب ٿي وئي ۽ هن جي منهن تي هلڪي مرڪ ايري آئي.

سانول کي هوءَ اڃا بہ وڌيڪ نبل، اڃا بہ وڌيڪ معصوم نظر آئي. سندس اندر ۾ دٻيل پيار پڙڪو ڏنو، پر هن سليم ۽ ٻئي دوست جي ڪري ان تي قابو پاتو. ڪجهہ عرصو مڪمل ماٺ رهي. سانول سگريٽ دکايو. ماهرا جي پرسان وڃي وينو ۽ آهستي هن تي جهڪي ڪانئس پڇڻ لڳو. ماهرا جي ڳلن تان اڃان بہ ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. ”ڇا ڳالهہ آهي؟“

هن هٻڪي هٻڪي جهيڻي آواز ۾ ڪيس پنهنجي ڪاڏي واري ڳالهہ ٻڌائي. هو سمجهي ويو تہ ڪيس ڊي هائيڊريشن (Dehydration) ٿي پئي آهي. ٿورو وقت ترسي، هن هڪ نمبر سليم کي ڏنو ۽ ڪيس گهرائڻ لاءِ چيو. ٿوري دير ۾ بہ ڄڻا همراهہ اچي ويا. ٻنا ڪيڪار جي ماهرا جي مٿان جهڪي پيا. هو ٻئي بلوچ هئا. سانول جا بہ ڇاڻو سڃاڻو هئا ۽ ڪجهہ وقت اڳ ماهرا هنن وٽ رهي چڪي هئي.

نيٺ صلاح اها بيٺي تہ هڪدم ڪنهن ڊاڪٽر سان صلاح ڪجي. انهن بلوچن جو هڪ دوست ڊاڪٽر جي.پي.ايم.سي هاسٽل ۾ رهندڙ هو. هنن انهيءَ سان ڳالهايو ۽ ڪيس سڄي ماجرا ٻڌايائون. هو علاج ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو، ڇاڪاڻ جو هنڪي علاج ۽ مريض سان سندن همدردي، صرف انساني همدرديءَ جي بنياد تي ٻڌائي وئي.

وڏي مشڪل سان ٽيڪسي ملي ۽ هڪدم ان ۾ ماهرا کي کڻي جي. پي.ايم.سي جي بيچلرس هاسٽل تي پهتا. ڊاڪٽر ماهرا کي چڪاسي هڪ

گلوڪوس جي ڊرپ چاڙهي. ڪجهه پيل دوا ڪارائي ۽ ڪجهه لکي ڏني. وڏيڪ چيائين ته،” ڪيس اجا بہ هڪ ڊرپ لڳندي، رات ضرور ڪيس لڳرائجو.“

جڏهن گهر جو مسئلو آيو ته سانول کين محمودآباد ۾ رهندڙ پنهنجي ڳوٺاڻن جي گهر هلڻ لاءِ چيو ۽ انهن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ذميواري پنهنجي سر کنئي.

دوا پيارڻ کانپوءِ سانول سڄي ماجرا حليم کي پاسي تي وٺي وڃي ٻڌائي. ڪجهه دير ۾ هوءِ سامت ۾ آئي. ڪيس ٻي ڊرپ لڳائي وئي. ڪاٺڻ جي لاءِ ڪَش گهرايو ويو. ۽ پوءِ ٻيا سڀ هليا ويا، باقي سردار رات اتي ئي رهي پيو. رات جو هوءِ ڪجهه سرهي ٿي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙي ٿي وئي. باقي ڪيس هيٺائي محسوس ٿي رهي هئي. صبح جو هرڪوئي پنهنجي پنهنجي ڪم تي هليو ويو. گهر ۾ هوءِ اڪيلي ۽ ٻه ڇوڪرا وڃي رهيا. حليم هنن کي هدايت ڪري ويو هو ته ڪنهن ڌاريي کي گهر ۾ اچڻ نہ ڏجو. ماهرا جي وتاڱهه جي لاءِ لطيف کي چٺي ويو، جيڪو اسڪول جي ٻي شفٽ ۾ هئڻ ڪري، هڪ وڳي کانپوءِ اسڪول ويندو هو.

شام جو سانول ۽ سردار آيا. ماهرا جي طبيعت ڪافي سڌري وئي هئي، انڪري سردار ان خوشيءَ ۾ رات سانول کي پيئڻ جي دعوت ڏني.

هڪ پيرو وري بوتل کلي، جام ٽڪرايا، 'چيئرس چيئرس' جا آواز ايريا، پر اڄ ماهرا صرف پيگ پياريا پٽي پر پاڻ نہ ٿي پيتائين. ڏوُرن تي ڏوُر هليا، جام خالي ٿيا ۽ وري پريا. جڏهن سردار کي ڪيپ چڙهيا ته هن نعرو هنيو،"Personal property abolish" هو جو هيل تائين ماهرا کي Per-sonal property طور استعمال ڪندو هو، نشي جي ڪيپن ۾، سانول جي سمجهايل ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويس. رات جو ڪافي دير ٿي چڪي هئي. گهروارا سڀ سمهي پيا هئا ۽ هي الائي ڪيڏي مهل ستا هئا.

صبح جو ٻيا سڀ جڏهن نوڪرين لاءِ نڪري ويا، تڏهن لطيف چانهه ٺاهي ۽ پوءِ سانول جي چوڻ موجب ڪيس اٺارڻ لاءِ ويو. هن هيڪلي سِتل جي مٿان ڪپڙو لاٿو ته اهو سردار هو. هو سمجهي ويو ته سانول ماهرا سان سِتل آهي.اول ته هو هبڪي پيو. هو گهور ننڊ ۾ هئا، پر سانوُل جي

چوڻ ڪري ڪيس اٽارٽو ئي پيس، هن کي وڃٽو هو.

ساتول اٿيو. لطيف کي ڏسي مرڪيو. لطيف مرڪ مان ئي پرکي ورتس. چانهه پي ۽ ماهرا جي پارت ڪري ساتول ٻه هليو ويو. سردار ۽ ماهرا ٻڳپل سج چڙهڻ ڪانپوءِ اٿيا. لطيف ڪين اول چانهه پوءِ ناشتو ڪرايو. سردار ٻه هليو ويو، منجهند جو حليم جلدي واپس موٽي آيو. هن ماهرا کي مرڪندي ۽ آجيان ڪندي پاتو. هوءَ ڪيس تمام خوش ڏسڻ ۾ آئي. هنکي لڳو تہ ڪيس خوشيءَ جا خزانا ملي ويا آهن ۽ اهڙا خزانا جهڙا ڪنهن سهاڳ سڪايل کي سهاڳ ملڻ ڪري ملندا آهن.

اسين لوچيون لوھم ”

وڏي ويل ڏاڙهي. متي جا وار وڏي هاڻ گهنڊڙيون هڻڻ لڳا هئس. وهنتي ٻه اٺ ڏهه ڏينهن واهه جا گذري چڪا هوندس. اڪيون ڏرا ڏئي ويون اٿس. هڏٻائين جهڙو جسم تي ويو اٿس. لڳي ٿو ته ورهين کان چلا پچائيندو رهندو هجي. جڏهن به ڏسوس ڪنڌ هيٺ ڪيو پيو ڪجهه سوچيندو يا ڇت ۾ ٻئي اکيون کپايون ويٺو هوندو. اٿس ته الائي ڪهڙو روڳ؟ جهليو به الائي ڇو اٿائونس؟ جنهن ڪان به ڪٿي پڇ ته چوندو: 'مون کي صرف ايتري خبر آهي ته هي خطرناڪ ماڻهو آهي.' پر هي لڳي ته مظلوم ٿو. مون کي ته هن سان همدردي ٿيندي ٿي وڃي.

اڄ دل ٻڌي ڪانئس ئي ڪٿي ٿو پڇان ته:” تون ڇاجي ڪري خطرناڪ آهين، شڪل مان ته ڪو خوني يا ڌاڙيل نه پر انتهائي دکي ماڻهو ٿو لڳين؟“

جيئن ئي ڊيوٽيءَ تي آيس ته ڪيس ساڳي حالت ۾ ويٺل ٿو ڏسان، ڪنڌ هيٺ، وڏيل ڏاڙهي، گهنڊڙيون هٽي ويل متي جا وارءِ لڳيم ٿو سودائي. ”اسلام عليڪم، رحيم.“ مون هن جي آڏو ايندي ئي پنهنجو روزانو جو نيم بدلايو. ڪوشش ڪئي هئم ته منهنجي آواز ۾ ڪوبه رعب داب نه هجي. ڪا قيديءَ کان حقارت نه جهلڪي. ايئن لڳي جڻ ڪو

همدرديءَ جا پول پوليندو هجي. هن اول صرف اکين جا ڇپر متي ڪئي مون کي ڏٺو ۽ جڏهن پڪ ٿيس تہ مان روزانہ رات وارو پوليس وارو سلامت آهيان تہ ڪيس ڪجهہ تعجب ٿيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪري مٿو مٿي ڪنيائين. مون کي هن جي نظرن ۾ ڪابہ نفرت ڪابہ حقارت ڪانہ بکي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ هن ڪان اڳ مون بہ ڪڏهن اهڙي انداز ۾ هن سان نہ ڳالهايو هو.

"وعليڪم سلام."

هن تمام جهيڻي آواز ۾ وراڻي ڏني. سندس آواز ۾ قرب هو، نفرت نہ هئي. ڪيس ائين ڀانئي منهن جي دل بہ آڌي. مون چيو:"رحيم مان جڏهن اڄ ڊيوٽيءَ تي پئي آيس تہ منهن جي خيالن ۾ تون سمائجي ويو هئين ۽ سوچيم پئي تہ توکي خطرناڪ ڇو ٿا ڪوٺين. جڏهن تہ ايترن ڏينهن کان تو اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪئي آهي، جنهن جي ڪري توکي خطرناڪ ڪوٺيو وڃي ۽ هن ڪوليءَ ۾ رکي پهريدار ٻيهاريو وڃي."

"مون کي تہ خبرناهي تہ هو ڇاجي ڪري خطرناڪ ٿا ڪوٺين. اهو تون انهن کان پڇي ٿو سگهين. پر توکي اهو خيال ذهن ۾ ڪيئن آيو؟"

رحيم هاڻ پٽ سان ٽيڪ ڏني، مون ڏانهن منهن ڪري وينو هو. سندس اکيون بہ مرڪي رهيون هيون. چهرو ٽڙي پيو هوس. وڏيل ڏاڙهيءَ مان سندس ٻيٺل ڳل گهڇيءَ جيان ٿي لڳا. "اهو تہ مان بہ نہ ٿو ڄاڻان تہ اهو خيال ذهن ۾ ڪيئن آيو، پر اچي ويو آهي، انڪري توکان پڇيو اٿم." مون وراڻيو.

"مون کي انهيءَ جي تہ ڄاڻ آهي تہ اهو خيال تنهن جي ذهن ۾ ان ڪري آيو آهي، جو تون بہ نيٺ تہ انسان آهين ۽ مون ڪڏهن بہ ڪنهن انسان جي برائيءَ لاءِ نہ سوچيو آهي. مون کي پڪ هئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن اوهان سيني پهريدارن جي ذهن ۾ اهڙا ڪئين خيال ايندا. تون پين سيني کان وڌيڪ حساس دل وارو آهين، انڪري اهو خيال پهرين تنهن جي ذهن ۾ ايريو آهي." اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ مان ماٺ ڪري هليو ويس. پر ذهن ۾ آيو تہ ان جي ضرور کوج لڳائيندس تہ رحيم کي خطرناڪ قيدي ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي.

نيٺ مون دل ٻڌي، پکو پهہ ڪري ڇڏيو تہ اڄ سويل ماڙيءَ تي ويندس ۽ ٻهرام خان کان رحيم متعلق ضرور پڇندس. هو ضرور آنا ڪاني ڪندو، پر ٻڌائي ڇڏيندو. هو جيلر ۽ ڊپٽي صاحب جي ويجهو آهي. اڄان ڊيوٽيءَ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ پيو هو تہ مان اڇي ماڙيءَ تي پهتس. سيني سان سلام ڪندو ۽ ڪنهن کي کيڪار ڪندو، ڪنهن جو آڌرياءُ ٻڌندو سڌو ئي ٻهرام خان وٽ پهتس تہ هن بہ آڌرياءُ ڪندي پڇيو تہ،" سلامت، اڄ ڪيئن ايڏو سوير اچي سهڙيو آهين؟ ڪو ڪم ڪار آهي ڇا؟"

"ها ٻهرام خان، اڄ توسان ڪي ٻولاچاريون ڪرڻيون آهن. ڪيئن واندڪائي اٿئي ڪي نہ؟" مون ٻهرام خان جي هيٺاهين ونڻ شروع ڪئي.

"يارن ۽ يائرن لاءِ واندڪائي ئي واندڪائي آهي. ڳالهہ ڪر." ٻهرام خان پنهنجائپ ڏيکاريندي ويجهو ٿي وينو.

"يار، ڳالهہ اهڙي آهي جا هتي پڇڻ ۽ سلڻ جهڙي آهي ڪانہ. انڪري هيٺ هلي ٿا چانهہ پانهہ بہ پيئون ۽ ڪجهہ ڳالهايون."

"چڱو اول تون هلي هوٽل تي ويهہ تہ مان واءُ سواءُ لهي ۽ ڇٽي آڪي، اڄهو ٿو پهچان." ٻهران خان پڪ ڏياري تہ مان بہ اٿي ڪڙو ٿيس.

چانهہ جو آرڊر ڏيندي، مون ٻهرام خان کي سرگوشي ڪئي، "يار ٻهرام، ٻڌاءِ تہ سهي، هو قيدي جيڪو اڪيلو رکيل آهي، رحيم نالي، جيڪو منهن جي نظرداريءَ ۾ آهي، اهو ڪهڙي ڏوهہ ۾ آيل آهي."

"ڇو، توکي ان سان ڇا واسطو؟ اسان لاءِ بابا قيدي قيدي آهي. اهو ڪم اسان جي صاحبن ۽ ڪورٽ ۽ حڪومت جو آهي. اسين تہ حڪم جا ٻندا آهيون، جنهن جي نظرداريءَ جي لاءِ چوندا تہ ڪنداسون. نہ چوندا تہ ڪيترائي ٻنا نظرداريءَ جي پيا آهن. ڇا ڪا هن حرڪت ڪئي آهي؟" ٻهرام خان جو لهجو تکيرو ٿيڻ لڳو.

مون هيٺاهين ونندي چيو تہ: "نہ، حرڪت تہ هو ڇا ڪندو. مان بہ سلامت آهيان سلامت. هڪ ٿڦڙ بہ سهڻ جوڳو ناهي، پر هو سدائين خاموش، ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل ۽ ٻنهہ بي زرر ٻندو ٿو لڳي، پوءِ بہ هرڪو ڪيس خطرناڪ ڇو ٿو ڪوٺي. ٻن مهينن ۾ مون هن کي ضرورت کان سواءِ ڳالهائيندي نہ ٻڌو آهي. ڪابہ ارهہ زورائي، ڪابہ گارگند، ڪنهن کي گهٽ

وڌ ڳالهائيندي نہ ڏٺو آهي تہ پوءِ خطرناڪ ڇا ۾ آهي؟"

"ڇا تون ڪو معلوم ڪرڻ ٿو گھرين يا توکي هن سان ڪا همدردي ٿيڻ لڳي آهي." بهرام خان ڪجھہ تڏو ٿيڻ لڳو.

"بس ائين ئي، جنهن جي نظرداري ٿو ڪريان تہ ڪجھہ تہ ڄاڻ هجيم، ڪٿي ڪو ابتو سبتو ڪم نہ ڪري وجهجي." مون بہ بهرام خان کي ماڙيءَ وارن جي حق ۾ ڳالهائيندي چيو.

"چڱو ٻڌ!" بهرام خان ٽيبل تي ٺونٺيون رکي، منهن کي منهنجي ويجهو ڪندي، رازداريءَ واري نوع ۾ سلڻ لڳو. "رحيم هڪ خفيہ تنظيم جو ماڻهو آهي، جنهن جي لاءِ حڪومت جو چوڻ آهي تہ اها تنظيم ملڪ جي بقا ۽ بهبود لاءِ خطرناڪ آهي. مذهب ۽ عوام جي عقيدن لاءِ هاڃيڪار آهي. حڪومت انهيءَ تنظيم تي بندش وجهي ڇڏي آهي، پر پوءِ بہ اها تنظيم زير زمين ڪم ڪري، ماڻهن کي اسلام ۽ ملڪ جي خلاف ڀڙڪائي رهي آهي. ان خطرناڪ تنظيم جي ڪارڪن هئڻ ڪري رحيم کي بہ خطرناڪ قرار ڏنو ويو آهي. ان ڪري ڪيس الڳ رکي، ٻين قيدين سان لاڳاپي نہ ڪرڻ ڪري پهرو رکيو ويو آهي."

هو ماٺ ٿي ويو ۽ اسان چانهہ پي واپس ماڙيءَ ڏانهن مڙياسون. جڏهن مون کي اها خبر پئي تہ هن جو اهڙي تنظيم سان واسطو آهي تہ منهنجي دل ۾ هن لاءِ جيڪا همدردي اڀري هئي ان جا ڳوڙهہ مرجهائجڻ لڳا. پر وري بہ دل ۾ خيال آيو تہ رحيم کي هاڻ پڪ ٿي وئي آهي تہ مان سندس همدرد آهيان، انڪري هو بہ مون کان حقيقت نہ لڪائيندو. چو نہ مان ڪنهن ڏينهن موقعو ڏسي هن کان بہ ساري حقيقت پڇان. يقين هئم تہ هو ڪوڙ نہ ڳالهائيندو. سندس چڱين خصلتن جي ڪري ئي منهن جي من ۾ هن لاءِ همدردي جاڳي هئي.

مون پڪو پهہ ڪيو تہ جيئن ڊيوٽيءَ تي چڙهندس تہ اول رحيم کان پڇا ڪندس، ڇو تہ حڪومت پاران هن تي لڳايل ان الزام جي الائي ڇو مون کي پڪ نہ پئي پئي. حڪومت جو اهو بہ الزام هوس تہ هو غيرملڪي تنظيمن سان رابطو رکي ڪين ملڪي راز پهچائيندو آهي. جڏهن انهن ڳالهين جي پروڙ پئي هئم تہ دل ۾ خيال آيو هو تہ، 'ڇا اهڙو ڪوبہ ماڻهو تي

سگهي ٿو جيڪو جنهن ڌرتيءَ تي رهي ٿو، ان جو اَنُ کائي ۽ پاڻي پيئي ٿو، ان ڌرتيءَ تي ڌارين جي قدم کي سهي سگهي.' اڄ منهنجي ذهن تي سواءِ رحيم جي ٻي ڪابہ ڳالهہ نہ پئي آئي. عجيب سوال پئي اٿيا. ڇا هو مون کي پنهنجو ايترو همدرد سمجهندو هوندو جو پنهنجي سموري حقيقت مون کي ٻڌائي؟ منهن جي دل پوءِ بہ الائي ڇو پڪ ٻڌي بيٺي هئي تہ رحيم جي باري ۾ مون کي سچي ڄاڻ ملڻ گهرجي.

"اسلام عليڪم." منهن جي مک تي مرڪ تري آئي.

"وعليڪم سلام. چاچا خوش آهيو؟ ڪهڙو حال اٿوَ؟ ٻارڙا تہ خوش باش اٿوَ؟" رحيم وراڻيو بہ ۽ پڇيو.

هن کي منهنجي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻ تي وئي آهي، ڪيس مون سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو تہ هن ٿورڙي پگهار مان ٻچن جو پيٽ پالڻ ڏاڍو مشڪل آهي، مون کي خدا جي فضل سان ڇهہ ٻار آهن ۽ منهن جي پگهار ڪل ساڍا چار سؤ آهي. هن ڪان اڳ جڏهن ٽانگي تي هوندو هوس تہ چڱو گذر سفر ٿي ويندو هو، پرمار پوي ايس ايچ او وليد ولهار کي، جنهن هرويرو مون غريب کي سزا ڏياري، لائين موڪلي ڇڏيو.

"رحيم، هي توکي اسلام دشمن ڇو ٿا سمجهن؟" مون هن جي سامهون ويهندي پڇيو.

رحيم چڻ ڇرڪي پيو. ڳهڙي کن ماٺ ۾ اچي مون کي گهوريندو رهيو، پوءِ ڏاڍي ڌيرج ۽ اطمينان سان چوڻ لڳو: "چاچا، مون تہ ڪڏهن اهڙي ڳالهہ نہ ڪئي آهي. منهن جا ماءُ پيءُ، پورو خاندان مسلمان آهن. هن کي اهو ڪنهن ٻڌايو آهي."

"چون ٿا تہ تنهن جو وجود ملڪ لاءِ خطري وارو آهي؟"

"چاچا انسانن جي ڪري ڌرتي آباد آهي، ۽ جتي جتي ڌرتي آباد آهي اتي اتي ملڪ ٺهيا آهن. ماڻهن جي ڪري وستيون، واهڻ، ڳوٺ، شهر، خطا ۽ ملڪ جڙندا آهن، ۽ انهن جي جوڙڻ ۾ اتي رهندڙ هر ماڻهوءَ جو هٿ هوندو آهي. تون پاڻ ٿي ٻڌائج تہ تون يا تنهن جي ڪنهن بہ ٻار مان توهان جي گهر کي ڪو خطرو ٿي سگهي ٿو. ڪوبہ اهڙو آهي جيڪو پنهنجي گهر کي برباد ٿيندو ڏسي خوش ٿئي."

”نه نه، ايئن وري ڪيئن ٿيندو، مون الائي ڪيئن ڦڙي ڦڙي ڪري تلاءُ ٻڌايو آهي. ڪوڏي ڪوڏي ميڙي جهڳو جوڙيو آهي، مان ان جي برباد ٿيڻ جو سوچي به نه ٿو سگهان.“

”ته پوءِ چاچا، مان هن ديس جي ڌرتيءَ تي نه ڄائو آهيان ڇا؟ ڇا منهن جي ابن ڏاڏن جي هڏڙن جي خاڪ هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ ملي مٽي نه ٿي آهي؟ مان هتان جو پاڻي ۽ داڻو کائي هيڏو ٿيو آهيان، مان هن ڌرتيءَ تي ريڙهيون پائي هلڻ سکيو آهيان. مان هن ڌرتيءَ جو نيپاج آهيان، هن ڌرتيءَ جو ويري ڪيئن ٿيندس. توکي اها ڳالهه آئڙي ٿي؟“

هن جي ڳالهائڻ ۾ برجستگي هئي. پختگي هئي. لڳم ٿي هن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي ذهن ۾ من کي ڏونڌاڙڻ لڳو آهي.

”نه نه ائين ڪيئن هوندو. تون ائين ڇو ڪندين.“ مون کان بي اختيار نڪري ويو. چاهيم پئي ته هو ڳالهائيندو رهي ۽ مان ٻڌندو رهان. لڳم پئي ته هن وقت هن سڄي جيل ۾ رحيم اڪيلو درست آهي، باقي سڀ ڪوڙ آهي. منهن جون همدرديون هن سان اڄان به وڌڻ لڳيون ۽ هن کي ئي پنهنجو به همدرد ڄاڻڻ لڳس. هو ئي آهي جنهن مون کان منهن جي ٻارن ۽ گهر جي گذر جو پڇيو آهي. اڄ تائين ڪنهن به جيلر، ڊپٽيءَ اهو نه پڇيو آهي ته تنهن جا ٻارڙا ڪيئن آهن. مان هيترن سالن کان نوڪريءَ ۾ آهيان. هن کي خبر آهي ته منهن جو وقت ڪيئن ٿو گذري. اڄا اڳ قيدين مان ڪجهه نه ڪجهه اپراسو ٿي ويندو هو پر جڏهن کان قائم صاحب نئون جيلر آيو آهي ته هن اچڻ شرط منهنجي ڊيوٽي ئي رات جو لڳائي ڇڏي، اها به خطرناڪ قيدين تي پهري ڏيڻ جي. الائي ڪهڙي مون سان دشمني ٿا پاڙين جو سک جو ساهه ئي کڻڻ نه ٿا ڏين. هو ٿورو وقت خاموش رهيو ۽ جڏهن ڳالهائڻ لڳو ته مان ڄڻ خواب مان جاڳي حقيقت ۾ اچي ويس.

”چاچا، ڌرتي اسان جي ماءُ برابر آهي. اڃان به ماءُ کان وڌيڪ ٻاجهاري آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ماءُ به ٻار سان ڪاوڙبي آهي، ٻار کي دڙڪا ڏيندي آهي ۽ وڌيڪ ڪاوڙ يا ارڏائيءَ جي ڪري ٻار کي ماريندي به آهي. پر ڌرتي اها ماءُ آهي جيڪا پنهن جي ارڏن ۽ اڙٻنگ ٻارن کي به، سندن سنمورين ارڏاين جي هوندي به معاف ڪندي آهي ۽ ساڻن پيار ڪندي آهي. ان حد

تائين بہ جو هوءَ پنهن جي غدارن کي بہ پاڻ ۾ جاءِ ڏيندي آهي. اسين تہ سندس سيني تي رهندڙ سندس اولاد تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ کي ترڙي ڪڍڻ لاءِ جُهد ڪري رهيا آهيون. اسان جو ايمان آهي تہ ماءُ پيتان جيڪو بہ چائو آهي اهو ايئن چمي ٿو جيئن هر سرمائيدار جو ٻار چمي ٿو. پوءِ تنهن جا ٻار اگهاڙا ۽ جيلر جا ٻار گاڏين ۾ ڇو تا گهمن؟ ڇا تنهنجي ٻارن کي سندن والده ايئن سور سهي جنم نہ ڏنو آهي جيئن جيلر ۽ ڊپٽيءَ جي ٻارن کي سندن والده؟ ڇو ڪنهن مزدور جو ٻار بہ مزدور ۽ هاريءَ جو اولاد هاري. ڪيس هوش سنڀالڻ سان ئي هر جو هٿيو ۽ ڏاٽو ڏنو ٿو وڃي. ڇا انهن جو حق ناهي تہ اهي بہ تعليم حاصل ڪن. ڇا انهن جو حق ناهي تہ اهي بہ ڊاڪٽر ۽ انجنيئر بڻجن. ڇا رڳو سرمائيدارن جا ٻار ئي ذهين ٿيندا آهن ۽ غريبن جا ٻار ڏڏ؟" رحيم ڳالهائڻ ۾ ٿڪجي پيو هو ۽ ساهي کڻڻ لاءِ ماٺ ڪري منهن جي ڇهري کي ڏسڻ لڳو.

اهڙيون ڳالهيون تہ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ بہ نہ ٻڌيون هيون. هن ساهي کڻڻ کان پوءِ وري چوڻ شروع ڪيو.

"چاچا، تو ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ اُسن ۾ سڙين ٿون، قيدين جون گاريون بہ جهلين ٿون، ڏينهن رات سخت ڊيوٽي بہ ڪرين ٿون ۽ هُو جيڪي سڄي ڏينهن ۾ ٻہ ڪاغذن تي اچي صحيحون ڪن ۽ هليا تا وڃن، انهن جي پگهار ڪيتري ۽ تنهنجي آمدني ڪيتري؟ حڪومت هنن کي وڏا وڏا بنگلا ڏنا آهن ۽ توکي ايترن ٻارن هوندي بہ ڪوليءَ جيترو گهر؟"

مان چئي سگهڻ ۾ اچي ويس. رحيم جا ٻول پوري فضا ۾ ٻُرندا پئي لڳم ۽ ڪجهہ بہ نہ پئي اُڪليم، نڙي خشڪ ٿيندي پئي محسوس ڪيم. اوچتو ماڙيءَ تان گهنڊ ٻارنهن ٺڪاءَ هنيا. اهي ٺڪاءَ مون پنهن جي ذهن ۾ لڳندي محسوس ڪيا. لڳم پئي تہ مان پاڻ بہ هڪ قيدي آهيان، جنهن جي چوطرف ڪيترائي پهريدار بيٺا آهن.

رحيم وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "اسين ان انياءَ کان ماڻهن کي نجات ڏيارڻ گهرؤن ٿا تہ اسين خطرناڪ بڻجي ويا آهيون. اوهين ٻڌايو تہ ڇا گهٽ ماڻهن جي حالت ۽ زندگيءَ کي سڌارڻ لاءِ سوچڻ گناهہ ۽ ڏوهہ آهي؟ جيڪڏهن ها تہ اسين ڏوهي، سزا جي قابل. پر جيڪي اڀوجهہ کان

چالاڪيءَ سان پنهنجو ڪم ونن ۾ ڪين محنت جي چوٽائيءَ جيترو اجورو ڏين اهي قوم ۾ ملڪ ۾ مذهب جا رکوالا آهن. اسلام اهڙي اجازت ڪنهن کي ڏني آهي. مذهب غريبن ۾ نادارن جو رکوالو آهي يا اميرن ۾ سرمائيدارن جو. چاچا، مذهب غريبن جو پرجهلو آهي، پر هنن انکي بہ پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال پئي ڪيو آهي."

"برابر، اسلام تہ آيو ئي مظلومن جي ظالمن کان آجپائي ڏيارڻ لاءِ هو."

"پوءِ اهي جيڪي انهن مظلومن جي پلي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ چاهين ٿا اهي ڪيئن مذهب جي خلاف ٿيندا. ها، هنن جي مفادن جي خلاف هئڻ ڪي، هنن مذهب جي خلاف نالو ڏنو آهي. ڏاڍي جي لٺ ڪي بہ مٿا."

"رحيم چوين تہ سچ ٿو، پر هي نظام، هيءَ حڪومت ۾ قانون."

"چاچا، قانون ڪنهن ٺاهيا آهن، نظام ڪنهن لاڳو ڪيو آهي ۾ حڪومت ڪنهن جي هٿن ۾ ڪيڏي رهي آهي؟ سڀ ڪجهہ پنهن جي مفادن جي بچاءَ لاءِ جوڙيو ويو آهي. تنهن جو ۾ منهن جو ڪنهن وٽ بہ تحفظ ناهي."

سندس ڳالهين جو اثر ذهن کي پنهن جي پڪڙ ۾ آڻيندو ٿي ويو، اوچتو هن هڪ سوال مون ڏانهن اڇليو: "چاچا، ڪڏهن ڀٽائي پڙهيو اٿئي؟"

"نہ پڌو اٿم. ڀٽائي گهوٽ جا بيت تہ آيتن مثل آهن. منهن جي سمجهہ کان زور آهن."

"ائين ناهي چاچا. ڀٽائيءَ جي شاعري الهامي ڪتاب ناهي، جنهن کي سمجهڻ ۾ سوچڻ جي منع ٿيل هجي. ڀٽائيءَ جو هڪ هڪ بيت تولاءِ اٿئي تولاءِ!"

رات ڪافي گذري چڪي هئي. گهنڊ هڪ ٺڪاءُ لڳايو. اڪين مان ننڊ تہ غائب ٿي وئي هئي، پر ذميواري ياد پئي ۾ بين قيدين جي نظرداريءَ جو خيال آيو تہ اٿي ڪڙو ٿيس. رحيم جا ٻول رات جي سناٽي ۾ مون سان سرگوشيون ڪري رهيا هئا. " ڀٽائيءَ جو هڪ هڪ بيت تولاءِ اٿئي تولاءِ!" نہ، هي ڪڏهن بہ ائين ٿي نہ ٿو سگهي جيئن هن لاءِ چيو ويو آهي. ائين ٿي نہ ٿو سگهي، ٿي نہ ٿو سگهي.

غلط فائدو

مان پراڻو پاپي آهيان. هن علائقي جو مشهور معروف ماٺو آهيان.
منهن جي اٽي ويهڻيءَ کان هن علائقي جو هرڪو ماٺو واقف آهي. ڇڙوڇانڊ
آهيان. بازار کان ڪجهه پريرو شهر جي مشهور معروف علائقي سوسائٽيءَ ۾
ڪافي عرصي کان طارق روڊ جي هيءَ ڪنڊ اچي وسائي اٿم. مون کي هن
حڪومت جي مهربانيءَ سان ايس.آر.ٽي.سي ۾ اي.ٽي.ايم جي آرام ده
نوڪري ملي آهي. مون کي ان جي وڃڻ جو ڪوبه خطرو ڪونهي. ڇاڪاڻ
جو جنهن جي معرفت مون کي هيءَ نوڪري ملي آهي، ان جي حڪم تي سنڌ
جو هر ڪامورو آمنا صدقنا چوندو آهي. ان ڪري مون کي هَـلـذا من فضل
ربي به ڪافي آهي، ان ڪري ئي مون هيءَ نوڪري ورتي ۽ هتي رهڻ بهتر
سمجهيم.

مون وٽ جو آيو سو اگهيو. رب جي رضا تي راضي رهڻ باراٽي
وهيءَ کان ئي سکيو هوس. مون وٽ ڪيئي آيون ۽ ڪيئي مون وٽان فيض
پرائي ويون. مان هڪ شيشي جي مثال آهيان، ڪيئي صورتون ڏسندو آهيان،
پر ڪابه شڪل ياد رکڻ ضروري نه سمجهندو آهيان. ها، پر ڪن ڪن جا
ڏنڊلا ڇهرا منهن جي من تي اڪريل آهن. انهن مان ڪو ڇهرو جيڪڏهن
رستي ويندي ٽڪرائجي ويندو آهي ائين پاسندو آهي ته اهو اگ ڪڏهن ڏٺو

اٿم يا ان سان رات جون چار گهڙيون گذاريون اٿم. هن جي هٿن سان ويٽ- ون جون بوتلون خالي ڪيون اٿم.

منهن جو ساٿي جيڪو مون سان گڏ رهندو آهي، ان کي ايڪسائيز ۾ انسپيڪٽر جي نوڪري آهي. هو به مون جيان نوازيل آهي ۽ هو به مون جهڙو جهونو پاپي آهي. اسان ٻئي ان ڪري ئي گهرا دوست آهيون. هڪ ٻئي جا رازدان آهيون. اسان هڪ کي ئي وٺي ايندا آهيون ۽ ٻئي عيش ڪندا آهيون ۽ جيڪڏهن ڪا پسند اچي ويندي آهي ته ان کي به ٽي ڏينهن ٽڪائي ڇڏيندا آهيون.

اڄ منهن جو ساٿي ڪونهي هو. مان اڪيلو هوس ۽ مون کي جسم جي گهرج محسوس ٿي. مان جسم جي تلاش ۾ انساني سمنڊ جهاڳيندو وڃي نيٺ شِملا کي هٿ ڪيو. هوءَ ڇا آهي، سنهي سَڪڙي هاني، ننڍو قد، ننڍيون اکيون، بينو نڪ، بيڊولو بدن، ڳل اندر پيٺل، چپ سڪل جهڙا چوڏا ۽ انهن تي ڳاڙهي سرخيءَ جو ٿهه چڙهيل. مان ڪيس وٺي فليٽ تي آيس، 'جهڙو ٿهڙو مار، ڏينهن نه ڪار' واريءَ ڪار.

مون کي جسم جي ايڏي ته پياس هوندي آهي جو اها اڃا تائين نه ٻجهي آهي ۽ نه ئي ٻجهڻي آهي. مون هن کي پيئڻ شروع ڪيو. بنا وقت وڃائڻ جي. منهن جي شراب ۽ جسم جي پياس نه ٻجهي نه ٻجهندي آهي.

"هاڻي ته ڇڏ، ڏاڍو لوڀيو اٿئي، پانيان ٿي جسم جي آخري ڦڙي به چوسي ويو آهين؟" شملا خفا ٿيندي چيو.

"اڃان ته پياس ئي ڪانه ٻجهي آهي. اڃان ته پياسو آهيان. ٿورو ترس ته سهي، ڪجهه ته پيئڻ ڏي." مون پنهنجا چپ شملا جي چپن ۾ پختا ڪري ڇڏيا ۽ ڊبيل آواز ۾ وراڻيو.

"هون!" شملا نڪ مان ساهه ڪڍيو جو منهن جي منهن ۾ لڳو، ڪوسو ڪوسو ساهه، سرديءَ جي رات ۾ مون کي سرور اچي ويو. منهن جا چپ هن جي چپن تي اڃان به پختا ٿيڻ لڳا ۽ نيٺ چڪ ۾ بدلجي ويا.

"ائي!" هلڪي ڪيهه شملا جي بند چپن مان نڪري وئي..

"ايڏو ايذاءُ ته نه ڏنومانءِ." مون شملا جي چپن مان پنهنجا ڏند ڪڍي، سندس اکين ۾ اکيون ڪپائي چيو.

”هي تہ اجان ايذاءُ نہ ڏنو اٿئي. جيڪڏهن ايذاءُ ڏينم ها تہ شايد پساهہ ئي پورا ٿي وڃنم ها.“ شملا اکيون ٻوٽي، چڻ پاڻ تي رحم ڪائيندي، آهستي وراڻيو.

”شايد تون مون وٽ پهريون پيرو آئي آهين.“ مون پاسي پر ليٽي هن جي ڇاتين کي مهٽيو، چڻ ٽانگي جو هارن وڄائيندو هجان. هن جون ڇاتيون نرم ۽ گرم لڳيون. هٿن کي ڇهاءَ رس سرور ڏيڻ لڳو.

”پهريون پيرو!“ شملا ڇاتين ۾ سور محسوس ڪندي ۽ متعجب نگاهن سان مون کي ڏسندي وراڻيو. ڇاڪاڻ جو هوءَ هن کان اڳ بہ مون وٽ هن ئي فليٽ ۾ اچي چڪي آهي. پر مون کيس سڃاڻن ۾ دير ڪئي هئي.

”ياناين ٿي تہ هاڻ تنهن جو حافظو ڪمزور ٿي ويو آهي.“ هن چيو.

”ڇا مطلب؟“ مون شملا جي جسم مٿان پنهنجو پاڻ اڇليندي چيو.

”مطلب. مطلب تہ مان ڪيترائي پيرا تو وٽ اچي چڪي آهيان.“

هن مون کي ياد ڏيارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي.

”هون، ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. خير جي تون ڪيترائي پيرا اچي چڪي آهين ، پوءِ تہ توکي هري وڃڻ گهربو هو.“ مون سندس جسم تان هڪ تنگ لاٿي. شملا پنهن جي مٿان جيڪو بار محسوس ڪري رهي هئي، ان ۾ ڪجهہ گهٽتائي محسوس ڪيائين.

”توکي نوڪريءَ تي بہ تہ ويٺو آهي نہ. هاڻ تہ سچ بہ ايري چڪو آهي.“ هن مون مان هاڻ جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ها پر مڏ جي آخري.سرڪيءَ ۾ سڄي گلاس کان وڌيڪ لطف هوندو آهي. تون سگريٽ جي آخري ڪش جو جيڪڏهن مزو ماڻين تہ هوند چوين تہ سگريٽ جا آخري ڪش نہ ڪٽن.“ مون شعلا جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندي چيو.

شملا بي ستي جسم کي ٿورو ڏوڏيو. پر ياناين تہ چرڻ جي طاقت ڪانهيس، تنهن ڪري بنا چرپر جي سٽي رهي. مان پنهنجو ۽ شملا جو جسم روشني ۾ ڏسي تڙي پيو هوس. منهن جي ڇپن تي ڦڪي مرڪ آئي ۽ گم ٿي وئي. چڻ ڪا ڪيپ ڪٽي هجيم. مان باٿ روم ۾ هليو ويس. پر شملا کي پنهنجو جسم ڍڪڻ جي بہ سگهہ ڪانہ هئي.

”هاڻي نوڪريءَ تي ويٺو آهي. سادا اٺ تي ويا آهن. نوين وڳي تائين پهچڻو هوندو آهي، پر تيار ٿيندي وقت تہ گذري ويندو.“ مون ڪجھ ذهن ريپن جا نوٽ مٺ ۾ جهلي شملا ڏانهن وڌائيندي چيو.

شملا ڪنجهندي اٿي، پنهنجي جسم جي انگ انگ تي هڪ نظر وڌائين سندس جسم ڦرڪي رهيو هو. هن ڪپڙا پاڻ جي بہ چڻ سگھہ نہ پئي ساري. پنهن جي جسم مان نظرون ڪڍي، مون ڪان مروڙين نوٽ وٺي هنڌ تي سٽي ۽ ٽنگيون گهليندي باٿ روم ۾ هلي وئي.

”جلدي ڪر، دير ٿي وئي آهي.“ مون باٿ روم جو دروازو کڙڪائيندي چيو.

'هاڻ اڄي دير جي لڳي اٿس. ايترو پئي چيومانس تہ ٻڌائين نہ ٿي. '

هن مون کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ پنهن جي جسم تي شاور مان ڪوسڙو پاڻي پلٽيندي رهي، جيئن انگ انگ جي ٿڪاوٽ ۽ جسم تان سوين منڻ بار لاهيندي هجي. هن سوچيو: 'اڄ ايترو پاڻي پنهن جي جسم تي نائيندي جيترو لوئي وئي آهي.' پر مجبورن هن کي تڪڙ ڪرڻي پئي. هن پنهنجي پاڻيءَ هاڻي جسم کي ڏنو. سوچيائين: 'هن جسم جي ايتري قيمت نہ ملندي تہ ڇا ڳاڙها نوٽ ملندا. ڳاڙهن نوٽن لاءِ جسم بہ اهڙو ڳاڙهو ۽ ڳردار گهرجي.' وري دروازو کڙڪيو ۽ هوءَ ڇڻ ڪنهن خواب مان ڇرڪ ڀري جاڳي هجي. ”ها هاڻي وهنجي ورتو اٿم، ڪپڙا پائي نڪران ٿي.“ هن وري سوچيو: 'هڪ انسان پئي انسان جي مجبوريءَ مان ڪيترو غلط فائدو ٿو وٺي.' هن پنهن جي جسم جي تراشيندڙ کي ڪجھ چيو: 'جي مون کي خوبصورت بڻائين ها تہ تنهن جو ڇا بگڙي ها، پر منهن جي جسم جو ڪجھ ملھ ماڻ ٿئي ها. هاڻي سڄ ايرڻي ڪان سڄ لٿي تائين هيءَ رقم. ڇا پيٽ پلجندو. پوءِ هي حال نہ رهندا تہ ڇا منڻ گوشت جا چڙهندا.' هوءَ در کولي ٻاهر نڪري آئي. مون کي ٻنهہ تيار ڏسي، ٻنا ڪجھ ڪڇڻ، بستري تان نوٽ کڻي، ٽيبل تي رکيل پرس ۾ وڌائين ۽ در کولي هلي وئي.

خواهشون

سانت من ۾ مانداڻ مچي ويو. ماني ۾ ڪڙو اچلائي، سانت جي سيني کي بي چين ڪري، ڪوئي ڪوهين ڏور هليو ويو. زندگي، جا اڳ ڏاڍي رواني ۾ سان هڪ ئي محور تي ڦري رهي هئي، ان ۾ خلل پئجي ويو. راتيون، جيڪي اڳ ڏاڍي سڪون جي ننڊ ڪري، صبح جو نئون بنو تي، سجاڳ ٿيو هو، هاڻ لڳي ٿو تہ چڻ رات اچي ئي نہ ٿي ۽ ذهن کي آرام ميسر ئي نہ ٿو ٿئي. لڳاتار ٿڪاوٽ، سارو ڏينهن پيٽ جي آڳ اجهائڻ لاءِ (نہ صرف پنهنجي پيٽ جي بنيءَ تي چنبڙا هٿڻا آهن، پر مون سان پيا ٿي جيوَ بہ آهن.) جدوجهد ۾ هڻ هٿان ڪان پوءِ، ماڻهو جيڪر ٿورو آرام ڪري پر شايد اسان جهڙن لاءِ آرام بہ نصيب تي دارومدار ٿو رکي.

نصيب، نصيب، يا مقدر يا قسمت. ڪيڏا نہ بي معنيٰ لفظ آهن. جن جي چڪيءَ ۾ ڪيئي انسان پيڙجي رهيا آهن. 'ماڻهو چاهي تہ پنهن جي تقدير بدلائي ٿو سگهي. ' ڪيئن؟ ڪيتري عرصي ۾، ان لاءِ ڪو ڪوڙو، ڪا ميٿميٽيڪل جَدولَ Mathemetical Equetion آهي. ڪنهن انهيءَ جي نہ رقمي، پنج رقمي يا ست رقميءَ رستي واٽ ڳولي لڌي آهي. انفرادي طور تي انسان ڪجهہ بہ ناهي. هڪ فرد کي پنهن جي ليکي ڪابہ طاقت ناهي، هو هيٺو آهي پر اجتماعي طور تي ماڻهو پهاڙ ڪان بہ ڏاڍو آهي. 'ماڻهو آ ڏنگر

ڪان ڏاڍو. 'ڪيس ڪوبہ نوائي، لوڏائي نہ ٿو سگهي.

بک، بيروزگاري، مهانگائي، بليڪ مارڪيٽنگ، بليڪ مني، جدا جدا قسم جا ازدها آهن، جيڪي ويچاري انسان کي ڳڙڪائڻ لاءِ هروقت آتا آهن. هن ملڪ جي ماڻهن جي قسمت، سندن هٿن مان نڪتي نڪتي ٿي وڃي، جيڪي ان کي قابو ڪري، پنهن جي قبضي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، تن تي تعذير ٿا نڪرن. هو ملحد، بي دين، دهريا، سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ٿا سڏجن. انهن کي ايڏو تہ لويو ويندو آهي، جو ويچارا اپوجهہ، جن جا هو همدرد ۽ هڏ ڏوکي آهن، ظالمن جي هاءِ گهوڙا مچائڻ، ۽ پنهن جو اقتدار بچائڻ لاءِ چڏيل جٽن ۾ اچي پيا ڪائڻن چرڪندا. رات ايڏي اجهاڳ ٿي وئي آهي، جو اکيون کولي وري بند ڪري ۽ وري کولي، جڻ تارن سان لڪ چپ کيڏندو هجي. پر رات آهي جو ڪٽڻ جي ئي ناهي، جڻ ربڙ هجي، جو وڃي ٿو اينگهندو ۽ ڊگهو ٿيندو. پاسا بدلائي بدلائي بہ تکيو ۽ نيٽ اتي ڪڙو ٿيو. کٽ ۽ بستري تي هڪ اچاتري نظر اچلائي، جڻ اهو سارو قصور انهن جو هجي. اونهاري جي پوئين رات کي پنهنجي خوبصورتي ٿيندي آهي. هن اهڙيون ڪئي راتيون رهاٽيون ڪندي گذاري ڇڏيون هيون. انهن ڏينهن ۾ رات جلدي ڪٽي ويندي هئي يا وري ڪين ڪل ئي ڪانہ پوندي هئي. جڻ لٿي ايرئي جي هٿن کي ڪا ڳڻتي ئي ڪانہ هئي. 'وقت وقت جي ڳالهہ آهي'، هن سوچيو، 'وقت جي وَهہَ ڪان ڪوبہ بچي نہ ٿو سگهي. هو لوڙهي ڪڏهن ڪاٽي، ڪڏهن ڪاٽي اچلايو ڇڏي.'

"تون ايڏو گنڀير ڇو ٿي ويو آهين؟ ڇا ڳالهہ آهي؟" ريحانہ سندس ڇهري کي ڪجهہ گهڙيون گهوريندي رهي، جڏهن ڪيس ڪوبہ جواب نہ مليو هو تہ هن ماٽ ۾ مونجهہ محسوس ڪندي، ماٽ جي مَٽَ کي پيچڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

"هون." هن وراڻيو. ڇن گهڙي، تي منا خان جو هٿ لڳو. "ڪجهہ ڏينهن ڪان ڏسان پيئي تہ تون سنجيندو ٿيندو وڃين، انهيءَ سنجيد گيءَ جو ڪو ڪارڻ بہ آهي يا......" هن جملي کي پاڻ پورو نہ ڪري، سارنگ لاءِ خالي جاءِ پرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو.

هو گهڙي پل خاموش رهيو. جڏهن ڪيس ڪو معقول جواب سمجهہ

پر نہ آيو تہ ان کي انتهائي مختصر ڪندي پٽڪيائين: ”ڊپ.....“

”ڊپ! ڇا جو ڊپ؟ ڪنهن ڪان؟“ هن حيرانگيءَ مان پڇيو.

”ريحانہ ڊيئر! جنهن جي ذهن تي ڊپ سوار ٿي وڃي، اهو ڪجهہ ڪري نہ سگهندو. جي نہ سگهندو آهي. هو پنهن جي لاءِ ئي بوجهہ ٿي پوندو آهي. مان چاهيان ٿو تہ ان ڊپ مان ڪيئن ڇوٽڪارو ملي. جيڪو انفرادي ناهي.“ سارنگ جون نگاهون جهڪيل هيون ۽ جهڪيل ئي رهيون.

”اهو منهن جي سوال جو پورو جواب تہ ناهي. آخرڪار ڪهڙي ڊپ اچي ٿو پر واسو ڪيو آهي. جيڪو انفرادي بہ ناهي. مان اهو تہ پڇڻ پئي گهران.“ هن جي حيرانگيءَ پر اضافو ٿي ويو. ”اڄ ڪجهہ نئون پڙهيو اٿئي ڇا؟“

”نئون! ها انسان کي ابتدا کان وٺي ڪجهہ نئون هجڻ، ڪجهہ نئون ڏسڻ، ۽ ڪجهہ نئون سوچڻ ۽ پرکڻ جي تمنا رهي آهي. جا هن وٽ سندس انتها تائين رهندي. اسان جو ڪجهہ ڪالهہ هئاسون، اڄ انهيءَ پيٽ پر ڪجهہ نئون ئي آهيون، ۽ جو ڪجهہ سڀاڻي هونداسون؛ ڏسنداسون، پڙنداسون ۽ سوچينداسون، پرکينداسون، اهو اڄ جي پيٽ پر بنهہ نئون هوندو. ماڻهو پراڻي ۽ مدي خارج ٿيل ڳالهين کي ڪيترو چنبڙي پوندو. جيڪو چنبڙندو اهو هڪ ڏينهن پٺتي رهجي ويندو. سائنس ۽ سائنسدانن اهو ڪجهہ ثابت ڪري ڇڏيو آهي. مان بہ وقت سان ڪلهو ڪلهي پر ملائي هلڻ ٿو گهران.“ سارنگ جون نگاهون اڃان بہ ڌرتيءَ پر ڪتل هيون. ڄڻ تہ هو ڌرتيءَ جي پاتال پر پيهي، ڌرتيءَ جي گرڀ پر سرجيل رازن جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

”ڪهڙي ماليخوليا ٿي پئي اٿئي. ڪجهہ سمجهہ پر اچئي بہ ٿو تہ ڇا ٿو بڪندو وڃين.“ هن خفگيءَ جو اظهار ڪيو.

”سمجهڻ جي اهائي ڳالهہ آهي ريحانہ! جيڪا سمجهہ پر نہ ٿي اچي. جنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش پر آهيان.... تون.... تون...“ هو جملو ڪائي ويو. الائي ڇو جو ڪجهہ چوڻ پئي گهريائين، زبان ان جي ادائگيءَ لاءِ سندس ساٿ نہ ٿي ڏنو.

”ها....ها. ڇا تون؟. ڪجهہ چوڻ ٿو گهرين، ڇئي ڇو نہ ٿو ڏين،

ڪهڙي پريشاني اٿئي!“ هن اتساهه سان پڇيس ۽ اهڙي اطمينان سان، ڄڻ هن جو مشڪل، هن لاءِ ڪا معنيٰ ئي نه رکندو هجي.

”چيم انڪري نه، جو چاڻان ٿو ته تون ان ۾ منهن جو هٿ ونڊائي نه سگهندين.“ وراڻيائين.

”جناب! مائونٽ ايوريسٽ جي چوٽي سر ٿي چڪي آهي. انسان چنڊ تي پنهن جا تجربا ڪري آيو آهي ۽ هاڻ ان تي خيما کوڙڻ جا جتن پيو ڪري. باقي تو لاءِ ڇا رهيو آهي.“ هوءَ مذاق جو موڊ ڇاهڻ ۽ سارنگ کي سنجيدگيءَ مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”ريحانه، مان مذاق جي موڊ ۾ بنهه ناهيان. ڪافي ڏينهن کان منهن جي ذهن ۾ هڪ ڳالهه آهي، جنهن جو حل ايترو آسان ناهي. ان لاءِ انفرادي جدوجهد نه پر اجتماعي جدوجهد ڪرڻ جو سوال آهي. پر مسئلو صرف منهن جي پوين جو آهي. اسان ڏاڍا ياڙي آهيون.“ هو چوندي چوندي ماٺ ٿي ويو.

”ڏاڍي دير سان خبر پئي اٿئي. مڊل ڪلاس، جيڪو هڪدم، اڪ چنبي ۾ اپر ڪلاس سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ جا خواب ٿو ڏسي، اهو هوندو ئي ياڙي آهي. هو صرف پنهن جي ذهني سطح تي پاڻ کي دلير ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ هوندو آهي، ۽ ڪڏهن به ڪليءَ طرح اڳتي وڌي اچي، پنهنجن مفادن جي قرباني ڏئي، ڪنهن به جدوجهد ۾ اچانڪ ڪاهي نه پوندو آهي. هو سوچي سمجهي پير ڪٽندو آهي، پر اها به ڳالهه ناهي ته پوءِ هوڪو پنتي پوندو آهي. هو اڳرو به ثابت ٿيندو آهي. اجان به ٿيو آهي. ان ۾ مايوس ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي. هونءَ به مڊل ڪلاس شروع ۾ حمايتي ۽ پرتي ڪندڙ قوت طور ڪم ايندو آهي. وقت اچڻ ڏي، وقت تي سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.“ هن ڳالهه جو رخ سمجهندي وراٺيو.

”اها چاڻ ته مون کي به آهي، پر پوءِ به منهن جو ضمير ان حد تائين مطمئن نه ٿو ٿئي. مون کي اها به چاڻ آهي ته مڊل ڪلاس وقت تي پنهن جي مفادن جي پيٽ چڙهي ويندو آهي ۽ سمجهوتو ڪري ويهي رهندو آهي. حقيقت ۾ دپ ئي ان ڳالهه جو آهي.“ سارنگ، جو هن وقت تائين ڪنڌ جهڪايو ويٺو ڳالهائي، هاڻ ڪنڌ ڪجهه مٿيرو ڪري چيائين.

” اهو بہ ڏپ ڪهڙو آهي. اها بہ هڪ حقيقت آهي. اهڙا بہ ڪيترائي مثال پنهن جي اڳيان آهن. ياد نہ اٿئي، 'ڇٹ گائون ڪي انقلابي ' ۽ 'آخري، شب ڪي همسفر '. انهن ڪردارن جي اپار ۽ سندن زوال تي تورو سوچي ڏس.“ ريحانہ ڪيس اهي ڪردار ياد ڏياري، سندس ذهن جي بار کي هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”اهي ڪردار منهن جي ذهن مان ڪٽي تا نڪري سگهن. انهن تي سوچڻ ۽ انهن کي پرکڻ جي ڪوشش ۾ آهيان. پر اڄان اهڙي تز فيصلي تي پهچي نہ سگهيو آهيان. ماٹهو ڪيترو نہ ڪِري ٿو پوي ۽ ڪِرڻ کان پوءِ ڪيڏو نہ ٿِـڄَ ٿو پاسي.“ سارنگ اڄان بہ سنجيدو ٿي ڳالهائي رهيو هو.

”مون کي اڄ حيرت ٿي لڳي تہ تون چاٹندي بہ اهڙيءَ سوچ ۾ ڇو اڇي اڙيو آهين. هونءَ اهو سڀ ڪجهہ ماٹهو ماٹهوءَ تي بہ مدار ٿو رکي. تون ڇڏ ان ڳالهہ جي پڇر. ڪنهن بہ هڪ مسئلي تي، هڪ ذهن سوچي، حل حاصل ڪري نہ سگهندو آهي.“ ريحانہ ان مسئلي کان ڪيس وقتي طور پاسي ڪرڻ پئي گهري.

”اڇو سائين ڪهڙا حال آهن. ڏينهن ڪانپوءِ پيا منهن ڏيڪاريو.“ سارنگ، سهيل کي ڏاڍي جوش خروش سان ڪيڪاريندي چيو.

” حال اوهان جي سامهون آهن. اوهان تائين پهچڻ بہ دل گردي جو ڪم آهي.“ سهيل بريف ڪيس ڪٽ تي اڇلائيندي چيو. 'بريف ڪيس الائي ڪهڙو گناهہ ڪيو هوس جو هن کي اهڙي نموني اڇلائي ڇڏيو اٿس. ڇڻ سندس سموري تڪليف جي ذميواري ان تي عائد ٿي ٿئي. ' خاموش ويٺل ريحانہ سوچيو.

”ڇو، ڇا ٿيو؟ ڪهڙي اوکائي محسوس ڪيئي؟“ سارنگ ۽ سانول ٻڪجي ويا. جهڙو ورهين ڪانپوءِ مليا هجن. سندن گهاٽي ياراڻي آهي. هڪٻئي سان ملي جڏهن واندا ٿيا تہ سانول ماٹ ويٺل ريحانہ کي ڪيڪاريو.

” يار ٿڪجي پيو آهيان، ايئن نہ ٿو ٿي سگهي تہ اوهان شهر کي ڪجهہ اوڏو ٿي ويهو.“

سانول ويهندي هڪ شوڪارو ڀريو. ڇڻ جسم مان ساهہ جي رستي ٿڪ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

”پاڻ واري پروگرام جو ڇا ٿيو؟ سياڻي آخري ڏينهن آهي. شام جو منور وٽ به هلڻو آهي.“ سانول پڇيو.

”بس يار. تون سردار سان مليئن؟“ سارنگ پڇيو.

”هن وٽ ويو هوس، پر ٿوري دير ٿي وڃڻ ڪري، ڪيڏانهن نڪري ويو هو. خبر پئي ڪنهن ضروري ڪم سان ويو آهي. مون انتظار نه ڪيو ۽ هليو آيس. بهرحال هُو ڪم جو پڪ آهي ۽ هن ڪي چاهي، موٽرسائيڪل هيٺان اٿس. مان گهر نياپو ته ڇڏي آيو آهيانس، جي پهچي ويو ته بهتر، ورنه سياڻي ته ملبوئي.“

”يار اڄ هڪ عجيب ڳالهه ٻڌي ڏاڏي ڪل آئي ۽ ان ڳالهه جو تجربو به ٿيو. بس ۾ آيس پئي ته منهن جي سيٽ جي پويان به نوجوان پناڻ ويٺا ها. بس ۾ ڏاڏي پيهه ٿي وئي هئي، ان ڪري ڪنڊيڪٽر ماڻهن کي اڳتي هلڻ لاءِ چئي رهيو هو. انهن مان هڪ کي ڏاڏي خار لڳي، تنهن ڪري اڳتي رڙهڻ ڪان نابري واري ويٺو، جنهن ڪري ڪنڊيڪٽر ۽ ان مسافر ۾ ڪجهه چخ چخ ٿيڻ لڳي. هونءَ اها به عام معمولي ڳالهه آهي، جنهن تي ڪوبه ڌيان نه ڏيندو آهي، پر منهن جي پويان ويٺل پناڻن کي شايد اها ڳالهه پسند نه آئي. انهن مان هڪڙو نوجوان جيڪو ٿلهو متارو ۽ باريش، سو به مٺ ڪن ڊگهي، ان ڪان رهيو نه ٿيو ۽ هڪدم چيائين: ”ڇا انڪري هن قرباني ڏئي پاڪستان ٺاهيو هو ته هتي اچي ڌڪا کائين ۽ توهان جون سهمون سهن.“

مون ڪان ته ڪل نڪري وئي. رهيو مون ڪان به نه ٿيو ۽ مذاق جي موڊ ۾ اچي، پنتي منهن وراڻي چيم: ”دوست، هُن پاڪستان پنهن جي مفاد خاطر ٺاهرايو هو. قرباني ڪنهن به نه ڏني هئي. جيڪي قرباني ڏيندا آهن، اهي گهڻو ڪجهه سهندا آهن، نه ڪڇندا آهن ۽ نه ئي پچارينداآهن.“ سانول ڪان ڪل نڪري وئي.

”هتان جي ماڻهن جي نفسيات ايترو ڪم ڪري رهي آهي، سندن ذهنيت ۾ اجان تر جيترو به ڦيرو نه آيو آهي. جيڪو تجزيو قراة العين حيدر ١٩٥٦ع ۾ ڪيو هو، اهو نه صرف ان وقت جو تجزيو هو، پر پاڪستان جي ماڻهن جي اها حالت تيسين رهندي، جيسين ماڻهن کي نئين طرح تيار نه ٿو ڪيو وڃي. اسان سان عذاب ته اهوئي آهي، جو هن دؤر تائين جيڪي به

سربراهہ پيدا ٿيا آهن، اهي انهيءَ ڳالهہ کي ختم ڪرڻ بدران، ڪنهن نہ ڪنهن نموني ان کي هوا ڏيندا رهيا آهن. عام ماڻهو جيسين ذاتي طور تي سياسي سلجهاءَ لاءِ تيار نہ ٿا ٿين، تيسين انهن ڳالهين کي، هُو هروڀرو بہ ورجائيندا ايندا. ڇا صحيح آهي ڇا غلط آهي، ان کي پرکڻ لاءِ، صرف سياسي اڳواڻن تي ڇڏي ڏين ٿا، پوءِ ڀل تہ اهي ڪين ڪنهن کاهيءَ ۾ اڇلائي ڇڏين. ڇا تون ان ڳالهہ کان انڪار ڪري سگهندين تہ اهڙا ڪيترائي ماڻهو ايوب خان جهڙي آمر کي هيرو ڪري تسليم ڪندا آهن. ۽ اهڙن ئي ماڻهن شيخ مجيب الرحمٰن کي هڪ وقت غدار چئي بند ڪرائي ڇڏيو. جيڪڏهن ڪين صحيح سياسي ڄاڻ هجي ها تہ هو ڪڏهن بہ ايئن نہ ڪن ها ۽ نہ ڪرڻ ڏين ها." سارنگ چيو.

"لڳي ٿو اوهان جو عوام مان اعتماد کڄي ويو آهي، جو اهڙي نموني پيا ڳالهايو."ريحانہ، جنهن ماٺ ڪيو ويٺي اهو بحث ٻڌو، ان کان نيٺ رهيو نہ ٿيو.

"اها ڳالهہ ناهي تہ ڪو اسان جو عوام مان اعتماد کڄي ويو آهي. اسان تہ روئڻو اهو پيا روئون تہ ايترو وقت گذرڻ ڪانپوءِ بہ ماڻهن ۾ اڃان سياسي سجاڳي ڇونہ آئي آهي." سارنگ چيو.

"خودبخود ڪانہ ايندي. ايئن ڇو نہ ٿا چئو تہ انهن کي سنئين واٽ ڏيکارڻ وارن جو ڪالُ آهي. ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ هارين ۽ مزدورن ۾ گهڙي ويجهي. صاحب! ايئن ڪمرن ۾ ويهي، انهن جي مسئلن تي سوچڻ ۽ هروڀرو ڪا راءِ قائم ڪرڻ درست ناهي." ريحانہ پوري بحث جي موڊ ۾ اچي چڪي هئي.

گورو چٽو رنگ. ننڍو پريل جسم. ڳالهائڻ ۾ تيز. جلد غصو ايندڙ ۽ پنهنجي ڳالهہ تي ڳت ڏئي بيهڻ واري ريحانہ. سنڌ جي معزز، مذهبي لاڙي واري گهراڻي سان تعلق رکڻ واري هڪ نوجوان جوشيلي ڇوڪري. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ادب ۾ ايم. اي جي پهرين سال جي شاگردياڻي. سندس سياست ۾ دلچسپي تڏهانڪر هئي، جڏهن اڃان هوءَ پنهن جي خانداني ڪوٽ جي قيدخاني مان بہ آجي نہ ٿي هئي. ڪيس سياسي ۽ ادبي چڱي ڄاڻ آهي. پنهن جن جيڏن سان هُوءَ هر لحاظ کان ڪلهو ڪلهي سان

ملائي هلڻ جي قابل آهي.

دروازو کڙڪيو. سارنگ اٿي اندر ويو ۽ چانهه جو ٿرماس ۽ مگ کڻي، ٻيهر ٻيٺي پير وريو.

"ها ڏي خبر ريحانہ، يونيورسٽي اڃان نہ ٿي کلي." سانول کٽ تي ليٽندي پڇيس.

"ڇو، توکي ڇو فڪر اچي ورايو آهي." ريحانہ طنزيہ انداز ۾ چيس.

سانول گهڙي کن ماٺ رهڻ کان پوءِ چيو: "فڪر جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، بس اهو تہ عام رواجي سوال آهي. يا ايئن ڪٿي چئجي تہ گنڀير بحث ڪانپوءِ ڪا هلڪائي محسوس ڪجي."

"يونيورسٽي ڪيئن کلي. اڄ ڪلهہ يونيورسٽي تعليمي اداري بدران ملٽري بيس لڳي پئي آهي. هاسٽلون خالي ڪرائي ڇڏيون اٿن، ۽ سڀ ملٽري وارن جي قبضي ۾ آهن. وي.سيءَ ۾ ايتري همت ئي ڪونهي جو ڪٿي ايترو سوال پڇي سگهي تہ آخر هيءَ يونيورسٽي آهي، مقدس تعليمي ادارو آهي، شاگردن تي ڪيترو برو اثر پئجي رهيو آهي. پر هاڻ هُو بہ حڪومتي ڇاڙتو ٿي ويو آهي. ماڻهوءَ جي ڪرڻ ۾ دير ڪيتري؟" ريحانہ جو آخري جملو چرچي طور هو.

"جيڪي بند ڪيا هئائون، جن جي آزاديءَ لاءِ اوهان چندا بہ ڪٺا ڪيا ها، انهن جو ڇا ٿيو؟"

"ڇا وري ڇا ٿيو. مهم جاري آهي. پر ويل اهو آهي تہ شاگردن ڪي ڪنو ٿيڻ ئي نہ ٿا ڏين. جناب! اڄڪلهہ سنڌي شاگرد طبقو ڪافي سجاڳ ٿي چڪو آهي، هر ڏاڍ جي خلاف مهاڏو اٽڪائي ويٺو آهي." ريحانہ پراعتماد لهجي ۾ چيو.

"انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي، پر افسوس رڳو ان ڳالهہ جو آهي، تہ ٿورو لائين تان ٿڙي ويو آهي. جنهن جو اولين مثال منهنجي سامهون آهي." سانول، ريحانہ کي چيڙائڻ لاءِ کلندي ۽ هن جي تز جواب جو انتظار ڪندي چيو.

سارنگ چانهہ وندڻ لڳو. ان وقت تائين هو خاموش هو. سنڌي ادبي

سنگت جو ماهوار پروگرام ٿيڻو هو. انڪري هو جلد چانهه پي ناٽڪ ڏانهن وڃڻ لڳا.

ناٽڪ جي اڳڻ واري چهراڻي تي اسٽيج جوڙڻ لڳا. هرڪو ڪم ۾ رڌل هو. ڪنهن ڪرسيون ٿي ناهيون ته ڪنهن مهمانن کي پاڻي پيارڻ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ جڳ ۽ گلاس پٽي صاف ڪيا. ڪنهن لاؤڊ اسپيڪر ۽ بلبن لاءِ بجليءَ واري جي مدد پئي ڪئي. هر ڪنهن کي اها اون هئي ته ڪيئن به ڪري پروگرام کي بهتر بڻائڻ گهرجي. سنگت جو پهريون پروگرام هو. پڌندڙن اچڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. سڏندي ڏسندي، سندن رڪيل سؤ ڪرسيون ڀرجي ويون.

گل چنو گرنار جو

”گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٽيون پٽين
سوين سورٺ جهڙيون، سر سينگاريو ڏين
ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رم ڳيو.“

ٽڪجي ٽٽي، اڃان اڳوهڙو ڳهر پهتو هو. هر روز اهائي ساڳي هڪجهڙائي، زندگيءَ ۾ ڪابه تبديلي ڪانه، جيئن ملڪ جي حالتن ۾- متان موسم جي شدت، ”ڪراچي ته هاڻ اصل جيڪب آباد جي ڏِک ڏئي ٿي.“ گهر ۾ بيچيني، ڪم ۾ بيچيني، ملڪ ۾ بيچيني، سياست ۾ بي چيني، سياسي ليڊرن بي چين- چڙواڳي، بي راهه روي، جهڳڙا، فساد، ڦرلٽ ڌاڙا، اغوا، قتل، ڇا مليو آهي اسان کي هن ملڪ ۾، ڇا مليو آهي، اسان کي قسمت ۾ ڇا مليو آهي، اسان کي ورثي ۾، روڄ، راڙو، دانهون، ڪيهون، بک بيروزگاري، لوڙ ۽ لوڙ.

آهي ڪو ٻڌڻ وارو- آهي ڪو سمجهڻ وارو، سمجهائڻ وارو، سوشالاجسٽ، سڌارڪ، سماجي ڪارڪن، اهن به يا هتي اصل پيدا ئي نه ٿيا آهن. جيڪڏهن آهن ته آهي ماڻهن کي، عوام کي، اعتماد ۾ ڇونه ٿا وٺن. ماڻهن ۾ ماڻهپو ڇونه ٿا جاڳائين. ڪلفتون ۽ نفرتون گهٽجڻ بدران وڌنديون ٿيون وڃن. اهو مسلمان ناهي، جنهن جي قول ۽ فعل سان پيو مسلمان

محفوظ نہ هجي. باقي هي مسجدون، گهٽيءَ گهٽيءَ عبادتگاهہ، مندر ۽ گرجائون، ڪنهن لاءِ آهن. ڇا تيون سيڪارين. قتل. غارتگاري. عبادت ڪنهن لاءِ، صرف انانيت، خود پسندي، خود نمائي، لالچ ۽ ڏپ، ڇونہ تا ماڻهو لالچ مان نڪرن. خوف ڇونہ ٿو ختم ٿي سگهي.

اجان تائين ماڻهن جي اندر ۾ لاوو ٻرڪي رهيو آهي، ڇونہ ٿو اٻرڪي پوي. ڇونہ ٿو دلين جو آتش فشان ڦاٽي پوي، ڇونہ ٿي ڏڪندڙ چٽنگ ينيٽ ٿي پوي. ڇا ماڻهن جي واتن ۾ ڦلوڪٽا ٿي پيا آهن، جو انهيءَ ڌڪندڙ چٽنگ ڪي ڪو ڦوڪ بہ ڏئي نہ ٿو سگهي. هر ڪو ڏڌيو پيو آهي. هر ڪنهن جي اندر ۾ ڦٽ آهن. جيڪي چڪن بہ پيا. پر اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا سندن زخمن تي ملم جو نار ڪري ٿي ۽ هو ڦٽن جي سور جي احساس ڪي محسوس ئي نٿا ڪري سگهن. يا اصل نشي ۾ آهن. نشي جي حالت مان نڪرن ئي نہ ٿا. ڀنگ، چرس، گانجو، ميندريڪس، تاڙي ۽ هاڻ هيروئن. مذهب جو نشو، نشي مٿان نشو. مسلسل بي خوشي، بدحواسي، مسلسل ننڊ، پنڪيون، جهوٽا، سدائين ننڊاڪا، ڇو آهي، ايئن ڪهڙو نشو آهي ڇا ساري ملڪ جي هوا ۾، پوري فضا ۾، ان پاڻيءَ ۾ نشو ئي نشو آهي. اهڙو ڪوبہ جهوٽو نہ ٿو گهلي، جنهن تي ماڻهو سجاڳ ٿي پون. سدائين هير پئي گهلي ڇا؟ جنهن تي ماڻهو مٺي ننڊ ۾ الهوٽ آهن. جنهن ماڻهن جا سنڌ تي سڪائي ڇڏيا آهن. مهانگائي، روزگار جي گهٽتائي. مسئلن ۾ واڌ، هڪڙن وٽ بي حساب ۽ بيا بک تي "وَ الله يُرزِقُ من اليشاءُ بِغير حِسابِ" بغير حساب جي ڪنهن کي ٿو ملي ۽ ڇو ٿو ملي.

ڪهڙي مَرَ ملڪ ۾ ڪاهي پئي آهي، جنهن پرئي ملڪ جي عوام جا گوڏا ڇني ڇڏيا آهن. لنگڙ هيٺا ٿي ويا اٿن ڇا، ذهن سوچڻ ڇڏي ڏنو اٿن ڇا يا عمل ۽ علم جي کوٽ آهي– ڇاهي، ڇا ٿي رهيو آهي، ڇو ٿي رهيو آهيءَ؟

مسلسل سوچ، رڳو سوال ئي سوال، جواب ناهن ڇا. آهي ماڻهو زندگيءَ جا ڪامياب ماڻهو هوندا آهن، جن وٽ سوالن جا جواب هوندا آهن، اهڙا ڪامياب ماڻهو ڪوڻهن ڇا؟ اسان وٽ ذهن جي کوٽ، اٿاٽ ٿي وئي آهي ڇا؟ دانشور، جن جا پير ڦلوڪٽا هوندي بہ، ٿڙندي، ٿاٻڙندي بہ هلندا رهندا آهن، جن جون سوچون سُرها گل هونديون آهن. جن جا ٻول ڪڏهن ڪڏهن

پارڻ جو ڪم ڏيندا آهن. جن جون سوچون، لوچون رڻ ۾ راڙو مچائي ڇڏينديون آهن. ڪونهن ڇا؟ آهن، بلڪل آهن. ڇونہ تا قسمت بدلائڻ لاءِ ڪناتين. ڪهڙا اختلاف اٿن. ڪنهن ڪنهن جا بي تلافي گناهہ ڪيا آهن، جنهن جي ڪري هڪ هنڌ ڪني ٽي نہ ٽا سگهن. ڪنهن سندن ويڙهي ۾ سيڙهہ جا ڪنڊا پوري ڇڏيا آهن تہ پل سدائين پاڻ ۾ وڙهيا وتن. هڪ ٻئي جي پير ۾ بہ بيهي نہ سگهن. هڪ ٻئي جي ڪاٻہ نہ ٻڌن. ڪوبہ ڪنهن جي نہ مڃي. هر سهڻي صلاح کي پٺر جيان ٺڏي ڇڏين. لنوائي ڇڏين، پٺائي بہ پڙهڻ ڇڏي ڏنو اٿن ڇا-

"وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇڻ پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهوئان ميٺ گهٽو."

پريت، پيار، پاڀوهہ، ڪيڏانهن ويا. ڇو، ڪنهن وٽ بہ رهيا ناهن ڇا؟ هي سنگ ڪيئن چنو آهي، ڪنهن چنو آهي، "سانگين ساڻ سنگ، مون چنڻ ڪارڻ ڪين ڪيو."

هو ڊيوٽيءَ تان آيو هو تہ اهو سوچن جو سلسلو ساڻ ڪنيو آيو هو. خيال هٿا جي جهلئي جهل ٻي ٻہ پيا ڏين. ڪاٻہ روڪ ٽوڪ ٿي نہ هٿن، ماني جو ڪاڏي نہ ڪاڏي جهڙي، الائي ڇو ڇڻ گرهہ ٿي نہ ٿي اڪليس.

اچانڪ هڪ ڌهڪائيندڙ ڌماڪو ٿيو. ذهن لڏي ويس، خيالن جو سلسلو ٽٽي پيس. ڪڇيءَ تند جيان، بجلي بند ٿي وئي. جسم لڏي ويس. زمين ۾ جايون لاڏندي پانيائين. "ڇا ٿيو؟" اتي ڪڙو ٿيو. اول تہ ڇاتائين تہ سندس ذهن ۾، من-مندر جي ديوارن ۾ ڏار پئجي ويا. پر دانهن، رڙين، ڪوڪن "بچايو... بچايو" "وارو ... وارو" جي آوازن تي اٿي پيگو. در کان ٻاهر نڪري ڳليءَ جي مهڙ تي آيو، ڇا هي، رڳو ڪارو دونهون ئي دونهون نظر آيس. ماڻهن جا انبوهہ پنهنجي ڳليءَ ۾ ڊوڪيندي نظر آيس. لاوو ڦاٽي پيو. پر ماڻهن جي دلين ۾ نہ ڌرتيءَ جي جسم تي، ڊوڙ پاتائين. اوستائين هليو ويو. منظر کي ڏسي چڪرائجي ويو. اکين اڳيان گهڙي پل لاءِ اوندهہ ڇانئجي ويس. پيرن هيٺان زمين ڪسڪندي محسوس ٿيس. عجيب قسم جي مدهوشي طاري ٿي ويس. هوش ۾ آيو. دل جهلي، نيڻن جي نير کي ڳلن تي ملي؛ ڪاهي پيو. ڇڻ نير پاڳل، ڪنهن جي مدد ڪري، ڪنهن جي پوڪار

پڌي، لاش ٿي لاش. ڪارتيل رت ٿي رت. ڪنهن جسم مان رت ٿيندڙيون ڪيون پئي اڙهو. ڪنهن جو هٿ ڪارائيءَ کان ڪپيل، آسمان ڏانهن کليل. ڄڻ داد طلب. ڪنهنجي ٻانهن. ڪنهنجي چنگهه، ڪنهن ڏڙ سسيءَ کان سوا. ڏند ڏاڙهونءَ ڪڻ جيان. ڪي مردڪي ٻار. ڪي غيرتون. ڪنهن جون لڄيون، ڪنهن جون عزتون، ڪنهن جون غيرتون ڪنهنجون چايون ڪنهن جون محبوبائون، ڪنهن جون آسون، اميدون. سڀ جون سڀ ڪن پل ۾ ختم ٿي ويا، خاڪ بس، اڙي هي ڪهڙو قهر ٿيون ڪنهن ڪيو، ڪنهن لاءِ ڪيو. ڪنهن هي رڳن ۾ روان دوان ڪوسڙو ڪوسڙو رت ريلي جيان وهايو، هي ڪهڙو پليدان آهي. ڪنهن لاءِ ۽ ڪنهن چاڙهيو آهي. هي ديوي ڪي راضي ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي، هڪڙي ديوتا دان گهريو آهي. بي بيگناهه، بي سڌ، بنا راضپي جي رت وهايو ويو آهي، ڪٿي آهي اهو ٻانيڻ، جنهن، پنهنجي دهشت وهارڻ لاءِ، هي ڪوڙ هينو آهي. ٻاهر تہ ڪيوس، مليوس تہ منهن ٽي دانگي.

اڳتي رڙهيو. هوءَ عورت، بنان تنگن جي، ڪپڙن کان پاڪ جسم، گداز جسم، جيڪڏهن هونءَ ننگو ٿي پوي تہ هو ند:

تنهن جي جسم جي جوت اڄاڻ،
سڀي سگهي هوند تجلو ڪين،
جي هجي سارو وقت ننگاڻ.

هيڏي هوڏي ڊوڙي ٿو، ڪنهن ڪپڙي جي ٽڪر جي تلاش. هونءَ هيءَ بازار نون پراٽن ڪپڙن سان سٽيل هوندي آهي. اڄ ڪيڏانهن ويا آهن، اهي ليلامي لٽا. اهي لٽيون پراٽيون، جيڪي هزارن جي اوگهڙ ڍڪيندا آهن. اهي اڄ هڪ عورت جي ننگاڻ جو اوچڻ ٿيڻ لاءِ ڳوليا نہ ٿا لڀن. اچانڪ هڪ اڌ ڦاٽل پراٽي پردي تي نظر پيس. هٿ روبوٽ جيان جهٽ هٽي ورتس ۽ ٻئي ڪِنَ ۾ ان ننگي لاش جي اوڍ ٿي وئي. روڄ راڙو، ڪيهون، دانهون، دونهون، زخمي، ڪاراتجي ويل، رت ڳاڙيندڙ، ڦتيل، چچريل، چٿيل ۽ چيپاٽيل، ماٺهون. ماٺهون جي نپل جسمن کي ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن جي مدد سان ڍوئي ايمبولينس ۾ وجهي رهيا هئا. گاڏين جي سائرنس جي زون زون ۾ دانهون جهڪيون ٿينديون پئي ويون. هو اڳتي اڏيو. "اوهه!" دانهن، اڪيون ڦاٽي

ويسر، حواس ڇڏائجي ويس. هڪ ڇلانگ سان اتي پهچي ويو. روح رڙي پيس. هانءُ ڦسي پيس. اکين جي بندن ۾ ڪنڊ پئجي ويس. هو چرين جيان ان لاش تي ڪري پيو. ”گذي!“ سانورو سانورو جسم، ماس ڇڙهيل، رت بنا ڦيڪو. جسم ڪان سسي ڌار ٿيل، هٿ ۾ چمڪٽو پڪوڙيل. خريدڻ ڪان پوءِ ان سان ريجهڻ جو وقت، هن معصوم ڪان ڪنهن کسيو. هن ابهم، بيگناهه، امن جي پيامبر ڪان، ملڪ جي مستقبل ڪان، ڪنهن ڇني ورتو. ڇو ڪسي ورتو، هن جو ان ۾ ڇا وڃي ته امام خوميني حق تي آهي يا ان جا مخالف. ڪير حقي ۽ ڪير ناحقي آهي. هن کي ڪهڙي پرواهه ته وائيٽ هائوس ۽ ڪريملن ڇونه ٿا نهن. هن جو ان سان ڪوبه لڳ لاڳاپو ناهي ته، افغان مهاجر ڇو ۽ ڇاجي لاءِ افغانستان مان ڀڳا آهن. سندن ڪهڙا مفاد هئا، جن کي موجوده افغان حڪمران ڇيهو رسائي رهيا آهن. هن جو ان سان به ڪو واسطو ناهي ته اسان جا ملڪي حڪمران ڪهڙن مفادن جي ڪري هنن کي پاڻ وٽ پالي رهيا آهن. هنن کي هٿيار ۽ جنگي سازو سامان ڏئي، پنهنجي وطن ورڻ بدران پنهنجي ڌرتي، ماتا کي تاراج ڪرڻ لاءِ اڪسائي رهيا آهن. ڪيس اهي به پَرون اچان نه پيا هوندا ته آمريڪا جا ڪهڙا مفاد ڪارفرما آهن ته افغان مهاجر وطن نه ورن. هن ڌرتيءَ تي رهي، سندن امداد تي پيا پلجن. سندن ڳيجهو هجن. هن جي هٿن ۾ پولڙي جيان نچن، جيئن هنن کي وڻي تيئن ڪين نچائي. پلا هنن پناگهيرن کي انسان مان پولڙو تي جيئڻ ڇو پسند آهي. هو انسان ڇونه ٿا تي جيئڻ پسند ڪن. هن جو ان ۾ ڇا وڃي ته جيڪڏهن ايران-عراق جنگ جاري رهندي ته ڪهڙو نقصان ٿيندو ۽ جيڪڏهن هنن ناهه ڪيو ته ڪيترو فائدو پلئه پوندو. ڪيترين زندگيون بچي پونديون. ڪيترين جا سهاڳ سلامت رهندا. انانيت روئي رهي آهي، ماٽپو منهن ويڙهي پيو هلي. وري خيال آيس”اڙي! هن جي ماءُ! ان جي مامتا مني! اها ئي ته نه هئي، جيڪا ڌرتيءَ جي گود ۾ نئين چاول ٻار جيان بنا ٽنگن جي پئي هئي.“ سندس مٿو چڪرائڻ لڳو.

”همٿ ڪر يار، ويهه نه- جلد ڪر- کڻي ايمبولنس ۾ وجهينس.“

هڪ ماڻهو تيزيءَ سان کيس خبردار ڪري اڳتي هليو ويو. هن حواس کڻي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي بيٺو، جسم مان ست ڇڏائجي

ويس. گھڙي پل لاءِ، پانھن ۾ پل کي ڪنو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، ۽ نيٺ ان پارڙيءَ جي لاش کي، ان چمڪٽي سوڏو، ايمبولينس ۾ آڻي رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن چمڪٽو ان آس تي نہ ڦٽي ڪيو تہ من نہ من هن جي ماءُ زندهہ هجي، رڳو زخمي ٿي هجي ۽ اسپتال ۾ پنهنجي جگر جي ٽڪر کي سڄاڻي سيني سان لائي. ماءُ کي اولاد ڪيڏو نہ پيارو ٿيندو آهي. هاڻ لاش، زخمي ۽ جسم جا ٽٽل، چچريل، چيٿيل ٽڪرا ميڙ جي چونڊجي مختلف اسپتالن ۾ پهچي چڪا هئا. باقي رستي تي رَت رهجي ويو هو. جو ريلا ڪري وهي، چمي، ڪاراٽجي ويل رت. دوڪانن جا ڀڳل ٽٽل شيشن جا ٽڪرا، وکري ويل ڀڳل پرزا، وردين وارا ماڻهن ڪان ان واردات کي خالي ڪرائڻ لاءِ.

هو بہ نبل جسم گهليندو گهر آيو. مٽي ۾ زوزات، اکين اڳيان رت ئي رت. لاش ئي لاش. ماڻهو اجان ڳليءَ ۾ هجوم جي شڪل ۾ بيٺا هئا. سيني جا چهرا لٽل هئا. هر اک آلي هئي. هر ڪنهن جا چپ دعائن گهرڻ لاءِ چري رهيا هئا. توبهہ توبهہ جا آواز. هر ڪنهن جي بي وسي، ڪنن جي پاپڙين تي هٿ، هر ڪنهن عورت پنهنجي ٻالڪن کي پنهنجي پير ۾ ٻيهاري، پانهن جي وراڪي سان، پنهنجي چنگهن سان چنبڙائي ڇڏيو هو.

سڄڻ جي سارين

منهنجي خواب خيال ۾ به نه هو ته ڪڏهن ايئن به ٿي سگهندو. هن جون يادون به هاڻ منهن جي ذهن جي انتهائي هيٺئين تهن ۾ به ميسارجڻ لڳيون هيون. هن جي هوندي، منهنجي من ڪي جيڪي گهرا گهاءَ رسيا هئا، اهي به ڇڪي ڇڪي، پوسرائي هاٿي لسڻ ٻڌجي ويا هئا ته اچانڪ اڄ هن جي پاران فون آئي.

ٻه ڏينهن موڪل جا گذاري، اڄ آفيس ۾ آيو هوس. آفيس جي ٽي ڪم سانگي نڪري ٻاهر ويو هوس، واپس آيس ته منهن جي ٽيبل تي هڪ نياپو لکت ۾ رکيو هو. اسان وٽ اهو معمول آهي ته جيڪڏهن ڪوئي به آفيس کان ٻاهر هجي، ۽ ان لاءِ ڪا فون، يا ڪو ملڻ وارو اچي ته ان لاءِ لکت ۾ ڇپيل نياپي طور ڪاغذ تي، ايندڙ جو نالو، هن پاران ڏنل نياپو لکي ٽيبل تي رکي ڇڏبو آهي. اهو ان ڪري ته جيئن واپس اچڻ وقت، ان ماڻهوءَ لاءِ، مليل نياپو وسري نه وڃي ۽ اهو نياپو ضروري به هجي. پر هن نياپي ۾ ڪاغذ تي ڪنهن جو به نالو لکيل نه هو، صرف ايترو لکيل هو ته: ”فلاڻو فون نمبر، فلاڻي جاءِ، اچو ته ڳالهايو.“ فون نمبر ڏسي ۽ شهر جو نالو پڙهي ڪجهه به ذهن ۾ نه ٿي آيو، پر ۾ ويٺل زعيم ٻڌايو ته، ”اوهان جي لاءِ فون آئي هئي، حسن ٻڌي هئي، ان کان معلوم ڪيو.“

”حسن صاحب ڪهڙو حال آهي.“ رسمي طور هن کان خيرو عافيت پڇڻ کان پوءِ وري ٻيهر پڇيم؛ ”مون واري فون توهان ٻڌي هئي، ڪنهن تي ڳالهايو.“

عجيب وسوسا هئا. ذهن ۾ فون هميشه ڪنهن بري خبر لاءِ ايندي آهي. ڪٿي غلام صديق جي طبيعت تہ خراب نہ ٿي، هڪ خيال آيو. اهو خيال پيڙا ڏيندڙ هو. ٻيو خيال آيو، ”ڪٿي غلام عباس جن وٽان نہ آئي هجي، چاچي عرس جي باري ۾ پڇڻ جي لاءِ. پر اهي تہ سڌو اسپتال فون ڪندا آهن، مون کي ڇو فون ڪن ها.“ خيال، خيالن جيءَ پنيان ڊوڪيندا پئي آيا. ڪٿي بہ ٽڪاءُ نہ پئي ڪيائون. انهن خيالن کان لنوائڻ لاءِ ۽ ذهن جي ڪمپيوٽر مان ان فون نمبر جي تلاش ڪرڻ شروع ڪيم. ٻئي دوست وٽ هليو ويس.

”خورشيد صاحب، هي ڪم ملهيو آهي، ان جي قيمت ڪاهٽي آهي.“ ذهن کي ٿورو هلڪو ڪرڻ لاءِ ۽ وڌيڪ سوچڻ لاءِ تيار پئي ڪيم تہ من نہ من اُن فون نمبر جي مالڪ تائين پهچي وڃان.

خورشيد صاحب، مون کي قيمتن واري لسٽ ڏني ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. مون تن اوزارن جي قيمت ڪٿي ورتي ۽ هن جو وري ڏيان ڇڪايم.

”خورشيد صاحب هي ڏسو.“

”ٺيڪ ٿي هوندي.“ هن بيزارگيءَ کي لڪائيندي وراڻيو.

”وري بہ ڏسي وٺو، ڏسڻ ۾ بهتري آهي.“مون ڪيس چيو.

هن قيمتن تي نظر وجهي چيو تہ؛ ”هي ڪجهہ گهٽ ٿيون لڳن، انڪري ٿوريون وڌائي ڇڏيو. توهان جيڪو ياڙو لڳايو آهي اهو ڪجهہ گهٽ آهي.“

”ٺيڪ آهي، وڌائڻ تہ پنهنجي هٿ ۾ آهي نہ، انڪري تہ توهان کي ڏسڻ لاءِ چيم.“

اڃان بہ ذهن تي نمبر ڦري رهيو هو ۽ ان جي مالڪ جو نالو اصل نہ ٿي ياد آيو. وري هڪ ٻيو خيال آيو. ڪٿي ڊاڪٽر شنڪر تہ فون نہ ڪئي آهي، پر اهو پنهنجو نالو ضرور ٻڌائي ها، ٻيو تہ هو تہ ليب ۾ ايندو ئي ٻي

وڳي ڪان پوءِ آهي، ته ايترو جلد ڪيئن فون ڪيائين. پر واري ڪائي عورت ڪيئن ڳالهائيندي. ٿي سگهي ٿو ته هن وٽ به ڪا ڇوڪري فون آپريٽر هجي." هي فون مون لاءِ هڪ ڳجهارت بڻجي پئي. نمبر بنهه ياد نه پئي آيو ته ڪنهن جو آهي ۽ وري نالو به نه ٻڌايو اٿس. معنيٰ هن کي اها پڪ هوندي ته نمبر ڏسي، مون کي ازخود مالڪ جو نالو ياد اچي ويندو. پر ائين نه ٿيو. مان وري به ڪجهه پنا فوٽو اسٽيٽ ڪرڻ لاءِ هليو ويس.

"ڇو سائين، اڄ ماني کائڻ جو خيال ناهي ڇا؟" خورشيد صاحب، مون کي اهڙو ڪم ۾ رڌل ڏسي چيو.

"ماني کائون، ها، بلڪل کائون ٿا، اوهان جو گهرائي هئي، ماني اچي وئي آهي." مون پنا سهيڙي هڪ طرف ڪري رکندي چيو.

"هائو، وئي آيو آهي. ورنه اجايو سُڪي ويندي." هن چيو. مان پنهنجي ماني کڻڻ هليو ويس. ماني گرم ڪري کاڌي سون، پوءِ وري خيال آيو ته هاڻي وچي فون ڪري ڏسان ته ڪير آهي؟ مس عمرانه کان فون جي چابي وٺي، مون فون ڊائل ڪئي، ٻه گهنٽيون وڳيون ته هوڏانهن کان زنانو آواز آيو. "هيلو، هيلو مان، ساجن ٿو ڳالهايان ڪراچيءَ مان، اوهين ڪير ٿيون ڳالهايو."آواز ۾ ڪجهه جهجهڪ.

"مان نرگس ٿي ڳالهايان" آواز آيو.

"نرگس، ڪير نرگس." مون وراڻيو ۽ ذهن ان نالي جو هيراڪ ئي نه هيو، ڪٿان ٿو ياد اچيم.

"مان نرگس آهيان، اوهان نه ٿا سڃاڻو ته نهيو." هن پاسي کان آواز جو لهجو، ايلازن وارو بڻجي ويو.

منهن جو ذهن اڃان به هن جي سڃاڻپ ڪري نه سگهيو. "منهنجي ذهن تي ايترو زور ڇو ٿا ڏياريو، ٻڌايو ڪٿي ته اوهان ڪير آهيو ۽ فون ڇو ڪئي هيوَ."

آواز ۾ اُباڻڪائيءَ جو احساس ۽ پڇتاءُ جو لهجو بڻجي ويو."مان نرگس ٿي ڳالهايان، اوهان وساري ڇڏيو ته نهيو."

"اوهه! تون نرگس ڪيئن آهين." مون کي هاڻ ياد پيو ۽ ڇتو چاتل آواز ۽ سمجهه ۾ ايندڙ نالو. اهو نالو، منهنجي ذهن جي ڪمپيوٽر جي اهڙي

فائيل ۾ هيلو ويو هو، جنهن کي مون ١٩٧٧ع کان پوءِ بند ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ ان ناليءَ، مون کي ڏاڍو ذهني لوڙايو هو. ڏاڍو سوچايو هو.

پيڙا ته هن کي به ملي هئي. مون کان وڌيڪ ته آگريون هن ڏانهن کڄيون هيون. نهارن جا ڏنڀ هن ئي سٺا ها. آخر هوءَ عورت ۽ ڪنوارو وياءُ هئي.

"توهان ڪيئن آهيو." نرگس پڇيو.

هاڻ مون کي اهو آواز بلڪل اوپرو نه ٿي لڳو. پنهنجي بنهه اوڏو بلڪل ويجهو. بلڪل منهن جي اندر جو آواز."مان، بس ٺيڪ آهيان. زنده آهيان، پر توهان ته ملڻ کان ئي ويا."

"بس، هاڻ ملڻ مشڪل آهي، ٻه مهينا کن اڳ فون لڳي آهي. هونءَ ڪونهي ۽ منهنجي سس به ڪيڏانهن ويل آهي. موقعو ملي ويو، سوچيم ڳالهائي ڏسان." هن کي هاڻ هڪ اميد جاڳي.

واقعي عورت، جنهن کي دل جي گهراين سان چاهيندي آهي، پل ڪيترو به عرصو گذري وڃڻ جي باوجود ان کي وساري نه سگهندي آهي. ماڻهو ڀهريون پيار سوليءَ تي سوار ٿيڻ مهل به ياد رکندو آهي. ١٩٧٧ع کان ١٩٩٢ع تائين، پورا پندرنهن سال ٿيا آهن. مون هن کي ياد ڪندي ڪندي ڄڻ ذهن جي گهراين ۾ قيد ڪري ۽ ان تهه خاني کي تالو ڏئي ڇڏيو هو. ان بعد منهنجي زندگيءَ ۾ ڪير ڪير آيو، ڪيئن آيو ۽ ڪهڙيون پيڙائون ڏئي، هر ڪو پنهنجي واٽ وٺيو هليو ٿي ويو. منهن جو من، ڄڻ مسافر خانو هو، جنهن ۾ ٽڪل، هارايل نيڻ، ڪي پل، ڏيهرو ڪري ۽ ڪي رات گذاري وري رمندا ٿي ويا ۽ وري منهن جو من هيڪل ويا ڪل، پنهنجا دروازا کولي انتظار ڪندو رهيو آهي ۽ هن ڀيري اهو انتظار طويل تر ٿي ويو آهي. ان کان پوءِ هن فون ڪيو آهي.

مان، هڪ ڀيري آيو هوس اوهان جي شهر ۾. رهيو به قربان جن وٽ ئي هوس، پر مان انهن کي ڪيئن ٿي چئي سگهيس ته مان توهان کي ڏسڻ ٿو چاهيان." مون چيو.

"ها، مون کي خبر آهي، مون اوهان کي ڏٺو به هو." هن چيو.

"پوءِ توهان ملڻ جي ڪوشش نه ڪئي." مون پڇيو.

”ڪيئن ملان ها، بس اوهان کي ڏٺم ۽ دل کي اطمينان ٿيو.“

”قربان مون کي هڪ ڇوڪرو ڏيکاريو، جنهن جي عادت، هر ڳالهہ ۾ اهو چوڻ جي آهي. ان لاءِ چيائين تہ خبر اٿئي هي نرگس جو پٽ آهي.“ ڏاڍو شرارتي هو. هن اهو تجربو بہ ڪري ڏيکاري. پڇيائينس تہ: ”اڙي، پٺهين ڪٿي آهي؟“ هن وراڻيو، ”اهو، اهو تہ دڪان تي ويل آهي.“ ڏاڍو کليا هئاسون. ان وقت بہ مون کي توهان سان ملڻ جي خواهش ايري هئي توهان هتي اچو نہ ڪڏهن تہ ملڻ ٿئي.“ مون چيو.

”مان ڪراچيءَ آئي هئس، منهن جو ڏير اتي رهي ٿو. پر توهان سان ڪيئن ملان. هو ملڻ ئي نہ ڏيندا.“ هن وراڻيو.

٢٠ صديءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ بہ سنڌ جي عورت اجان آزاد نہ ٿي سگهي آهي. ڏوهي وري بہ مرد.

”مان لاڙڪاڻي ايندس تہ پوءِ توهان سان ملڻ جي ڪوشش ڪندس.“ مون هن جي دل وڌائڻ لاءِ چيو.

”نہ، هتي بہ ملڻ نہ ڏيندو، جو اسان جا قربان وارن سان اڄڪلهہ تعلقات بهتر ناهن. ماسيءَ جي ڪري، پاڻ تہ وڃي سگهي ٿي، اسان لاءِ مصيبت ڪري وٺي.“ هن رحيما جو حوالو ڏيندي چيو.

”هن ويچاريءَ سان ڪهڙو ويل هوندو هو، اهو نہ ٿا سوچين.“ مون چيو.

”بس، ان کي تہ نہ ٿا ڏسن.“ هن چيو.

”پوءِ، ان ۾ توهان جو ڪهڙو ڏوهہ آهي.“ مون پڇيو.

”بس، چون ٿا تہ اوهان سڀ اهڙيون آهيو.“ هن وراڻيو.

پرسان ڪوئي ٻار، جيڪو پڪ سنڌس ئي هو، هر هر چئي رهيو هو تہ ”ڪير آهي. ڪير آهي.“

”توهان ٿورو ترسنو تہ مان هن کي ريجهايان.“ ريسور رکي، ٻار کي ويهارڻ لاءِ ولي وئي.

هاڻ اهو پل بہ وڏو پئي محسوس ٿيو.

”ڀلا اوهان ڪڏهن ڪراچيءَ اچو تہ ملاقات ڪجي. پوءِ پل قربان جن وٽ ئي سهي“ مون ڪيس چيو.

”ڪراچيءَ ايندا تہ رهندا آهيون، پر هو مون کي قربان جن ڏي وچڻ ئي نہ ڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن چوندي آهيان تہ ماسيءَ واري حالت ڪندا آهن.“ هن جي آواز ۾ هڪ قسم جو ڏک جهلڪي رهيو هو. ”خير وري بہ فون تي تہ ڳالهائي تو سگهجي. ماڻهو ٻاهر نڪري ڪنهن پي سي او تان بہ ڳالهائي تو سگهي.“ مون ڪيس چيو.

فون تي ڊگهي ڳالهہ تي وٺي هئي، مون ڪيس چيو، ”توکي خبر آهي تہ منهنجي جسم ۾ رت وڌي ويو آهي، تنهنجو آواز ٻڌي.“

هن وينتي ڪئي تہ، ”اها خبر، منهنجي فون جي ڪنهن کي بہ نہ ڪج، گهر واريءَ کي بہ نہ ۽ قربان کي بہ نہ ٻڌائج.“

”منهن جا گهرواريءَ سان اهڙا تعلقات ئي ناهن.“ مون چيو.

”چو، هاڻ تہ ڪافي وقت گذري ويو آهي.“ هن کلندي چيو ۽ پوءِ مون کان پيهر فون ڪرڻ جو واعدو وٺي فون بند ڪيائين. لڳو پئي تہ اڃان بہ فون بند ڪرڻ جو خيال نہ هوس، پر هاڻ پنهي وٽ ڳالهائڻ لاءِ رهيو ئي ڇا هو.

فون بند ڪرڻ کان پوءِ، مون کي هن جي ملاقات ۽ اهي ڏينهن ياد آيا. جڏهن اسان ڪراچيءَ ۾ نوان نوان آيا هئاسون ۽ منهنجي گهرواريءَ لاءِ ڪراچي بنهہ نئين هئي. ماحول نئون هو، ماڻهون نوان ۽ ٻولي نئين هئي. انهن ڏينهن ۾ قربان اسان سان گڏ رهندو هو. قربان هونءَ تہ ڪٿي منهنجي خاندان مان نہ هو، پر هتي نوڪري ڪندي هن سان گهٽي گهرائي تي وٺي هئي ۽ هوبہ مون کي پنهنجي ماءُ، پيءُ، ڀائرن ۽ ڀينرن سان ملائي چڪو هو. انڪري منهنجا ٻار آيا تہ هن جي رهڻ جو مسئلو پيدا ٿيو ۽ مون پنهنجي اڪيلائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هن کي پاڻ سان گڏ رهائڻ جو فيصلو ڪيو. هن ۾ ڪافي خوبيون هيون، جن مان نہ صرف منهنجي ذات کي، پر منهنجي زال ۽ ٻارن کي بہ فائدو هو.

نہ ڄاڻ ڪيئن هن کي خيال آيو جو هو ڳوٺ ويو ۽ اتان جڏهن واپس آيو تہ پنهنجي ڀائيجي پاڻ سان وٺيو آيو. مون کي ٻڌايائين تہ: ”گهر ۾ ڀاڄائي اڪيلي آهي ۽ هتي ڪنهن سان ڳالهائي ٻولهائي بہ نہ ٿي سگهي، انڪري مان نرگس کي پاڻ سان وٺي آيو آهيان، اها هتي اسان سان گڏ

رهندي."

ان وقت مان قربان کي چا پئي چئي سگهيس. هڪ ته هو، هن کي وئي آيو. ٻيو هن واري ڳالهه مون کي معقول لڳي. مون کي هن سان ملايائين، مان به رسمي طور هن سان مليس ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويس.

هوءَ قد ڪاٺ جي سنهي ۽ ڊگهي هئي. شڪل شبيهه ۾ پوري پني ۽ رنگت ۾ هلڪي سانوري هئي. شهر جي رهاڪو هئي، انڪري اٿڻ ويهڻ ۽ پهرڻ جو ڪجهه ته ڍنگ هوس، ڪنهن حد تائين پڙهيل به هئي، انڪري واندڪائيءَ ويلِ، منهنجا ڪتاب ڪٿي پڙهندي به هئي. منهنجي ٻارن کي پنهجائپ وارو ماحول پيدا ڪري ڏنائين. خاص ڪري سنڌوءَ کي هر وقت صاف سٿرو، ويس پهرايو ۽ سينگاريو رکڻ لڳي. اسان پنهنجي ليکي ان ۾ خوش ۽ سچو ڏينهن گهر مان غائب. نوڪريءَ جي ڪيڏ هڻڻ ڪري گهر ۾ ٻارن ۽ زال لاءِ ڪوته ڳالهائڻ وارو ٿيو ۽ گهر کان اجان به لاپرواهه بڻجي ويس.

هڪ شام جو، مان جلدي گهر آيو هوس، يا ٻي نوڪريءَ تي ڪنهن سبب ڪري وڃي نه سگهيس ۽ پنهنجي ڪمري ۾ ئي ويٺو هوس ته هوءَ اندر آئي. ڪوئي ڪتاب هٿ ۾ هوس ۽ منهنجي سامهون اچي بيٺي. مون ڪنڌ مٿي ڪٿي، هن طرف ڏٺو ۽ هن ڏانهن توجهه ڏنم.

"هن ڪتاب ۾ هيءَ ڳالهه ڪيئن آهي، اها ته مون کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي، اوهان سمجهائيندا." هن چيو.

مون ڪتاب هن کان ورتو. اهو ڪجهه پڙهيو ۽ هن کي سمجهائڻ لڳس. هُوءَ بنا ويهڻ جي منهن جي سامهون بيٺي ئي هئي. مون به ڪيس ويهڻ لاءِ نه چيو ۽ ڪيس سمجهائي ڏني پوءِ هوءَ هلي وئي.

مان جيئن ته رات جو ڏهين تائين مس واندو ٿيندو هوس، انڪري هڪ ڪمري ۾ الڳ سمهندو هوس، جيئن منهنجي دير تائين لکڻ يا پڙهڻ ڪري ٻارن جي ننڊ خراب نه ٿئي. ٻيو ڪمرو ٻارن لاءِ ۽ ٽيون ڪمرو قربان لاءِ مخصوص ٿيل هو. نرگس جي لاءِ چوٿون ڪمرو ته فليٽ ۾ هو ڪونه، انڪري اها به ٻارن واري ڪمري ۾ ئي رهڻ لڳي.

انهيءَ رات دير سان منهنجي گهر واري منهنجي ڪمري ۾ آئي. ان

مهل ايجان مس مون کي ننڊ جو گهيرٽ آيو هو. هن منهنجي پاسي ۾ ليٽندي چيو تہ: ”نرگس تو وٽ ڇو آئي هئي.“

منهنجي ذهن کي هڪ ڌوڏو آيو. مون ڄاتي ورتو تہ هن کي اڃا شڪ جاڳيو آهي. شڪ، جيسين حقيقت تائين پهچي، تيسين گهر ئي برباد ٿي ويندا آهن. پوءِ بہ ڪيس سمجهايم. ”هوءَ تہ صرف ڪتاب ۾ ڪجهہ پڇڻ لاءِ آئي هئي ۽ ان مهل ئي واپس هلي وئي. تون ان کي پاڻ ڏٺو، هوءَ تہ ويچاري مون وٽ ويني بہ ڪانہ هئي.“ هن ٻيو وار ڪيو: ”هوءَ ڏينهن جو تنهنجي بستري تي ويهندي آهي.“

”ٻيو ڪٿي ويهي، هوءَ ڪتاب پڙهندي آهي، انڪري اڪيلي ٿي ويهندي هوندي. ٻيو تہ هيءَ ڪٽ منهنجي تہ آهي ڪانہ، هيءَ تہ قربان جي ٿي آهي. ٻيو هتي ويهڻ ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي.“ مون کي اهاِ ڪڙڪ پئجي وئي تہ هيءَ مون ۾ بہ شڪ ڪرڻ لڳي آهي تنهن ڪري هلڪو غصو اچي ويو ۽ مون ڪيس اتاري ڇڏيو.

عجيب اتفاق اهڙو ٿيو، جو انهن ڏينهن ۾ قربان جي والد کي Dia-beties مثن پيشابن جي بيماري ٿي پئي ۽ هن جي والده ۽ والد ٻئي ڪراچيءَ آيا ۽ ظاهر آهي تہ اهي بہ اسان وٽ ئي اچي ترسيا. هن جون ڪجهہ مون تيسٽون ڪيون ۽ ڊاڪٽرن جو علاج شروع ٿي ويو. هڪ موڪل جي ڏينهن سمنڊ گهمڻ لاءِ وياسون. سمنڊ ڪنارو گهمندي گهمندي نرگس ۽ مان ٻين کان ويڙهي پاڻيءَ ۾ هلندي ۽ ڳالهائيندي پري تائين نڪري ويا هئاسون. ان دوران اسان کي سمڪ ئي نہ رهي هئي تہ اسان ڪٿي اچي پهتا آهيون. پويان قربان سڏ ڪرڻ لڳو هو تہ اچو تہ واپس هلون. ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون هيون ۽ ڪيتريون ڳالهيون ٿيون هيون. ٻنهي پنهنجا پنهنجا سور سليا هئا. ڪي عهد ۽ انجام ٿيا هئا. اهي انجام جيڪي ٻنهي جي پاڙڻ جي وس ۾ نہ هئا. بهرحال عشق ۽ مشڪ لڪائي نہ لڪڻ واري حالت ٿي ۽ واءِ واءِ ٿي وئي. جنهن جو اثر منهنجي زال ورتو. هن جو اثر وٺڻ بہ سياويڪ هو. هوءَ عورت آهي ۽ وري انتهائي ننڍي دل ۽ دماغ واري عورت آهي. هوءَ مون کي سمجهي ئي نہ سگهي آهي يا ڪڏهن سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي اٿس جو هن جي عمر سمجهڻ ۽ سمجهائڻ کان گهڻو گهڻو اڳ چڙهي وئي آهي.

فون ڪان پوءِ مان سوچي رهيو آهيان ته مرد ڪيترو مصروفيتن ۾ گم ٿيو وڃي ۽ پنهنجون ڪيتريون ڳالهيون ڪيئن ٿو وساري ويهي. اهي ڏينهن ۽ هي ڏينهن، مون هن کي نه ڏنو آهي. هن جي ياد هڪ عرصو ضرور أيندي رهندي هئي. ڪڏهن هن جا چيل لفظ ياد ايندا هئا نه چاڻ هاڻ هن کي ايترو عرصو گذرڻ ڪان پوءِ منهن جي فون جو نمبر ڪتان ۽ ڪيئن مليو. هن کي منهن جي ياد اڃان به ستائي رهي آهي. سمنڊ ۾ گهمندي، هڪٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏيو، ڪلفٽن جي ڪناري ڪناري سمنڊ ۾ ڪافي پري تائين نڪري وياسون، اتي هن چيو: ”چاهيان ٿي ته اسان ايئن ئي هٿ هٿ ۾ ڏئي سمنڊ جي ڪناري گهمندا رهون ۽ جي ايئن ممڪن هجي ته هينئر هن وقت، تنهنجي هٿن ۾ منهن جو موت ٿي وڃي.“

مون ڪلندي هن کي چيو هو، ”ايئن ڇوٽي سوچين، ماڻهوءَ کي دنيا جو مقابلو ڪرڻ گهرجي. همت ۽ مقصد سان سچائي هئڻ گهرجي. پوءِ: ”ياد ڪر تان ياد ٿئين.“ واري ڳالهه هوندي.“

”اوهان کي خبر آهي ته هتان وڃڻ ڪان پوءِ هي ٻيهر اوهان سان مون کي ملڻ ئي نه ڏيندا. هاڻ ئي الائي ڇا ڇا ٿا چون.“ هن چيو هو.

”ڇا ٿا چون؟ ڇو ٿا چون؟ ۽ ڪير؟“ مون اتاولو ٿي پڇيو هو. هن پنهنجي نانيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو ته، ”هي ٻيو ڪير؟“

مون رڳو ڪلي ڏنو هو. پر دل ۾ چيو هوم ته: ”واقعي ماڻهو پنهنجي شڪ جي اظهار ڪندي سامهون واري کي هرويرو مجبور ڪري ٿا وڃهن ته اهو ٻئي ڏانهن هونءَ نه ته ايئن مائل ٿيو وڃي“ اسان کي پتو ئي نه پيو هو ته اسان ڪيترو پري نڪري ويا آهيون ۽ پويان قربان اسان کي سڏ ڪندو آيو هو. هن ويجهو اچي سڏي چيو ته: ”هاڻ واپس ٿا هلون، اوهان ته ڪافي پري نڪري ويا آهيو.“

اسان واپس آياسون. سج لهي چڪو هو. پوءِ نرگس ۽ نجمه گڏجي تصوير نهرائي. ان ڪان پوءِ واپس گهر ڏانهن موٽياسيون. پورو رستو هوءَ پيار ڀرين نظرن سان مون کي ڏسندي رهي هئي.

جياپي لاءِ جاڳ

مون کي ننڊ نہ پئي آئي يا ايئن کئي چئجي تہ مون ڪوشش ئي نہ پئي ڪئي. هوا جا زوڪاٽ ڪنهن احساس، ڪنهن خوف، ڪنهن خطري جي گهگهوءَ جيان منهنجي ڪن ۾ مسلسل پُري رهيا هئا. منهنجون اکيون تہ برابر ٻوٽيل ئي هيون، پر سندن ننڊ رسي ويئي هئي يا منهنجي ذهن جي يادن ۽ ننڊ ۾ جيڪو جهڳڙو متل هو، ان ۾ ننڊ هارائي ويئي ۽ ذهن جي ڪنهن تهہ خاني ۾ چمي ويل يادون ٽيپو ٽيپو ٽي ڳڙڻ شروع ڪيو. ٻاهرين سردي بہ ڪين بچائي نہ ٽي سگهي. يادن جا اهي ڳڙندڙ ٽيپا گڏبا ڪائي شڪل ناهيندا پئي ويا، چڻ ڪوئي مصور ڪنهن ڪينواس تي سوچي سوچي ليڪون ڪڍندو ڪنهن ڳوڙهي سوچ سان ڪا تصوير جوڙيندو هجي. ڪي عڪس ايترا تہ ڏنڌلا ۽ بي رنگ ٽي ڏنا، جن کي ڪائي شڪل نہ هجي، جن کي ڪوئي نانءُ ڏيئي نہ سگهجي، غور ۽ سوچ بہ چڻ جواب ڏئي بيهي پئي ويون. اکيون اهي ئي ٻوريل، پر ننڊ جو نانءُ نشان ئي نہ ليي، چڻ منهنجي نيڻن جي ننڊ طوطو بڻجي خزران پهچي ويئي هجي!

وري هڪ خوف ذهن جي پردي تي ڪاري ٻاٽ جيان وڌڻ لڳو. جنهن ذهن جي ڪينواس تي ڪارنهن ملي ڇڏي. هر عڪس، هر ڪا ليڪ ان ڀيانڪ اونداهہ ۾ گم ٿي ويئي. خوف، جياپي جو خوف، خوف، زندگيءَ جي

روانيءَ جي بيهي وڃڻ جو خوف. ڌرتيءَ تي ڌرتيءَ ڇاون جي ڇپاڪي کي تاراج ڪرڻ جو خوف. ٻوليءَ جي بدلي گوليءَ جو خوف. جڏهن جنهن ماڻهوءَ جي ذهن ۾ خوف واسو ڪندو آهي ته ورهين تائين ننڊ رسي ويندي آهي. وڇوڙو ڏئي ويندي آهي ۽ آزيون نيزاريون ڪندي به پرچي نه سگهندي آهي.

مان اڪيون پوريون به جاڳي رهيو هوس، اکين ڪولڻ سان ايئن ٿئي لڳو ته منهنجي چوڌاري جديد هٿيارن سان ٻوٽاڙن. ٻڌل، هٿيارن جا منهن مون طرف ڪيو بيٺا آهن ۽ اجهو ٿا هڪ ٿي.وقت رائونڊ ڪولي، منهنجي ڏوهه جي سزا بنا صفائي پيش ڪرڻ جي ڏين ۽ منهنجو جسم، جنهن ۾ ايڏي ٿڌي هوا جي ڪري به جيڪا گرمي آهي اُها هڪدم ختم ٿي ويندي ۽ منهنجو سمورو جسم، ٺري يخ ٿي، برف جو ڳنڍو ٿي ويندو.

مان جيئڻ ٿو چاهيان. مان ننڊ ڪرڻ نه ٿو گهران، مان ڪجهه ڪرڻ ٿو چاهيان، ڪري نه ٿو سگهيان. خوف مون کي ڪجهه ڪرڻ جي مهلت ئي ڪٿي ٿو ڏئي. اوچتو هڪ ٺڪاءُ ٿيو. مون ڄاتو اها ڇٽل گولي، مون طرف تاڻيل جديد هٿيارن مان نڪتي آهي. مون کي ڪٿي لڳي آهي، پر مون کي نه ڄاڻ سور جي سُوٽ ڇونه ٿي ايري. مون ڪان ڪا ڇيخ، ڪا دانهن، ڪوڪ ڇونه نڪتي؟ ڀلا رت ٽيڏيون ڪري ڇونه وهي نڪتو؟ مون کي رت ڇو نه لوڙهي ڇڏيو؟ منهنجو جسم ٿڌي هوا جي ڪري ايترو نستو ٿي ويو آهي، جو ان گوليءَ جي لڳڻ جو، ڪل يا جسم تي ڪوبه اثر نه ٿيو آهي. ڇا منهنجو سڄو جسم سُن ٿي ويو آهي؟ لاشعوري طور مون پنهنجو هٿ جسم تي ڦيري ڏٺو، ته ان هٿ جي ڦرڻ جو ڇهاءُ ته محسوس ٿيم، ته پوءِ گولي؟ گوليءَ جو خيال ايندي ئي، ٻوٽيل اکيون پٽجي ويون. اوندهه ۾ ڪٿ تي هٿ ڦيري ڏٺم، ڪنهن به آلاڻ جو احساس نه ٿيو. ٿورو وقت اڳ مون ڏانهن تاڻيل جديد هٿيار غائب ٿي ويا. ٻوٽاڙن ٻڌل ماڻهو اوجهل ٿي ويا. صرف چئني پاسي اوندهه ئي اوندهه هئي. ٿڌ ئي ٿڌ جو راڄ هو ۽ هوا جا زوڪاٽ ڪن ۾ خطري جي گهگهوءَ جيان ٻري رهيا هئا.

اهو ٺڪاءُ ڪٿي ٿيو؟ مون سوچيو، جتي به ٿيو هوندو هڪڙو انسان، هن ڌرتيءَ کي پنهنجي رت جو ٻليدان ڏئي ويو هوندو. ڪوسڙو ڪوسڙو رت، گهڙي پل لاءِ ئي سهي،.ڳنگاٽيل ڌرتيءَ جي سيني کي گرمايو

هوندو. آدم جي اولاد مان هڪ فرد ڪٿو. هڪ ماءُ جو پٽ هڪ ڀيڻ جو ڀاءُ جيڪو ٿوري دير اڳ هن سان زندگيءَ جي سڀني رعنائين سان گڏ هو، هاڻ هميشہ هميشہ جي لاءِ هنن کان جدا ٿي ويو. هڪ ونيءَ جو ور هڪ ٻار جو پيءُ ڪٺو ويو. هاڻ هو ڪنهن کي پيار مان بابا ڪوٺيندو. ڪنهن سان آنگل ڪندو.ڪير سندس لاڏ سهندو. ڪنهن سان ڪيتو ڪري روئي ويهندو تہ ڪيس پيارمان هنج تي کڻي ڳراٽي پائي، سڀني لڳائي، چهرو چمي، ڳوڙها اگهندو ۽ سندس انگل پورو ڪندو. ڪيس ڪير ٽول وني ڏيندو. هو ڪنهن جي چيچ جهلي بازار ويندو. ڪوئي آهي، جيڪو وڌي ان کي ڳل لائي. ڪاش! مان ايئن ڪري سگهان. مان بہ هن لاءِ ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهان. رڳو سوچڻ سان ڇا ٿيندو؟ ڪنهن کي پيءُ، ڪنهن کي پٽ، ڪنهن کي ڀاءُ ۽ ڪنهن کي ور تہ ملي نہ سگهندو!

اي سوچڻ هار، اي شاعر، اديب، فلسفي، مفڪر، سياسي اڳواڻ، سماج سڌارڪ ۽ مذهبي اڳواڻ، ماڻهن جي قسمت جو فيصلو ڪندڙ محافظ. ڪنهن ۾ آهي طاقت، جو اٿي ان ٻار کي سيني لائي ۽ اهو وچن ڪري ۽ عمل ڪرڻ شروع ڪري تہ اڄ کان پوءِ، ڪنهن بہ ٻار کي يتيم ٿيڻ نہ ڏيندس. اڄ کان پوءِ ڪابہ ونيءَ رني نہ ٿيندي، ڪابہ سهاڳڻ ڏهاڳڻ نہ بڻبي. ڪنهن مامتا جو وياءُ بي گناهہ نہ مرندو ۽ ڪنهن.جو بہ جوان اولاد، بيدريءَ سان جدا نہ ڪيو ويندو ۽ هن ڌرتيءَ تي ڪڏهن بہ رت ڦڙو نہ ڪرندو. ڪابہ اک آلي نہ ٿيندي. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ اوهان سڀ جا سڀ ڌرتيءَ جا مياري آهيو. روز حشر ۾ هوءَ پنهنجا سڀ ليکا لاهيندي. ڌرتيءَ توهان تي دانهيندي.

مون وري بہ زور ڏئي اکيون پوريون آهن. مان پوريل اکين سان جاڳي رهيو آهيان. سانت جي سيني ۾ سرد هوا جا زوڪاٽ زهريلن تيرن جيان چڀي رهيا آهن. مان جاڳي رهيو آهيان، مان جاڳڻ ٿو چاهيان. مان زندهہ رهڻ ٿو چاهيان. مان زندهہ رهڻ لاءِ جاڳان ٿو ۽ آهي جو ڪو هن ماحول مان خوف ۽ هراس کي هٽائي ڇڏي، جيئن منهنجي سوچ سگهاري بڻجي.

چاهت جا رنگ

ڊرائينگ روم ۾ رکيل صوفاسيٽ ۾ الڳ الڳ صوفا دروازي جي بنهه سامهون رکيل. جتان اڱڻ ۾ سامهون وارو ڪمرو چٽو ڏسڻ ۾ پئي آيا. اندر اچي چاٽي ٻجهي انهن ٻن صوفن مان هڪ تي ويٺس ۽ پکي کي فل اسپيڊ سان هلائي ڇڏيم. ويهندي ٻاهران اچڻ ڪري جيڪو احساس گرميءَ جو هو، اهو تنهان ٿي وڌي ويو. ڪمرو بند ته نه هو، پر مٿان ايسباسٽر جي ڇت هئڻ ڪري ۽ ڦهريون ڦيرو پکو هلڻ ڪري، ايئن محسوس ٿيو، ڄڻ لُوهه لڳندي هجي.

مئي-ڊي جي موڪل هئي، شهر ۾ اڳ وارو جوش نه هو. مان به گهران ڪم خاطر نڪتو هوس. ڪم ڇا هو، ڇپجي آيل رسالا پوسٽ ڪرڻ لاءِ موڪلڻا هئا. واند نه ٿي ملي، ان ڪري اڄوڪو ڏينهن غنيمت ڄاتو هوم. ڪم پورو ڪيم. هڪ ٿي ڇڪو هو. گهڙيءَ تي نظر وڌم ۽ وعدو ياد پيم. عادت کان مجبور آهيان. وعدو ڪندو آهيان ته حتي الامڪان پاڙيندو آهيان سواءِ ان جي جو ڪا مجبوري، ڪا حادثاتي حالت نه ٿي پوي. ڳوٺ کان موٽي آيس ته سندوءَ چيو: ”ڪورنگيءَ واري خالده فون ڪئي هئي. اوهان لاءِ پڇي پئي.“

هئي ڏينهن مون فون ڪري هن سان احوال ڪيو.

”بيمار ٿي پيئي هئس. ڊاڪٽر کان دوا وٺي آئي آهيان. انڪري اوهان کي فون ڪئي هئم.“

”ها، شازيه ٻڌايو ته بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويو هوءِ.“ کلندي چيومانس، ”ڇا ڪاڏو هوءِ. اڻ عمر ۾ بلڊ پريشر هاءِ ڇو ٿيو.“

”بس ڪڏهن ڪڏهن هاءِ ٿي ويندو آهي. ڊاڪٽر وٽ وئي هئس ۽ دوا وٺي آئي آهيان.“

”ٺيڪ آهي، سڀاڻي مان ايندس. توهان کي اچڻ لاءِ چوڻ ته بيڪار ٿي آهي.“

”ڇو؟ اسان وڏا ماڻهو ٿي ويا آهيون ڇا؟“

”ٻيو نه ته، اسين ٿي نٿا ٿا ڪٿي ٿيون.“

صبح جو ٿورو گهرو ڪم ڪري، ڊاڪٽر ڪمار کي فون ڪيم ته پتو پيو هو ڪلينڪ ويو آهي. مان ڇاڻي ويس. ساڻس ڪالهه وعدو ڪيو هوم ته آفيس ايندا سون ته جيئن رسالو ٻاهر موڪلڻ لاءِ ٽاهجي ۽ ايڊريسون وغيره لڳائجن. انڪري هو آيو هوندو. مان به جلدي تيار ٿي اوڏانهن هليو ويس.

ڊاڪٽر ڪمار ۽ ڊاڪٽر شميم ٻئي آيل هئا. هو پنهنجي ڪلينڪ جا بل ٽاهي رهيا هئا ۽ مون رسالا لاهي، انهن جي ورڇ ڪرڻ لڳس، پر پوءِ به ڪم ائين رهجي ويو جو انهن کي بند ڪرڻ لاءِ ڪجهه هو ٿي ڪونه، تنهن ڪري مان ڪانئن موڪلائي، سڌو رخ رکيو ڪورنگيءَ جو.

ٻاهر محمد علي مليو، هن دروازو کوليو ته مون موٽر سائيڪل اندر ڪري بيهاري. سندن ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺس. جتي والَ ٽو وال ڪارپيٽ آهي، ٻه صوفا سيٽ رکيل، پاسن کان ننڍيون ٽپايون ۽ انهن تي ڊيڪوريشن پيس رکيل. درن ۽ درين تي صوفن جي ڪپڙن سان ميچ پردا لڳل. ڇاهي اهوئي ساڳيو گهر آهي، جنهن ۾ اڳ هڪ ڦاٽل صوفا سيٽ پيل هوندو هو؟ ها، هي اهوئي ساڳيو گهر آهي؟ ماشاءالله. هاڻ هنن جو وارو ڦريو آهي. ٽي پٽ ڪمائيءَ سان لڳا آهن. ٻه ڏيئر به ڪجهه ڪمائي، وڏيڪ نه سهي، پنهنجي پورت ڪري سگهن ٿيون. پيا ٻه پٽ به ڪجهه نه ڪجهه ڪندا رهندا آهن. پوءِ ڪڏهن ڪِچ ته ڪڏهن گهٽ. هاڻ سندن گذران اڳ جي پيٽ

۾ ڪافي بهتر آهي. ماڻ اجان ساهي مسڻ پٽي تہ هوءَ آئي.

"اسلام عليڪم."

هٿ ملائي منهن جي پرسان رکيل صوفا تي ويهي رهي. ايترو اوڏو گهٽي عرصي ڪان پوءِ ويٺي هئي. سندس پيو پاءُ ملڻ آيو ۽ ملي هليو ويو. هوءَ پاڻي کڻي آئي.

"چانهہ نہ تي پياريانوَ جو ماڻيءَ جو وقت اچي ٿيو آهي."

"ها، ماني تہ مون کي کائڻي بہ آهي، پر مون کي گوشت ۽ مرچ مصالحا گهٽ کائڻا آهن. اهو خيال ڪجو."

"پوءِ فروٽ گهرايان."

"ها ٺيڪ آهي."

هوءَ اٿي وئي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ موٽي آئي. گدرو، هنداڻو ۽ ڪيلا آڻي آڏو رکيائين. اسان کائي بہ رهيا هئاسون ۽ ڳالهائي بہ رهيا هئاسون.

"اوهان جي مامي کي ڇا ٿيو هو؟" مون پڇيو.

"مامي جي بيماريءَ جي صحيح معنيٰ ۾ تہ خبر ڪانہ پئجي سگهي، جو هتي جمعي جي شام جو آيو هو ۽ ڇنڇر تي ڊاڪٽر منظور ڪجهہ ٽيسٽون ڇيون هيون، اهي اجان ڪرائڻ لاءِ ويو هو. اتان منجهند جو واپس آيو تہ وري بہ ڪيس اهو مسئلو ٿيو. هن کي وات رستي ڪافي رت پئي آيو، جنهن جي اچڻ لاءِ مون کي پاڻ ٻڌايو هئائين تہ سندس اندر ڪا رڳ ڦاٽي پئي آهي. هن کي هڪ پيرو وري اها حالت ٿي ۽ پيٽ مان بہ رت نڪرڻ لڳس. طبيعت ۾ ليچ ۽ ٿڪ هئس، بي آرامي، بي چيني ۽ مونجهہ وڌڻ لڳس تہ ڪيس جناح اسپتال جي حادثاتي وارڊ ۾ ڪڻائي ويا. ماڻ رات جو ٻارهين وڳي گهر پهتس تہ ماسات مختيار فون تي ٻڌايو تہ ماما گذاري ويو."

"اوهہ! جناح جي ڊاڪٽرس هن جي بيماريءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ چيو." مون حيران ٿيندي پڇيو.

"بس ڊاڪٽر بہ ڇا ڪندا، ڪجهہ ڳالهيون انسان جي وس نہ آهن. هونءَ اسان جي خاندان جي ان حصي ۾ جيري جي بيمارين جو ورثو آهي. اها حالت اڪثر جيري جي ٽٽڻ (Liver Cirosis) ڪري ٿيندي آهي. ڇو تہ اڳ

اسان جي ماسات ڊاڪٽر زبيده کي بہ اها ئي بيماري ٿي هئي، جنهن مان هوءَ ويچاري چڙهي نہ سگهي هئي. منهنجي خيال ۾ ماما کي بہ ساڳي بيماري ٿي پئي هئي.“ مون هن کي سمجهائيندي چيو.

”ان بيماريءَ جو علاج نہ ٿيندو آهي ڇا؟“ هن پڇيو.

”علاج ٿيندو بہ آهي، پر جيڪڏهن ان جي ڄاڻ شروعاتي وقت ۾ پئجي وڃي، ٻي صورت ۾ گهٽ امڪان هوندا آهن.“ ٻڌايو مانس.

”ڄاڪاڻ جو ان بيماريءَ ڪري جيرو رت صاف نہ ڪري سگهندو آهي ۽ ان ۾ بائيل (Bile) وڃي جيو گهرڙن کي نقصان پهچائيندي آهي. ان لاءِ ڊاڪٽر رت جون بوتلون ڏيندا آهن.“

هن جو تجسس وڌي ويو. بهرحال، مون چيو: ”هونءَ هو پاڻ حڪمت ڪندو هو. هن ڪيترائي مريض صحتياب ڪيا هئا، پر جڏهن پاڻ تي آيس تہ پنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهيو. اهڙا ڪيترائي واقعا ٿيندا رهندا آهن. مون ڊاڪٽر علي محمد آرائين حيدرآباد ۾ ڏٺو هو. هن کي ذيابيطس جو مرض هو. پاڻ بهترين ڊاڪٽرن ۾ شماربو هو. پر جڏهن ڪيس ذيابيطس بيهوشي ٿي تہ پورو هڪ هفتو هو بيهوش رهيو ۽ هوش ۾ اچڻ کان اڳ ئي هي جهان ڇڏي ويو. سندس ذيابيطس درست ئي نہ ٿي سگهي. سندس علاج هڪ ٻئي ذيابيطس جي ماهر ۽ سندس ڪليگ ڊاڪٽر علي محمد چوڌريءَ پئي ڪيو. هو بہ حيدرآباد جو مشهور ۽ ماهر ڊاڪٽر هو. اهي ڳالهيون آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي ڪنهن اڻڏٺي طاقت ڏانهن راغب ٿيون ڪن. ورنہ انسان نہ ڄاڻ ڪيتري ترقي ڪئي آهي.“

اسين جنهن جاءِ تي ويٺا هئاسون، هاڻ اتي تڙڪو اچڻ لڳو هو، انڪري اتان اٿي ڪمري جي ٻئي طرف تي ويناسون. اتي بہ ٻہ صوفا رکيل هئا ۽ اسان هڪٻئي جي پرسان ئي ويٺاهئاسون نہ ڄاڻ هن جي من ۾ ڇا آيو، جو منهنجو هٿ جنهن صوفا جي ٻانهن تي رکيل هو تہ هن منهنجي هٿ تي آهستگيءَ سان پنهنجو هٿ گهمائڻ شروع ڪيو. منهنجي من ۾ مانڌاڻ مچڻ لڳو، پر مون ان مانڌاڻ تي وڏو ضبط ڪرڻ کان پوءِ مانائي محسوس ڪئي ۽ هٿ ڪڍي ڏيان ڪي بدلائڻ لاءِ ڪمري ۾ ٽنگيل پردن بابت هن کان پڇيو.

”هي پردا ڪڏهن ورتا اٿوَ؟“

”انهن کي ورتي ڪجهه ئي عرصو ٿيو آهي. حقيقت ۾ مشتاق جو سامان به رکيل آهي، انڪري ان کي ڍڪڻ جو هڪ طريقو اهو ڳوليو لڌو. اهي پردا محمد علي ٺهرائي آيو آهي.“

”لڳن ته سٺا ٿا. ڪافي مهانگا ورتا اٿس. اڄڪلهه محمد عليءَ جي ايتري ڪمائي آهي جو پنهنجو گهر الڳ به سنڀالي رهيو آهي ۽ اوهان جي به مدد ڪري رهيو آهي.“ مون هڪ اهڙو سوال ڪيو، جيڪو مون چاتو به پئي ته ان جو جواب ڪهڙو آهي.

”هاڻ محمد عليءَ جي پگهار به اُڏي آهي ۽ هن کي چڱو اوور ٽائيم به ملي ٿو وڃي. هي صوفا به ته اهوئي وٺي آيو آهي.“ هن منهن جي چاڻ ۾ اضافو ڪندي ٻڌايو. ”چڱو اوهان ويهو ته مان چانهه ٺاهي ٿي اچان.“

هوءَ چانهه ٺاهڻ هلي وئي. مون هنن جي گذريل حالت تي سوچيو. هو ڪيترا غريب هئا. واقعي اها ڳالهه درست آهي ته اولاد وارو ماڻهو غريب ڪين رهندو. صرف همت ۽ محنت جي ضرورت هوندي آهي. واجد عليءَ کي پنج پٽ ۽ چار ڌيئر آهن. جڏهن هو اڪيلو ڪمائڻ وارو هو ۽ سندس اولاد ڪجهه تعليم پرائي رهيو هو. ان وقت سندس هڪڙو وڏو پٽ منصور ڪراچي اليڪٽرڪ ڪارپوريشن ۾ ڪم تي هو ۽ ٻيو پٽ محبوب درزڪو ڪم پنهنجي گهر ۾ هڪ ننڍڙو دوڪان ٺاهي ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ محمد علي اڃان تازو ڪي.اي.ايس.سيءَ مان ڊپلوما ڪري فارغ ويٺو هو. ڪيس ڪافي ڪوشش جي باوجود نوڪري نه ٿي ملي. انهن ڏينهن ۾ سندس چار ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. انڪري سندس گهر جو گذران ڪافي تنگ هوندو هو. هاڻ هن جا سڀ پٽ ڪمائڻ لڳا آهن. ٻه ڌيئر ڪنهن طريقي سان روزگار حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون آهن. ريحانه حڪيم آهي. هن حڪمت جا چار سال پاس ڪيا آهن. ڪافي عرصو نوڪري نه ملڻ ڪري پريشان رهي. جيتوڻيڪ مان کيس سدائين صلاح ڏيندو هئس ته تون نوڪري جو ٿي ڳولين، پنهنجي گهر جي هن ويهڻ واري ڪمري ۾ پنهنجي ڪلينڪ شروع ڪري ڏي. مهيني ۾ پنهنجي گذران جيترا پئسا ته تون جوڙي ئي وٺنديءَ پر هوءَ پوءِ به نوڪريءَ جي تلاش ۾ سرگردان رهي. هاڻ ٻڌو اٿم همدرد وارن وٽ کيس نوڪري به ملي آهي ۽ پنهنجي ڪلينڪ به ڪرڻ

لڳي آهي.

خالده هاڻ ٽيچرس ٽريننگ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ گهر ۾ ڪجهه عرصي کان ٽيوشن شروع ڪري ڇڏي آهي. ان مان ڪيس ايترو ڪجهه حاصل ٿيو وڃي، جنهن مان نه صرف پنهنجي لاءِ پر گهر لاءِ به ڪجهه ڪري سگهي ٿي.

محمد علي نوڪري ملڻ کان پوءِ چڱي خاصخيلي رقم اوور ٽائيم ڪري ڪمائي وٺي ٿو. هوڏانهن ننڍو منظور علي به ڪڏهن ڪنهن مل ۾ ڪم ڪري ڪجهه حاصل ڪري ٿو وٺي ۽ ان سان گڏوگڏ ڊپلوما به ڪري رهيو آهي. هاڻ سندن خاندان جو گذر ڪافي سٺو ٿو هلي. هاڻ هو اڳ واري حالت مان نڪري آيا آهن.

محنت ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ۽ دير مدار سان ضرور رنگ لائي ٿي ۽ انسان کي ان جو ڦل حاصل ٿئي ٿو. مون کي هاڻ هنن جي گهر ۾ چڱو سڪون حاصل ٿيندو آهي. هو منهنجي رت جي رشتي مان ناهن، پر مون کي رت جي رشتي وارن جيترا ئي عزيز آهن ۽ هو مون کي به اهڙين ئي چڱين نظرن سان ڏسندا آهن. منهنجون ڪيتريون ئي چڱيون ۽ بريون خاص ڪري پريشانيءَ ۾ آيل وقتن جون يادون ساڻن وابسته آهن.

ويساهُ

رحيموءَ جي اک کُليِ تہ ڪيس پنهنجون اکيون اُلن جي مٿان.جهليل محسوس ٿيون. جيئن ئي اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ پانيائين چڻ چلهہ مان نڪتل ٻہ پرندڙ ڳليلا هجن. سڄو بدن پيڙجي رهيو هوس. لنگ لنگ جهڙو پڇي.پري رهيو هجيس. هٿ ڪٽي مٿي تي لائڻ چاهيائين تہ هٿ ۾ جهڙو سُور جون سوئون تي اپريس. هاڻ هُو سمجهي ويو هو تہ ڪيس سخت بخار پنهنجي پڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هن اڌ چنل ڪٽ، جنهن تان رلهي سندس پاسن ورائڻ ڪري هڪ طرف کسڪي وئي هئي، ان جي ڏوليءَ ۾ پيل ڏسي زوريءَ اکيون پٽي ڏٺائين، اجان پنيرڪو هو. ڪيس سخت اڄ محسوس ٿيڻ لڳي، پر رحيمو کٽ جي ڏوليءَ مان پاڻ پنهنجو وزن ڪٽي اٿڻ جو ساهس ئي نہ ٿي ساريو. گهر جي ٿلهي تي ڪٽن تي سٽل پنهنجي گهر ڀاتين ڏانهن اک وتائي نهاريائين، پر ڪيس اکين ۾ مرچن جهڙي ڪوڙاڻ محسوس ٿي. قطار ۾ سندس ڪاڀي شادل جي کٽ هئي، ساڄي پاسي ڪان ماٽس ٻاگهل ننڍڙي نيامت کي پاڻ سان چنبڙايون سٽي پئي هئي ۽ ان جي پريان رکيل ڪٽولي تي سندس والد واحدو ٻالم لڳو پيو هو. هن ماءُ کي سڏ ڪرڻ چاهيو. پر نڙيءَ ۾ چڻ ڪنڊا چُڀي ويا هئس. هن انتهائي پيڙا مان سڏ ڪيو: ”امان!“

آواز ايترو جهيٽو هو جو سندس ڪنن بہ مس پڌو. هن ٻيهر نڙيءَ تي زور ڏئي سڏ ڪيو: ”امان، او امان!“

پانيائين سڏ نہ هو، سڏڪو هو، پر هاڻ ماٺس جي ڪن پئجي ويو. ماٺس ٻاگهل ننڍاڪڙي آواز ۾ جواب ڏنس: "ڇاهي؟"

"پاڻي!" رحيمو ڇڻ روئڻ هارڪو ٿي ٻاڏايو.

"آتي پئين نہ ٿو؟ روئين ڇوٿو؟" هاڻ ماٺس سجاڳ ٿي چڪي هئي. ننڍڙيءَ کي ڪچ مان ڪڍي ٻاگهل ڪٽ تي اٿي ويٺي. جهيٽي جهيٽي روشنيءَ هئي. هن رحيمونءَ تي نظر وڌي ۽ بيزارگيءَ مان ڪجهہ پڻ پڻ ڪندي، ڪٽ ٽان لٿي تہ ڪٽ مان چيڪاٽ نڪري ويا جنهن جي آواز تي رحيموءَ سمجهيو تہ ماٺس اٿي آهي ۽ ڪٽ تان لٿي بہ آهي، پر سندس اکيون پڇرجي رهيون هيون. انڪري ڪولي ۾ ماءُ کي ڏسي بہ نہ ٿي سگهيو. جهٽ ۾ گهڙاماجيءَ تي رکيل گهڙي مان پاڻيءَ جي اوتجڻ جو آواز ڪن پيس. سمجهيائين تہ ماٺس پاڻي ڪنيو پئي اچي. هن ڪٽ جي ڏوليءَ ۾ اٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس اها ڪوشش ناڪام وئي. هو اٿي ڪٽ تي ويهي بہ نہ ٿي سگهيو ۽ هن ڪان بي ساختہ ڪنجهڻ جو آواز نڪري ويو. هاڻ هن اکيون تہ پٽيون هيون ۽ جهيٽي روشنيءَ ۾ ماءُ کي هٿ ۾ وٽو ڪئي، پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺائين. هن ٻيهر ساهس ساري اٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪٽ جي ٻانهينءَ کي پنهي هٿن سان مظبوط جهلي، پاسو ورائي اٿي رهيو هو. تيسين ماٺس هن تائين پهچي چڪي هئي. هن هاڻ ڇاتو تہ ماجرا ڇا آهي. انڪري رحيمونءَ جي ڪنڌ کي هٿ جي ٽيڪ ڏئي اٿاريندي، جڏهن اهو محسوس ڪيائين تہ رحيمو بخار جي ڪري پيڙا محسوس ڪري رهيو آهي، انڪري اٿي نہ ٿو سگهي. ڪيس رحيمو جي ڪنڌ تي رکيل هٿ، ٽانڊن تي پيل محسوس ٿيو. هاڻ هن ڪان ننڊ مان جاڳڻ واري ڪاوڙ بدلجي ڪهڪاءَ ۾ پيار ٿي وئي.

"اوهہ! توکي هيڏو بخار! پيءُ، پاڻي پيءُ. اڳ ۾ ٻڌائيئي ڇونہ ٿي؟" ٻاگهل کي هاڻ رحيموءَ تي مامتا جو پيار پلٽجي پيو. هُوءَ سندس پر ۾ ويهي رهي. رحيموءَ کي وات تي پاڻيءَ جو وٽو رکيائين. رحيمو پاڻي ايئن پي رهيو هو ڇڻ زهر جا ڏڪ پريندو هجي.

"منهنجا پچڙا! مان توتان صدقي، توکي هيڏو بخار ڇو ٿيو؟" ٻاگهل پنهنجي سموري شفقت، پنهنجي هٿن ۾ اوتي، رحيموءَ جي مٿي تي، نرڙ تي گهمائڻ لڳي. رحيموءَ کي ماءُ جي هٿن جو ڇُهاءُ، ٻهار جي جهوٽي جيان ٿي

لڳو. ٻاگهل کيس پنهجي هنج ۾ ليٽائي ڇڏيو. سندس هيڪلو اربيلو پٽڙو، بخار ۾ ٻري رهيو هو ۽ هوءِ بي وس ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهي. نيٺ پنهنجي وَر واحدوءَ کي سڏ ڪيائين: "رحيموءَ جا پيءُ، او رحيموءَ جا پيءُ، اٿ ته تڪڙ ڪر!"

واحدوءَ زال جا اهڙا سڏ ٻڌي ڇرڪي اٿيو: "ڇاهي؟ ڇاهي؟، خير ته آهي؟"

"رحيمو... بخار..." هُوءِ ڪجهه وڌيڪ نه ڇئي سگهي. سندس نڙي ٻيرجي آئي. جيڪڏهن وڌيڪ ڪڇي ها ته شايد سڏڪي پوي ها.

واحدو ٽپ ڏئي کٽ تان اٿيو ۽ وچ جي چمڪي جيان رحيموءَ ۾ ماٿس وٺ پهتو. هڪ هٿ رحيموءَ جي نرڙ تي ۽ ٻيو هن جي ڪرائيءَ ۾ وڌائين. پُنهن جا هٿ ڪانڊن ٽانڊن تي محسوس ڪيائين. دانهن نڪري ويس. "اوهه! رحيمو، هيڏو بخار!!"

"وارو ڪر، ٻچ حڪيم ڏي. اٿاري وٺي اچينس. ٻچڙو هٿن مان نه وڃي." ٻاگهل مڙس کي وينتي ڪئي، پر پنهنجو آواز به اوپرو ٿي لڳس.

واحدو به ٻنا گهيتلو پائڻ جي وڏيون ورانگهون ڪندو، ڪڙهه ڏانهن ڀڳو. ڍنگهر کي ست ڏئي، پري اڇلائي، وچ وراڪي جيان ٻنيو ٻرانگهي ويو. هاڻ ته صبح ٿيڻ وارو هو. پکي پکڻ جاڳي چڪا هئا. اڄ واحدوءَ کي پکين جو چهڪڻ چيڙائي رهيو هو. هن حڪيم کي سڏ ڪيو. "حڪيم ولڻ سائين!" سوچيائين، هي پکي به اصل ماٺ نه ٿا ڪن. اصل ڪن ئي ڪائي ويا آهن. هن طرفان ڪوبه جواب نه ٻڌي، ٻيهر زور سان سڏ ڪيائين: "حڪيم ولڻ سائين!!"

"ڪهڙو آهين بابا؟ واحدو آهين ڇا؟ خير ته آهي؟" حڪيم ولڻ، جيڪو مصلي تي وينو هو، تنهن تسبيح جي مڻين کي ڦيرائڻ بند ڪندي پڇيو.

"سائين خير وري ڪهڙو آهي؟ رحيمو بخار ۾ ٻري ويو آهي. وارو ڪر. خدا واسطي منهنجي ٻچڙي جي واهر ڪر." واحدوءَ، حڪيم کي ايلاز واري نوع ۾ ڪونيو.

"بابا، ٻيهه ته مان اچان ٿو. مصلي تان اٿان ٿو." حڪيم ولڻ،

واحدوءَ جي آواز ۾ هن جي سڏ کي ڀانپي ويو هو تہ رحيموءَ کي ڪيترو بخار هوندو، ڇاڪاڻ جو ڪيس اها تہ پڪ آهي تہ سنهي سُڪي بخارڙي جي ڪري واحدو هن مهل نہ اچي ها.

حڪيم ولڻ مصلي تان اٿيو. مصلو ويڙهي رکيائين ۾ هاڻ اندر ڪوٺيءَ ڏانهن ستيون ڦڪيون ڪڻڻ لاءِ ٿي ويو تہ واحدوءَ وري بہ رڙ ڪري چيس، ”حڪيم سائين سيگهہ ڪج، ڪٿي رحيمو....“ هُو ان ڪان وڌ ڪجهہ چئي بہ نہ ٿي سگهيو ۾ ڪجهہ سوچي بہ نہ ٿي سگهيو.

”اڙي هائو بابا! ڪجهہ ڪڻڻ تہ ڏنيم. مان ڪو اصل تنهنجي اچڻ جي انتظار ۾ تہ نہ ويٺو هوس. مهل بہ تہ ڏس.“

حڪيم ڪوٺيءَ جي در وٽ پهچي هن کي جواب ڏنو. پر واحدوءَ هڪ گهڙي بہ دير سهڻ نہ پيو چاهي.

حڪيم ولڻ دوا جي ڳنڍڙي هٿ ۾ لوڏيندو ٻاهريون در ڪولي اچان منهن ئي ڪڍيو تہ واحدوءَ چيس: ”سائين دير نہ ڪريو، هلو.“

ٻئي ڳڌجي گهر پهتا. رحيمو ماءُ جي هنج ۾ ستو پيو هو. ٻاگهل سندس مٿي کي زور ڏئي رهي هئي. جهيٽي آواز ۾ رحيمو ڪنجهي رهيو هو. ٻاگهل حڪيم ولڻ ۾ واحدوءَ کي ايندو ڏسي روئي پئي. ”ادا ولڻ! منهنجو ٻچڙو....“ هن اکين مان ڳڙندڙ ڳوڙها، رئي جي پلوَ سان اگهندي رئو ٺاهي مٿي تي اوڍيو.

”مائي خير آهي. خير آهي. خيرين صلحين چو ٿي روئين. ڌڻي رحم ڪندو. ڏسونس ٿا. سُتي ڏيونس ٿا. خدا وڏو آهي، رحم ڪندو.“ حڪيم ٻاگهل کي دلداري ڏني ۾ واحدوءَ کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيائين. پوءِ پاڻ سان آندل ڳنڍڙي واحدوءَ کان وٺي ۾ کولڻ لڳو. ان مان هڪ ميرانجهڙي دٻلي ڪڍي. ان مان هڪڙو ڪک نندڙي اخباري پني جي ٽڪري تي رکي، رحيموءَ کي ٻاگهل جي هنج ۾ ئي ڪنڌ هيٺان هٿ وجهي اٿاري، چيائينس: ”شاباس، پٽ هي وات ۾ وجهي ۾ هن پاڻيءَ جو وڏو ڍُڪ ڀري پي وڃ. شاباس، پي وڃ.“ حڪيم رحيموءَ جي وات ۾ دوا وڌي ۾ پنهنجي ٻئي هٿ سان واحدوءَ کان پاڻي جو وٽو وٺي، هن جي چپن تائين آندو. رحيموءَ جي وات ۾ جيئن ئي ڪکِ پيو تہ چڻ وات ۾ الائي ڇا پئجي ويو ۾ پاڻيءَ جو ڍڪ ڀري ڳيت ڏيڻ

بدران ڦوهارو ڪري ٻاهر ڪيڍيائين.

”لاحول والله!“ حڪيم چيو. هن جي قميص جو اڳو پسي ويو. ”اڙي ڇورا هي ڇا ڪيئي. ٻي وڃين ها نہ، رهندو منهن جا ڪپڙا بہ پليت ڪري ڇڏيئي.“

رحيمو تو تو ڪرڻ لڳو.. ماڻس ۽ ڀڻس سمجهائڻ لڳس تہ: ”پٽ! سُتي ڪوڙي ٿي ٿيندي آهي. ٻي وڃ تہ بخار لهئي. شاباس بابل ڪي همٿ ڪر؟“

حڪيم پيو ڪڪ ٺاهي هن ڪي ڏنو. هن پيري رحيمو ڪوڙاڻ محسوس ڪندي بہ پي ويو ۽ اون اون ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ شادل بہ اٿي آئي. اکيون مهٽيندي اچي مٿانئن بيٺي، پر هن ڏي ڪنهن جو ڌيان ئي نہ هو.هر ڪنهن جي جوهہ رحيمو ۾ کتل هئي. رحيمو ڪڪ ڪائي، ماءُ جي جهوليءَ ۾ ڪٽي پاڻ ڪي ڇڏيو. حڪيم ولڻ هٿ ڪٽي دعا مڱي. ڪجهہ دير ڪجهہ پڙهندو رهيو ۽ پوءِ ڦُڪ ورائي ۽ رحيموءَ تي شوڪاريائين. دوا جو پيو وزن بہ ڏئي هُو وڃڻ لڳو، پر ڪجهہ سوچي جهٽ لاءِ بيٺو، ”چڱو، واحدو، خدا رحم ڪندو تون پوءِ ٻپهريءَ جو مون وٽ اچي احوال بہ ڪري وڃج ۽ ......“ هن باقي جملو واحدوءَ جي سمجهڻ لاءِ ڇڏي ڏنو.

”حاضر بابا، حاضر، اوهان جي مهرباني. سَٽ ڪَٽ مان ٿي اوهان کي ڏئي ويندس.“ واحدوءَ وراڻيو. ٻاگهل تحسين جي نظرن سان حڪيم کي ويندي ڏٺو، جنهن مهل تي پهچي سندس ٻچڙي جي جان بچائي. هن نماڻن نيڻن سان رحيموءَ کي ڏٺو، جيڪو سندس جهوليءَ ۾ اڃان بہ پچري رهيو هو. هن کي حڪيم جي دوا ۽ دعا ۾ ويساهہ هو.

جيون رنگ رتول

(ڊرامو)

ڏيک: اسپتال- وقت ڏهه بجي شام- اوپي ڊي بلاڪس وچ ۾ ڪاري ڊور. دروازي جي اندرئين پاسي رسيپشن. سامهون ڪائونٽر ٽيبل، جنهن تي ڪارڊس رکيل. پاسي ۾ هڪ ٽيبل ۽ ڪرسي- سامهون هڪ ڪرسي ۽ هڪ بئنچ- پويان ڪمري ۾ رکيل لوهيون رئڪس، جنهن ۾ مريضن جا ڪارڊ رکيل- ڪرسيءَ تي ويٺل هڪ ننڍي قد وارو نوجوان رسيپشنسٽ.

اسپتال جي مين گيٽ جي پاسي ۾ ٺهيل چوڪيدار جي ويهڻ لاءِ ڪوٺڙي- ٻاهران گل ٻوٽا، وچ ۾ هڪ جهنڊو لڳل- ڪوٺڙيءَ ٻاهران چوڪيدار بيٺل.

داخلا: بس مان لهي، هٿ ۾ ٻه ڪتاب، ساجن اندر اچي ٿو.

ساجن: اسلام عليڪم چاچا حميد خان، ڪهڙو حال آ.

حميد خان: وعليڪم سلام - پٽ شڪر آ خدا جو، توهان ڪيئن آهيو؟ هاڻ ٿا اچو ڊيوٽيءَ تان؟

ساجن: دعائون آهن، اوهان جون، بس چا ڪجي پيٽ گذاري لاءِ ڪجهه ته ڪرڻو ئي ٿو پوي، هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ ايتري پگهار مان

ڪنهن جو گذارو ٿي سگهندو.

حميد خان: سچ ٿو چوين پٽ، خبر ناهي هيءَ مهانگائي اجهان ڪهڙا ڏينهن ڏيکاريندي. غريب ۽ ايماندار جو گذر تنگ آهي.

ساجن: بس چاچا، چڱي وقت اچڻ جي آس ۾، خراب ۽ ڏکيو وقت به گذارڻو پوندو.

ڏيک: روڊ جي ٻنهي پاسي ڇپرجا پارا ۽ پاسن سان موسمي گل ٽڙيل. هو انهن تي اچاتري نظر وجهي هوريان هوريان هلندو، او پي ڊيءَ ۾ اندر گهڙي ٿو وڃي. اندر رحيم رسيپشنسٽ ويٺو آهي. سندس آڏو ٽيبل تي به ٽيليفون سيٽ، ڪجهه ڪتاب ۽ او پي ڊي ڪارڊس پڪڙيل. هو هٿ جي اشاري سان سلام ڪري ڪرسيءَ تي پاڻ کي سموري ڏينهن جي ٿڪ سميت اڇلائي ٿو.

ساجن: يار رحيم، ڪر ڪا خبر؟ ڪا نئين تازي؟ ڇا ٿو وهي واپري؟

پس منظر: (Cassualty مان مريضن جو اٿپورو آواز اچي رهيو آهي.)

رحيم: خبر اٿئي، اسان هتي رهندي به چڻ هتي ناهيون. ڪابه خبر نٿي پوي. وڏي ڳالهه ٿي وئي آهي. هيڏو هنگامو ٿي ويو آهي ۽ اسان اڻ ڄاڻ، مزي واري ڳالهه ته ٿيو به اسان جي ئي پاڙي ۾ آهي.

ساجن: (حيرت مان رحيم جي چهري ۾ تڪيندي)
نه نه! سچ ٻڌاءِ ڇو ٿو مشڪري ڪرين؟ ڇا ٿيو آهي؟ هونءَ به اسان کي خبر ڪيئن پوي، ڪنهن سان ملئون جلئون ئي ڪونه. صبح جو نڪرؤن ته رات جو واپس ورئون ته ڪا خبر ڪيئن پوي. ها سچ ٻڌاءِ، ڇا ٿيو آهي؟

رحيم: يار، پنهنجي سامهون رهندي آهي نه سسٽر شبانه (هٿ جو اشارو ڪندي)

ساجن: (اتاولو ٿي، جلدي خبر ٻڌڻ جي خيالن کان رحيم جي وچ ۾ ئي ڳالهائي ٿو.) هاها، ڇا ٿيو ان کي.

رحيم: (کلندي) يار اسان ٻنهي اڻ ڄاڻ آهيون. شبانه سان ۽ هوءَ جيڪا پرئين فليٽ ۾ رهندي آ سسٽر شاهدا. (رحيم جي مک تي مرڪ

پکڙيل)

(ساجن کيس متعجب نظرن سان گهوري رهيو آهي، ٻئي ٽوٽيون ٽيبل تي رکي اڳتي جهڪي، هن جي ويجهو تي غور سان پڙهي رهيو آهي.)

رحيم: انهن سان عجيب ويڌن ٿي آهي. هنن کي سندن مڙسن ماريو آهي ۽ انهن کان سندن ڪکيون ڪسي هليا ويا آهن. سو به تيون ڏينهن ۽ اسان کي خبر به ناهي.

ساجن: (حيرانگي ۽ افسوس گاڏڙ لهجي ۾) سچ ٿو چوين؟ ايئن ڪيئن هوندو.

رحيم: هوندو ڇا؟ ٿيو آهي. (هٿ ۾ ڪنڌ جو جهٽڪو ڏئي ٿو.)

ڏيک: (پريان هڪ مريض اچي رهيو آهي. هن جي هٿ ۾ هڪ ڪارڊ، رحيم ۽ ساجن هن ڏانهن نهارن ٿا، مريض پير گهلي هلي رهيوآهي.)

(خاموشي- مريض اچي ٻنهي تي نظر وجهي، ڪارڊ وڌائي ٿو.)

مريض: سائين هي ڪارڊ ڪڍي ڏيو. ڊاڪٽر صاحب چيو آهي.

رحيم: (ڇرچو ڪندي) اڙي صاحب، جيڪڏهن ڊاڪٽر نه به چوي ها ته به مان توهان کي ڪارڊ ڏيان ها، مان وينوئي ان ڪم لاءِ آهيان. (ساجن ڏي ڏسي کلي ٿو.)

مريض: مهرباني سائين.

ڏيک: (مريض ائين ئي پير گهليندو وڃي ٿو. فون جي گهنٽي وڃي ٿي رحيم رسيور کڻي ٿو.)

رحيم: هيلو، هيلو (زور سان) هيلو، ڪير ٿو ڳالهائي؟ ها، مان رحيم آهيان. سائين مان رحيم ٿو ڳالهايان. ادا توهان جو آواز تمام گهٽ ٿو اچي..... ڪير .... خدا بخش.... اچ ان جو Off آهي، ڪوئي نياپو سنيهو.... هائو، حاضر ادا، ضرور پهچائيندس، مهربانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي... اهو فرض آهي.... چڱو سائين.... خداحافظ.

ساجن: (جيڪو ان فون مان ڇرڪ خفا ٿي چڪو هو) ها يار، جلدي ٻڌاءِ، ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟

رحيم: پوري خبر تہ مون کي بہ ڪانهي. باقي تون ايترو تہ ڄاڻين ٿو تہ رشيد ۽ خاور ٻئي دوست آهن. پر شبانہ اهو نہ چاهيندي آ تہ خاور رشيد وٽ وڃي. رشيد ڪجهہ ڏنگو ماڻهو آ، نہ ڄاڻ ڪهڙي ڳالهہ تان ٻنهي پنهنجي عورتن کي ڏوَ تي ماريو آ. پوءِ هڪ ئي وقت ٻئي ڄڻا هنن کان ڪِڪيون کسي ڪٽي هليا ويا.

ساجن: اهو توکي ڪنهن ٻڌايو.

رحيم: هوءَ آهي نہ شاهانہ، سسٽر ريحانہ جي ڀيڻ.

ساجن: ها ها، جيڪا ڪڏهن پاڻ وٽ بہ ايندي آهي.

رحيم: ها، اهائي، هتي فون ڪرڻ آئي، ڏاڍي گهبرايل پئي لڳي.

پس منظر:

(وقت شام جا چار، رسپشنسٽ رحيم پنهنجي ڊيوٽيءَ تي ويٺل، شاهانہ تڪڙي تڪڙي اچي ٿي، گهبرايلِ هرِ هز پوئتي شڪ هڻندي اچي ٿي. پاڻ کي ڪرسيءَ ۾ ڦهڪائي ٿي ڇڏي.)

شاهانہ: رحيم فون ڪرڻي آهي.

رحيم: ڇا ڳالهہ آهي، ايتري گهبرايل ڇو آهين. (فون جو رسيور کڻندي) نمبر.

شاهانہ: پوليس اسٽيشن. جلدي ملاءِ.

رحيم: (حيرانگي مان) پوليس اسٽيشن.....! خير تہ آ.

شاهانہ: پوءِ ٻڌايانءِ ٿي. اول فون تہ ملاءِ. جلدي ڪر.

رحيم: (فون جو نمبر ملائيندي، هُن ڏي متعجب نظرن سان نهاري ٿو.) هيلو ... هيلو ... پوليس اسٽيشن... ڳالهايو.

شاهانہ: (گهبرايل آواز ۾ ڳالهائي ٿي.)

هيلو... ڪير صاحب تو ڳالهائي... اڇا ... اي ايس آءِ وحيد خان کي گهرائجو... مان اسپتال مان ٿي ڳالهايان.

(ٿوري دير لاءِ ماٺ مڙهجي ٿي وڃي. ٻاهران لنگهندڙ ماڻهن جي

پيرن جا آواز ۽ ڳالهائڻ جو مدم آواز اچي ٿو. شاهانه جي گهٻراهٽ ۾ ڪجهه گهٽتائي اچي ٿي. رحيم جي مک تي مرڪ تري ٿي.)

شاهانه: وحيد خان صاحب.... اسان کي پٽو پيو آهي ته هو اسان کي مارڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا آهن. رشيد کي هڪ اڇي ڪار آ، جنهن ۾ اسان کي ڳولڻ لاءِ نڪتو آهي. اجان به وڏي ڳالهه ۽ تشويشناڪ خبر اها آهي ته هو منهنجي پيڻ کي پاڻ سان ساڻ وٺي ويو آهي. اوهان ڪجهه ڪريو نه.

(هن جي گهٻراهٽ نمايان آهي ۽ رحيم ڪيس غور ۽ حيرانگيءَ سان نهاريندي ۽ ٻڌي رهيو آهي.)

ها، هو هتي اچي ويجن ته پوءِ... اسان ڇاٽيون ڪري سگهون... توهان اچو ٿا.... وڏي مهرباني.

(سندس مک تي گهٻراهٽ ڳاڙهو مرڪ ڦهلجي ٿي وڃي، هڪ وڏو شوڪارو پري هن رسيور فون تي رکيو. سندس هٿ ڪجهه دير اجان به فون تي رهي ٿو.)

رحيم: ڳالهه ڇاهي جو نوبت اچي مارڻ ۽ پوليس تائين پهتي آ.

شاهانه: ڳالهه ڏاڍي ڳنڀير آ، ڇا توهان کي ڪابه خبر ناهي. توهان جي گهر جي سامهون ايترو هنگامو ٿيو آ ۽ توهان پوءِ به اڻ ڄاڻ.

رحيم: اسان گهر ۾ ايترو رهون ئي ڪٿي ٿا. صبح جو سويل گهران نڪرون ۽ رات جو گهر ٿا اچون. گهر ۾ پاڇائي اڪيلي آ، اها نه ڪنهن ڏي اچي نه وڃي. هر ڪو پنهنجي گهر ۾ ڇا به ڪري ٿو، ان سان اسان جو ڇا، پرائي معاملي ۾ ٽپڻ، پنهنجي بي عزتي ڪرائڻي ته ناهي.

شاهانه: ٽيون ڏينهن رشيد ۽ خاور پنهنجي زالن سان وڙهيا ۽ ڏيئر ڪٽي هليا ويا. رشيد شاهدا کي چيو ته تون آواره ٿيندي ٿي وڃين. شاهدا جي انڪار ڪرڻ تي هن چيس ته تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين ۽ هو ڪاوڙجي پيس.

چي سمرين ڏي تہ ڪٽي پنھنجي گھر تہ وڃان، ھيءَ ھتي ھوندي تہ ان تي بہ ٻرو اثر پوندو تون پل ھتي رھہ. ھن جڏھن ڇوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪيس تہ ھن کي خوب ماري ڏيءَ ڪٽي هليو ويو ۽ اھڙيءَ طرح خاور بہ بھانو ٺاھي شبانہ کي ڇگي ڦيھہ ڪيدي ڇوڪري ڪٽي هليو ويو.

رحيم: سمرين کي ڪٽي هليو ويو!Oh, God ۽ ھو وري بينش کي.

شاھانہ: اسان پوليس جي مدد سان ٻئي ڇوڪريون ھٿن جي غير حاضريءَ ۾ ڪٽي آيون آھيون. سندن مائرن سان وڙھي جھڙھي، ھاڻ اسان وٽ آھن. ھو اسان کان ڇوڪريون کسڻ ٿا چاھين.

(ھوءَ گھٻرايل، ھر ھر ڇرڪي پئي ۽ ھر ايندڙ گاڏيءَ جي آواز تي اٿي ٿي ڏٺايئين تہ ڪنھن جي گاڏي آھي.)

ڏيک: (اوچتو ھڪ ٽئڪسي اچي ٿي ۽ دروازي تي بيھي ٿي رھي. ھڪ ماڻھو سادن ڪپڙن ۾ لھي ٿو ۽ پوءِ ٿي پوليس وارا لھي اچن ٿا. چوڪيدار سان ڳالھائي گاڏي فليٽس ڏانھن وڃي ٿي. شاھانہ بنا موڪلائڻ جي ۽ ڪجھہ چوڻ جي تڪڙي تڪڙي اوڏانھن وڃي ٿي. رحيم کيس ڏسندو رھي ٿو.)

ساڳي رسيپشن، ساڄن ۽ رحيم ھڪبئي جي سامھون ويھي ڳالھائي رھيا آھن. ساڄن ٽيبل تي نوٽيون رکي ٿورو جھڪي غور سان ڳالھہ ٻڌي رھيو آھي. رحيم جي مک تي مرڪ ڦھليل ۽ ساڄن سنجيدگيءَ سان ٻڌي رھيو آھي.

رحيم: آيئي ڪجھہ سمجھہ ۾.

ساڄن: يار، اھو تہ ڏاڍو خراب ڪم ٿيو، چڱو ٿيو جو ان رات مان ساڻن نہ ھوس. ورنہ اڪثر خاور مون کي سڏي رشيد جي گھر وٺي ويندو آھي ۽ ڪافي دير تائين تاش کيڏندا آھيون. خير پنھنجي جان تہ بچي وئي. باقي ھنن عورتن جو الائي ڇا ٿيندو. معاملو اھڙو آھي جو ڪنھن جو بہ پاسو وٺي نہ ٿو سگھجي. عذاب تہ اھو آ جو ٻنھي ڌرين سان پنھنجا سٺا ناتا آھن.

رحيم: هيءَ ڳالهه ناتن کان چڙهي وئي، سياڻي اهڙي ڪابہ ڳالهہ تي پوي، تنهن ڪري پاڻ کي هوشيار رهڻ کپي.

ساجن: اسان کي چاڄي لاءِ هوشيار رهڻ کپي. اسان جو ڪو حصو، ڪاپتي. هن جو گهرو معاملو آهي، هو ڄاڻن سندن ڪم. اسان پنهي جو خير گهرڻ وارا آهيون. اسان ڪان اول تہ پچائي نہ ٿيندي، جيڪڏهن ٿي بہ تہ چونداسون پاڙيسري هئڻ ڪري، وقت گذاري لاءِ هن وٽ وڃبو هو. ماڻهو ماڻهوءَ جو مرڪ آهي. سندن اندروني معاملن جي پاڻ کي پروڙ ئي ڪانهي.

رحيم: بهرحال تون ڪجهہ خيال ڪج.

ڊيک: (هڪ مريض سهڪندو، کنگهندو ۽ پير گهليندو اچي رهيو آهي. ڪيس دمڪشيءَ جو دورو پيل آهي. پنهي جو خيال ان طرف ٿو وڃي. ماٺ ٿي وڃن ٿا.)

مريض: (سهڪندي وڏا ساهہ ڪڻندي هٿ وڌائي ڪارڊ ڏئي ٿو.) صاحب.... صاحب ...(لڳاتار سهڪو) جلدي.... جلدي ڏيو.

(رحيم اٿي ٿو، کلندو، ساجن افسوسناڪ نظر سان مريض کي ڏسي ٿو. رحيم هن ڪان ڪارڊ وٺي ٿو ۽ سندس Treatment Card کولي ٿو. مريض جو اهوئي سهڪو جاري آهي.)

ساجن: چڱو- مان هلان ٿو.

(ساجن اٿي اچي ٿو. مريض هن تي هڪ اچاتري نظر وجهي ٿو، سندس نهار ۾ مايوسي آهي. هوبہ مريض کي نهاري ٿو ۽ وري ڪاري ڊور مان لنگهندو Casualty ۾ اچي ٿو. بہ ڪرسيون آمهون سامهون وچ ۾ هڪ ننڍي ٽيبل، پاسي ڪان ويهڻ لاءِ بہ بئنچون پيل، جنهن تي بہ مريض ويٺل، ٻئي ڪرسيون خالي، ڊريسنگ روم ۾ دروازي مان نظر ايندڙ بہ ڊريسنگ ٽيبلس، هڪ تي مريض ليٽيل، جنهن کي ڊاڪٽر نرس ايڊ جي مدد سان ڊرپ چاڙهي رهيو آهي، ساجن ٽورو بيهي ٿو-)

ساجن: Hello ڊاڪٽر صاحب، ڪهڙو حال آهي؟ لڳي ٿو اڄ Casualty

پر ڪجهہ وڌيڪ ئي رش آهي.

ڊاڪٽر: ها، بس ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي.

(ساجن ٻاهر نڪري ٿو اچي. روڊ جي ٻنهي پاسي گلڪاري ۽ وڻراهہ، سامهون فليٽ ۽ ڪوارٽرس، هو فليٽ ۾ داخل ٿئي ٿو. ٿڪايل هئڻ ڪري ڏاڪڻ تان آهستي آهستي چڙهي ٿو. ٽئين فلور تي پنهنجي گهر وٽ پهچي، سامهون واري گهر تي نگاهہ اڇلائي ٿو. گهر کي تالو لڳل آهي. هڪ شوڪارو ڇڏي، ٿورو وقت بيهي ٿو، ڄڻ ڪجهہ سوچيندو هجي يا ڪجهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. جهٽ پلڪ ۾ پنهنجي گهر جو دروازو کڙڪائي ٿو. سندس زال اچي دروازو کولي ٿي. گهر ٽن ڪمرن تي مشتمل. بہ ڪمرا آمهون سامهون ۽ ٽئين جي سامهون رنڌڻو)

ساجن: ڪوئي آيو ويو- نياپو سنيهو.

گلان: نہ ڪوئي نہ آيو (بنا ڪنهن آدرياء ۽ جذبات ڪان خالي خالي)

ساجن: ٻار سمهي پيا آهن ڇا؟

گلان: ها ٻارن کي ڇاهي، ماني کائڻ ۽ سمهڻ هئن کي ڪنهن جو انتظار تہ ڪرڻو ناهي.

ساجن: (کلي) ها، اها تہ ڳالهہ آهي.

(هو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٿو. دريءَ ڪان رکيل کٽ، بسترو وڇايل، پاسي ڪان ڪرسي ۽ ٽيبل رکيل، ٻي ديوار سان بہ ڪرسيون رکيل. ڊائري ۽ ڪتاب ٽيبل تي رکي. ڪپڙا بدلائي، هٿ منهن ڌوئي اچي ماني کائي ٿو. زالهنس اچي ٿي. هو ڪرسيءَ تي ماني کائڻ لاءِ اچي ٿو ويهي)

ساجن: اڄ ڇا نصيب ٿيو آهي.

گلان: سبزي.

ساجن: هر روز سبزي ڪجهہ مٽ سٽ بہ ڪريو، ايئن تہ سبزي منهن پئجي ويندي.

(گلان بنا جواب ڏيڻ جي ڪمري مان نڪري ٿي وڃي. هو ماني

ڪائڻ لڳي ٿو. ڪاڏي ڪان پوءِ هٿ ڌوئي پاڻي جو گلاس هٿ ۾ کڻي ڪمري ۾ ٽهلندو پاڻي هوريان هوريان پيئي ٿو. هيئان زور زور سان رشيد جي ڳالهائڻ جو آواز اچي ٿو.)

رشيد: مان هنن کي نہ ڇڏيندس. ويندس ڪاڏي. آهن ضرور هتي ئي ڪنهن جي گهر ۾ لڪيون آهن. هو سمجهن ڇا ٿيون پاڻ کي.

ساڄن: (دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي) ڇا ڳالهہ آ؟

رشيد: ساجن صاحب هيٺ تہ اچو.

(ساجن پاڻيءَ جو گلاس ٽيبل تي رکي هيٺ لهي ٿو وڃي).

ساجن: ڪهڙو مسئلو آ؟

رشيد: شاهد ۽ شبانہ اسان جون ڌيئر ڪٿي آيون آهن. امان سان بہ گهٽ وڌ ڳالهايو اٿن.

ساجن: (اڻ ڄاڻ بڻجندي) ڇو، ڇالاءِ؟

رشيد: (سوال کي لنوائيندي) اوهان وٽ تہ ناهن.

ساجن: نہ ... نہ ... اسان وٽ ناهن.

رشيد: هل تہ مٿي هلي ٿا ڏسون.

ساجن: مٿي وري ڪيئن هونديون.

رشيد: ويون وري ڪيڏانهن هونديون. آهن ضرور هنن ئي فليٽن ۾.

ساجن: گهر کي تہ تالو لڳو پيو آهي.

رشيد: هلو تہ اسان جي گهر جو تالو کوليون ٿا، متان اندر هجن ۽ ٻاهران تالو ڏيئي ڇڏيو هجين.

ساجن: توهان ٻهرين کولي نہ ڏٺو هو ڇا.

رشيد: نہ، انڪري جو سوچيم تہ سياڻي متان ايئن چون تہ گهر مان هيترو کي هيترو سامان کڻي ويو. توهان گهٽ ۾ گهٽ شاهد تہ هوندا.

ساجن: جيڪڏهن ڳالهہ شاهديءَ جي هئي تہ توهان سان ريحانہ جو ساڻ هئي.

رشيد: يار هوءَ عورت آ نہ.

ساجن: (صرف ڪلي ڏنو ۽ ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ويو.)

(رشيد اڳيان ۽ ساجن پويان وڃڻ لڳن ٿا. ريحانہ اتي ئي ويٺي رهي ٿي. هوءَ ڏسڻ ۾ بلڪل مطمئن لڳي ٿي. فليٽ وٽ پهچن ٿا، اتي تالو لڳو پيو آهي.)

ساجن: هتي تہ تالو لڳو پيو آ. اوهان وٽ چابي آهي.

رشيد: چابي تہ ڪانهي، پر هي تالو هٿ سان کلي پوندو آ.

(هو تالو کولي ٿو، ٻئي ڇٽا اندر گهڙن ٿا، اندرين ٻنهي ڪمرن کي تالا لڳل. ڊرائنگ روم کليل. هيٺ قالين وڇايل، پاسي کان صوفا سيٽ، ڪنڊ ۾ ٽي وي پيل.)

رشيد: هتي تہ ناهن هلو تہ خاور جي گهر هلي ڏسون.

(هڪ تکي نگاهہ ٻنهي ڪمرن تي اڇلائي ٿو)

ساجن: خاور جو گهر بہ تہ بند پيو هو. مان آيس پئي تہ ڏٺم تہ هن جي گهر کي تالو لڳو پيو هو.

(رشيد گهر بند ڪري ٿو. اچن ٿا تہ ريحانہ اتي ئي ويٺي آهي. ساجن مرڪندڙ مک سان هن تي نظر وجهي ٿو. رشيد ۽ ساجن مٿي چڙهي وڃن ٿا. ريحانہ اتي ئي ويٺي رهي ٿي.)

رشيد: مون کي پڪ آهي تہ هي آهن هتي ڪنهن وٽ لڪل.

ساجن: ايئن ڪٿي ٿي ڳولي سگهندؤن.

(خاور جي گهر جو دروازو ٻاهران بند پيو آهي، ساجن اڻ چاٽائيءَ مان پنهنجي گهر تي اڇاتري نظر وجهي ٿو. دروازو بند آهي.)

رشيد: هل تہ مٿي ڇت تي ڏسون، متان اتي لڪل هجن.

ساجن: (ڪلندي) ڇت تي لڪڻ جي ڪهڙي جاءِ آهي.

رشيد: لڪڻ جي جاءِ تہ ناهي، پر متان ايئن سوچي ويون هجن تہ ايڏانهن نہ ايندو.

(ڇت تي چڙهي هيڏي هوڏي ڏسن ٿا، ڇت خالي آهي.)

رشيد: باقي هڪ گهر ۾ ٿي سگهن ٿيون. اهو آ سهيلا جو گهر.

ساجن: سهيلا جي گهر، اتي هلي ٿا ڏسون.

(دروازو رشيد کڙڪائي ٿو. ٽئين پيري سان نسيم ننڊاکڙي اچي دروازو کولي ٿي)

رشيد: سهيلا آهي.

نسيم: (ننڊ مان اٿڻ ڪري آواز ننڊاکو) هوءَ ته صبح کان گهر ويل هئي واپس ڪانه آئي.

رشيد: هان... چڱو مهرباني.... اوهان جي ننڊ خراب ڪئي سون.

(ساجن ۽ رشيد ٻاهر اچن ٿا. نسيم دروازو بند ٿي ڪري.)

نسيم: (آهستي) سهيلا سسٽر انيس جي گهر آ.

(هي جملو صرف ساجن ٻڌو رشيد نه ٻڌو.)

رشيد: چڱو يار ساجن، توهان کي تڪليف ڏنم. باقي هي ويندي ڪيڏانهن اڳيان به مان آهيان. هن جي چڱي حاضري وٺندس.

ساجن: يار نهي وچو پاڻ ۾، جهيڙي مان ورتو ڇاهي. پرائي ته ڪانه اٿئي، تنهن جي ڌيءَ جي ماءُ آ. اجايو چڪرن ۾ پئجي پنهنجو گهر چو ٿا ڦٽايو. ماڻهو اوهان لاءِ ڇا چوندا.

رشيد: ماڻهو ڇا چوندا. پر مان هن کي نه ڇڏيندس. ڏسندس ته ڪير ٿو بچائڻ اچيس.

ساجن: (ڪلندي) ڇڏ يار انهن اجاين ڳالهين کي، سياڻي ته هو ضرور ڊيوٽيءَ تي ايندي هوندي، پاڻ ۾ هلي غلط فهميون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، پل اير ايس سان به ڳالهائجو، ڪانه ڪا راهه نڪري پوندي.

رشيد: هي منهن جي گهر، منهن جي غير حاضريءَ ۾ پوليس وارن کي وٺي آيون ۽ منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ جي بي عزتي ڪئي اٿائون، اها مان ڪڏهن به برداشت ڪري نه سگهندس. اتان اچي منهن جي ڌيءَ کي زبردستي کڻي ويون آهن، ان ۾ شاهانه جو وڏو هٿ آ. مان ريحانه جي ڪري هن کان تارو ٿو ڪيان، باقي هن جي ته خبر وٺندس. راڄ ڏسندا.

(ساجن ۽ ريحانه هڪٻئي ڏانهن نهارين ٿا. ساجن کلي رهيو آهي.

ريحانہ هيسيل بيٺي آ. هوڪار ۾ ويهي زوڪات سان وجي ٿو. ساجن ۽ ريحانہ اتي ئي ماٺ ڪيو ڪيس ويندو ڏسن ٿا).

ساجن: اها ڳالهہ ٿي ڪيئن؟ اسان کي تہ خبر بہ ڪانهي، مان اڄ جيئن ڊيوٽيءَ تان واپس آيو آهيان تہ رحيم ٻڌايو تہ شاهانہ فون ڪرڻ آئي هئي ۽ هن هيءَ ڳالهہ ٻڌائي آ.

ريحانہ: اڄ شام جو رشيد مون وٽ آيو ۽ گوڙ مچائڻ لڳو تہ هي منهن جي بي عزتي ڪري سمرين کي ڪٺي آيون آهن. مان هنن کي ماريندس. مون ڪيس ٿڌو ڪرڻ ۽ هتان ڪيڻ لاءِ اهو سوچيو تہ ڪيس ڪنهن هوٽل ۾ هلڻ لاءِ آماده ڪريان، جنهن ۾ مان ڪامياب ٿي ويس، پر جيئن شاهانہ کي خبر پئي تيئن هن اهو سمجهي پوليس کي فون ڪئي تہ هو مون کي ڪٺي ويو آهي. هاڻ تہ هي ٿڌو ٿي نٿو ٿئي.

(ايتري ۾ گاڏيءَ جي رورس ۾ ٿيڻ جو آواز اچي ٿو، ساجن ۽ ريحانہ ٿورو اڳتي وڌي ڏسن ٿا. گاڏي Casualty وٽ بيهي ٿي.)

ريحانہ: او هو! هن کي شايد چوڪيدار وڃڻ نہ ڏنو.

ساجن: ڇو؟ چوڪيدار ڪيس وڃڻ ڇونہ ٿو ڏئي.

ريحانہ: ٿي سگهي ٿو تہ پوليس پاران هن کي منع ڪيل هجي. تہ هي اچي تہ ڪيس وڃڻ نہ ڏنو وڃي. تون هيئن ڪر جو Casualty وڃ، وڃي خبر لهي اچ تہ ڇا ماجرا آهي.

ساجن: چڱو تون ڪمري تي هل، مان وڃي خبر لهي ٿو اچان. همراهہ تہ ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو. ها، هو ڪٿي آهن؟

ريحانہ: هو ٽئي سهيلا جي ڪمري ۾ آهن ۽ سهيلا سسٽر انيس جي گهر آ. نسيم کي خبردار ڪري ڇڏيو هوسون تہ ڪو بہ پڇي تہ چئج تہ هوءَ گهر ويل آ.

ساجن: تہ پوءِ نسيم ڏاڍي بي وقوفي ڪئي هئي، پر چڱو ٿيو جو رشيد نہ ٻڌو. هن تہ اهو ٻڌايو هو تہ سهيلا سسٽر انيس جي گهر آهي.

ريحانہ: هان! اوهو! هوءَ تہ مارائي وجهي ها!

ساجن: نہ ڇاڻ هن ڇاٽي واٽي ڇيو هو، يا وري ننڊ جي نشي ۾ بڪي وئي هئي.

ريحانہ: هوءَ آهي ئي بيوقوف، جي هو ٻڌي وٺي تہ هتي اسان لاءِ ويل ٿي وڃي.

ساجن: خير ڏسجي، ڇا ٿو ٿئي. تون هل تہ مان اچان ٿو.
(هو اوڏانهن وڃي ٿو. تکيرا قدم کڻندو.)

ڊيک: (Casualty) ٻاهران هڪ ايمبولنس بيٺي آهي. پرسان اچي ڪار. اندر ڪمري ۾ هڪ ڪرسيءَ تي ڊاڪٽر ويٺل ۽ سامهون واري ڪرسيءَ تي رشيد ويٺو آهي. پاسي ۾ رکيل بئنچ تي اڇي ڊريس ۾ ويٺل نرس ايڊ- ساجن اندر اچي ٿو.)

رشيد: يار ساجن ڏس تہ ڊاڪٽر صاحب ڪي هي مون کي وڃڻ نہ ٿا ڏين. ڇون ٿا پوليس جي منع ٿيل آ (زور سان ڳالهائي ٿو).

ساجن: ڇا ٿا ڇون، ڇا ڳالهہ آ ڊاڪٽر صاحب.

ڊاڪٽر: يار مون کي تہ خبر ئي ڪانهي، چوڪيدار چوي ٿو تہ پوليس وارا آيا هئا، اهي چئي ويا آهن تہ رشيد کي وڃڻ نہ ڏجو ۽ هڪدم اسان کي فون ڪجو. هنن کي فون ڪئي اٿئون، هرويرو هي همراهہ ضد پيو ڪري تہ مون کي ڇو ويهاريو اٿو.

رشيد: مون کي پوليس ڇا ڪندي. اسان جو گهرو معاملو آ. باقي مان هتي سيني کي سڃاڻان. هي مون کي فون بہ ڪرڻ نہ ٿا ڏين. مون هنن کي چيو تہ ڪرنل ڪليم سان ڳالهائڻ ڏيو. پر فون بہ ڪرڻ نہ ٿا ڏين. ان جو نالو ئي ٻڌي پوليس وارا مون کان معافي وٺندا. هي سمجهن الائي ڇا ٿا.
(ساجن ڊاڪٽر ڏانهن نهاري ٿو. ايتري ۾ چوڪيدار حميد خان ۽ رحيم بہ پهچي وڃن ٿا. چوڪيدار رشيد کي گهوري رهيو آهي.)

ڊاڪٽر: يار مان ڇا ٿو ڪري سگهان. پوليس منهنجي هوندي تہ آئي ڪانہ هئي. ورنہ مان انهن سان ٻئي نموني ڳالهايان ها. هاڻ هي ويچارو چوڪيدار ڊڄي بہ تہ ٿو. اهو ڇڏڻ گهريس تہ مون کي کهڙو

اعتراض.

ساجن: تہ پوءِ توهان ڪٿي هن کي فون ڪرڻ ڏيو ها، ان ۾ ڇا هو. هي فون جي رستي پڇي تہ نہ وڃي ها، باقي اوهين هن کي وڃڻ نہ ڏيو ها.

رشيد: اهو تہ مان بہ ٿو چوان- پر هي مڃين بہ سهي.

(هو معمول مطابق زور زور سان ڳالهائي رهيو آ. ڪاوڙيل چهرو حميد خان کي اهڙين نظرن سان ڏسي ٿو تہ هن سان اجهو ڪي اجهو وڙهيو. حميد خان هليو وڃي ٿو. ڪيس پوليس جي اچڻ جي اڻ تڻ آ. ايتري ۾ پوليس پهچي ٿي وڃي. ٽيڪسي اچي ٻاهر بيٺي. هڪ اي ايس آءِ، هٿ ۾ روالور سميت، ڪپڙا سادا پهريل، ٽي پوليس وارا ڊريس ۾، هر ڪو ماٺ ٿي وڃي ٿو. رشيد ڪرسيءَ تان اٿي بيهي ٿو.)

وحيد خان: (رعبدار آواز سان) رشيد صاحب ڪير آ.

رشيد: (رڪائيءَ سان) آءٌ آهيان.

وحيد خان: تون آهين ؟ تون آهين ؟

رشيد: سچائين نہ ٿو ڇا ؟،

وحيد خان: ڇا ڪندو آهين؟

رشيد: مان بروڪر آهيان. ڊفينس ۾ آفيس اٿم. توهان ڇو آيا آهيو؟ ڪنهن جي ڪوٺ تي آيا آهيو.

وحيد خان: (رعب ويهارڻ جي ڪوشش ڪندي) ڇو آيا آهيون، اها تہ پوءِ خبر پوندءِ. اول تون ٺاڻي تي تہ هل. توتي تنهنجي گهر واريءَ درخواست ڪئي آ.

رشيد: ڪٿي آ، منهنجي گهر واري. مان تہ هن کي ڳولي ٿڪو آهيان، ڪٿي لڪائي اٿوَ.

وحيد خان: بڪواس بند ڪر، هو هتي ئي آهي. سواءِ ڪنهن جي چوڻ جي اسان وٽ فالتو وقت تہ ناهي جو ڪنهن جي ڪڍ گهمندا وتون.

رشيد: تون ڪرنل ڪليم سڃاڻين. هو منهنجو دوست آ. مان هن سان

ڳالهائيندس ته تون خود مون کان معافي وٺندي.

وحيد خان: (آپي مان نڪري ٿو وڃي ڪاوڙ مان چماٽ ٿو هڻيس)

اڙي تون مون کي ڪرنل جو رعب ٿو ڏين. هن وقت مان ڪنهن به ڪرنل پرنل کي نه سڃاڻان. هل ٽاڻي تي.

(رشيد ڪکو وکو ٿي ٿو وڃي، ڪيس اها اميد ڪانه هئي. منهن جو پنو ٿي لهي ٿو وڃيس. هڪدم تون مان توهان تي وڃي ٿي.)

رشيد: توهان مون سان وڙهو ٿا. ڏسو اها ڳالهه ڳوري پئجي ويندوَ، توهان گهرايو شاهدا کي. هن کي منهنجي آڏو ته آڻيو (رشيد جي آواز تي ڪجهه گڏرنڊڙ ڇوڪرا به بيهي ٿا وڃن، ساڄن ماٺ ميٺ ۾ کسڪي ٿو وڃي ريحانه جي ڪمري جو دروازو کڙڪائي ٿو.)

ريحانه: (اندران ئي پڇي ٿي) ڪير آ.

ساڄن: ساڄن آهيان.

ريحانه: توهان آهيو، ساڄن.

ساڄن: ها..... ها.

(ريحانه در کولي ٿي. ساڄن اندر اچي ٿو. ڪمري جي هڪ پاسي کٽ تي هنڌ وڇايل، ٻئي پاسي کان هڪ ٽيبل ۽ به ٽي ڪرسيون پيل، ساڄن ڪرسيءَ تي ويهندي. ريحانه پريشانيءَ ۾ بيٺي ئي آهي.)

ساڄن: معاملو ڏاڍو ڳنڀير ٿي ويو آ. پوليس پهچي وئي آ. شايد هن کي وٺي وڃن.

ريحانه: ڳالهه ته خراب ٿي. اجايو ڏچو نه ٿي پوي.

(سهيلا ۽ نسيم جو دروازو کڙکي ٿو. ڪوئي شاهدا جن کي سڏي ٿو ۽ ٿوري دير ۾ دروازو کلي ٿو ۽ هو ٻاهر نڪري وڃن ٿيون).

ريحانه: هو شايد شاهدا جن کي وٺي ٿا وڃن.

ساڄن: چڱو تون ويهه ته مان وري وڃان ٿو. (ساڄن ٻاهر اچي ٿو، هوءَ دروازو بند ڪري ٿي ڇڏي Casualty ۾ پهچي ڏسي ٿو. شاهدا،

شبانہ ۽ شاھانہ ٽئي ڀينيون آھن. شاھانہ شبانہ جي ڪڪي ھنج ۾ ڪنيو ويٺي آھي. ٽنھي جا چھرا گھٻرايل، سيڪو ھن ڏانھن نھاري ٿو.)

شاھدا: (رشيد ڪي مخاطب ٿيندي زور سان ڳالھائي ٿي.)
توں سدائين مون سان وڙھندو آھين. اھا ڪھڙي شرافت آ. گھر وچي ھڪ جي ٻي ٿو ٻڌائين. منھنجي ڌيءَ جي اتي ڪھڙي حالت ھئي. توں تہ ھليو وئين، جن جي مونسان ٿي ڪانہ پئي اھي منھنجي ڌيءَ کي ڪيئن پاڻ وٽ رکنديون. اسان پنھنجي بچاءَ جي لاءِ پوليس ۾ درخواست ڪئي تہ توھان اسان کان وري ڇوڪريون کسي ويندؤ.

رشيد: (شاھدا کي ڌمڪائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري) توں ڇا ٿي سمجھين تہ ھي مون کي سزا ڏئي ڇڏيندا. مان ڪرنل ڪليم کي فون ڪندس تہ ڏسجانءِ ھي ڪيئن ٿا مون کان معافي گھرن. باقي توں تہ ھاڻ سمجھي ڇڏ.

وحيد خان: (ڇھڙ ڏيندي) ڌمڪائڻ ۽ ڊيڄارڻ جي ڪابہ ڳالھہ ناھي. آرام سان ڳالھاءِ. ھن وقت توں منھنجي قبضي ۾ آھين.

شاھانہ: (وحيد خان کي مخاطب ٿيندي) ھي ڇوي ٿو تہ مون کي ماريندو، ڇو؟ ۽ ھو ڏسو خاور، جيڪو ڇوندو وتي تہ شبانہ کي مون خراب ڪيو آ. آھي ڪٿي؟ (رشيد ڏانھن منھن ڪندي)

رشيد: مون کي ڪھڙي خبر تہ ڪٿي آ؟ (ھاڻ سندس لھجو ٺڏو آ)

شبانا: (روئندي) خاور مون کي بيلٽ سان ماريو آھي، اھو بہ ھن جي چوڻ تي منھنجي ڌيءَ کي ڪٽي ويو، تہ ھن ان کي بہ ڏينھن صاف بہ نہ ڪيو ۽ ڪاڏو بہ نہ ڏنو ھئائونس.

وحيد خان: بس، بس ٻيبي. ھاڻ ڏسندس ھي ڪيئن ٿا اوھان کي تنگ ڪن. توھان وڃي آرام ڪريو. مان ھن جي چنچري ٿو لاھيان. توھان کي ڪابہ تڪليف ٿئي تہ مون کي ٻڌائجو.

(ساجن خاموشيءَ سان ھن جا بيان ٻڌندو ٿو رھي. ڳالھائي

ڪجھ بہ نہ ٿو. پوءِ جيئن آيو هو تيئن ڪسڪي ٿو وڃي. ريحانہ جي ڪمري جو دروازو ڪڙڪائي ٿو. هوءَ آواز ڏئي دروازو کولي ٿي.)

ساجن: (شوڪارو ڀري) هتي معاملو ڏاڍو ڳنڀير ٿي پيو آ. پڪ سان پوليس رشيد کي وٺي ويندي.

ريحانہ: هن جو ايترو فڪر ڪونهي. مان ڪيس سڃاڻان. هن جي ڪافي پهچ آ. هو هٿ پير هڻي جان ڇڏائي ويندو. ڇڏائي تہ رات ئي ويندو، ورنہ صبح تائين هن کي ڇڏي ڏيندا. هن جا اوهي واهي، هن جهڙا ڪوڙ آهن. پر توهان هن کي تہ ڏسو. خواهہ مخواهہ پرائي باهہ ۾ ٽپو ڏنو اٿس. هن تہ مون کي ڏاڍو پريشان ڪيو آهي. هوڏانهن گهر وارا هن مان ڪڪ آهن. انڪري مون ڪيس هتي رهايو تہ هتي بہ هن جا هي حال. هاڻي تہ مان ڪيس پاڻ وٽ اصل رهڻ نہ ڏيندس. ڀل جاڏي وڃيس تہ وڃي. منهنجي هيڏي بي عزتي ڪرائي اٿس.

ساجن: ايئن نہ ڪج. اها هوڙهيائي ٿيندي. ان سان توهان جي اڳيان بہ وڌيڪ بي عزتي ٿيندي. هو تہ وري بہ پاڻ ۾ نہ هي ويندا. شاهانہ جنهن حالت ۾ آهي، انهيءَ ۾ هن کي پاڻ وٽ نہ رهائڻ سٺي ڳالهہ ناهي. تون هن کي سمجهاءِ، يا پنهنجي ماءُ جي مدد وٺي هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر تہ اڳتي اهڙا ڪم نہ ڪري. بهتري ان ۾ آهي تہ في الحال هوءَ ٻاهر نہ نڪريءَ هِن هَن وٽ نہ وڃي.

ريحانہ: هوءَ مڙندي. هن کي گهر ۾ آرام ايندو ئي ڪونهي. انهيءَ عادت جي ڪري سسٽس گهر ۾ رهڻ نہ ڏنس. منهنجي پاءُ کي بہ هن جو چيڪ گهمڻ نہ ٿو وڻي. ان ڪري امان هن کي مون وٽ رهايو. هاڻ هتي هي ٻوڙو ٻاريائين. هاڻ مان ڇا ڪريان.

ساجن: توهان جي والده هن کي توهان وٽ رهايو آ، انڪري سٺو اهو ٿيندو جو توهان ان سان ڳالهايو تہ ڪيس سمجهائي، ان ۾ ٻنهي جي ڇڱائيءَ ٿيندي. ورنہ هوءَ ويندي ڪيڏانهن. اجايو هِتي هُتي

پٽڪندي، پوءِ بہ تہ توهان کي ماڻهو برو سمجهندا. منهنجي تہ اهائي راءِ آهي وڌيڪ اوهان بہ سوچيو.

(ٿوري دير ماٺ رهي ٿي. پوءِ ساجن هن کان موڪلائي گهر ٿو وڃي. ٽڪل ٽڪل)

(٢)

ڊيڪ: (شبانہ جي فليٽ جي ڊرائينگ روم، شاهانہ بينش کي هنج ۾ سمهاري کيڏائي ۽ ڳالهائي رهي آهي. شبانہ سنگل صوفا تي ويهي سوئيٽر اُڻي رهي آهي.)

شاهانہ: بينش جو بابا ڪنو آ، بينش جو بابا ڪنو آ، هن کي ڇڏي هليو ويو. هيٺ اٿس، اچي تہ سهي، خبر تہ وٺونس.

شبانہ: هاڻ ڪهڙو منهن وٺي ايندو. (ڏيان اهوئي سوئيٽر اڻڻ ۾ ڪنڌ هيٺ هوندي جواب ڏئي ٿي.) پر اچي بہ سگهي ٿو، هن کي مون کي تنگ جو ڪرڻو آ.

شاهانہ: تون اجان بہ اچڻ ڏيندينءَ هن کي.

شبانہ: هو ايندو ضرور، جڏهن پئسن جي ضرورت پوندس تہ پڪو ايندو. اونڌيون سڌيون ڳالهيون ٻڌائي، ڪجهہ وٺي ويندو.

ڊيڪ: (ٻاهران ساجن دروازو کڙڪائي ٿو، اندران هلڪو آواز اچي رهيو آهي، جڏهن ڳالهائڻ مان پڪ ٿئين ٿي تہ دروازو کڙڪائي ٿو. اول خاموشي ٿئي ٿي، جهٽ رکي وري کڙڪو ڪري ٿو.)

شاهانہ: (در ويجهو اچي بيهي ۽ پوءِ پڇي ٿي) ڪير آ.

ساجن: مان ساجن آهيان.

شاهانہ: (دروازو کولي) اسان سمجهو خاور اچي ويو، ان ڪري پڇڻ ضروري ڇاتوسون.

ساجن: ڪا ڳالهہ ناهي. پڇڻ ۾ ڪا برائي ناهي. مان انڪري آيس تہ اوهان جي خير خبر وٺجي ۽ اهو بہ تہ هنَ جو ڪو پتو پيو.

(اندر اچي ٿو. شبانہ سلام ڪري ٿي. ڪکي ٻنڌس هنج ۾ آهي ۽ سوئيٽر، ان ۾ ٽنبيل سيون، پاسي سان رکيل آهن.)

شبانہ: اسلام عليڪم، ويهو. (هٿ جي اشاري سان)

ساجن: و عليڪم اسلام- مهرباني، ٻڌايو، ڪيئن آهيو. اوهان کي ڪا تڪليف هجي، ڪجهہ شهر مان گهرائڻو هجي، تہ ٻڌائيندا ڪريو. مان هر روز شهر ڏي ويندو آهيان.

شبانہ: اوهان جي مهرباني.

ساجن: ان ۾ مهربانيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آ، پاڙي ۾ رهون ٿا. هڪٻئي کي اوکيءَ ويل ڪم نہ ايندا سون تہ ٻيو ڪڏهن ڪم اچبو. هونءَ بہ پاڙيوارن جا ڪافي حق هن.

شاهانہ: اسان کي اوهان ۾ گهڻيون ئي اميدون آهن.

(شبانہ ڪڪيءَ کي کڻي بيڊروم ۾ وڃي ٿي)

شبانہ: معاف ڪجو مان هن کي سمهاري ٿي اچان.

ساجن: بلڪل بڪل.

(ٻٺي ڪمري مان ٻار کي ننڊ ڪرائڻ جي لاءِ الله الله جو آواز)

ساجن: ها ٻڏايو رشيد جي ڪا خبر پئي.

شاهانہ: ها، اها خبر پئي تہ هن رات ئي پنهنجي صاحب کي فون تي گهرايو ۽ اهو پوليس سان ٺاهہ ڪري هن کي ڇڏائي ويو.

ساجن: خاور جي باري ۾ ڪجهہ خبر.

شاهانہ: ان جي باري ۾ تہ ڪا خبر ڪانہ پئي. بهرحال ايترو ضرور ٿيو هوندو جو رشيد هن کي ضرور اطلاع ڪيو هوندو. انڪري في الحال تہ ڪونہ ايندو. باقي پوليس ۾ ان جو نالو بہ آهي. پوليس رشيد کي ان شرط تي ڇڏيو آ تہ خاور کي پاڻ سان وٺي ايندين.

ساجن: خير معاملو سزا جهڙو تہ هونءَ بہ نہ هو. باقي هنن ڇا سوچيو آ، ٺاهہ ڪرڻ چاهين تہ....

شاهانہ: بهتري تہ ان ۾ اٿن، خاص ڪري سمرين تہ رشيد سان ايتري هريل آ جو هن ڪان سواءِ ننڊ بہ ڪانہ ڪري. هو ڀل ڪيترو بہ دير سان اچي تہ پئي روئيندي. هن سان جلد سمهيو پوي.

ساجن: پوءِ تہ ٺاهہ ڪرڻ ضروري آ، باقي پوليس هن ڪان اهڙو بيان وٺي

چڏي تہ آئينده هو شاهدا کي تنگ نہ ڪندو.

شاهانہ: معاف ڪجو، توهان بہ منٿ ويهو تہ مان چانهہ ٺاهي اچان.

ساجن: ضروري تہ ناهي، چوٽا هرويرو تڪليف ڪريو.

شاهانہ: ان ۾ تڪليف ڪهڙي آ. اسان هن وقت هوندءِ ئي پيئندا آهيون. هڪ ڪوپ اوهان لاءِ بہ سهي.

ساجن: چڱو ٺاهي اچو.

ڏيک: (هوءِ چانهہ ٺاهڻ لاءِ وڃي ٿي. ويندي ويندي ٽيپ رڪارڊ تي مڪيش جي ڪئسٽ هلائي وڃي ٿي. گانو غمگين آهي. ساجن جي ذهن تي ڪجهہ اثر ٿئي ٿو. صوفا تي ڪنڌ رکي ڪجهہ سوچي ٿو.)

ڏيک: (رشيد جي فليٽ جو ڊرائينگ روم. رشيد ۽ خاور ويٺل. پئي ڪمري ۾ شاهانہ ۽ شاهدا جي ڳالهائڻ جو آواز ايندڙ، جيڪي سمرين جي حرڪتن تي ڳالهائي ۽ کلي رهيون آهن. ساجن دروازو کڙڪائي اندر اچي ٿو.)

خاور: (ٽپ ڏئي اٿي ٿو) اوهو، ساجن اچي ويو.

رشيد: (ويٺي ئي هٿ ڏيکيريندي) مس مس آيا آهيو. ايتري دير. ڪيئن آهيو، ٺيڪ تہ آهيو نہ.

ساجن: بس سائين جيئون پيا ۽ جيئڻ لاءِ جدوجُهد جاري آ.

رشيد: چو سائين، اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آ. جيئو بلڪل جيئو، دشمن جي سيني تي چڙهي جيئو، ويهو ويهو. خاور، شاهانہ کي سڏ ڪر. (ساجن ٽڪل ويهي ٿو. خاور شاهانہ کي سڏي ٿو.)

خاور: شاهانہ. ساجن سائين اچي ويو آ. اچ تہ راند شروع ڪريون. (شاهانہ اچي ٿي ۽ هٿ جي اشاري سان ساجن کي سلام ڪري ٿي ۽ ڪرسي ريڙهي ويهي ٿي)

ساجن: و عليڪم سلام، ڪيئن آهيو.

شاهانہ: (چلولائي مان) ٺيڪ آهيان. مون کي چا ٿيندو.

رشيد: هن کي چا ٿيندو. هن جو اسان ٺيڪو ڪنيو آ.

(هن کي چيڙائڻ خاطر چوي ٿو. سيئي کلن ٿا.)

خاور: يار جلدي ڪريو. ساجن توهان ۽ شاهانہ، مان ۽ رشيد.

ساجن: جيئن اوهان جي مرضي، آهي تہ مون کي ڪس. اسان ٻئي نوان آهيون. اوهان ڪاهرائي ڪاهرائي ڏورا چاڙهي وجهندا.

رشيد: پتي تي ڪهڙو اعتبار، ڪنندو تہ اهو آ جنهن ڏي پتو اچي. تي سڳهي ٿو پتو توهان جي حق ۾ هليو وڃي. ڪيئن خاور.

(هن ڏي نهاري ٿو ۽ ٻئي معنيٰ خيز کل کلن ٿا.)

شاهانہ: ساجن صاحب خيال ڪجو، هي ڏاڍي بي ايماني ڪندا آهن.

(هوءَ مُرڪي ٿي)

ساجن: پرواهہ نہ ڪريو. اڪين تي اسان بہ ڪوپا نہ چاڙهيا آهن. هوشياريءَ کان ڪم وٺڻو پوندو.

خاور: ياٽڻ لاءِ گولي ڦيري ڪبي.

ساجن: اهو ضروري آهي ڇا، توهان ئي ڪٽي ياٽيو.

خاور: نہ بابا نہ، راند ۾ دوستي نہ هلندي، جنهن تي بہ اچي.

(گولي ڦير ڪري ٿو. گولو شاهانہ ڏانهن اچي ٿو.)

خاور: (رڙڪندي) آها- ڪٿو. ياٽيو ۽ ياٽيندا ئي رهندا- انشاءَ الله.

شاهانہ: انشاءَ الله جي ڪهڙي ڳالهہ آ- پنهنجو خير گهرو.

رشيد: شاهدا، اسان کي چانهہ تہ پيار.

ڊيڪ (راند شروع ٿي وڃي ٿي. انهيءَ وچ ۾ شاهدا اچي چانهہ رکي ٿي وڃي. ساجن کي سلام ڪندي، واپس وڃي ٿي. هو راند سان گڏ چانهہ بہ پيئندا رهن ٿا.)

(هوڏانهن شاهانہ چانهہ ڪٽي اچي ٿي ٽيبل تي رکي. ساجن ڪنڌ صوفا جي ٽيڪ تي لڳائي ويٺو آهي.)

شاهانہ: (چانهہ رکندي) ساجن صاحب، اوهان کي ننڊ اچي وئي ڇا ؟.

ساجن: (هلڪو چرڪ ڀري) نہ نہ اهڙي ڳالهہ ناهي. بس ائين ئي هيلڪائيءَ جي ڪري Relex ٿي ڪير.

شاهانہ: ها، اوهان جي نوڪري بہ ڏکهي ڏاڍا ٿڪجي پوندا هوندا.

ساجن: اها ڳالهه ته درست آ، پر ڏسو نه هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ ايتري ٿوري پگهار مان گهر جو خرچ ڪٿي ٿو هلي سگهي. ورنه ڪنهن کي پئي آ جو پنهنجي جان پوهي ۾ وجهي.

شاهانه: هتي اوهان کي گهٽي پگهار ملندي آ.

ساجن: گهٽي ور ڪهڙي ملندي آ، سڀ ڪجهه ڪٽجڻ کان پوءِ ڇهه سؤ ملندا آهن ۽ کائڻ وارا چار آهيون.

شاهانه: واقعي! اها ته تمام گهٽ آ.

ساجن: (چانهه پيئندي) اوهان پلا هتَ پيا ڏسجو.

شاهانه: ريحانه رهڻ نه ٿي ڏئي. (ڪنپير ٿيندي) چوي ٿي تو منهن جي بي عزتي ڪرائي آ. توهان ٿي ٻڌايو ان ۾ بي عزتيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آ. ڪنهن جي مدد ڪرڻ سان هن جي ڪهڙي بي عزتي ٿيندي.

ساجن: ڪنهن جي مدد ڪرڻ ته انسان جو اولين فرض آ، ان ۾ بي عزتيءَ جي ته ڪا ڳالهه ئي ناهي.

شاهانه: بس هن جي به عجيب طبيعت آ، هر ڳالهه ۾ پئي ڊڄندي. چوي ٿي ڪٿي تنهنجي ڪزي پوليس ۾ منهن جو نالو به نه اچي وڃي، انڪري هتان وڃ.

ساجن: (کلندي) ۽ تون ُهيڏانهن هلي آئينءَ، ان سان مسئلو حل ته نه ٿيندو. آخرڪار توهان پينر آهيو. توهان هن کي سمجهايو ۽ ڪجهه هن جي به مجيو، تنهن جي هتي رهڻ سان هونءَ ته ڪا ڳالهه ناهي، پر ماڻهو ڇا سمجهندا، پنهي لاءِ سٺو نه ٿيندو.

شاهانه: هن مون سان هيڏو سارو جهيڙو ڪيو آ. مان هن وٽ نه ويندس. منهنجو چاهي به ويلا مانيءَ متي لڪائڻ لاءِ اجهو ڪيي سو ڪڏهن شبانه ۽ ڪڏهن شاهدا وٽ ملي ويندو.

ساجن: في الحال ته اهو نيڪ ٿو لڳي پر سياڻي تولاءِ وڏيڪ مسئلو ڪڙو ٿي سگهي ٿو.

شاهانه: پوءِ ڪي ڏسي ونبو.

(ٻئي ڪمري ۾ ٻار جي روئڻ جو آواز اچي ٿو. ان سان گڏ شبانه جو پرچائڻ جو آواز پڄهي ٿو.)

ساجن: منهن جي صلاح ته اها اٿو ته توهان کي وڏيڪ خيال ڪرڻ کپي. سياڻي هي پاڻ ۾ نهي وپندا ۽ توهان لاءِ مسئلو بڻجي پوندو. خاور هونءَ ئي توهان کي پسند نه ٿو ڪري ۽ هن ڳالهه کان پوءِ ته ويتر توهان هن لاءِ ويري بڻجي پيا آهيو.

شاهانه: ڳالهه اوهان جي معقول آ، پر مان ڪريان ته ڇا ڪريان؟

ساجن: ناهه، ريحانه سان ناهه.

شاهانه: مان ان تي سوچيندس.

ساجن: سوچ، ٺڏيءَ دل سان سوچ، ان کي انانيت جو مسئلو نه بناءِ. جيڪڏهن منهنجي مدد گهرجي ته مان حاضر آهيان يا پنهنجي ماءُ جي معرفت هن کي چواءِ تون به آئينده اهڙين ڳالهين کان لنوائي، شبانه ڇا ٿي چوي.

شاهانه: هوءَ ڇا چوندي، ريحانه جو رويو ڏسي، هن مون کي رهڻ جي لاءِ چيو، اها هن جي مهرباني ۽ مان هلي آيس.

ساجن: توهان ته هليون آيون، ان لاءِ نه ٿو چوان. هوءَ خاور سان ناهه ڪندي ڪي نه.

شاهانه: انهيءَ لاءِ ته اڃان ڪا ڳالهه نه ٿي آ، پر هُن جي بهتري ان ۾ ئي آ ته پاڻ ۾ صلح ڪري سک سانت سان رهن.

(شبانه ڪڪيءَ کي سمهاري اچي ٿي.)

شبانه: اوهان اڃان ويٺا آهيو. ڪهڙيون پيا ڳالهيون ڳرهيو.

(مرڪندڙ مک سان ۽ ٽوڪ واري نوع ۾)

ساجن: (سندس مرڪ جي مرڪ سان وراڻي ڏيندي ۽ سندس ٽوڪ کي سمجهندي) جيڪي ڳجهيون ڳرهي رهيا آهيون، انهيءَ ۾ اوهان به اچي ڀاڱي وٺو.

شبانه: (کلي ٿي پوي) انهن ڳالهين ۾ مان ڪباب ۾ هڏي ته نه بڻبس.

شاهانه: (ٺهه پهه جواب ڏيندي) نه نه- اهڙي ته ڳالهه ناهي، جيڪا اوهان

کان لڪائي سلجي. تون تہ پاڻ اتي وئي هئينءَ! ڪڪيءَ کي ننڊ اچي وئي.

شبانہ: مس تہ ستي آهي. سچو ڏينهن تي ننڊ ڪري ۽ ساري رات جاڳي ٿي. ڏينهن سچو ڪم ۾ تو گذري ۽ آرام نصيب نہ ٿئي، وري رات جو هيءَ ڦتائي.

ساجن: ماءُ ٿيڻ سولو ناهي. (سندس مک تي مرڪ ڪيڏي ٿي وڃي) انهيءَ ڪري ئي تہ ماءُ جي عظمت وڏيڪ آ.

شبانہ: دک سک سهي ماءُ، اهنجيءَ سنجهيءَ ۾ ڦاسي ماءُ، پالي نپائي ماءُ، نخرا ناز سهي ماءُ، ننڊون ڦتائي، پالي تاتي، جڏهن ٻار کي وڏو ڪري ۽ هو پاڻ پرو ٿئي تہ سڏجي پيءُ جو. واهہ جو انصاف ٿو پلئہ پئي ماءُ کي.

ساجن: سؤ سيڪڙو سچ آ، پر اها رسم آ. معاشري ۾ ڪئين اهڙيون رسمون پئجي ويون، جن کي ٽوڙڻ سولو ناهي. مون کي هر ماءُ سان همدردي آ، نہ چاڻ دنيا ڪيئن حضرت عيسيٰ کي ابن مريم جي نالي ياد ڪرڻ لاءِ آمده ٿي وئي.

شاهانہ: (اوباسي ڏيندي) اوهيو! شروع ٿي ويو فلسفو. (ٿئي ڪلن ٽا.)

ساجن: اهو فسلفو ڪتان آيو، اها تہ حقيقت آ. جنهن کان ڪوبہ انڪار ڪري ئي نٿو سگهي.
(شاهانہ ڏانهن منهن ڪندي) توهان جا نيڻ ننڊاڪا ٿيا آهن.

شاهانہ: نہ، ائين ئي.
(ڪڪي روئي ٿي، شبانہ ٽپ ڏئي اتي ٿي ۽ پلڪ ۾ هلي ٿي وڃي)

ساجن: ها، شاهانہ، اوهان اهو تہ ٻڌايو تہ توهان کان گهر وارا ڇو ناراض آهن.

شاهانہ: ساجن صاحب، ڇوٽا پڇو، اجايو ڇوتا ڇوري چاڪ چڪايو.

ساجن: ان ۾ جذباتي ٿيڻ جي ڳالهہ ناهي. مون تہ ڄاڻڻ پئي گهريو تہ ريحانہ توهان جي ڀيڻ آ، توهان جي ٿوريءَ غلطيءَ تي پاڻ سان

رهڻ تہ نہ ٿي ڏئي، پر پيٽ کي بہ جهلي ٿي تہ هن کي زهڻ نہ ڏيو. ايترو بہ نہ ٿي سوچي تہ توهان ڪيڏانهن وينديون. ان ۾ تہ سندس بہ بدنامي ٿيندي.

(هوءَ هڪدم گنڀير ٿي وڃي ٿي)

شاهانہ: منهن جو وڏو قصور اهو آ جو مون هن کان پڇڻ بغير شادي ڪئي. شادي ٿي ڪئي اٿم، ڪا برائي تہ ڪانہ ڪئي اٿم.

(سندس ڳلو ڀرجي آيو. ساجن طوفان جي آمد کي پرکي ويو ۽ هڪدم موضوع مٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.)

ساجن: شبانہ کي تہ شايد ننڊ ٿي اچي وئي.

شبانہ: اتان ٿي جواب ٿي ڏئي، ننڊ ڪٿي آ، بينش وري جاڳي پئي آ.

ساجن: اڙي، توهان واقعي جاڳو پيون. مون تہ چاتو هو تہ توهان کي ننڊ اچي وئي آ.

شبانہ: ننڊ تہ مان ڪرڻ ٿي چاهيان، پر ننڊ نصيب ۾ ئي ڪانهي.

ساجن: هتي تہ آتش فشان ڦاٽڻ وارو هو. پر خدا خدا ڪئي سون. تارو ٿي ويو.

(پٺي ڪليا تہ شاهانہ.ڪان بہ بي اختيار کل نڪري وئي)

ساجن: (شاهانہ کي مخاطب ٿيندي) ايتري عرصي کان پوءِ بہ جذباتي ٿي ٿا وڃو. مون تہ سمجهيو هو تہ توهان هاڻ بردبار ٿي چڪيون هونديون.

شاهانہ: بس گهٽو ٿي سنو اٿم، پر هاڻ ساهس ساري نہ ٿي سگهان.

(هاڻ هُوءَ گنڀيرتا ۽ جذباتيت مان واپس نڪري آئي).

ساجن: (گهڙيءَ ۾ وقت ڏسندي) چگو تہ هاڻ هلڻ کپي.

(ساجن اوٻاسي ڏئي اٿي ٿو. گڏوگڏ شاهانہ بہ اٿي ٿي. ٻئي دروازي تي اچن ٿا. ساجن پنهنجي گهر جو دروازو کڙڪائي ٿو. شاهانہ دروازي تي بيٺي آ. هو ٻيهر زور سان کڙڪائي ٿو. ٿوري ماٺ کان پوءِ ننڊاکي گلان در کولي ٿي ۽ شاهانہ پنهنجو دروازو بند ڪري ٿي.)

سڃاڻ

نالو	:	عبدالستار پيرزادو		
ادبي نالو	:	ستار		
والد جو نالو	:	دوست علي پيرزادو (مرحوم)		
ڄم ڏينهن	:	29 جنوري 1950ع		
ڄم هنڌ	:	ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ (ٻلهڙيجي)		
پرائمري	:	اسڪول حاجي لعل بخش شيخ		1962ع
ميٽرڪ	:	گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڏوڪري		1968ع
گريجويشن	:	سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو		1978ع
ڇپيل ڪتاب	:	1. پيغا مبر	ترجمو	1985 -1989ع
		2. مون کي محبت آهي	ترجمو	1996ع
		3. وڏ اوڻ وٽڪار جا سهيڙيل		1997ع
		4. تيرهون سج	ترجمو	1999ع
		5. ويا جي هنگلور سهيڙيل		2000ع
		6. سرمد شهيد	ترجمو	2002ع
		7. آواره	(اردوترجمو)	2006ع
		8. آڪا ٽي سهيڙيل		2006ع

صحافت : هفتوار تخليق روزانا عوامي آواز ، ڪراچي

سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي

پتو : سي-2 شمائل گاربن گلستان جوهر بلاڪ 19 ڪراچي

فون نمبر : سيل- 0345-2217471

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽِتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)